**خورشيد قائمخاني جي ياد ۾**

# الوداع اي خورشيد الوداع

هو پرهہ جو پانڌيئڙو هو ۽ ان جي منزل سپنن جو ڏيهہ هئي مگر حالتن جي ستم ظريفي اها هئي تہ اميدن جو فصل هر پيري غارت ٿيندو رهيو ۽ صبح و شامن جي محنت اڪارت ويندي رهي پر هو پوءِ بہ جيئندو رهيو توڙي جو وڪ وڪ ڪٽڻ سان هن جو وجود پن پن وانگر ڇڻندو رهيو پر هي جوڳي رڙهندو رهيو.

وقت جي ستم ظريفي هجي يا ظالم دور جي گردش مگر هو هڪ للڪار هو ، خورشيد قائمخاني پر يقين ارادن سان حق جي راهہ جو پانڌيئڙو هو جيڪو نندي ڪنڊ جي نرگس جو ديدآور بڻجي آيو ۽ هليو ويو........ جيڪڏهن هو چاهي ها تہ ملڪ جي مقتدر نان سولين باقيات سان سمجهوتو ڪري هن مملڪتِ خداداد جو اصل واڳ ڌڻي بہ پئي ٿي سگهيو چاڪاڻ تہ هو خانداني طور جنگجو دراوڙ قبيلي جي عسڪري خاندان جو فرد ئي تہ هو. مگر هن پنهنجو پاڻ کي ازل کان ئي جاري مظلوم طبقي جي جنگ لاءِ سپرد ڪري ڇڏيو. 1947ع جي غير فطري ورهاڱي دوران هن پنهنجو پاڻ کي ڪيڏو نہ بيوس محسوس ڪيو جڏهن هو ان آنڌي جي رحم و ڪرم تي ٻڌنڙ وجود وانگر پنهنجي سون جهڙي راجستاني ڌرتي کان پاڙان اکوڙيل ٻوڙي وانگر هڪ اهڙي اجنبي ديس ۾ آيو جتي ان ئي آنڌي ساڳيو کيل رچائي ماڻهن کي پنهنجي ڌرتي کان الڳ ڪيو ۽ صرف مذهب جي ڪوڙن بنيادن تي نئين نظام کي ماڻهن تي ٿاڦيو ويو.پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجا ماڳ ڇڏڻ جو عذاب ۽ ڪرب هن کي هميشہ کان ئي اندر ۾ ڪائيندو رهيو. عقيدي جي بنياد تي قوم جو غير فطري قيام هن عظيم انسان کي ڪڏهن بہ پاڻ ۓ نہ آيو. توڙي جو هن جي برادري جا ٻيا فرد ۽ گروهہ حالتن سان سمجهوتو ڪري بدترين سماجي رجحان جنهن کي فلسفياڻي ٻولي ۾ "شائونزم" يا "فسطائيت" چئجي، جا راهي بڻجي ظلم جو جواب ظلم جي اصول تحت پنهنجي وجود کي ريڙهيندا هڪ نئون الميو بڻجي چڪا آهن. پر هن معصوم ۽ حساس انسان ڪڏهن بہ اهڙن رجحانن جي وڪالت نہ ڪئي. هن پنهنجون پاڙون تاريخ جي آثارن ۾ ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ حقيقي تاريخ جي مواد کي پنهنجي وت ۽ وسيلن آهر سچ جي روشني ۾ آڻيندو رهيو ۽ گڏوگڏ مساوات، پائيچاري ۽ انسانيت تي ٻڌل نظام جي تشڪيل لاءِ عملي جدوجهد جو بہ حصو رهيو.

خانداني روايتن موجب هن ملڪ جي دفاعي اداري کان پنهنجي پيشہ ورانہ زندگي جو آغاز ڪيائين پر جڏهن بنگالين تي بربريت جو راڄ برپا ڪيو ويو تڏهن هن اهڙي نظام جو حصو بنجڻ بدران پنهنجي استعيفا جنرل اي ڪي نيازي جي حوالي ڪري پنهنجي ضمير کي فولادي تابوت مان ڪڍي پرهہ جي پنڌ ڏانهن راهي ٿيو. جيتوڻيڪ هو پنهنجي ان "اداري" جي قانون تحت ڪورٽ مارشل جو حقدار هو پر تاريخ جي عدالت ۾ هو سقراط وانگر باعزت بري بنجي چڪو آهي . اڄ پڻ ملڪ تي ساڳيون حالتون برپا ڪيون ويون آهن پر "انهن" وٽ انيڪ اي ڪي نيازي تہ موجود آهن پر وٽن هڪ بہ خورشيد قائمخاني موجود ناهي. هو فيض احمد فيض، ميجر اسحاق، سجاد ظهير جي ئي قافلي جو آخري سپاهي هو.

خورشيد قائمخاني جو تعارف صرف "رولاڪ" قبيلن تي لکڻ ۽ تحقيق ڪرڻ ناهي پر هو نندي ڪنڊ جي اصل تاريخ، جيڪا انتهائي مسخ شده شڪل ۾ موجود آهي، جون ڪڙيون ملائي حقيقي تاريخ مرتب ڪرڻ جهڙي هاڪاري رجحان جو هڪ اهم محقق ۽ تاريخدان آهي. سندس لکڻيون اصل ڌرتي ڌڻين جي ريتن رسمن، ثقافت، تهذيب، تاريخ ۽ پيڙائن جو ڀرپور اظهار آهن. خورشيد قائمخاني هزارين سالن کان پنهنجي ڌرتي تي خانہ بدوش رهندڙ

ماڻهن ۾ پنهنجي زندگي جا ڪئي ڏهاڪا گذاريا ، هو جوڳين، پيلن، ڪولهين، ماڙيچن ۽ ٻين اڇوت سمجهيو ويندڙ قبيلن ۽ ذاتين سان رلي ملي ويو. خورشيد جا اڪثر ڏينهن خانہ بدوش قبيلن سان گڏ پٽڪندي گذريا. هو ان جوڳياڻي جو بہ ڪلهي ڪانڌي بڻيو جنهن ڪي جوڳي روايت موجب سفر دوران راتورات لڪ چپ ۾ رستي تي ئي دفن ڪري ۽ قبر جو نالو نشان گم ڪري رفوچڪر ٿي ويندا آهن. ڪيڏو نہ الميو آهي جو ڌرتي جي اصل وارثن کي ڌرتي ئي جاءِ نٿي ڏئي. اهي ئي الميا هئا جن خورشيد کي خانہ بدوش بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هو راجستان جو باغي راڻو هو ۽ جلاوطني دوران بہ هن راجستاني جوڳين، پيلن، ڪولهين ۽ ٻين خانہ بدوش قبيلن سان پنهنجو ناتو ڳنڍي رکيو جيڪو هن جي موت کان پوءِ بہ جاري رهندو.

خورشيد قائمخاني ادب ۽ جدوجهد ۾ ڪامريڊ خديجہ گوهر کي پنهنجي عظيم استاد ۽ رهنما سمجهندو هو. ڪامريڊ خديجہ گوهر گجرات ڄائي آفريڪي آبادڪار هئي ۽ اپارٿائيڊ خلاف جنگ ۾ عملي جدوجهد پڻ ڪيائين . هو نيلسن منڊيلا جي انقلابي ساٿين مان هڪ هئي. هو هميشہ خديجہ گوهر جون يادون سانڍي جيئندو رهيو. خديجہ گوهر اسريل طبقي جي باشعور ۽ انتهائي ذهين خاندان سان تعلق رکندي هئي اڄ پڻ فريال ۽ مديحہ گوهر کان وٺي ڏکڻ آفريڪي ڪرڪيٽر هاشم عملا ان ئي خاندان جا چشم و چراغ آهن.

خورشيد قائمخاني سڄي دنيا ۾ پٽڪندڙ نسلن جهڙوڪ آفريڪي قبيلن، نيگروز ، ريڊانڊين، نندي ڪنڊ جي پيلن، ڪولهين ۽ جوڳين سميت پوري دنيا ۾ پٽڪندڙ جپسين تي تحقيق ڪري ڪئي ڪتاب لکيا. سندس لکڻيون نہ صرف انٿروپالاجي جو خزانو آهن پر حقيقي ۽ عوامي تاريخ جو مستند حوالو پڻ آهن.

منهنجي خورشيد سان ادبي رفاقت هن جي حياتي جي پڇاڙڪن ٻن ڏهاڪن تائين جاري رهي. خورشيد قائمخاني جو وڏو ڪارنامو دلت ادب کي پاڪستان ۾ متعارف ڪرائڻ آهي. دلت ڪميونٽي جي پڙهيل لکيل مڊل ڪلاس جي روايتي مفادپرستانہ ۽ ذهني غلامي واري رجحان جي ڪري هو تمام گهڻو مايوس پڻ ٿيندو هو. مڊل ڪلاس ۽ اين جي اوز کان هميشہ تمام گهڻي الرجي هئي چاڪاڻ تہ مڊل ڪلاس يا نام نهاد سول سوسائٽي ۽ اين جي اوز جي اڳيان آدرشن ۽ انقلاب جي بدران خصيص مفاد ۽ ڪوڙو ڏيکاءُ وڌيڪ اهميت رکندا آهن. خورشيد هر ڳالهہ بغير ڪنهن مصلحت جي منهن تي چئي ڏيندو هو. هو خوشامد ۽ منافقت کي سخت ناپسند ڪندو هو. خورشيد جا اٺيچيل ڪتاب، مقالا، تقريرون ، ترجما ۽ خط هن ڌرتي جي وارثن لاءِ وڏو سرمايو آهن.

جيتوڻيڪ اڄ خورشيد اسان جي درميان موجود ناهي پر ان جون لکڻيون اسان جي رهنمائي ڪنديون رهنديون. هو هڪ ديو مالئي ڪردار هو ۽ ديومالائي ڪردار تاريخي ڪردارن جي مقابلي ۾ هميشہ لاءِ عوام جي سيني ۾ محفوظ هوندا آهن بلڪل اهڙي طرح خورشيد قائمخاني هميشہ لاءِ غريبن، بي وطن خانہ بدوشن ۽ دلتن جي دلين ۾ زندهہ رهندو.

تم بن اب گهور انڌيرا هي ،

يہ دنيا رين بسيرا هي ،

سپنون کي اس ديس مين

الوداع اي دوست الوداع.

# ٿر : ارباب ۽ پ پ کان سواءِ بہ آهي

ڪافي عرصي کان سنڌ ايڪسپريس ۾ اربابن ۽ پ پ جي حمايتين جا خط شايع ٿيندا رهن ٿا. دوستن کي شايد ٿر ۾ اربابن ۽ پ پ کان سواءِ ٻيو ڪجھ نظر ئي نٿو اچي. اسان هن مضمون ۾ ٻنهي ڌرين جو تقابلي جائزو وٺڻ سان گڏ ٿر جي حقيقي صورتحال جو نقشو چٽڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

اها حقيقت آهي تہ سموري سنڌ وانگر ٿر ۾ پڻ جاگيرداري ۽ قبائلي جوڙجڪ تي ٻڌل سماج آهي جيڪو پنهنجي نوعيت ۾ پراڻ پسند ۽ دقيانوسي هئڻ جي ڪري تبديلي کي ڪڏهن بہ دل سان قبول ناهي ڪندو. ٿر ۾ ڪافي عرصي کان اربابن ۽ راڻن جي مڪمل هڪ هٽي هوندي هئيۦ اڄ پڻ انهن جو ڪافي اثر آهي. ورهاڱي کان پوءِ راڻن جي سياسي جاگير انهن جي اقليتي هئڻ جي ڪري سوڙهي ٿيندي وئي ۽ هن وقت پڻ شيڊيولڊ ڪاسٽ ذاتين (ڪولهي ، ڀيل،ميگھواڙ وغيره) ۾ سياسي سجاڳي اچڻ جي ڪري راڻن جي اقليت تان گرفت بہ ڍري ٿي رهي آهي ۽ راڻن جي پنهنجي ٺڪر برادري بہ سياسي لحاظ کان ورهايل آهي. ٻئي طرف اربابن کي انگريزن پاران عطا ڪيل خانصاحبي جي سند اجا مڪمل طور ايڪسپائر تہ ناهي ٿي پر اها اڳ وانگر ايتري موثر ۽ ڪارآمد ناهي رهي. ذولفقار علي ڀٽو جي "پاپولر" سياست وڏيرن، پيرن ۽ ميرن لاءِ هڪ سڌو چئلينج هئي تہ يا پ پ ۾ شامل ٿيو يا ماضي جو قصو بڻجي وڃو! ان کان پوءِ ڪافي وڏيرا ڏڙاڏڙ پ پ پ جا "جيالا" بڻجي عوام جي "خدمت" ڪرڻ ۾ لڳي ويا جڏهن تہ باقي وڏيرن، گادي نشينن ، ميرن ۽ پيرن جو سياسي باب يا تہ بند ٿي ويو يا وري اهي اصل سرڪار جا سلامي بڻجي پنهنجي وجود کي ريڙهيندا اچن پيا ( موجوده وقت جي وفاقي حڪومت سان وابستہ سنڌ جي سياسي وڏيرن جي رحم جوڳي حالت ان ڳالھ جو چٽو ثبوت آهي.) پر انهن پ پ مخالف وڏيرن جي سياسي زندگي جو دارومدار وري بہ پ پ سان مشروط آهي. جڏهن پ پ مضبوط هوندي آهي تہ اهي پير ۽ مير ڪمزور ۽ اقتدار کان ٻاهر هوندا آهن يا وري پ پ سان سمجهوتو ڪري ان سان گڏ بيٺل هوندا آهن پر جڏهن پ پ ڪمزور هوندي آهي تہ اهي ڀوتار زورآور هوندا آهن.

ارباب خاندان اصولي ۽ بنيادي طور پ پ مخالف سياسي خاندان بہ ناهي، مرحوم امير حسن ۽ فيض محمد کان وٺي عطا الله ، عبدالجبار توڙي غلام رحيم گذريل پ پ جي دور کان سواءِ هر پ پ دور ۾ بلاول هائوس جا سلامي رهيا آهن. پرويز مشرف جي آمريت دوران جتي سڄي ملڪ مان سياسي سيلانين کي ملائي ق ليگ جو بنياد رکيو ويو تڏهن ارباب خاندان جا پ پ سان ويڇا وڌيا ۽ سون مٿان سهاڳو وري غلام رحيم جا پ پ ۽ بينظير ڀٽو جي خلاف پنهنجي سياسي قد ڪاٺ کان مٿي ڏنل بيان هئا جن کان ارباب خاندان جا ٻيا فرد پڻ اندروني طور خفا آهن.

غلام رحيم جي وزارت اعليٰ دوران ٿر ۾ سياسي مخالفن کي ديوار سان لڳايو ويو ۽ گذريل پ پ دور ۾ وري ارباب خاندان کي سياسي طور ڪمزور ڪرڻ جي ڪا بہ ڪسر ناهي ڇڏي وئي. ارباب خاندان پنهنجي سياسي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪجھ سختين کان آگاھ ٿيو.

ٿر جي سياسي انفراديت اها آهي تہ ٿر ۾ باقي سنڌ وانگر پ پ مخالف وڏيرا بمقابلہ پ پ حمايتي وڏيرا جهڙي مقابلي بازي ناهي. هڪ طرف ارباب جيڪي وڏيرا آهن تہ ٻي طرف پ

پ وٽ ڪو ٽري وڏيرو دستياب ناهي ان ڪري پراڻن جيالن ۽ امپوٽيڊ پيرن، ميرن، ميمڻن، ڄاموٽن، وساڻن ۽ مخدومن کي ٿر واري اليڪشني محاذ تي لاٿو ويندو آهي.

ارباب مخالفن جو اهو چوڻ ته اربابن ٿر جي عوام سان ظلم ڪيا آهن ۽ پنهنجن ماڻهن کي نوازيو آهي. اها حقيقت پڻ آهي پر ڇا گذريل پ پ دور ۾ ٿر جي عوام جا ڪهڙا بنيادي مسئلا حل ٿيا؟؟ ٿر جهڙي انتهائي پنتي پيل علائقي لاءِ گذريل حڪومت ڪهڙا خصوصي ترقياتي پئڪيج منظور ڪيا؟ ها اهو ضرور ٿيو آهي ته چڪڙن جي ٻانيٺ ۽ اپر سيٽ جي پيدل تي ٻيهي سفر ڪندڙ قيادت وٽ هاڻ پنهنجي ليند ڪروزر ۽ "سالون" آهي ۽ ٿر جا ڪجهه پيرين پنڌ هلندڙ جيالا به هاڻ لانگ چيچس جيپن ۾ هلن ٿا.

اربابن جي حامين جو اهو چوڻ ته اربابن ٿر ۾ بي انتها ترقياتي ڪم ڪرايا جهڙوڪ روڊن رستن جو ڄار وڇايو. اسان جو صرف اهو عرض آهي ته اهي ترقياتي ڪم اصل ۾ ميگا پروجيڪٽ جو حصو آهن ان ۾ ارباب صاحب جي هرو ڀرو ڪا خاص مهرباني نه آهي پر اهو به ته ٿيو آهي ته روڊ رستا ۽ بجلي به هڪ خاص ڌر جي حامين کي ملن، ڪٿي ته ايئن به ٿيو هو ته صرف ڏهه گهرن جي لاءِ روڊ منظور ٿيا ۽ وڏي آبادي وارا ڳوٺ صرف سياسي مخالفت جي ڪري بنيادي ترقياتي سهولتين کان محروم رهيا.

اقليتن کي گڏيل ووٽ جو حق ملڻ کان پوءِ اربابن جي اڳوٽي بي تاج بادشاهي وارو عروج هاڻ وري نٿو اچي سگهي، ڇاڪاڻ ته ٿر ۾ لڳ ڀڳ اڌواڌ ووٽر اقليتي برادري جا آهن ۽ اربابن کي هاڻ مجبورن غريب ڀيلن ، ڪولهين ۽ ميگهواڙن وٽ نه صرف وڃڻو پوندو پر آبادي جي حساب سان انهن سان سيٽ ايڊجسٽمينٽ ڪرڻ کان پوءِ ئي هو ٿر ۾ سيٽون کٽي سگهن ٿا.دبدبي ۽ چنين وارو دور هاڻ پنهنجي پڄاڻي تي پهچي چڪو آهي. جيڪڏهن ارباب هاڻ اليڪشن جو ميدان مارڻ چاهين ٿا ته انهن کي پنهنجي روايتي سياست تي نظرثاني ڪري غريب برادرين سان نياز ۽ نوڙت جو رستو رکڻو پوندو. اربابن جي بي تاج بادشاهي جو هڪ سبب اصل واڳ ڌڻين جي آشيرواد به آهي پر صرف ان آسري تي مستقل سياست نٿي ڪري سگهجي. اربابن جي طاقت جو اهم سبب هميشه کان وٺي اقتدار ۾ رهڻ ئي آهي ۽ اربابن جي حامين جو به اهو ئي حال آهي. غريب ماڻهن جو روايتي لاڙو وري به پ پ ڏانهن آهي. پر ٿر جي مقامي پ پ قيادت هميشه گروپ بندين ۽ اقباپروري کان ٻاهر نڪري نه سگهي آهي.

ارباب ۽ پ پ کان سواءِ ٿر ۾ برادرين جي سياست به پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿي . ڀيل، ڪولهي، ميگهواڙ، نڪر، نهڙيا، راهمان ۽ سميجا ٿر جي آبادي ۽ ووٽ بئنڪ جي لحاظ کان وڏيون برادريون آهن پر نهڙين ، راهمن ۽ سميجن کان سواءِ ٻين برادرين خاص ڪري ڀيل ۽ ڪولهين کي صرف ووٽ ڏيڻ واري مخلوق سمجهيو ويندو آهي. ميگهواڙ برادري پ پ حڪومت ۾ ڪا نه ڪا سيٽ ، صلاحڪاري يا مخصوص ميمبرشپ حاصل ڪريو وٺي پر ڀيل ۽ ڪولهي مڪمل نظرانداز ٿين ٿا جڏهن ته انهن جو مٺي ۽ ننگرپارڪر ۾ تمام فيصله ڪن ووٽ بئنڪ پڻ آهي.

هن جاگيرداراڻي ۽ سرمائيدارانه نظام تحت اليڪشن صرف مٿين طبقن جي راند هوندي آهي، اهو الڳ سوال آهي ته وڏي اڪثريت واريون برادريون پنهنجا نمائندا ايوانن تائين پهچائن به سهي پر ڇا ان کان پوءِ ٿر جا سمورا مسئلا حل ٿي ويندا؟؟؟؟

ٿر ۾ پيري مريدي جو ٻه وڏو جهان آهي پر آخري تجزئي ۾ پيري مريدي تي سياسي ڌر يون ۽ برادري جي سياست حاوي ٿي وڃي ٿي. گذريل اليڪشن ۾ اسان پيرن ۽ مريدن کي هڪ ٻئي خلاف گهوڙا ڊوڙائيندي ڏٺو.

ٿر ۾ شيڊيولڊ ڪاسٽ جي محرومي جو ٻه سوال ناهي، بدين ۾ سومرا ۽ ملاح برادريون وڏي واضع اڪثريت رکن ٿيون پر اهي پنهجي برادري جا نمائندا پارليامينٽ ته نهيو پر يونين ڪائونسلن ۾ ٻه پهچائي ناهن سگهيون. ان جو سبب طبقاتي نظام آهي.

ٿر جو اڪثر عوام ٻنهي ڌرين کان لاتعلق بڻيل آهي، اليڪشن دوران هو ”تڏي“ جو مان رکي ۽ ڪنهن جي در تي لنگهي اچڻ جي ڪري ڪنهن ٻه هڪ ڌر کي ووٽ ته ڏيندو آهي پر منجهائنس ڪا ٻه اميد نٿو رکي . هو هميشہ جيان غربت ۽ مهانگائي جي گهاٽي ۾ پيڙهجندو رهي ٿو. ارباب هجن يا پ پ ، ٿري ماروئڙن جا نہ ڏينهن بدليا آهن ۽ نہ ئي راتيون.

اسان جي لکندڙ دوستن کي شايد ٿر ۾ اربابن ۽ پ پ کان سواءِ ٻيا مسئلا نظر نٿا اچن پر حقيقت ۾ ٿر ملڪ جو انتهائي پنتي پيل ۽ غريب ترين علائقو آهي، ٿر جي ٻهراڙين جي ڪافي ڳوٺن جي صورتحال آفريڪا جي ڏڪار ستيل يوگينڊا ۽ ايٿوپيا جهڙي آهي. لڪين ماروئڙا سال جا ٻارنهن ئي مهينا لڏپلاڻ ۾ هوندا آهن. انهن جي بحالي ۽ فلاح جو نہ اربابن کي مٿي ۾ سور آهي ۽ نہ وري پ پ کي ڪو لاچارآهي. ٿر جي دوردراز ڳوٺن ۾ صحت جي ڪا ٻه سهوليت ناهي. اسپتالون صرف مٺي، ڏيپلو،اسلام ڪوٽ ۽ ڇاڇرو جي شهرن ۾ آهن جن جا ٻه حال پورا آهن، رڻ جي ڪنڌيءَ تي آباد سوين ڳوٺن ۾ جيڪڏهن ڪٿي ڪو ويم، حادثي يا نانگ جي ڪکجڻ جهڙو ايمرجنسي ڪيس ٿئي تو ته ڳوناٽن کي ٿر جي انهن شهرن ۾ پهچڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 10 کان 12 ڪلاڪ لڳيو وڃن ان دوران ڪيترين ئي قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيو وڃن. ڇا ڪنهن ٻه حڪومت ٿر جي دور دراز علائقن ۾ ڪا وڏي اسپتال قائم ڪئي آهي؟؟؟

اسان وٽ ٿر بابت لکڻ لاءِ صرف پ پ ۽ ارباب بچيا آهن. ٿر جي تعليم تباهي جي ڪناري تي پهتي آهي. ڪافي اسڪول بند پيا آهن، ماستر پنهنجو ڪاروبار ڪري رهيا آهن. ماسترن جي گهڻائي ڪل وقتي سياست سان واڳيل آهي. توهان کي ٿر جي وڏيرن جي اوطاقن تي ماسترن جي اڪثريت نظر ايندي. هوٽلن تي ويهي سياسي گفتگو ڪرڻ وارا ٻه ٿر جا ماستر آهن تہ ڪورٽن ۾ درخواستون داخل ڪرائڻ ۽ ٿاڻن ۾ ڇڱ مڙسي ٻه ٿر جا ماستر ڪن ٿا تہ ڪي وري صحافت ٻه ڪن ٿا. تعليم جي ايتري تباهي ڇا ڪو اشو ناهي؟؟

ٿر ۾ اين جي اوز صرف ڏيکاءُ خاطر فوٽو سيشن ڪرائڻ ۽ سائن بورڊ لڳائڻ ۾ پوريون آهن يا وري ڪراچي ۽ حيدرآباد جي وڏين هوٽلن ۾ ٿر جي غربت بابت ڪو سيمينار يا ورڪشاپ ڪرائي پنهنجي فرض جي ادائگي سمجهن ٿيون.

ٿر هر حوالي سان تمام وشال خطو آهي.ٿر مارئي، روپلي ڪولهي ۽ مسڪين جي جنم ڀومي پڻ آهي طبعي حوالي سان اهو علائقو ڀلي رڻ پٽ جهڙو لڳي ۽ معاشي حوالي سان انتهائي غريب پر ثقافتي لحاظ کان انتهائي شاهوڪار آهي . ٿر جي سجاڳپ جا ڪيترائي زوايا آهن اسان کي صرف سياسي ڌرين جي ڇڪتاڻ کي هن علائقي جي سجاڳپ بنائڻ نہ گهرجي ۽ ٿر جي سنجيده سماجي ۽ بنيادي مسئلن تي قلم کڻڻ جي ضرورت آهي.

# ٿر جو حال جي پڇندين ............

سنڌو ماٿري جو هي صحرا ازل کان اجايل نہ رهيو ئي آهي پر گذريل ڪافي سالن کان مسلسل خشڪ سالي ۽ اڻ مندائتن برساتن جي ڪري ٿر ۾ ٿرواسي قحط ۽ نيم قحط جهڙي صورتحال کي منهن ڏئي رهيا آهن.ملڪ جي ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ ٿر جا ماڻهو فطرت جي وڌيڪ ويجهو رهن ٿا يا ايئن ڪٿي چئجي تہ ٿر فطرت جي رحم و ڪرم تي آهي ۽ اها فطرت انسان جي بهترين دوست پڻ آهي تہ ڏمر جي صورت ۾ ازلي دشمن جو روپ پڻ ڌاري سگهي ٿي. فطرت جي انهي ئي ڏمر جي ڪري مرگهہ تہ آڳاٽو ئي موڪلاڻي ڪري چڪا آهن ۽ مور بہ وڃڻ جون وايون ڪري رهيا آهن باقي رهيا ٿرواسي سي هميشہ جيان جيئڻ جا جتن ڪندا رهندا. توڙي جو ٿر کي آفت سٽيل قرار ڏنو ويو آهي ۽ عالمي برادري کي مدد لاءِ اپيلون بہ ٿي رهيون آهن پر ٿر واسين کي ان رليف مان ڪي گهڻيون اميدون وابستہ نہ آهن ۽ هو هميشہ جيان "پنهنجي ٿرهي ترڻ" ۾ ئي پنهنجي عافيت سمجهن ٿا.

خالد ڪنڀار صاحب ڪجهہ ڏينهن اڳ پنهنجي ڪالم ۾ لکيو تہ عام ڏڪار جي نتيجي ۾ ٿر صرف 20 کان 30 سيڪڙو متاثر ٿئي ٿو، بظاهر تہ ايئن ئي لڳي ٿو ڇو تہ ٿر جي ماڻهن جو وڏو حصو سنڌ جي شهرن ۾ مزدوري ڪري ٿو ۽ ٿر جا ڪافي ماڻهو بئراجي علائقن ۾ ڪيت مزدوري (هارپو تہ ختم ٿي چڪو آهي) ڪن ٿا. جيئن تہ ٿر جي ماڻهن جي زندگي جو معيار انتهائي هيٺ آهي ان ڪري دنيا کي ٿر عام طور ٿوري حد تائين متاثر لڳي ٿي پر حقيقت ۾ ٿر 100 کان 200 سيڪڙو تائين متاثر ٿئي ٿي. شادين مرادين کان وٺي زندگي جو هر ونهنوار برسات تي ئي هجي ٿو.

ٿر جي ماڻهن وٽ گذران جو وڏو وسيلو چوپايو مال پالڻ آهي جڏهن تہ زراعت نالي ماتر آهي، محمد اسماعيل عرساڻي "سير ريگستان" ۾ بلڪل درست لکيو آهي تہ "ٿر جا ماڻهو سنا ڌنار آهن پر زراعت پيشہ هرگز نہ آهن." ان جو هڪ وڏو سبب اهو پڻ آهي تہ دنيا جي ٻين صحرائن جي ڀيٽ ۾ ٿر جو صحرا سرسبز آهي ان ڪري چوپايو مال پالڻ لاءِ هي خطو ڪجهہ موزون آهي جڏهن تہ زراعت جي حوالي سان ٿر جي زمين وارياسي آهي ۽ اها پڻ برسات جي سهاري تي آهي انڪري ٿر جا ماڻهو زراعت تي گهٽ ڀاڙين ٿا. ٿر ۾ زراعت جي تاريخ صرف پنجاهہ يا سٺ سال اڳ جي آهي جڏهن تہ صدين کان وٺي ٿرواسي چوپايو مال پالڻ جي ڪرت ڪندا رهيا آهن.

هن سال بہ ٿر تي برساتون نہ پوڻ ڪري ماڻهو لڏپلاڻ ڪري رهيا آهن سڄي ٿر ۾ صرف ڀيل ۽ ڪولهي قبيلا ئي وڏي پيماني تي لڏپلاڻ ڪن ٿا جڏهن تہ ڪاٺڙ (امرڪوٽ جو اوپر وارو حصو) جي ڪجهہ علائقن مان مسلمان برادريون پڻ لڏپلاڻ ڪن ٿيون. سوال اهو ناهي تہ لڏپلاڻ 20 سيڪڙو ٿئي ٿي يا 30 سيڪڙو،پر مسئلو اهو آهي تہ لڏپلاڻ جا ماڻهن جي زندگين تي دور رس اثر ٿين ٿا ۽ اهي ڪئي نسل پوئتي ڌڪجي وڃن ٿا.

انسان حالتن جي حساب سان وقت بوقت پنهنجي ذريعہِ معاش جا طور طريقا تبديل ڪندو رهيو آهي، جڏهن ٿر جي آبادي صرف ڪجهہ هزار هئي تڏهن پڻ ڏڪار جي حالتن ۾ ماڻهو پاهہ ٽيندا هئا ۽ جيئڻ مشڪل بڻجي ويندو هو ۽ ان دور جي ڏڪار جا راڳا ٻڌي اڄ بہ لڳ ڪاندارجي وڃن ٿا. پر اڄ جڏهن ٿر جي آبادي پندرهن لکن جي لڳ ڀڳ آهي ۽ مسلسل ڏڪار جي باوجود ماڻهو ٿر ۾ رهن پيا ان جو هڪ وڏو سبب اهو آهي تہ ٿر جا ماڻهو اڄڪلهہ مال ۽ ٻني ٻاري تي مڪمل ڀاڙڻ جي بجاءِ تعليم، هنر ۽ صنعتي مزدوري ڏانهن گهڻو لاڙو رکن ٿا. ڪراچي ۾ توهان کي سڀ کان سستو ليبر ٿر جو ملندو.

ٿر جي لڏپلاڻ ڪندڙ قبيلن جو الميو اهو آهي تہ اهي پنهنجي ٻارن کي تعليم ڏياري نٿا سگهن، لڏپلاڻ سبب اهي پنهنجي ٻارن کي اسڪولن ۾ داخل ئي نٿا ڪرائين، جي داخل بہ ڪرائين تہ هر سال لڏپلاڻ دوران ٻارن کي اسڪول مان وڏي عرصي لاءِ اٿارٽو پوندو آهي ۽ اهڙي طرح معصوم ٻارن جي تعليم تي انتهائي هاجيڪار اثر پون ٿا. نتيجي طور اهي قبيلا جيڪي اڳ ئي صدين کان پيڇڙيل رهيا آهن سو ويتر ڪيئي نسل پوئتي ڌڪجي وڃن ٿا. نہ صرف تعليم جي حوالي سان پر مسلسل پنهنجي پڊن تان بي گهر هئڻ جي ڪري انهن جا ڳوٺن جا ڳوٺ ترقياتي اسڪيمن ۽ رليف وغيره کان پڻ محروم رهجي وڃن ٿا ۽ نہ ئي انهن کي پنهنجا اباڻا ڪک آباد ڪري زنده رهڻ لاءِ ٻيا ڏڳ ڳولڻ جي مهلت ملي ٿي. نتيجي طور انهن قبيلن جو مقدر ئي ٿر جي ماڻهن جو مال چارڻ هوندو آهي. ٿر جو ٻيون برادريون لڏپلاڻ ڪين ڪن ۽ ڏڪار جي حالت ۾ پيلن ۽ ڪولهين کي پنهنجو مال پيرائتو يا معمولي اجوري جي عيوض چارڻ لاءِ ڏين. اهڙي ريت ٿر جي وڏي آبادي هميشہ کان نيم خانہ بدوش زندگي گذاري رهي آهي.

جو ڪردار سيني جي سامهون آهي، هيل بہ ٿر جي ڏڪار سٽيل ماڻهن جي ڏکن ۽ پيڙائن جو ٿر ۾ NGOsاحساس

“فائيو اسٽار هوٽلن” ۾ ورڪشاپن ۽ ڪانفرنسن دوران محسوس ڪيو ويندو، ماروئڙن جي بحالي واسطي پراجيڪٽ تيار ڪري ڊونرز وٽ سوال ڪيا ويندا، ٿر جي بدحالي جي تصوير ڪيش ڪرائي ويندي ۽ آخرڪار اين جي اوز جا اهي ڪرتا ڌرتا ٿر جي ڪجهہ ڳوٺن ۾ وڃي پٽيلن جي اڳيان ٿورو داڻو اڇلائي، فوٽو ڪڍائي ۽ بورڊ نصب ڪرائي هليا ويندا ۽ قصو ختم...... ٿر جو عام ماڻهو هميشہ وانگر ان سموري عمل کان ٻاهر ئي هوندو آهي.باقي سرڪار سڳوري مان اميد رکڻ ئي ٻبرن کان ٻير گهرڻ برابر آهي.

ٿر جي ماڻهن جي غربت ۽ بدحالي ڏسي ڪافي ٻاهريان دوست سادگي ۽ حيريت وچان چوندا آهن تہ “ٿرين کي جس هجي تہ ايتري غربت باوجود چوريون ۽ ڌاڙا نٿا هڻن.” انهن دوستن کي ڪير ٻڌائي تہ ٿريا ڌاڙا هڻن تہ بہ ڪٿي؟ ٿر تہ “ملڪ مڙيو ئي منصور” لڳو پيو آهي. سڀ هڪ جهڙا. سو سائين ٿر جا ماڻهو اهڙو ڪتو ڪيئن ڪائيندا جنهن سان ڪک بہ نہ پرجي ۽ هروڀرو جان جوکي ۾ وجهجي. پوءِ ڀلي توهان انهي امن پسندي کي “ڀلي ٻک پرم جي” چئو پر آئون ان کي “مِني بہ ماٺ، هني بہ ماٺ” چوندس.

ڪافي دوست ان راءِ جا آهن تہ ٿر جي مسئلن جو مستقل حل ۽ ٿر جو مستقبل ڪوئلي سان گڏ دفن ٿيل آهي، جڏهن ڪوئلي جي کوٽائي ٿيندي تہ ٿر دبئي بڻجي ويندو. منهنجي ناقص راءِ موجب اهو هڪ سبز باغ آهي جنهن ۾ ٿر جا ماڻهو يقين نٿا رکن. موجوده نظام ۾ جتي بلوچستان لاتعداد معدني وسيلا رکڻ جي باوجود ڪويت بڻجي نہ سگهيو ۽ بدين تيل ۽

گيس جي دولت سان مالامال هوندي پڻ سعودي عرببڻجي نہ سگهيو تہ پوءِ ڪوئلي سان ٿرجيڪا دبئي بڻبي اها پڻ دنيا ڏسندي.

ٿر جو ڪوئلو ڪڍي استعمال ۾ آڻڻ هڪ ديرينہ ۽ وڏي سيڙپڪاري وارو عمل آهي. ٿر جي ڪوئلي تان سنڌ ۽ وفاق ۾ مالڪي تان جهيڙو هلي رهيو آهي پر اصل مالڪي جو جهيڙو بن عالمي قوتن جي وچ ۾ آهي ۽ ان سان گڏوگڏ تيل مافيہ پڻ ڪوئلي کي ڪولڊ اسٽوريج ۾ اڇلائڻ چاهي ٿي. اهڙي طرح ويجهي مستقبل ۾ ڪوئلو ٿر جي ماڻهن جي دردن جو درمان نٿو بڻجي سگهي.

بهرحال مارئي ۽ مسڪين جهان خان کوسي جي پوميءَ لاءِ اهي سور نوان نہ آهن، ٿرواسي اڳ بہ اهڙين آزمائشن مان اڪري پار پيا آهن ۽ هيل بہ ڏڪڙا ڏوري وجبا پر "انتظار" اهو آهي تہ ڪجهہ عرصي کان پوءِ ٿر جا چونڊيل نمائندا جڏهن اسان ٿر واسينجي ڪکن تي کهي ايندا تہ ڪهڙا نوان واعدا ڪندا؟ ۽ ڪهڙن پاڙيل انجامن جا حوالا ڏيندا يا رڳو ٽرين جي "ڦاتا" پڙهي هليا ويندا ۽ ٿر واسين جو هميشہ جيان خدا ئي واهي ۽ نگهبان هوندو!

وري وڏي وس جون ڪيون ڳالهيون ڳنوارن،

سيد چئي سين، آہ توهِ تنهنجِي آسرو.

# جوڳين کي بہ جيئڻ ڏيو

سنڌ ايڪسپريس ۾ 23 اگسٽ جو هڪ خبر شايع ٿي هئي، تفصيل مطابق ٿر جي هڪ ڳوٺ جي عورت جوڳين جي هڪ نوجوان ڇوڪريءَ بابت اها ڳالهہ ڦهلائي تہ اها ڇوڪريءَ اصل ۾ لاشاري ذات جي آهي ۽ جوڳين ڪيس اغوا ڪيو ۽ هاڻ پاڻ سان گڏ پنائي رهيا آهن. ان بي بنياد مفروضي تي ڪا غور و فڪر ۽ تحقيق ڪرڻ جي مقامي وڏيرا ۽ ٿر جي نااهل پوليس الرٽ ٿي وئي ۽ جوڳين جي خلاف گرينڊ آپريشن ڪيو ويو. ڪجهہ جوڳي گرفتار بہ ٿيا ۽ باقي جوڳين ۾ خوف و هراس ڇانئيل آهي، مال ۽ ملڪيت تہ هنن وٽ تہ آهي ئي ڪونہ پر جان ۽ عزت جي عدم تحفظ جو احساس کين وڪوڙي رهيو آهي.

اغوا، ڏوهن جي دنيا ۾ هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو انتهائي سگهاري نيٽ ورڪ، وڏن وسيلن ۽ تمام بااثر ڏوهارين کان سواءِ ممڪن ئي ناهي. ڪو بہ گهٽي جو غنڊو ۽ ڳوٺ جو چور اغوا جهڙي واردات ڪرڻ جو سوچي بہ نٿو سگهي پر حقيقت اها آهي تہ اسان جي معاشري ۾ پاڻ کي دبنگ سمجهڻ وارا مجرم بہ اغوا جهڙي واردات گهبرائيندا آهن. هاڻي اتي اهو سوال پيدا ٿئي ٿو تہ آخر هي غريب خانہ بدوش جوڳي ڪا اغوا جهڙو ڏوهہ ڪري

سگهن ٿا؟؟ ۽ اها پڻ اڪثريتي ڪميونٽي جي نوجوان ڇوڪريءَ ڪا اغوا ڪري ايئن سرعام پاڻ سان گڏ کڻي ايڏي بي پرواهي ۽ آزادي سان گهر گهر پني سگهن ٿا؟؟؟

اسان ڪافي اهڙن واقعن جا اکين ڏٺا شاهد آهيون جتي انهن مسڪين جوڳين تي وڏا بهتان هڻي ڪين تنگ ڪيو ويجي ٿو ۽ ظلم ستم جو نشانو بہ بڻايو وڃي ٿو. انهن تي اغوا جو الزام هڻندڙن وٽ اهو ئي بي بنياد، حقيقت کان عاري ۽ شرمناڪ جواز هجي ٿو ته جوڳين وٽ ”علم“ آهي ۽ اهو ڪم هنن انهي ئي ”علم“ جي مدد سان ڪيو آهي. ڪافي موقعن تي نفسياتي مرض ۾ مبتلا هن معاشري جا ماڻهو وڏا جرڳا ڪوٺائي جوڳين تي اغوا جا الزام هڻن ٿا ۽ اغوا بہ ان شخص ڪي ڄاڻايو ويندو آهي جيڪو ڪافي وقت اڳ طبي موت يا ٻئي ڪنهن سبب مري ويو هجي ٿو ۽ چيو ويندو آهي ته جوڳين ڪيس قبر مان ڪڍي ۽ منجهس ساهه وجهي پوءِ پاڻ سان گڏ پنائن پيا. نتيجي طور تي صدين کان اڪيلائي ۽ سماج جي بي حسي جي شڪار انهن ماڻهن کي وڌيڪ اڪيلو ڪري ايذايو ويندو آهي.

حيرت جهڙي ڳالهه اها آهي ته ڪجهه سال اڳ بدين ضلعي جي هڪ ڳوٺ ۾ جوڳين جي گڏهه کي قابو ڪيو ويو ۽ اتي جي هڪ مقامي ڳوٺاڻي جي ان شاهدي کي سچ سمجهي اعتبار ڪيو ويو ته اها گڏهه دراصل ڪجهه سال اڳ گذاري ويل ڦلاڻي ڇوڪريءَ آهي جنهن کي جوڳين قبر مان زنده ڪري ڏينهن جو گڏهه جو روپ ڏئي بار ڍوئيندا آهن ۽ رات جو وري اصل شڪل ۾ آڻيندا آهن. ماڻهن وري ان سراسر ڪوڙي بهتان کي حقيقت سمجهي جوڳين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو.

نفسياتي مرض جي انتها تي پهتل انهن ماڻهن وٽ ايترو بہ عقل ناهي رهندو جو اهي ڪن پل لاءِ ويهي اهو سوچين ته جيڪڏهن اهي جوڳي واقعي ”جادو“ تي ايترا قادر آهن ته پوءِ هو پاڻ تي ظلم ۽ تشدد ڪندڙن خلاف جادو ڇو نٿا ڪن؟؟

جيڪڏهن انهن وٽ حقيقيت ۾ جادو هجي ها ته هو ڪنهن کي وٽ ئي ڇو ڏين ها ۽ هو طاقتور ديوتا بڻجي سڄي دنيا کي پنهنجي آڱرين تي نچائي بہ سگهن ٿا.

انهن رولاڪ جوڳين ۽ جپسي لوڪن جي بہ هڪ تاريخ آهي، انهن تي اهي الزام تاريخ جي هر دور ۾ لڳايا ويندا آهن ۽ الميو اهو آهي ته معاشرو انهن کي انسانيت جي لڪير مان ڪيرائڻ کان پوءِ بہ جند نٿو ڇڏي ۽ انهن کان جيئڻ جو حق پڻ کسڻ لاءِ آتو آهي.

جوڳين، جپسين ۽ رولاڪ رمتن کي انتهائي پراسرار بڻائي پيش ڪيو وڃي ٿو، ايتري قدر جو اسان جو نام نهاد باشعور ۽ اهل دانش طبقو بقول ظفر امام جي ”هاجاهه وند“ بہ ڪين انسانيت جي ڌارا ۾ واپس آڻڻ جي بدران انهن لوڪن کي انٿروپولاجي جي ميوزيم ۾ المياتي آثار جي صورت ۾ ڏسڻ وڌيڪ پسند ڪن ٿا.

جوڳين جو ڪو بہ وطن ناهي هو هن مملڪتِ خداداد جي سرحدن ۾ ڀٽڪندا رهن ٿا، هو ڪڏهن ٿر جي ڳوٺن ۾ رولاڪيون ڪن ٿا ته وري ڪڏهن لاڙ جي ڪلراٺن پوٺن تي آسمان جي ڇت هيٺان پنهنجي زندگي جا ڏينهن ڳڻندا رهن ٿا، ڪڏهن اهي بلوچستان جي جبلن سان متو ٽڪرائن ٿا ته وري ڪڏهن پنجند جي پاٽين ۾ پنهنجي زخمي وجود جو عڪس پسن ٿا.

خورشيد قائمخاني جا سورما اهي جوڳي لوڪ دراوڙ نسل سان واسطو رکن ٿا، ڀيل قبيلي ۽ جوڳين جون نکون (ذاتيون يا پاڙا) بلڪل ساڳيا آهن، گمان آهي ته تاريخ جي ڪنهن دور

۾ ان ويڙهاڪ قبيلي هٿيار ڦٽا ڪري زندگي ۽ ظالم سماج کان فرار جو اهو رستو چونڊيو هجي. يقيني طور اهو آرين جي ذات پات واري غليظ دور جو هڪ باب آهي.

گوگي چوهاڻ ۽ گورک ناٿ جا پيروڪار اهي جوڳي نندي ڪنڊ جي قديم لوڪن مان آهن. نندي ڪنڊ جو طاقتور ديوتا شيوا ۽ عظيم مزاحمتي مهاراجا شري راوڻ پڻ آدي دراوڙ ٻڻ مان آهن. تاريخ ۾ نج دراوڙ نسل کي ناگا ۽ يوگي پڻ چيو ويندو آهي.

نندي ڪنڊ جي ايجاد ڪيل يوگا ورزش کي پڻ انهن جوڳين ايجاد ڪيو، ان ايجاد جو مقصد انسان جي لازمي جبلتن جهڙوڪ اڃ، بک ۽ نفساني خواهشن تي قابو پائي سگهجي ۽ بيمارين جو علاج پڻ انهن اٿهوند جي ڪري جوڳ يا يوگا ۾ دريافت ڪيو.

طبقاتي نظام ۾ جوڳين کي لمپيئن جي طبقي ۾ شمار ڪيو ويندو آهي پر لمپيئن اڪثر ڪري جسم فروش ۽ ڏوهاري پيشہ ماڻهن کي سڏيو وڃي ٿو. جوڳي جيتوڻيڪ محنت ڪش طبقو ناهي پر اهي ٻين خانہ بدوشن کان بلڪل منفرد آهن. ڪبوترن، گرگلن، شڪارين، ڪوڪڙين ۽ ٻڙهن جي برعڪس جوڳين ۾ جسم فروشي ۽ سماجي ڏوهہ بلڪل نہ هئڻ جي برابر آهن. اهو انتهائي منظم خانہ بدوش قبيلو آهي ۽ اهي پنهنجي قبائلي اصولن جا سخت ڪاربند هوندا آهن. سماج ۾ جوڳي تمام محتاط رهندا آهن اهي ڪنهن سان بہ گهرائي ناهن رکندا ۽ نہ وري مٿن دنياوي خوف ۽ لالچ حاوي هجي ٿي. جوڳين جي زندگي انتهائي ڪٺن آهي، انهن جا ڪجهہ ماڻهو امرڪوٽ ۽ نئون ڪوٽ ويجهو خانہ بدوشي ترڪ ڪري محنت مزدوري واري ڪرت ڪري رهيا آهن پر جوڳي قبيلي جي اڪثريت اڄ پڻ نسل در نسل جاري خانہ بدوشي کان نڪري ناهي سگهي.

نانگن کي ڄاڃي ٻڌائي ڳڏهن تي ڄڄ جو قافلو وني ويندڙ جوڳين جو پرڙو تہ مرلين جي موسيقي، ڍاٽڪي گيتن ۽ راجستاني رقص جي ميلاپ سان انتهائي سعيد موقعو هوندو آهي پر جوڳين جو مرڻو هڪ وڏو الميو هوندو آهي، جوڳي قبيلو جيئن تہ هر وقت رولاڪين ۾ هوندو آهي ان دوران انهن جو ڪو ابهم ٻار، عورت يا مرد مري ويندو آهي تہ هو ڏينهن جو مٿس رلي ڍڪي ڇڏيندا آهن ۽ هڪ يا ٻہ ماڻهو پنهنجي ديري تي ڇڏي پنهنجي پيارن جي وڇوڙي تي نہ چاهيندي پڻ اهي پنڌ لاءِ ويندا آهن ۽ اهي پنهنجي پيارن جي موت تي ڪلي طرح روئي بہ نہ سگهندا آهن ۽ الٽو هوٽلن تي وينل اسان جي سماج جي بي حس ماڻهن کي انهن جي فرمائشن تي مرليون ٻڌائيندا آهن ۽ نانگن جو رقص پڻ ڏيکاريندا آهن ۽ ان رات جو دير سان اهي پنهنجي ئي ديري ۾ خاموشي سان قبر کوٽي مڙدي کي اتي ئي دفن ڪري ، قبر جي نشانن کي مٽائي زمين هموار ڪري پوءِ راتورات ان جوءِ مان ئي رفوچڪر ٿي ويندا آهن ڇاڪاڻ تہ هن سماج ۾ ڪين ڪو بہ مسلمان پنهنجي قبرستانن ۾ تہ ٺهيو پر تر ۾ پڻ مڙدا دفن ڪرڻ ناهي ڏيندوآهي. ورهين پڄاڻان وري جڏهن اهي انهن پٽن تي ايندا آهن تہ عجيب نگاهن سان انهي بي نام و نشان قبرن کي ڏسي وري پنهنجي اڻ ڪٺ خانہ بدوشي جو سفر جاري رکندا آهن. دنيا جو وري عجيب دستور آهي تہ اهڙن مظلوم ماڻهن جيڪي پنهنجي پيارن جا لاش پڻ آزادي سان دفن نٿا ڪري سگهن ۽ پنهنجي اڪين جا لڙڪ لڪائي لوڪ ۾ لڪا پٽن انهن تي وري قبرستانن مان مڙدن کي زندهہ ڪرڻ ۽ پوءِ غلام بنائي رکڻ جا واهيات الزام هنيا وڃن ٿا. جيڪڏهن انسانن جي کلڻ ۽ روئڻ تي پهرا هجن ۽ سندن لاش پڻ دفن ڪرڻ جي آزادي نہ هجي پوءِ اسان کي انسان سڏائڻ جو ڪو بہ حق نٿو پهچي.

جيستائين جوڳين وٽ ”جادو“ هئڻ جو سوال آهي ته اها سنئين سڌي ڳالهه آهي ته سائنس غيب، جادو، طلسم،جنات ۽ فطرت تي فوقيت رکندڙ شين کي آڳاٽو رد ڪري چڪي آهي. اسان وٽ جوڳين ۽ جپسين جي اسرار جا پردا خورشيد قائمخاني ۽ گارشيا مارڪيز کوليا آهن. گارشيا مارڪيز لکي ٿو ته جپسي شهرن مان سائنسي آلا جهڙوڪ چقمق، دوربيني ، لائوڊ اسپيڪر وغيره ڏورانهن ننڍڙين وسندين ۾ کڻي ويندا هئا ۽ اتي جادو جي نالي تي ماڻهن کي مختلف ڪرتب ڏيکاري پنهنجو پيٽ گذر ڪندا هئا. انهن جو طريقه ڪار اهو هوندو هو ته چقمق کي جادوئي پٿر سڏي گهٽين مان گهيليندا هئا ته ڪافي عرصو اڳ جو وڃايل شيون ظاهر ٿينديون هيون ۽ لائوڊ اسپيڪر کي هو جادوئي زبان سڏيندا هئا جڏهن ته دوربيني کي هو خدا جي اک چوندا هئا ۽ ماڻهن کي تمام پري جا منظر ڏيکاريندا هئا.

جوڳين جي جادو جو به ساڳيو حال آهي، خورشيد قائمخاني جوڳين سان ڪافي وقت گڏ رهيو، هن پنهنجي ڪتابن ۾ جوڳين جي نانگن پڪڙن واري انداز تي ڪافي تفصيل سان لکيو آهي ته اهي جوڳي عام ماڻهن وانگر ئي نانگ جهليندا آهن جيئن اسان جاگرافي جي چئنلن تي ماهر شڪارين کي ڏسون ٿا اهو ئي ساڳيو طريقه ڪار جوڳين وٽ آهي. ان ۾ جادو وغيره جو ڪو به عمل دخل ناهي.

هن وقت سماج جنهن زوال جي مرحلي مان گذري رهيو آهي اتي هر شعبي، اداري کان وٺي اخلاقيات، قدرن ۽ روايتن کي به زوال اچي چڪو آهي، سرمائيدارانه دور جنهن پنهنجي اوائل ۾ سائنس کي پنهنجي زندگي جو واحد وسيلو سمجهندي هٿي ڏني اڄ اهو ئي سرمائيداراڻو نظام سائنس کان خوفزده آهي . سائنس جي جديد دور ۾ پڻ آمريڪا جهڙي انتهائي ترقي يافته ملڪ ۾ پڻ 21 مئي قيامت جي ڏينهن طور خوف ۽ تجسس ۽ غير يقيني جي عالم ۾گذاريو وڃي ٿو، اسان جي مملڪتِ خداداد ۾ پڻ فتوائن کي ڊي اين اي ٽيسٽ تي فوقيت ڏني وڃي ٿي ۽ ڪلوز سرڪٽ ڪئميرائن جي وڊيو ثبوتن کان وڌيڪ قسم نامي تي اعتبار ڪيو وڃي ٿو ته اتي انهن مسڪين جوڳين تي جادو ذريعي اغوا جهڙا بهتان هڻڻ ڪا نئين ڳالهه ناهي.

جوڳين جا درد سمجهڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي، جوڳين جا درد فقط اهو ئي سمجهي سگهي ٿو جنهن جوڳياڻي جي ڏکايل ڪک مان جنم ورتو هجي ۽ درد جي تصوير بڻيل پنهنجي مسڪين جوڳي پيءُ جي گود ۾ ويهي لڙڪ لڪائي پيئڻ ۽ خوشين کي خاڪ ۾ ملائڻ جهڙي ڪٺن يوگ مان گذريو هجي.

مون کي حيريت ٿر جي نااهل پوليس تي ٿئي ٿي جيڪا سڄي جوڳي برادري کي حراسان ڪري رهي آهي، اها ئي ساڳئي پوليس جيڪا ڪنهن چوري، ڦر يا ٻي ڪنهن ناجائزي خلاف ايف آءِ آر ”مٿان کان فون“ اچڻ کان پوءِ ئي داخل ڪندي آهي پر جوڳين تي مڙهيل ڪل جهڙي فرضي الزام تي سڄي جوڳي برادري کي نشانو بڻائي رهي آهي ۽ گرفتاريون ڪري رهي آهي. ڪو به جوڳي اڄ تائين ڪنهن به ڪنهن چوري، ڌاڙي يا ٻي ڪنهن ڏوهه ۾ ملوث نه رهيو آهي چاڪاڻ ته اهي خواهشون ناهن رکندا ۽ نه ئي وري انهن جو عيش و عشرت سان واسطو آهي اهي هن ظالم ۽ بي حس سماج کان بس اها ئي التجا ڪن ٿا ته جيڪڏهن توهان اسان جي هزارين سالن جي پنهنجي ئي ڌرتي تي جلاوطني ختم ڪري اسان کي انسان سمجهڻ گوارا نٿا ڪريو ته خدارا اسان کي رڳو جيئڻ جو حق ته ڏيو.

# فيض جي شاعريءَ کي باهہ نہ ڏيو !

”ٻن ڳيرو پٽن جي ڪنيجي وڃڻ ڪان پوءِ مون فيض احمد فيض جي شاعري جا 9 ڪتاب ساڙي ڇڏيا، ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ ايم آر ڊي جي سنڌي شهيدن جو ڪو بہ ذڪر نہ هو.“ اها ڳالهہ ڪنيجي ويل نوجوانن جي پيءُ هڪ سيمينار ۾ ڪئي، اسين ان پيءُ جا جذبا سمجهي سگهون ٿا ۽ ڪنيجي ويل جي وارثن جو درد پڻ محسوس ڪريون ٿا.

ازل ڪان وٺي مظلومن جي ڀاري اڪثريت ڪان خوفزده اقليتي حڪمران طبقي ”رياست“ کي پنهنجي مفادن لاءِ هٿيار بڻائي مظلوم طبقن کي پيڙهيندو رهيو آهي. محڪومن لاءِ قانون جو ڄار پڻ وڇايو ويو آهي، جڏهن تہ انهي قانون جي حيثيت حڪمران طبقن لاءِ ايئن آهي جيئن ڪنهن مست ڍڳي جي اڳيان ڪوريئڙي جو ڪو ڄار هجي پر اهو ساڳيو ڄار مظلومن لاءِ ڪنهن فولادي حصار ڪان گهٽ ناهي. جڏهن حڪمرانن جو ئي ناهيل قانون سندن مفادن لاءِ غير موثر ثابت ٿئي ٿو تہ اهي وري رياست جي ئي مدد سان ” قانون ڪان مٿانهن قتلن ۽ جبري گمشدگين“ ذريعي مظلوم ماڻهن تي جبر جي بازار گرم رکن ٿا.

رياست طرفان ماڻهن کي ڪنيي گم ڪرڻ جو سلسلو ڪا نئين ڳالهہ ناهي. ميڊيا ڪان وٺي ملڪ جي اعليٰ عدالتن ۽ بين القوامي فورمن تي پڻ اهو مسئلو نمايان طور هاءِ لائيٽ ٿي چڪو آهي. اهو سوال پنهنجي جاءِ تي موجود آهي تہ جيڪڏهن ڪو قانون جي نظر ۾ ڏوهاري پڻ آهي تہ پوءِ سول عدالتون ۽ دهشتگردي لاءِ خاص عدالتن جي موجودگي ۾ آخر ڇو ماڻهن کي گم ڪيو وڃي ٿو ۽ عدالتن ڪان مٿانهان قتل ۽ مشڪوڪ مقابلا ٿين ٿا؟

نظرين ۽ خيالن تي پهرا ناهن لڳائي سگهبا ۽ نہ ئي انهن کي سرحدن ۾ قيد ڪري سگهجي ٿو، اسان وٽ اظهار جي آزادي تي پابندي ماڻهن کي ٻين رستن ڏانهن مائل ڪيو ۽ ان جو ردعمل پڻ مثبت نٿو هجي. اها پڻ حقيقت آهي تہ رياستي ادارن جا تفتيشي سيل هجن يا هٿياربند گروپن جا ٽارچر سيل، ٻنهي ۾ ڪو بہ فرق ناهي. انسانيت جي ٻنهي جاين تي تذليل ٿئي ٿي. ڪنيجي ويل ماڻهن جي وارثن جو غم هجي يا مارجي ويل ڪنهن رياستي اداري جي اهلڪار جي وارثن جو غم، درد تہ آخر درد ئي هوندو آهي. ٻنهي ڌرين مان مارجي ويل نوجوانن کي ”شهيد“ سڏيو ويندو آهي (سواءِ غير مسلم جي)، ٻنهي طرفن ڪان بہ متضاد سوال پنهنجي جواب جي ڳولا ۾ هوندا آهن تہ :

مزاحمت ڪندي مارجي ويلن آخر رياستي رٽ کي ڇو للڪاريو ۽ قانون هٿ ۾ ڇو کنيو؟

تہ ٻئي طرف اهو سوال پڻ ايرندو آهي تہ رياستي اهلڪار، قومي ۽ بين القوامي حڪمران طبقن جي مفادن لاءِ ڇو ٿا استعمال ٿين ۽ مظلوم عوام تي ظلم ۽ ستم برپا ڪرڻ ۾ استحصالي قوتن جا ياڱي پائيوار ڇو ٿا ٿين؟

انهن ٻنهي سوالن جي پس منظر ۾ ٻن طبقن جي طويل ۽ پيچيده جنگ آهي، اسان انتهائي بري دور ۾ ساهہ کڻي رهيا آهيون. حد تہ اها آهي تہ اسان وٽ هاڻ انسان جي زندگي جي ڪا بہ معنيٰ نہ بچي آهي اسين پنهنجي توانائي ان ڳالهہ ۾ لڳائي خوش ٿا ٿيون تہ ڪهڙي بہ طرح اهو ثابت ڪجي تہ انسان جي زندگي هاڻ مٿانهين ناهي رهي ۽ اها هاڻ بي معنيٰ ٿي چڪي آهي، اڳي اهو ڪم سرمائيدار طبقي عملي طور ثابت ڪري ڏيکاريو هو هاڻ وري

اسان جا نظرياتي استاد انهي خير جي پرچار ۾ پورا آهن. ساحر لڌيانوي جون اهي سٽون ڪيڏي نہ معنيٰ رکن ٿيون تہ : فتح جي خوشي هجي يا هار جو سوڳ، زندگي لاشن تي روئي ٿي.

انتهائي حواس باختہ حالتن ۾ ماڻهو ڪجھ بہ ڪري وجهندو آهي هاڻ تہ پورو معاشرو بي حواس بڻجي چڪو آهي. مظلوم ماڻهن طرفان فيض جي شاعريءَ کي هٿيار بنائڻ بدران ان کي ساڙڻ جهڙا واقعا ٿي رهيا آهن. فيض جي شاعري حڪمران طبقن کان تہ ڪنهن بہ صورت ۾ هضم ٿي نٿي سگهي پر انتهائي جذبات جي عالم ۾ اها هاڻ مظلومن تي پڻ ناگوار گذري ٿي. بنگلاديش جي تحريڪ دوران پڻ فيض جي شاعري کي باھ جي شعلن حوالي ڪيو ويو ۽ ان پنيان اهو منطق هو تہ فيض احمد فيض، سويت يونين پاران لينن امن پرائز وٺڻ دوران سويت يونين جي حڪومت سان بنگالين جي حمايت ڪرڻ تي احتجاج ڪيو هو ۽ بنگالين جي نظر ۾ فيض بنگالين تي ظلم و ستم دوران مجرماڻي خاموشي اختيار ڪئي هئي.

جيڪڏهن اها حقيقت پڻ آهي تہ بہ مظلوم طبقن ۽ قومن پاران فيض جي شاعري سان اهو سلوڪ ڪرڻ واجب نہ آهي.

شاعري جيئن تہ هڪ فن آهي ۽ شاعر هڪ فنڪار. پر اسان ڪڏهن بہ شاعر کي صرف هڪ فنڪار سمجهڻ جو سوچيو بہ ناهي، اسان ڪيس مرشد، امام ۽ نہ ڄاڻ ٻين ڪيترن ئي تقديس جي غلافن ۾ نپوڙي رکندا آهيون. اسان ان جي فن کي دماغ ۾ جاءِ ڏيڻ جي بدران دل سان لائي پوءِ اکين تي رکندا آهيون ۽ باهوڙجي ڪڏهن ڪڏهن باھ بہ ڏئي ڇڏيندا آهيون.

اسان انهن عظيم فنڪارن کي پنهنجي نظرياتي فٽ اسڪيلن سان ماپيندا آهيون يا وري انهن جي مخصوص شاعراڻي ڀورن سان پريل خيالن کي سڄي دنيا لاءِ راهِ مشعل سمجهندي ان ۾ پوري ڪائنات کي قيد ڪرڻ جي ٻاراڻي حماقت ڪندا آهيون. اسان عظيم شاعرن جي پيٽ دوران عوامي ٻوليءَ جو آزادي سان استعمال ڪندي ڪنهن هڪ کي آسمان تي چاڙهي ڇڏيندا آهيون تہ وري ٻئي کي خاڪ ۾ ملائيندي بہ دير ناهيون ڪندا.

فيض احمد فيض سان ڪنهن جا ڪيترائي پلي ڪٽي اختلاف ڇو نہ هجن پر هڪ ڳالھ سڀني کي مڃڻي پوندي تہ هن ڪڏهن بہ دانشوراڻي منافقت سان استحصالي طبقن جو پاسو ناهي ڪنيو. هن ڪلي طرح طبقاتي جنگ ۾ پورهيتن جو ساٿ ڏنو، هن جيڪا بہ راھ اختيار ڪئي ان تي خاموشي سان آخري دم تائين هلندو رهيو. اربابِ اختيار ڏرين جي حقارت ڀريل نظرن جو هو پڻ شڪار رهيو، هن مملڪتِ خداداد ۾ فيض ٻين سڀني اهل قلم کان وڌيڪ رياستي عقوبتون برداشت ڪيون ۽ فيض اهو واحد اهل قلم هو جنهن عملي جدوجهد ۾ پڻ حصو ورتو. فيض جي موت کان پوءِ ڪيس ”رياست جو جديد قومي شاعر“ بنائڻ جي ناڪام ڪوشش بہ ڪئي وئي پر حڪمرانن کي فيض جي پوري ڪلام ۾ ڪا هڪ بہ اهڙي مصرع نہ ملي سگهي جيڪا اقتداري ايوانن جي شايان هجي.

جيستائين فيض جو قومي استحصال تي خاموشي جو سوال آهي تہ اسان جي نظر ۾ فيض قومي، لساني ۽ فرقيواريت سميت هر قسم جي جبر خلاف هو. فيض انقلابي شاعر هو هن هيٺئين طبقن جي درد کي انتهائي انقلابي انداز سان اعليٰ معيار جي فنڪارانہ سٽن ۾ سمويو آهي.

شاعر ڪي سياسي رهنما ناهن هوندا جو اسين ڪين هر سياسي يا سماجي مسئلي جو ذميوار نهرائي مٿس سنگ زني ڪريون. شاعر انتهائي حساس انسان هوندا آهن انهن جي معصوم ۽ مخلص جذبن ڪي باهه جي حوالي نه ڪرڻ گهرجي.

اسان جي سنڌ ۾ پڻ صوفي شاهه عنايت شهيد جي حق پرست جدوجهد ۽ انقلابي قربانين ۽ باغي ڪردار ڪي ان وقت جي عظيم شاعرن اها پيٽا ناهي ڏني جيڪو ان جو حق هو، نه ئي ڪنهن ان ڪي پنهنجي ڪلام ۾ سورمو بڻايو ۽ نه ئي وري ان وقت جي شاعرن جي ڪلام ۾ ڪو شعر، شهيد عنايت شاهه جي نالي سان منسوب آهي.

پوءِ ڇا اسين انهن عظيم صوفي شاعرن جي ڪلام سان به اها گستاخي ڪرڻ تي لهي اچون؟

شاعرن ڪي جڏهن اسان روحاني مرشد ۽ انقلابي امام جي بدران صرف ۽ صرف شاعر ئي سمجهنداسين ته اها ذهني انقلاب جي ابتدا هوندي.

اسان الائي ڇو شاعرن ڪي انسان بدران مافوق الفطرت هستي سمجهي ڪين حرفِ آخر جو لقب ڏئي ڇڏيندا آهيون ۽ڪنهن ڪي پنهنجي نظرياتي دائري ۾ نه اچڻ سبب مٿس ولين جي فتويٰ صادر ڪندا آهيون.

غالب جي فنڪارانه عظمت کان ڪير به انڪاري ناهي پر هن به مغل دربار جي چائنٺ چمي پوءِ دوها وڪٽي دينار ورتا هئا. شاهه ۽ سچل پڻ پنهنجي ڪلام ڪي پاٽي ۾ اڇليو هو. جديد دور ۾ وڏي سنڌي شاعر اياز پڻ پنهنجي آخري وقت ۾ پنهنجي انقلابي شاعري ڪي عاق ڪيو هو ۽ ڪافي موقعن تي ڳائڻن ڪي پنهنجي انقلابي گيتن ڳائڻ کان سختي سان منع به ڪندو هو. انهن سڀني شاعرن جي ڪلام اها لازوال ابديت ماڻي ورتي آهي جو ان ڪي باهه ڏيڻ ۽ عاق ڪرڻ سان اهو ختم نٿو ٿي سگهي پوءِ ڪٽي ان جا پنهنجا تخليقڪار ئي ڪيس گهٽا ڇو نه ڏين پر اهو فن موت ڪي مات ڏئي ڇڪو هوندو آهي.

فيض جي شاعري پڻ ساڳي ريت لازوال آهي. فيض جي شاعري ڪي باهه ڏيڻ اصل ۾ درد جي پڪار ڪي دٻائڻ آهي، ظلم و جبر جي شڪار ماڻهن هٿان جيڪڏهن انهن جا انقلابي هٿيار انهن جي هٿان ئي اهڙي ريت ضايع ڪيا وڃن ته پوءِ ان ڪي هڪ وڏو الميو ڇئي سگهجي ٿو. ڇو ته اسان هن وقت انتهائي ڪٺن آزمائش واري دور مان گذري رهيا آهيون ۽ اسان جو فرض ته آهي ته حقيقي انقلاب جي تمنا ڪي پنهنجي دل مان نيڪالي نه ڏيون.

هردور مين هم، هر زماني مين هم

زهر پيتيءَ رهيءَ گيت گاتيءَ رهيءَ

جان ديتيءَ رهيءَ زندگي ڪيليءَ

ساعتِ وصل ڪي سرخوشي ڪيليءَ

جو بهي راسته چنا اس پر چلتي رهيءَ

مال والي حقارت سيءَ تڪتيءَ رهيءَ

طعن ڪرتيءَ رهيءَ هاتهه ملتيءَ رهي

هم نيءَ ان پہ ڪيا حرفِ حق سنگِ زن

جن ڪي هيبيت سيءَ دنيا لرزتي رهِي

جن پہ آنسو بهانيءَ والا ڪوئي نہ تها

اپني آنکھ ان کي غم مين برستي رهي
سب سيۓ اوجهل هوئي حاکمِ حکم پہ هم
قيد خاني سهيۓ تازيانيۓ سهيۓ
لوگ سنتيۓ رهيۓ ساز دل کي صدا
اپني نغميۓ سلاخون سي چهنتيۓ رهيۓ
خونچکان دهر کا خونچکان آئينہ
دکھ بهري خلق کا دکھ بهرا دل هين هم
طبع شاعر هيۓ جنگاہِ عدل و ستم
منصفِ خير و شر، حق و باطل هين هم...

فيض ..............................................................

# جديد سنڌ جا ديو مالائي  ڪردار

حليم بروهي اڪثر چوندو هو تہ آئون تاريخ ۾ زنده رهڻ جي بجاءِ ديو مالائي ڪردارن ۾ زنده رهڻ چاهيان ٿو، ڇاڪاڻ تہ تاريخ جي ڪردارن جي عمر صرف ڪجھ ئي عرصو هجي ٿي جڏهن تہ ديو مالائي ڪردار هميشہ لاءِ امر هجن ٿا.

هزارين سال اڳ جا ديو مالائي ڪردار اڄ بہ عوام جي دلين ۾ محفوظ آهن. ديو مالائي ڪردارن جي انفراديت جو هڪ اهم سبب اهو پڻ آهي تہ تاريخ هميشہ فاتح لکندا آهن ۽ غالب ڌر جي ڪردارن کي وڌائي چاڙهي پيش ڪيو ويندو آهي ۽ عوام جي حقيقي ڪردارن کي مسخ ڪيو ويندو آهي مگر لوڪ ادب ، ثقافت، ۽ تهذيب جو خالق عوام الناس هوندو آهي ۽ عوام ۾ پنهنجي ڪارنامن ذريعي مقبوليت رکندڙ ڪردار ئي ديو مالائي ڪردار بنجي ويندا آهن.

دنيا جي هر خطي ۾ هزارين سالن کان ديو مالائي ڪردارن ۽ داستانن جو سلسلو هلندو اچي. ديو مالائي ڪردارن جي مقبوليت کي جديد سرمائيدارانہ ۽ صنعتي دور بہ گهٽ ڪري نہ سگهيو آهي.

برصغير ۾ راجا راوڻ کان وٺي رڪت وير، ماتا جي، ڪيترپال، شيوا، ڀڳت ڪبير، ايڪ لوئيہ ، راماپير سميت هزارين لوڪ ڪردار يا ديو مالائي ڪردار آهن جيڪي اڄ پڻ مقبول آهن.

سنڌ ڌرتي پڻ ڪيترن ئي ديومالائي ڪردارن کي جنم ڏنو آهي. مارئي، نوري، سسئي، جکرو، راءِ ڦلاڻو، مومل، سهڻي، وتايو فقير سميت لاتعداد ديو مالائي ڪردار آهن.

ڪجهہ عرصو اڳ شاه عبداللطيف ڀٽائي بہ هڪ اهڙو ديو مالائي ڪردار ٿي گذريو جو سنڌ ۽ هند جي عوام جي دلين ۾ هزارين سالن تائين محفوظ رهندو. ان کان پوءِ ايندڙ "جديد شاعري جا امام" سڏجندڙ اڳتي هلي قديم نسخن ۾ ئي ڳوليا ليندا پر شاه صاحب هر دور ۾ سدا بهار ۽ زنده هوندو. اها ئي ديو مالائي ڪردارن جي خصوصيت آهي.

اهڙا ڪردار هزارين سالن کان پوءِ جنم وٺندا آهن ۽ هزارين سالن تائين زنده رهندا آهن. موجوده دور ۾ پڻ اهڙا ڪيترائيڪردار آهن جيڪي شايد هزارين سالن کان پوءِ بہ عوام جي دلين تان مٽجي نہ سگهن. احمد فراز لکيو آهي تہ :

هزار شکر کہ هم اهل حرفِ زنده ني

مجاوران ادب سي کوئي سند نهين مانگي

بلڪل ساڳي طرح اهڙن ڪردارن کي ادب توڙي تاريخ جي مجاورن کان سند وٺڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي. اسان اهڙن ڪردارن کي "جديد سنڌ جا ديو مالائي ڪردار" سڏيون ٿا.

جديد دور جي اهڙن ڪردارن جن پنهنجي پنهجي ميدان ۾ اڻ وسرندڙ ڪردار ادا ڪيو ۽ اهي نصاب، ادب، تاريخ ۽ عقيدي جي بجاءِ عوام الناس جي سينن ۾ زنده آهن. اهي ئي ديو مالائي ڪردار آهن جيڪي هر دور ۾ زنده رهندا.

اسان هن ڪالم ۾ اهڙن ڪردارن کي قطعي سموئي نٿا سگهون ۽ نہ ئي اسان جو انتخاب قطعي يا مستند هوندومگر حقيقت اها آهي تہ انهي موضوع تي هر ڪردار بابت الڳ ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي. اسان هن ڪالم ۾ زندگي جي مختلف شعبن ۾ سنڌ جي مشهور ۽ مقبول ترين ڪردارن بابت مختصر جائزو ورتو آهي، انهن ڪردارن ۾ ڪيترائي ڪردار اسان کان موڪلائي چڪا آهن ۽ ڪجهہ ڪردار اڄ پڻ زنده آهن.

**شاه عبداللطيف ڀٽائي**:جيتوڻيڪ شاه سائين اڄ کان ٽي سو سال اڳ واري سنڌ سان تعلق رکندا هئا پر منهنجي راءِ مطابق جديد سنڌ جي ارتقا شاه صاحب جي دور کان ئي ٿئي ٿي. شاه سائين جي شاعري سنڌي ادب لاءِ هڪ بي بها تحفو آهي. شاه صاحب جي شعر ئي سنڌي ٻولي کي بقا ۽ نئين زندگي بخشي.

شاه سائين جي عظمت ڪنهن محقق يا اسڪالر جي "مهرباني" نہ پر ان جي لازوال ذات ۽ عظيم فنڪارانہ تخليق جي باعث آهي. ڀڳت ڪبير ۽ ٻين عظيم شاعرن وانگر شاه سائين جي شاعري پڻ قلمي نسخن بجاءِ عوام جي سينن ۾ محفوظ رهندي هڪ نسل کان ٻي نسل تائين منتقل ٿيندي رهي.

شاه سائين جي شاعري جا موضوع شاهي ايوانن،الهامي پيغام نہ پر عوام جا حقيقي ڪردار ئي آهن. شاه سائين انهن ڪردارن کي پنهنجي شاعري ذريعي امر بڻائي ڇڏيو.

شاه سائين جي سورمين ۽ سورمن جو ڪردار پنهنجي دور ۾ باغيانہ هو ۽ شاه صاحب اهڙن ڪردارن جي تائيد ڪندي ڪين پنهنجي شعر ۾ سورما ۽ سورميون بڻايو. شاه سائين جي شاعري جا اڪثر ڪردار شاه صاحب جي دور جا ئي هئا.

شاه صاحب جو شعر ان دور ۾ فقيرن ۽ غريب عوام ۾ ئي مقبول هو ۽ پوءِ حڪمرانن شاه سائين جي عوام ۾ مقبوليت ڏسندي ان تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پنهنجي انداز ۾ شاه سائين جي شاعري جي تشريح ڪيائون پر عوام ۽ شاه صاحب جو رشتو اڄ بہ ساڳيو آهي ۽ هميشہ تائين رهندو.

**سورهيہ بادشاه** :سورهيہ بادشاه بيشڪ هڪ ديو مالائي ڪردار هئا. پاڻ سنڌ ۾ مزاحمت جي تاريخ تڏهن رقم ڪيائون جڏهن سنڌ جي رڳ رڳ ۾ غلامي جي نفسيات سمائجي چڪي هئي. انگريزن جي سامراجي تسلط کان اڳ مير صاحبن جي چوياري پڻ "نيم غلام ۽ ڏن پريندڙ سنڌ" جو منظر پيش ڪري رهي هئي.قومي وجود جو تصور محلاتي ۽ خانداني تضادن جي ڪري بي معنيٰ بڻجي چڪو هو، سنڌ وڏي عرصي کان غلامي جي لعنت ڀوڳي رهي هئي. پاڻ ان وقت برطانوي تسلط خلاف "وطن يا ڪفن" جي صدا بلند ڪيائون ۽ سنڌ جي عام ماڻهو کي ان تحريڪ جو حصو بڻايائون.

سنڌ جو عوام پهريون ڀيرو قومي وجود جي حقيقت کان آشنا ٿيو. سورهيہ سائين جي اها جدوجهد پڻ شهيد ڀڳت سنگهہ ۽ ان جي ساٿين جي جدوجهد وانگر انقلابي هئي پر حقيقت ۾ ڀڳت سنگهہ جي جدوجهد عوام کان ڪٽيل هئي جڏهن تہ سنڌ جو عوام سورهيہ بادشاه جي اڳواڻي ۾ قبيلن، ذاتين، نسل ۽ طبقي ايستائين جو مذهب جي فرق کان سواءِ برطانوي سامراج جي خلاف بي مثال جدوجهد هلائي جنهن کي انگريز سامراجين پڻ تسليم ڪيو.

ان تحريڪ دوران شهيد ٿيل ڪردار جهڙوڪ بچو بادشاه وغيره سنڌ جي لوڪ داستانن جا موضوع بڻجي ويا. سورهيہ بادشاه کي انگريز سامراج گرفتار ڪري شهيد ڪيو ۽ اهڙي طرح اهو ڪردار هميشہ جي لاءِ امر بنجي ويو.

سورهيہ بادشاه جي شهادت جي سوڳ دوران جن وڃي انگريز سامراج جي ايوانن ۾ قراردادون پيش ڪيون انهن کي اڄ "آزادي جا امام" سڏيو پيو وڃي پر سنڌ جو عوام سنڌ جي آزادي جو رهنما صرف سورهيہ بادشاه کي ئي سمجهي ٿو.

**ڀٽو خاندان** : ذوالفقار علي ڀٽو پڻ ديو مالائي ڪردار هو. هن خطي جو عوام ڀٽي کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندو، هن پنهنجي دور ۾ اصلاحي سڌارا ڪيا ۽ عوام کي سندن حق کان آگاهہ ڪيو اهڙي طرح سياست ۾ عوام ۽ ڀٽو هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم بنجي ويا.

## فن جي دنيا جا لازوال ڪردار

سنڌ فن جي دنيا ۾ پڻ ڪيترائي لازوال ڪردار پيدا ڪيا آهن جن جو فن عوام ۾ بي پناهہ مقبول ٿيو.توڙي جو بعد ۾ انهن ڪردارن کان بہ عظيم فنڪار پيدا ٿيا پر عوام ۾ اها مقبوليت حاصل ڪري نہ سگهيا جيڪا انهن ديو مالائي ڪردارن کي نصيب ٿي.

**مائي ڀاڳي** : مائي ڀاڳي جو تعلق راجستان، گجرات ۽سنڌ جي سنگم سڏجندڙ لوڪ ادب جي حوالي سان انتهائي مالامال ثقافتي واديءَ ٿر سان هو. سنڌس نالو اڄ پڻ سنڌ، گجرات ۽

راجستان جي عوام ۾ بي انتها مقبول آهي اڄ پڻ انيڪ لوڪ ادب جا گيت مائي ڀاڳي جي نالي سان منسوب آهن. مائي ڀاڳي ڍاٽڪي ۽ گجراتي ٻولين ۾ گيت ڳاياجيڪي جهر جهنگ ۾ اڄ پڻ گونجن ٿا. ان ڪري اسان مائي ڀاڳي کي ديو مالائي ڪردار چئي سگهون ٿا.

**جلال چانڊيو** : جلال کان اڳ سنڌي راڳ صرف خانصاحبن جي ميراث هو ۽ اهو درٻارن، ڪوٺن ۽ قلعن ۾ شاهي محفلن کان ٻاهر نڪري نه سگهيو. لوڪ فنڪار جيڪي اڪثر مڱڻهار ذات سان تعلق رکندا هئا انهن مان ٻه ڪو علائقائي سڃاڻپ کان اڳتي اچي نه سگهيو. مثال طور: لاڙ جا فنڪار، ٿر جا فنڪار يا اتر جا فنڪار. جلال چانڊيو جي عظمت اها آهي ته هو سنڌ جي سمورن خطن ۾ هڪ جيترو ئي مقبول هو، هن کان اڳ ڪو به فنڪار سڄي سنڌ ۾ هڪ جيترو مقبول نه هو. جلال چانڊيي عوامي شاعري کي پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڳايو انڪري هو سنڌي موسيقي جو بي تاج بادشاهه بڻجي ويو. سنڌ جي اهڙي ڪا به وسندي، واهڻ، ڳهر، اوطاق، هوٽل، محفل يا ميڙاڪو نه هو جتي جلال چانڊيو جو منفرد آواز گونجندو نه هجي. جلال چانڊيو جو ڪو به ثوڙ نه هو ۽ ڪو به فنڪار کيس مات ڏئي نه سگهيو اتفاق جي ڳالهه اها آهي ته ان وقت پنجاب ۾ عطا الله نيازي جي پڻ پنجابي موسيقي تي بيتاج بادشاهي هئي کيس پنجاب جو جلال چانڊيو چيو ويندو هو. آخرڪار فوزيه سومرو ميدان ماري جلال چانڊيي جي جاءِ ورتي. تنهن هوندي پڻ جلال چانڊيو امر راڳي هو ۽سندس نالو سنڌ جو عوام ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهي.

**فوزيه سومرو** : سنڌ جي موسيقيءَ جي دنيا ۾ ڪيسٽ رڪارڊر جو دور پنهنجي عروج تي هو ۽ هر هنڌ جلال چانڊيو جو مردانو آواز ئي گونجي رهيو هو ۽ ان وقت تائين ڪو به فنڪار جلال چانڊيي جو مقابلو ڪري نه سگهيو هو. ڪنهن ٿي ڄاتو ته ٿر جي اها نماڻي ڪنياڻ نينگري اتر جي هھڙي اڄگر پهلوان کي ملهه ماري موسيقيءَ جي بي تاج بادشاهي کائنس کسي وٺندي. پنهنجي درديلي ۽ نماڻي آواز سان فوزيه سومرو جلد ئي جلال چانڊيي جي جاءِ ورتي. فوزيه سومرو جو هر گيت عوام جي دلين ۾ لهي ويندو هو ۽ سنڌ ۾ ڪو به اهڙو ماڻهو نه هو جنهن کي فوزيه جي آواز متاثر نه ڪيو هجي، توڙي جو ان دوران سنڌ ۾ پلوڙ ۽ مقبول فنڪار منظرعام تي آيا پر عوام ۾ اها بي پناهه مقبوليت حاصل ڪري نه سگهيا جيڪا جلال چانڊيي ۽ فوزيه سومرو کي نصيب ٿي.سنڌ جا ماڻهو فوزيه سومرو کي هميشه پيار ۽ محبت سان ياد ڪندا ۽ هزارين سالن تائين اها ديو مالائي ڪردار عوام جي دلين ۾ زنده رهندي.

**عابده پروين** : ملنگ صفت فنڪاره جنهن صوفياڻه ۽ عارفاڻي ڪلامن سان پنهنجي منفرد سڃاڻپ بنائي، ان کان اڳ ڪا عورت فنڪاره صوفياڻي راڳ ذريعي منظر تي نه آئي هئي. عابده پروين سنڌ جي اها ديو مالائي ڪردار آهي جنهن کي سنڌ جا ماڻهو ڪڏهن به وساري نه سگهندا.

**سرمد سنڌي** : سرمد سنڌي (رحمان مغل) سنڌ جو اهو ديو مالائي ڪردار هو جنهن قومي ۽ انقلابي گيت ڳائي جهر جهنگ ۾ مقبوليت حاصل ڪئي، پنهنجي منفرد آواز ۽ آلاپ جي ڪريسرمد سنڌي هڪ قومي راڳي بڻجي ويو، ان کان اڳ اهو اعزاز ڪنهن به آرٽسٽ کي نصيب نه ٿيو. سرمد سنڌي کي "سنڌ جو ٻيجل" پڻ چيو ويندو آهي. سرمد سنڌي هميشه جي لاءِ سنڌ جي ماڻهن جي دلين ۾ ياد رهندو.

**نٿو ڪهيري** : لوڪ ادب جي مزاح جو هڪ عظيم فنڪار نٿو ڪهيري هڪ اهڙو ڪردار آهي جنهن بابت يقين سان چئي سگهجي ٿو ته هو هزارين سالن تائين ماروئڙن جي دلين ۾ موجود رهندو. اڄ پڻ لاڙ، وچولي ۽ ٿر جي عام محفلن ۾جڏهن مزاح جو خوشگوار موڙ

اڇي ٿوڻ اتي نٿو ڪهيري جو ذڪر ۽ سندس گفتا محفل کي ضرور  رونق بخشيندا آهن. اهڙي طرح اهي هڪ محفل کان ٻي محفل تائين منتقل ٿي ويندا آهن ۽ اهو سلسلو ڪڏهن به ختم ٿي نه ٿو سگهي.

لوڪ مزاح جي روايتن مطابقنٿو ڪهيري جو مزاح به تيز ۽ چيندڙ هو. نٿو ڪهيري جون ڪيسٽون ۽ سي ڊيز به مارڪيٽ ۾ دستياب آهن ۽ ڪافي اسٽيج شوز ۽ ٽي وي پروگرامن ۾ به نٿو ڪهيري کي گهرايو ويندو هو پر نٿو ڪهيري اتي پنهنجو روايتي مزاح پيش ڪرڻ کان محروم هو. ڇاڪاڻ ته نٿو ڪهيري لوڪ فنڪار هو ۽ هزارين سالن کان جاري عوامي ڪچهرين ۾ مزاح جي پنهنجي روايت هجي ٿي. ان جو هڪ خاص پهلو اهو پڻ آهي ته اسان وٽ رائج لوڪ مزاح ۾ ڪا به مصلحت  يا رک رکاءُ نه هوندو آهي. ان جو اهو قطعي مطلب نه آهي تهلوڪ مزاح منفي هوندو آهي پر ان ۾ هر شي کي صفائي سان ظاهر ڪيو ويندو آهي  ۽  نٿو ڪهيري پڻ پنهنجيمزاحيه محفلن ۾ ايئن ئي ڪيو. شادين توڙي ٻين محفلن ۾ نٿو ڪهيري جي فنڪارانه مزاح جو وڊيو رڪارڊ پڻ موجود آهي، اهو هڪ اهڙو مزاح آهي جنهن جو نٿو ڪهيري بي تاج بادشاهه هو. عوامي ٻولي ۾ لفظن جو آزاد استعمال ٿيندو آهي جنهن کي اسين "گار" سڏيون ٿا، نٿو ڪهيري انهي ئي عوامي ٻولي جو عڪس پنهنجي فنڪارانه انداز ۾ پيش ڪيو آهي ۽ عوام ان کي بيحد پسند ڪيو. عوامي مزاح جي ٻي روايت ذاتي تنقيد به هوندي آهي هن ڪافي ماڻهن جي ذات تي مزاحيه تنقيد ڪئي ۽ ڪافي قبيلن تي پڻ نقل ڏاهيا. نٿو ڪهيري جو اهو مزاح ٽي وي چئنلز  لاءِ غير معياري ۽ اعتراض جوڳو هجي پر عوام جي دلين ۾ ڪڏهن به نڪري نٿو سگهي.

نٿو ڪهيري سڄي عمر غربت ۽ ٻي وسي  ۾ گذاري. لاڪيٽي لاڙ جي هن لاڏلي مسڪين ۽ مجبور ماڻهن ۾ مرڪون ورهايون. اڄ پڻ ماروئڙن جي محفلن ۾ مزاح جي ابتدا پڻ "نٿو ڪهيري واري ڳالهه .................. " سان ئي ٿئي ٿي. اليڪٽرانڪ  ميڊيا تي پلي ڪٽي اهو مزاح جيئن جو تيئن پيش نه ڪيو وڃي پر اڄ جي دور ۾ جتي سنڌ جا نوجوان يو_ٽيوب ۽ ٻين ويب سائيٽن تي "ديسي   واهه واهه" واريون وڊيوز به اپلوڊ ڪري رهيا آهن اتي ان ڳالهه جي ضرورت آهي ته نٿو ڪهيري جون ذاتي محفلن ۽ شادين واريون وڊيوز گڏ ڪري ان کي انٽرنيٽ تي رکيو وڃي.

نٿو ڪهيري لوڪ مزاح جو بادشاهه ئي نه پر ان جو خالق پڻ هو، اهڙا فنڪار ديو مالائي ڪردار بڻجي هميشه لاءِ عوام جي دلين ۾  زنده رهندا.

## سماج سڌارڪ ڪردار

**مسڪين جهان خان ڪوسو :** ٿر سان تعلق رکندڙهن ڪردار پنهنجي سموري زندگي ماروئڙن جي ٻي لوث خدمت ڪندي گذاري. ٿر جيڪو هن وقت به باقي دنيا کان هزارين سال پٺتي پيل علائقو آهي، مسڪين جهان خان ڪوسي جي دور ۾ اجا نه وڌيڪ بدتر صورتحال هئي. ان وقت مسڪين پنهنجي ملازمت ڇڏيباقي پوري زندگي بنا ڪنهن متڀيد، ذات پات ۽ مذهب جي فرق کان سواءِ ٿر جي ماروئڙن جي حقن لاءِ آخري وقت تائين پاڻ پتوڙيندو رهيو. ٿر جا ماروئڙا پوءِ پلي انهن جو تعلق ڪٽي ڪنهن به ذات برادري،مذهب يا علائقي سان هجي مسڪين جهان خان کي اهي پنهنجو ئي سمجهندا هئا.

اڄ ٿر ۾ ڪافي سياسي سماجي ڌريون، سرڪاري ادارا ۽ اين جي اوز وغيره ڪم ڪري رهيا آهن جيڪي سڀ "عوام جي خدمت" جا دعويدار آهن پر اڄ تائين ڪير به مسڪين جهان خان ڪوسي جو خال پري نه سگهيو آهي. ٿر جا ماروئڙا  اڄ پڻ مسڪين کي عقيدت ۽ پيار وچان ياد ڪن ٿا ۽ اها ياد هميشه لاءِ قائم رهندي.

## منفرد جيسي ڪردار

**خورشيد قائمخاني** : 1947ع جي ورهاڱي دوران ٻنهي طرفن کانٻي گهر ٿيندڙ لکين انسانن مان خورشيد قائمخاني هڪ منفرد ڪردار آهي. خانداني لحاظ کان هن جو تعلق جنگجوءَ قبيلي سان آهي ۽ پيشي جي لحاظ کان به ابن ڏاڏن کان سالاري هن جي خاندان جي ميراث رهندي آئي آهي پر اهي قدر کيس پاڻ نه آيا. پنهنجي جواني واري دور ۾ اعليٰ حيثيت رکندڙ عهدي کي اصولن تان قربان ڪري باقي زندگي پوئتي پيل قبيلن ۽ هيٺئين طبقي ۾ گذاري رهيو آهي.

خورشيد قائمخاني اهو ڪردار آهي جنهن پوئتي پيل قبيلن ۽ ذاتين تي تحقيق ڪري انهن جي ادب کي دنيا ۾ روشناس ڪرايو. پٺڪندڙ نسلن سان هن جو وڏي عرصي کان رابطو رهيو، خورشيد قائمخاني انهن تي ڪيترائي ڪتاب لکيا جيڪي انٿروپالاجي جي دنيا جو املهه خزانو آهن.

مٿئين طبقي مان ڪي ماڻهو "عوام" جي حقن جون ڳالهيون ته ڪن ٿا ۽ عوامي حقن لاءِ جدوجهد پڻ ڪن ٿا پر خورشيد قائمخاني جيان پنهنجي طبقي جي عيش و عشرتن کي ٺڏي هيٺئين طبقي جي به سماجي طور ڌڪاريل ماڻهن ۾ باقي زندگي گذاريندڙ ڪردار اسان کي تاريخ ۾ ڪٿي به نه ٿا ملن.خورشيد قائمخاني هڪ اهڙو ديدآور آهي جنهن هزارين سالن کان پوءِ نرگس کي نور عطا ڪيو آهي.

مشرقي پاڪستان ۾ آپريشن دوران هو پنهنجي ئي ماڻهن مٿان ٿيل "محافظن" جي ڪلورن کي برداشت ڪري نه سگهيو ۽ پنهنجي اعليٰ منصب تان دستبردار ٿيو. اڄ پڻ هم وطنن تي ساڳيون ئي ڪارستانيون جاري آهن پر اڄ انهن جي صف ۾ ڪو به اهڙو خورشيد قائمخاني موجود نه آهي جيڪو ان سڀ ناحق کي "نه" چوڻ جي جرئت رکندو هجي. چو ته خورشيد قائمخاني جهڙا سچا ۽ کرا ڪردار هزارين سالن کان پوءِ ئي ته جنم وٺن ٿا.

## سنڌ جا ارڏا ڪردار

**پرو چانڊيو، رامجي ڪولهي ۽ محب شيدي** : سماج جي مقتدر ۽ بااثر قوتن جي ظلم و ستم کان تنگ ٿي سنڌ ۾ ڪيترن ئي مظلوم ڪردارن هار مڃڻ جي بدران انفرادي مزاحمت جو پرچم بلند ڪيو ۽ پنهنجي سورهيائي ۽ اصولن واري ويڙهاند جاري رکيائون. اهي سنڌ جي لوڪ داستانن جا ديو مالائي ڪردار بڻجي ويا. اڄ جي پوتارن ۽ سردارن جي هشيءَ ۽ سرپرستي هيٺ پلجندڙ ۽ غريبن کي آزاريندڙ ڌاڙيلن جي برعڪس پرو چانڊيو، رامجي ڪولهي ۽ محب شيدي وڏيرڪي سماج جي ظلمن کان تنگ ٿي انفرادي مزاحمت ڪندي ٻيلا وسايائون ۽ پنهنجي دشمنن کان حساب ورتائون. پنهنجي مزاحمتي دور ۾ انهن جي هاڪ سڄي سنڌ ۾ ڦهلجي وئي ۽ وڏيرن، پيرن، ميرن ۽ انهن جي پاڙيتي پوليس مٿان انهن جو سدائين خوف طاري هوندو هو.

سنڌ جي انهن ارڏن ڪردارن ڪڏهن به سنڌ جي صوفين، غريبن ۽ نياڻين جي عزت ۽ مال تي راتاها نه هنيا پر پنهنجي وت آهر کين تحفظ ۽ مدد پڻ ڏنائون. پرو چانڊيو، رامجي ڪولهي ۽ محب شيدي حقيقت ۾ رابن هڊ ۽ ڦولن ديوي جي روايتن جا امين هئا. اڄ پڻ انهن جا قصا سنڌ جي ماڻهن جي زبانن تي آهن ۽ اهي ديو مالائي ڪردار هميشه لاءِ سنڌي عوام جي دلين ۾ زنده رهندا.

# ٻئو نظام ۽ پيغامِ حيدر

ازل کان وٺي ظالم ۽ مظلوم جي درميان طبقاتي ڪشمڪش جاري رهندي آئي آهي پر وقت گذرڻ سان گڏ استحصال جا طريقا بہ بدلجندا رهيا ۽ امير ۽ غريب طبقن جي حقيقي جنگ پڻ مختلف پرتن ۾ ورهائجي وئي، معاشي طبقن سان گڏ مظلوم قومن تي پڻ ظلم جا پهاڙ ڪيرايا ويا ۽ ذات پات ۽ نسل پرستي جي تحت ان کي وڏيڪ پيچيده بڻايو ويو. مذهبن ۽ تهذيبن جي ٽڪراءَ کي پڻ حڪمرانن پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪيو.

سنڌ ۾ انهي موضوع تي وڏو بحث ٿي سگهي ٿو مگر صرف اڄوڪي حالتن جي تناظر ۾ ڏٺو وڃي تہ سنڌ اندر قومي ۽ طبقاتي تحريڪن ۾ صرف غريب مظلوم طبقي ئي نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي، سنڌ ۾ سورهيہ بادشاهہ کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ مٿئين طبقي جي فرد جو قومي ۽ طبقاتي جدوجهد ۾ ڪو نمايان ڪردار نظر نٿو اچي. سنڌ جي وڏيري ڪڏهن صاف ۽ چٽي طور قوم دشمن ۽ عوام دشمن ڪردار ادا ڪيو آهي تہ ڪڏهن وري پاپولرزم جي ڪوڙن نعرن جهڙوڪ انسان جي بنيادي سهوليتن غذا، لباس ۽ گهر مهيا ڪري ڏيڻ جا دلاسا ڏئي دوکا ڪيا. سنڌي وڏيري جي عقوبتن جي تمام ڊگهي تاريخ آهي جيڪي هن سنڌي ماروئڙن سان ڪيون آهن.ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سنڌ جي هارين ۽ مزدورن جي حقن لاءِ ان وقت جي اهم رياستي منصب کي لت هڻي هارين جي حقن لاءِ جيل ڪاٽيا، اهو هڪ عظيم مثال آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جي "عظيم" شخصيتن جي موجودگي جي باوجود صرف ڪيس ئي "باباءِ سنڌ" چيو ويندو آهي. سنڌ ۾ هونئن تہ ڪافي "عظيم" ليڊر آهن پر حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ سنڌ صرف پير، مير، وڏيرو يا خان ناهي پر سنڌ اصل ۾ سنڌ جو غريب ۽ پيڙهيل مزدور ۽ هاري آهي، ان طبقي جي حقن جي جدوجهد صوفي شهيد شاهہ عنايت کان پوءِ صرف حيدر بخش جتوئي ڪئي ان ڪري ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ئي " باباءِ سنڌ " جي لقب جو صحيح حقدار پڻ آهي. ڪامريڊ جون لکڻيون اڄ پڻ اسان لاءِ هڪ مشعل راهہ آهن.

اڄ منهنجي هٿن ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جو 12 مارچ 1967 ع تي لکيل سائيڪلواسٽائيل پمفليٽ آهي، جنهن جو عنوان آهي : **<u>"اي سنڌي وڏيرا ڪجھ انسان ٿي ! "</u>** پنجاهہ سال اڳ لکيل انهي پمفليٽ کي پڙهڻ کان پوءِ ايئن لڳي رهيو آهي تہ ڄڻ اهو پمفليٽ اڄ جي حالتن تي لکيو ويو آهي. اهو پمفليٽ هڪ پيغام آهي پر سوال اهو آهي تہ ڇا اسان پنجاهہ سال اڳ ڏيڪاريل ڪامريڊ حيدر بخش جي واٽ يا " پيغام حيدر " مان سبق حاصل ڪيو آهي؟؟؟ ان پمفليٽ ۾ هڪ طويل نظم آهي جنهن جون پهريون سٽون هي آهن :

**وڏيرا چون ٿا تہ وڏا خان آهيون،**

**تمندار سردار ۽ سلطان آهيون،**

**ضعيفن لاءِ قهر يزدان آهيون،**

**باقي ڏاڍن جا نوڪر ۽ دربان آهيون.**

**حريت جي جذبي کان بي جان آهيون**

**اڃا پڻ چون ٿا انسان آهيون.**

وطن تي تڪليفن جو وڏيرن کي ذميوار قرار ڏيندي ڪامريڊ حيدر بخش لکي ٿو ته :

**وڏيرا وطن پنهنجو هارائي وينا،**

**مئي سنڌ پنهنجي کي مارائي وينا،**

**حقن پنهجن کي کهارائي وينا،**

**ٻچن مائرن کي رئارائي وينا،**

**تڏهن به دعويٰ آهي "پهلوان آهيون"**

**اڃا به چون ٿا انسان آهيون.**

وڏيرن جي ڪردار بابت ڪامريڊ باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جيڪا اڌ صدي اڳ ڳالهه ڪئي هئي اها اڄ پڻ صحيح آهي ايترو وقت گذرڻ جي باوجود وڏيرن جو ڪردار ذري برابر به بدليو نه آهي مگر هاڻ اهو ويتر وڌيڪ خونخوار ۽ جارحاڻو ٿي چڪو آهي. وڏيرن جي همت ۽ سنڌ دوستي بابت ڪامريڊ جون اهي سٽون ئي ڪافي آهن :

**وڏيرن مان غائب ٿي غيرتِ شجاعت،**

**وطن جي بچائڻ لاءِ ڪاٿي آ همت،**

**برپا جي ڪيائون راشي حڪومت،**

**فنا جي ڪيائون عزتِ عدالت،**

**چون ٿا ته محافظ نگهبان آهيون**

**اڃا پڻ چون ٿا انسان آهيون.**

وڏيرن هميشه طبقاتي جدوجهد کي قومي جدوجهد جي راهه ۾ رڪاوٽ سمجهيو ۽ قومي جدوجهد ۾ وري غدارن جو ڪردار ادا ڪيو. وڏيرن جو غريبن سان هميشه استحصالي رشتو رهيو آهي. جنهن جو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي هيئن اظهار ڪيو آهي:

**وڏيرا مزورن جي محنت لٽن ٿا،**

**وڏيرا غريبن جي عصمت لٽن ٿا،**

**هو آزاد طبعن جي عظمت لٽن ٿا،**

**جو آ قوم ۾ شان ۽ شوڪت لٽن ٿا،**

**لٽيرا نه سوچن ٿا ته نادان آهيون**

**اڃا پڻ چون ٿا ته انسان آهيون.**

ظلم ۽ بربريت وڏيرن جي پيشي ۾ شامل آهي، سرمائيدارن وانگر هو صرف "محنت" ۽ "محنت جي صلاحيت" جو استحصال ڪرڻ تي بس نٿا ڪن پر بدبودار جاگيرداراڻي نظام جي باقيات هئڻ ناتي هو مظلوم عوام جي بنيادي حقن جهڙوڪ آزادي سان جيئڻ جو حق به

ڪسيو ڇڏين ٿا. اهي سماج لاءِ هڪ ناقبل برداشت ناسور بڻجي چڪا آهن. ڪامريڊ، وڏيرن جي انهي غير انساني نظام ڪي هينئن وائڪو ڪيو آهي :

**آ پيشي انهن جي ۾ پاٽاريداري،**

**هي ڏاڙا هي ڦريون لٽيون ماراماري،**

**برپا ڪن ٿا ماتم اندوه ڪاري،**

**غريبن ۾ جاري آ بس آه و زاري،**

**نہ ٿا شرم ڪن تہ ڪيڏو نقصان آهيون،**

**اجا پڻ چون ٿا تہ انسان آهيون.**

باباءِ سنڌ وڏيرن ڪان قومي قيادت ڇڏائڻ جي ڳالهہ ڪئي هئي.

**ڇڏايو وڏيرن ڪان قومي قيادت،**

**انهن جي قيادت ڪان آئي ذلالت،**

**ذلالت عملدارشاهي جي لعنت،**

**جفا جور ۽ ظلم جي قيادت،**

**چون ٿا تہ مومن مسلمان آهيون**

**اجا پڻ چون ٿا تہ انسان آهيون.**

ون يونٽ دوران جن وڏيرن ان جي حمايت ڪئي ۽ سنڌ جي وحدت تي وار ڪندڙ ڏرين جا ساٿاري ٿي بيٺا ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي پنج ڏهاڪا اڳ انهن جا نالا ڪڍي واضع نشاندهي ڪئي هئي پر اسان ۾ اڄ بہ تقدس جو ڪوڙو غلاف هٽائي سچ کي نروار ڪرڻ جي سگهہ نہ آهي. حيريت جي ڳالهہ اها آهي تہ سنڌ جي ممبئي ڪان آزادي جي مطالبي جي ان وقت مسلم ليگ ۽ جناح بہ حمايت ڪئي هئي، جناح جي جڳ مشهور چوڏهن نڪتن مان هڪ نڪتو سنڌ جي ممبئي ڪان علحدگي بابت پڻ هو پر سنڌ جي هڪ "مقدس" شخصيت سنڌ جي ممبئي پريزيڊنسي جي ماتحت هئڻ جي حق ۾ ووٽ ڪيو جيڪو رڪارڊ ۾ محفوظ آهي. سنڌ جي ڪنهن بہ تاريخدان جديد سنڌ جي تاريخ ۾ ان معاملي کي ناهي ڇيڙيو. ڇا اسان تاريخ جي رڪارڊ ڪان انڪار ڪري سگهون ٿا يا ڇا ماضي کي بدلائي سگهجي ٿو، هڪ يورپي مفڪر تہ ان حد تائين چيو هو تہ " ڪالهہ کي ڪا مافوق الفطرت قوت پڻ تبديل نٿي ڪري سگهي". ڇا سنڌ ڪان وڌيڪ شخصيتون مقدس آهن ؟؟؟

باباءِ سنڌ پنهنجي انهي ئي طويل نظم ۾ لکي ٿو تہ :

**هي کهڙا، هي پٺا، هي ميمڻ، هي قاضي،**

**سنڌ وڪڻي وزارت ۾ ٿيا راضي،**

**ڪيو ختم انهن کي تہ ٿين قصہِ ماضي،**

**ڪيو سنڌ کي پاڪ آزاد اراضي،**

**ڪڏهن ڪين چوندا تہ پشيمان آهيون،**

**اجا پڻ چون ٿا تہ انسان آهيون.**

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي پنهنجي پيغام ۾ نہ صرف وڏيرن جي عوام دشمن ڪردار کي وائکو ڪري ٿو پر گڏوگڏ هارين ۽ مزدورن کي هڪ حوصلو پڻ بخشي ٿو ۽ هارين کي ان_داتا، حر ۽ مردِ ميدان سڏيندي مهاڏو اٽڪائڻ جو ڏس ڏي ٿو.

**جياريو اي هاري ! وڏيرن جا ماري،**

**مٺي سنڌ پياري سڳوري سونهاري،**

**ٻڏن شرم ۾ پل وڏيرا ڏوهاري،**

**ڪيو قوم پنهنجي تي احسان ڀاري،**

**“اسين هاري حر مردِ ميدان آهيون”**

**اسين ان_داتا مهربان آهيون”**

مقامي اتحادين ۽ عالمي آقائن جي فرمائش تي اڄ جي سنڌي وڏيري جهڙي ريت سنڌ جا ڀاڱا ڪري ڇڏيا آهن، ان جا ويجهي مستقبل ۾ ئي هاڃيڪار اثر ٿيڻا آهن ، توڙي جو سنڌ سموري سراپا احتجاج آهي ، سنڌ ۾ رهندڙ هر سنڌي پوءِ چاهي هو ڪنهن بہ مڪتبہ فڪر سان تعلق رکندو هجي اهو ان “انتظامي جوڙجڪ” جي نالي سان ٿيندڙ سنڌ جي تاريخي ورهاڱي خلاف سراپا احتجاج آهي پر وڏيرن کي ان جي ڪا بہ پرواهہ نہ آهي، اهي انهي ورهاڱي کي وڏي ڪاميابي قرار ڏئي رهيا آهن ۽ ورهاڱي جي مخالفت ڪندڙن کي انتهائي ڪريل لقبن سان مخاطب ٿي رهيا آهن . تاريخ پنهنجو فيصلو محفوظ رکندي پر اسان کي تاريخ جو المياتي باب بنجڻ کان اڳ ۾ پيغام حيدر جي پيروي ڪندي وڏيرڪي طبقي جو ڳڻ سنڌ جي زخمي ڳچي مان ڪڍي اڇلائڻ گهرجي، جو تہ هاڻ ثابت ٿي چڪو آهي تہ صرف غريب هاري ۽ مزدور ئي حقيقي سنڌ آهي.

**جگر جا ٽڪر سمجهو اشعار حيدر،**

**هي آ جذبہ هاري حقدار حيدر،**

**هي فريادِ سنڌ آ گفتار حيدر،**

**هي آ انقلابي اوزار حيدر،**

**پٽيو ظلم جي پاڙ احسان ڪريو !**

**فرشتن کي سجدي جو فرمان ڪريو !**

***

پيمر رائو امبيبڊڪر جي جنم ڏينهن جي مناسبت سان

# انسانيت جو عظيم مسيحا: امبيبڊڪر

نندو کنڊ جيڪو موهن جي دڙي جي عظيم سپيتا جو مالڪ آهي ان جي تهذيب جتي عظيم روايتن، قدرن ۽ اخلاقيات جي امين رهي آهي تہ گڏوگڏ عظيم المين، درد، سانحن ۽ غير انساني قوتن سان برسرپيڪار بہ رهي آهي.

رواداري، برابري، سهپ، امن جي سجاڳپ بہ نندو کنڊ آهي تہ ذات پات، نسل جي اوچ نيچ، اڻ برابري، عدم سهپ ۽ بدامني جو گهوارو پڻ اهو ئي بد نصيب نندو کنڊ آهي.

موهن جي دڙي جي عظيم تهذيب ۽ گوتم ٻڌ جي جنم ڀومي، جتي هن خطي کي اعليٰ ۽ لازوال سجاڳپ عطا ڪئي اتي ذات پات / اوچ نيچ ۽ اڇوتپڻي جهڙي غير انساني قدرن جي بہ سجاڳپ هن خطي سان منسوب آهي.

هن نندي کنڊ کي وقتن بہ وقتن غير ملڪي قوتن پنهنجي جبر و ظلم جو نشانو بڻايو. هزارين سالن کان جاري رهندڙ آريائي نسلي تسلط هن نندي کنڊ جي مقدر تي ڪاري ضرب مثل آهي جيڪو اڄ بہ "سيڪيولرزم" "لبرل ازم ۽ جمهوريت" جي چئمپيئن قوتن جي ڪيترن ئي حجابن ۽ نقابن ۾ ويڙهيل ڏائڻ جي هڪ وانگر پوائتي حقيقت آهي.

سڄي دنيا جي تاريخ پڻ سواليہ ۽ متنازع آهي مگر پوءِ بہ سيني طبقن ۽ برادرين لاءِ گڏيل سجاڳپ جو سبب آهي مگر هتي اصل تاريخ لکڻ جي روايت اڄا تائين پئجي نہ سگهي آهي.

اڇوتپڻي جي حقيقت بيشڪ سموري انساني تاريخ تي هڪ بدنما داغ وانگر آهي ۽ مقتدر قوتن پاران پيڙهيل طبقن تي ڪيل جبر جي اها انتهائي ۽ ڀيانڪ شڪل آهي. جديد دور جي برصغير ۾ ڊاڪٽر ڀيمر رائو امبيبڊڪر، گوتم ٻڌ کان پوءِ اها هستي آهي جنهن صدين کان جاري هن غير انساني نظام کي ڀرپور قوت، تدبر، ذهانت ۽ حڪمت عملي سان چئلينج ڪيو.

اڄوڪو ڏينهن ان عظيم هستي جو جنم ڏينهن آهي جنهن کي نندي کنڊ جا پيڙهيل ماڻهو عقيدت وچان بابا صاحب امبيبڊڪر چون ٿا. ڊاڪٽر بابا صاحب امبيبڊڪر جو جنم 14 اپريل 1891ع ۾ مهاراشٽر (هاڻوڪي مڌيہ پرديش رياست) ۾ ٿيو. ان دور ۾ اڇوتن تي ٻٽي ظلم جا ڪڪر ڇانئيل هئا. هڪ طرف صدين کان جاري اوچ نيچ جو ڪراهتي سماجي نظام هو ۽ ٻئي طرف برطانوي سامراج جو ٻينڪيتي تسلط هو. ڊاڪٽر بابا صاحب امبيبڊڪر "اڇوت" سمجهيو ويندڙ "مهار" قبيلي جي گهر جنم ورتو. الميا، ڏکن ۽ حادثا ان عظيم هستي جي جنم کان ئي گڏ رهيا. ننڍپڻ ۾ ئي "دادي مان ڀيما ٻائي" جي وفات سان هو ماءُ جي ٻاجهاري شفقت کان محروم ٿي ويو. اسڪول ۾ پڙهائي دوران هن کي ڪلاس جي هڪ ڪنڊ ۾ پٽ تي ويهڻو پوندو هو ۽ سماج ۾ هر جاءِ تي سندس ذات /

جاتي هن جي تذليل جو سبب بڻجندي هئي. انهن حالتن ان ذهين ۽ زنده ضمير انسان کي جهنجوڙي رکيو ۽ ان کانپوءِ هن صدين کان جاري مقدس فرض بڻيل اهڙي نظام جي خلاف بغاوت جو پرچم بلند ڪيو جيڪو برصغير ۾ سچ جي ڪرٽي وانگر مظلوم ماڻهن جي لاءِ مشعل راهه بڻجي ويو.

ڊاڪٽر امبيڊڪر ان دور جي قيادت ۾ سڀني کان وڌيڪ پڙهيل لکيل اڳواڻ هو، پاڻ Ph.D ۽ پوسٽ ڊاڪٽريٽ سميت قانون، سائنس ۽ اقتصاديات جو اعليٰ ڊگريون آمريڪا ۽ برطانيه جي جڳ مشهور يونيورسٽين مان حاصل ڪيائين ڀارت جي آئين ناهڻ ۾ ڊاڪٽر امبيڊڪر جو تمام وڏو ڪردار هو، اهو ئي سبب هو جو اڄ ڪيس انديا جو "سويڌان نرماتا" يعني آئين جو خالق سڏيو وڃي ٿو.

الميو اهو هو ته هن سان ايڏي ذهانت، قابليت ۽ تعليم جي باوجود بڙودا رياست ۾ ملازمت دوران هتڪ آميز رويو اختيار ڪيو ويندو هو. آفيس جو پٽيوالو ڪيس فائيل هٿ ۾ ڏيڻ بجاءِ اڇلائي ڏيندو هو، جو ته ڪيس ڇهڻ جي صورت ۾ هو ناپاڪ ٿي سگهيو پئي. ۽ پنهنجي برتن ۾ پاڻي به نه پياريندو هو انهي حالتن جي ڪري امبيڊڪر اها ملازمت ڇڏي ڏني ۽ پنهنجي باقي زندگي اڇوت طبقي جي ڀلائي ۽ حقن لاءِ ارپي ڇڏي 1942ع ۾ ڊاڪٽر صاحب آل انڊيا شيڊيول ڪاسٽ فيڊريشن جو قيام عمل ۾ آندو جنهن جو مقصد سڀني دلتن کي هڪ سياسي پارٽي ۾ منظم ڪرڻو هو. عالمي جنگ کانپوءِ ڊاڪٽر امبيڊڪر آئيني اسيمبلي لاءِ چونڊيو ويو.

ڊاڪٽر امبيڊڪر پنهنجي دور ۾ دلت تحريڪ جو جيڪو بنياد وڌو اهو ننڍي کنڊ جي تاريخ جو هڪ روشن باب آهي. چودر تالاب جي تحريڪ، ستيه گرهه، گول ميز ڪانفرنس ۾ دلتن جي حقن جو پڙاڏو ۽ لکين ماڻهن جو امبيڊڪر جي اڳواڻي ۾ ٻڌ مذهب قبول ڪرڻ ننڍي کنڊ جي تاريخ جا اهم واقعا آهن. ڊاڪٽر ڀيم رائو امبيڊڪر گول ميز ڪانفرنس ۾ واضح ڪيو ته "اڇوت" هندو نه آهي ۽ "اڇوتن" کي هندن کان الڳ حق ۽ حصو ملڻ کپي، برطانوي سامراج کي نيٺ اهو مطالبو مڃڻو پيو مگر صدين کان جاري انسانيت جي اوچ نيچ ۾ يقين رکندڙ مقدر قوتن لاءِ "اڇوتن" کي برابري ڏيڻ واري جدوجهد برداشت کان ٻاهر هئي. گانڌي اڇوتن جي الڳ حصي جي وڌ کان وڌ مخالفت ڪئي ۽ مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال جو ڊرامو ڪيائين (گانڌي جي اها بک هڙتال اڇوتن طبقي جي حقن ۽ سجاڳپ جي خلاف هئي مگر تاريخي ستم ظريفي اها آهي جو اڇوتن جي جائز حقن جي خلاف ڪيل ان ڊرامي کي گانڌي جو عظيم ڪارنامو سڏيو وڃي ٿو)

پهرين ۽ ٻي گول ميز ڪانفرنس ۾ ڊاڪٽر امبيڊڪر جي اڻٿڪ ڪوشش جي ڪري ۽ ڪانگريس ۽ گانڌي جي مخالفت باوجود اڇوتن کي هندن کان الڳ سجاڳپ ملي جنهن جي نتيجي ۾ آئينده اڇوتن کي مسلمانن وانگر اليڪشن ۾ علحده سيٽون ملڻ واريون هيون. ڪانگريس کي اهو خوف هو ته جيڪڏهن ايئن ٿيو ته "اڇوت" سياسي طور آزاد ٿي ويندا ۽ "اوچ جاتين" جي حڪمراني ختم ٿي ويندي.

گانڌي اڇوتن جي انهي حق جي خلاف پنهنجي سياسي زندگي جو انتهائي قدم کڻندي مرڻ گهڙي تائين روزو رکيو مگر ڊاڪٽر امبيڊڪر اڇوتن کي مليل انهي آئيني حق کان دستبردار ٿيڻ کان انڪار ڪندي چيو ته "افسوس جهڙي ڳالهه آهي جو گانڌي اڇوتن جي خلاف جان جي بازي لڳائي ويٺو آهي. بهتر ائين ٿئي ها ته گانڌي اهو قدم ڪنهن چڱي مقصد لاءِ کڻي ها. علحيده ووٽ جو حق صرف اڇوتن کي به پر ان کان اڳ مسلمانن، عيسائين، مزدورن، آبادگارن ۽ تاجر طبقن کي به پڻ مليل آهي. ان ڪري اڇوتن

جي الڳ ووٽ جي حق جي مخالفت نہ ڪرڻ گهرجي" مگر ڪانگريس جو ان وقت سڄو زور اڇوتن جي انهي حق کي ختم ڪرڻ تي هو. سڄي ڀارت مان "گانڌي" جي جان بچائڻ جي ذميواري ڊاڪٽر امبيڊڪر تي وڌي وئي مگر ڊاڪٽر صاحب واضع موقف رکيو تہ منهنجي لاءِ اڇوتن جي حقن کان وڌيڪ گانڌي جي زندگي جي اهميت نہ آهي ۽ مون کي گانڌي جي شخصيت کان وڌيڪ ڪروڙين اڇوتن جو مفاد عزيز آهي. اهو دلت تحريڪ جي تاريخ جو هڪ اهم ۽ نازڪ موڙ هو هندو حلقن پاران ڊاڪٽر امبيڊڪر کي ولين طور پيش ڪيو ويو ۽ گانڌي جي "ورت سبب" ممڪنہ موت جي صورت ۾ ڀارت ۾ رهندڙ بي يارومددگار دلتن کي بدترين فسادن جو پڻ خطرو هو. انهن سيني حالتن کي نظر ۾ رکندي ڊاڪٽر صاحب گانڌي سان پونا پيڪٽ "پونا معاهدو" ڪيو انهي معاهدي مطابق اڇوتن کي مليل الڳ سيٽن کان دستبردار ٿيڻ جي صورت ۾ ڪانگريس طرفان ڪجهہ سيٽون دلتن کي ڏيڻ جو معاهدو ڪيو ويو جنهن تان جلد ئي ڪانگريس ڦري وئي. هي اهو دور هو جنهن ۾ مسلم ليگ جي قيادت طرفان مسلمانن لاءِ الڳ وطن پاڪستان جي تحريڪ زور و شور سان جاري هئي ۽ اندروني طرح ڪانگريس طرفان پاڪستان جي تحريڪ جي حمايت جو هڪ تمام وڏو سبب اهو پڻ هو تہ جيڪڏهن هڪ وڏي اقليت کان جان نہ ڇڏائي وئي تہ مستقبل ۾ اڇوت ۽ مسلمان گڏجي "اوچ جاتين" جي هميشہ لاءِ هلندڙ حڪمراني جو تختو اونڌو ڪري ننڍي کنڊ ۾ عوامي انقلاب برپا ڪري سگهن ٿا.

برصغير جي برطانوي سامراج کان آزادي کان پوءِ ڊاڪٽر امبيڊڪر صاحب کي ڀارت جو آئين ناهڻ جي ذميواري ڏني وئي جيڪا هن احسن طريقي سان نڀائي ۽ آبادي جي لحاظ کان دنيا جي وڏي ۾ وڏي ملڪ کي مساوات، برابري ۽ انصاف تي ٻڌل آئين ڏنو.

"آزادي" کان پوءِ انڊيا جي نئين حاڪم طبقن / اوچ جاتين طرفان دلت طبقي جي حقن کي غصب ڪرڻ جو سلسلو شروع ٿيو ۽ دلت طبقي لاءِ آزادي ڪا معنيٰ نہ پئي رکي ان صورتحال ۾ ڊاڪٽر امبيڊڪر هندو مذهب کي ڇڏڻ جو اعلان ڪيو.

ڊاڪٽر امبيڊڪر چيو تہ "مذهب انسان لاءِ هوندو آهي ۽ انسان مذهب لاءِ ناهي هوندو، جيڪو مذهب اوچ نيچ تي يقين رکي ۽ اڻ برابري مذهبي مقدس فرض هجي، ان کي مذهب هرگز نٿو چئي سگهجي. منهنجي بدقسمتي هئي جو آئون هندو مذهب ۾ پيدا ٿيس مگر هندو ٿي مرڻ نٿو چاهيان" ايئن 11 آڪٽوبر 1956 جو پنهنجي لکين ساٿين سان گڏ ڊاڪٽر ڀيم رائو امبيڊڪر ناگپور ۾ ٻڌ مذهب قبول ڪيو.

ڊاڪٽر ڀيم رائو امبيڊڪر جي زندگي لازوال قربانين، همت، حوصلي ۽ انساني برابري جي عظيم ترين مقصد جو آئينو آهي. ڊاڪٽر صاحب جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو برصغير جي تاريخ کي نئين سر حقيقي انداز ۾ مرتب ڪرڻ آهي. ڊاڪٽر ڀيم رائو امبيڊڪر جون لکڻيون ۽ ڪتاب اڄ بہ حقيقي تاريخدانن لاءِ مشعل راهہ آهن، ڊاڪٽر صاحب برصغير تي جاري جبر و ستم کي نظام کي للڪاريو ۽ گڏوگڏ هڪ نئين راهہ جي نشاندهي پڻ ڪري ويو.

اڄ تقريبن 60 سال گذرڻ کان پوءِ بہ ڊاڪٽر امبيڊڪر جو نظريو اڳ کان بہ وڌيڪ طاقتور ۽ مظلوم طبقن لاءِ اتساهہ جو سبب بڻيل آهي. جڏهن تہ ان دور جي "مهاتمائن" جون تحريڪون پنهنجي موت مري ويون آهن.

انڊيا ۾ جتي دلت، امبيڊڪر سان بيحد عقيدت، محبت ۽ احترام رکن ٿا اتي مذهبي اقليتون پوئتي پيل جاتيون OBC وغيره پڻ ڊاڪٽر امبيڊڪر جي نظريي ۾ پنهنجي حقيقي نجات سمجهن ٿيون.

اجوڪي ڏينهن تي انڊيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڊاڪٽر امبيڊڪر جا چاهيندڙ ڌام ڌوم ۽ جذبي سان پنهنجي عظيم قائد جي جنم ڏينهن تي ڪيس خراج پيش ڪندي ان جي عظيم مقصد جي تڪميل لاءِ عهد ڪندا. ڊاڪٽر باب صاحب امبيڊڪر جا ان وقت جا مخالف تاريخ جي وهڪرن جي نذر ٿي چڪا آهن ۽ وقت ۽ حالتن ڊاڪٽر صاحب جي نظرين کي درست ثابت ڪيو آهي بر صغير جي تاريخ ۾ ڊاڪٽر صاحب ڀيم رائو امبيڊڪر، گوتم ٻڌ کان پوءِ اها قدآور شخصيت آهي جنهن جي اثر کان برصغير آجو نه آهي ڪنهن شاعر ڊاڪٽر کي خراج پيش ڪندي لکيو آهي ته:

زمانہ اب بھي نھين فارغ جس کي سوز سي

مين جانتا ھون وه آتش تيري وجود مين ھي

ڊاڪٽر بابا صاحب ڀيم رائو امبيڊڪر جا نظريا برصغير ۾ اڄ به مظلوم ۽ پيڙهيل ماڻهن لاءِ راهه نجات آهن. اڇوت پڻو اڄ به جديد شڪل ۾ جاري آهي مگر اڄ اڇوتن وٽ ڊاڪٽر ڀيم رائو امبيڊڪر جي نظري جي شڪل ۾ رستو آهي جيڪو شايد ننڍي ڪنڊ جي تقدير بدلائڻ ۾ اهم ذريعو بڻجي سگهي ٿو. انڊيا جي سياست ۾ ڊاڪٽر امبيڊڪر اڻ مٽ اثر ڇڏيا آهن. ڪيس دلتن (اڇوت اڄڪلهه پنهنجي شناختن لاءِ مزاحمتي اصطلاح دلت استعمال ڪن ٿا ۽ گانڌي طرفان ڏنل هريجن جي لقب کي رد ڪيو ويو آهي) جو مسيحا سڏيو وڃي ٿو.

ڊاڪٽر ڀيم رائو امبيڊڪر دلتن لاءِ جيڪو پيغام ڏنو آهي ان کي ٽِن لفظن (تعليم، تحريڪ، تنظيم) يعني Educate, Agitate, Organize ۾ سموئي سگهجي ٿو.

بقول ڊاڪٽر امبيڊڪر جي اسان جي جدوجهد اقتدار، جاگير يا طاقت جي حصول لاءِ نه پر انساني تشخص جي بحالي لاءِ آهي.

اجوڪي ڏينهن تي برصغير جي ڪروڙين دلتن سان گڏ سنڌ پرڳڻي جا دلت پڻ پنهنجي عظيم رهنما کي زبردست خراج پيش ڪن ٿا ۽ اها اميد ڪن ٿا ته اڻ برابري، نا انصافي، اوچ نيچ ۽ ظلم ننڍي ڪنڊ جو مقدر نه آهي ۽ هڪ ڏينهن بابا صاحب امبيڊڪر جا خواب ضرور ساڀيان ماڻيندا ۽ ننڍو ڪنڊ هزارين سالن جي ڪربناڪ دور مان گذرڻ کانپوءِ هڪ ڀيرو ٻيهر دنيا جي لاءِ هڪ عظيم تهذيب ۽ اعليٰ قدرن تي ٻڌل سماج جو نمونو پيش ڪندو.

اي ديش کي ور دهاتا، ڪوٽي ڪوٽي پرنام تجهي

لوگ تجهي کهين دلت مسيحا، مين مانون ڀگوان تجهي

# دلت لاش جو سفر

بدين ضلعي ۾ پيل برادري جي هڪ نوجوان جو لاش قبر مان کڍي ٻاهر اڇلايو ويو ۽ صاحبِ ايمان ماڻهن انسانيت جي منهن تي ڪارنهن جهڙي انهي ڪرتوت کي ”ايماني جوش ۽ جذبي“ سان سرانجام ڏنو. سنڌ ايڪسپريس جي صفحن تي اها تصوير ۽ رپورٽ تفصيل سان شايع ٿي ، ان تصوير کي موجوده ”سيڪيولر ۽ صوفي “ سنڌ جو عڪس چئي سگهجي ٿو ۽ ”ڊيٿ سرٽيفڪيٽ“ پڻ.

سنڌ جا اهي آديواسي لوڪ صدين کان وٺي نہ صرف خانہ بدوش آهن پر اهي ”گور بدوش“ پڻ آهن. هي سنڌ هاڻ انهن دراوڙ دلتن جي ناهي رهي جن جا لاش ڌرتي اوڳاڇي رهي آهي. سنڌ جي ڌرتي جتي ٻاهران آيل ڌارين جي سرسبز ۽ شاداب زمينن تي مالڪي ۽ حڪمراني آهي ۽ موت کان پوءِ پڻ انهن جي مڙدن مٿان ڪئي مقبرا ۽ گنبذ ٺاهيل آهن ۽ روحاني طور اهي حڪمراني ڪندا رهن ٿا. جڏهن تہ هن ڌرتي جا اهي آديواسي پنهنجي پوري زندگي وک وک تي تذليل سهندي جڏهن موت سان ملاقاتي ٿين ٿا تڏهن پڻ کين ڪجهہ گز زمين نصيب نٿي ٿئي.

اهو واقعو ڪنهن پاڳل يا جنوني جي انفرادي حرڪت نہ هئي پر اهو پوري سماج جي دلتن سان روا ٿيندڙ رويي جي عڪاسي ڪري ٿو. اها هڪ تلخ حقيقت آهي تہ دراوڙ نسل جي دلتن جي زندگي سماج جي تذليل ۽ ڌڪار جا تير سهندي جڏهن موت جي منهن ۾ وڃي ٿي تڏهن بہ کيس ”ابدي سڪون“ سان سمهڻ نٿو ڏنو وڃي.

اها ڇوٽي بہ نسورو بڪواس آهي تہ ”پنهنجو ماري ڇانءُ ۾ اڇلائيندو آهي“ ڇا اهي نندي ڪنڌ جا آديواسي لوڪ پنهنجا ناهن؟ جن جي ثقافت تي دجلہ ۽ فرات جي وادين کان آيل ، وچ ايشيا ۽ ترڪي جي ڪرد نسل جا چشم و چراغ فخر ڪندي نٿا ڍاپجن. ڌارين جي استحصال جون دانهون ڪندڙ هي ”مظلوم سنڌي“ خود پنهنجي ڌرتي جي آديواسين کي قبر ۾ برداشت ڪرڻ لاءِ بہ تيار ناهن.

سڄي عمر خانہ بدوشي جو عذاب سهندڙ انهن ماڻهن جو هر لمحو بہ موت جهڙو ڪربناڪ هوندو آهي پر جڏهن اهي جسماني طور مرندا آهن تہ بہ وحشي سماج جي همدردي بدران ان جي ڏمر جو شڪار ٿيڻو پوندو آهي. ڪولهين، ڀيلن، ميگهواڙن ، جوڳين ۽ ٻين دلت ذاتين جي اڪثريت هميشہ دربدري جي عالم ۾ ڀٽڪندي رهي ٿي ۽ جڏهن انهن مان ڪا فوتگي ٿئي ٿي تہ پوءِ وڏو مسئلو بڻجي وڃي ٿو.

جوڳين سان اهو مسئلو اڪثر ڪري پيش ايندو آهي، جڏهن رولاڪين دوران جوڳين ۾ ڪو گهر ڀاتي مري ويندو آهي تہ اهي شهرن ۽ ڳوٺن کان فاصلي تي قائم ڪيل پنهنجي عارضي ديري ۾ فوت ٿيل جي مڙدي مٿان رليءَ ڍڪي ڇڏيندا آهن ۽ وڏو الميو اهو پڻ آهي تہ عورتون روايتي طور تي روئڻ پٽڻ، پار ڪڍڻ ۽ ماتم ڪرڻ جي بدران خاموشي سان پنهنجا لڙڪ پيئنديون آهن. معصوم ٻارڙا پڻ افسردگي ۽ دهشت جي عالم ۾ خاموشي اختيار ڪندا آهن. ڪو ٻارڙو اندر مان سسڪين ۽ سڏڪن پرڻ دوران پاڻ تي ضابطو نہ رکندي وڏي آواز ۾ روئي ڏيندو آهي تہ تہ پوءِ ان جا مائٽ ان کي سيني سان لائي دانهن کي دٻائڻ

جي ڪوشش ڪندا آهن ان وقت ايئن لڳندو آهي تہ هي ڪو انسانن جو سماج ناهي پر هتي مروئن، بگھڙن ۽ خونخوار درندن جو راڄ آهي. گھر جا مرد رات ٿيڻ جو انتظار ڪندا آهن ۽ آڌيءَ رات جو ماٺ ميٺ ۾ جهڳيءَ ۾ ويهي قبر کوٽڻ لڳندا آهن ۽ پوءِ لاش کي قبر ۾ لاٿو ويندو آهي. اداس آهن ۽ خاموش سڏڪن جي سوڳوار ماحول ۾ قبر تي مٽي واري ۽ مٿاڇري تي اپريل مٽي (جنهن کي اهي اڏاري مٽي چوندا آهن) کي پنهنجي پلاند ۾ ويڙهي ڏڪندڙ هٿن سان قبر کي هموار ڪندا آهن تہ جيئن اتي ڪنهن کي قبر جو گمان نہ ٿئي پوءِ هو پنهنجو سامان هڙ ۾ ٻڌندا آهن ۽ قبر تي الوداعي هٿ رکي "ادي ، ياءُ، امان ، بابا، پٽ يا ڌيءَ هاڻ دعاڳو رهجين !!!" چئي اهي اتان موڪلائيندا آهن ۽ آڌي رات جو اها جوءِ ڇڏي ٻيا هنڌ ڳوليندا آهن. آڌي ويلي نڪتل ان خانہ بدوش قافلي سان گڏ انهن جا پالتو گڏھ ۽ ڪتا ان سموري روئداد جا شاهد هوندا آهن ۽ اهي گگدام جانور پڪ سان پاڻ جو انسان نہ هئڻ تي فخر ۽ شڪرانا ڪندا هوندا. انهن جو اهو فخر واجب پڻ آهي.

جانورن کان بہ بدتر زندگي گذاريندڙ دلتن جي لاءِ اها دنيا زنده ۽ مڙده لاشن جي ڪٺن سفر کان سواءِ ٻي ڪا بہ معنيٰ نٿي رکي.

دلتن جي مسئلي جي ذميوار نہ صرف رياست آهي پر پورو سماج ، ذات پات، نسل پرستي ۽ انتها پسندي جي انسان دشمن قدرن سميت سڀ دلت پڻ ان جا ذميوار آهن جيڪي پنهنجي ذلت جو احساس ڪرڻ کان سواءِ انهن انسان دشمن روين ۽ جبر کي بغير ڪنهن شڪايت جي برداشت ڪرڻ جهڙي ڏوهہ جا مرتڪب ٿي رهيا آهن.

دلتن کي پنهنجي انساني حقن ۽ سماجي برابري جهڙن بنيادي حقن لاءِ متحد ٿيڻو پوندو. ننڍي ڪنڊ ۾ صدين کان پيڙهيل دلتن جتي بہ حق حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن اتي انهن تحريڪن ۾ انهن جو پنهنجو ڪردار ئي مقصد ماڻڻ لاءِ مکيہ ذريعو رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪو "مهاتما" يا ٻيو ڪير بہ انهن جي تقدير بدلائڻ لاءِ نہ ايندو ۽ نہ وري ڪڏهن ماضي ۾ آيو آهي.

اين جي اوز، نام نهاد سول سوسائٽي، انساني حقن جون ڪاغذي ڪميشنون ، رياست جا انصاف مهيا ڪندڙ ادارا شايد دلتن کان بہ وڌيڪ مظلوم آهن. "مها انقلابي، عوامي، قومپرست " ڌرين پڻ دلتن لاءِ زباني جمع خرچ کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ ناهي ڪيو.

مهاراشٽر جي مزاحمتي دلت شاعر "نام ديو ڏاسيل " جو اهو نظم ئي دلتن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي صدا ڏئي ٿو تہ :

هن دنيا جي سوشلزم

هن دنيا جي ڪميونزم

۽ ان جو سموريون ڳالهيون

اسان انهن کي آزمائي ڇڏيو آهي

۽

اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون تہ

صرف اسان جو پاڇو ئي اسان جا پير ڍڪي سگهي ٿو.

# خاموش ٿي ويل ساز

هڪ مراني ڪهاوت آهي تہ ” برهمڻ جي گهر منتر، واڻئي جي گهر اناج ۽ دلت جي گهر گيت هوندا آهن“. دلتن وٽ گيتن جو خزانو ڪتابن ۾ نہ پر سيني ۾ سانديل هوندو آهي ۽ اهو سيني ذريعي ئي هڪ نسل کان ٻئي نسل ۾ منتقل ٿيندو رهندو آهي. نہ صرف گيت پر موسيقي جا ساز پڻ انهن جي زندگي جو مکيہ جز آهن. سازن جو دلتن سان زندگي کان وٺي موت تائين ناتو هوندو آهي. غمي جي موقعن تي انهن سازن تي ڪبير ۽ روهي ڏاس (رويداس) جا دوها ڳايا ويندا آهن. رات جي سانت ۾ منجي تي لاش پيل هوندو آهي ان وقت آسمان جي تارن جي ڇانءُ ۽ چنڊ جي مڌم روشني ۾ تنبوري، ڪاسين، سارنگي، بانسري ۽ مٽڪي جي سازن جي سنگ ڳاتا ويندڙ ڪبير ۽ روي داس جا دوها ۽ ساکيون زندگي جي حقيقي معنيٰ ٻڌائن ٿيون. اهي ساز خوشي ۽ غم جي هر موقعي تي ڌرتي جي اصل باشندن جا ساٿاري آهن. اهي سازندا ۽ گويا زندگي جي گهاٽي ۾ پيڙهجندڙ ٻين ماڻهن جيان عام ماڻهو ئي هوندا آهن. انهن جي صدين کان وٺي اها انفراديت رهي آهي تہ هو ثقافت جو اظهار ڏيکاءُ خاطر نہ پر زندگي جي عام معمول جيان ڪن ٿا. هو سڪون ۽ فرصت جي لمحن ڪي شاعري ۽ موسيقي جي نانءُ منسوب ڪري زندگي جا گيت ڳائيندا رهن ٿا.

هن تہ پنهنجي زندگي بہ سازن سان سلهاڙي ڇڏي هئي. مزاح کان وٺي لوڪ گيت ۽ ”ڀڳتي“ ئي هن جو سڀ ڪجهہ هو. هن جي وڇوڙي کان پوءِ ساز پراسرار خاموشي اختيار ڪري ويا آهن. اها منڊ بہ هن جي وڃڻ جي نہ هئي، حادثو، زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش، موت ۽ موت کان پوءِ بہ مامرو. اذيتن جو مسلسل ۽ نہ ڪٽندڙ سفر ....... سڀ کان وڌيڪ سوڳوار ان جا معصوم ٻار هئا جن جي معصوم وجود مٿان شفقت جو ڇانورو ڪسجي چڪو هو. هر ايندڙ ماڻهو تہ ان جي وني، پيٽن، جيجل ۽ ٻائرن ڪي پئي حوصلو ڏنو، اهي معصوم ويڳاڻپ جي عالم ۾ اڪيلا روئي رهيا هئا اچانڪ ڪو هٿ انهن جي ڳلن تي پهتو پر انهن جا گرم ڳوڙها اگهڻ کان اڳ وڏا پاڻ ۾ ٻڪين پئي اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳن ٿا. اوچتو گهر جي اڱڻ ۾ ان جي ديهي کي سينگاري کٽ تي رکيو ويو ۽ عورتون اپ ڏاريندڙ دانهون ڪندي کٽ سان چنبڙي وڃن ٿيون. دانهن ۽ آلاپن جي عالم ۾ هو پنهنجي آخري سفر تي روانو ٿئي ٿو. گهر ۾ ڪجهہ مرد رهجي وڃن ٿا اهي اڱڻ ٻهاري تڏو وڇائن ٿا ۽ ڪانڌين لاءِ ماني جي تياري شروع ٿئي ٿي. ڪو وڃي ان جي ڪمري مان ساز کڻي هڪ ڪنڊ ۾ رکي ٿو تہ جيئن شام جو ”آتما“ جي سڪون لاءِ ”ڀڳتي ڀڄن“ ٿين پر موبائيل جي ڪال سان سيني تي سڪتو طاري ٿي وڃي ٿو. ”اهي“ لاش کي قبر مان ڪڍي اڇلائڻ چاهين ٿا.... شهر ۾ ڀڙها گهمايا پيا وڃن ..... هر ڪو حيرانگي جي عالم ۾ آهي. بي وقتائتي موت جي جهٽيل ڀوري جي ماءُ تي ڏکن جا جبل ڪرن ٿا. روڄ راڙو بند ٿي وڃي ٿو ۽ حيرانگي جي عالم ۾ خاموشي ۽ اڻ ڏٺل خوف جي تصوير دل جي ڪينواس تي اڪرڻ لڳي ٿي. ٻي خبر ان کان بہ وڌيڪ ايذاءُ ڏياريندڙ هجي ٿي. ”لاش کي قبر مان ڪڍي اڇلايو ويو !“ عورتن جا پاراتن وارا پار اپ کي چيريندا وڃن ٿا. معصوم ٻارڙيون ۽ مامتا ڦٿڪڻ لڳن ٿيون. ماءُ پنهنجي جهولي ۾ پنهنجي جذب ٿيندڙ لڙڪن کي ميار ڏئي چوي تہ توهان وانگر ڀورو منهنجي جهوليءَ ۾ ڇو نٿو سمائجي سگهي؟ هو زمين مان مٽي جا ٻڪ ڀري پنهنجي منهن تي ملڻ لڳي ٿي ۽ اوسارن ۾ پنهنجي جڳ ماتا کي چئي ٿي تہ اي ماءُ تون اسان کي ڇو جاءِ نٿي ڏيئن؟ تون ماٽيلي ڇو ٿي رهي آهين؟ ٻڌاءِ ڇو؟ لاش اجا تائين ڪلراٺي پوٺي ۾ سڙي رهيو آهي. ان آس ۾ تہ شايد ڪيس ساڳئي مٽي نصيب ٿئي. بي حس معاشرو انسانيت جا ليڪا لتاڙي لاش سان جنگ جو اعلان ڪري ٿو ۽ لاش پنهنجا هٿيار ڇڏي ڏئي ٿو

مجبورن وارث ان کي ڪٽائي پر واري ٻنگار نالي ڳوٺ جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪن ٿا. ڀاري قدمن سان ڪانڌي سوڳوار جي ٿڌي تي موٽن ٿا. اڄوڪي المئي جي خبر باهہ وانگر سڄي سنڌ ۾ ڦهلجي وڃي ٿي. اڄ رات جو نہ "ڀڄن" ڳايا ويا ۽ نہ ئي ڪنهن سازن کي ڇيڙيو. سازن جي سوڳ وچان خاموشي اجا جاري آهي.

صبح جو اخبارن ۾ اها خبر شايع ٿي سڄي دنيا ۾ ڦهلجي وڃي ٿي. اها خبر سنڌ کي نئين سڃاڻپ ڏئي ٿي. عدم سهپ ۽ انتها پسندي جي سڃاڻپ. پنجاب جي چوراهن وانگر هاڻ سنڌ جي چوراهن تي پڻ نوان نالا ۽ نئين سڃاڻپ ملي سگهي ٿي. صوفي ازم ، رواداري ۽ ڀائيچاري جا قدر هاڻ سماج جي حقيقت نہ پر وهم يا ڀرم لڳن ٿا. انسانيت جو درد رکندڙ هر اهل دل انسان ان واقعي کي سماج لاءِ موت جو پيغام قرار ڏئي ٿو. هن ڀيري سنڌ خاموش ناهي رهي. سنڌ جي خاموشي سان ستم سهڻ جي الزام هيٺ آيل ساجهہ تڙپي اٿي. سڄي سنڌ مان هزارين ماڻهو متاثر خاندان جي در تائين پهتا. چونڊيل نمائندن کان سواءِ زندگي جي هر مڪتبِ فڪر جو ماڻهو پنهنجي وت ۽ وس آهر ڏکويل ڪٽنب جي سورن ۾ ڀائيواري ڪن ٿا. نياز ڪالاڻي کان وٺي اسحاق مگرئي تائين هر قومي ڪارڪن، صحافي، اهل قلم صوفي توڙي فقير ان جي در تي پهچي روئداد جو احوال پڇن ٿا. سنڌي ميڊيا ان واقعي جي ڀرپور مذمت ڪئي. سنڌ کي تمام دير سان ان مرض جو احساس ٿيو آهي هاڻ شايد ڪافي دير ٿي چڪي آهي. سنڌ کي تہ سڄاڳ تہ 63 سال اڳ سڄاڳ ٿيڻ کپندو هو جڏهن سکر واري پل تي رواداري جو "هو جمالو" ڇئي جنازو ڪڍيو پئي ويو، سنڌ کي سڄاڳ تہ 50 سال اڳ ٿيڻ کپندو هو جڏهن لاڙ جي لال جي آخري آستان جي چوڌاري ڪندا وڃائي سنڌ لاءِ ممنوع بڻايو ويو، پوءِ ڀٽائي ۽ سيوهڻ ڌڻي جي آستانن تي بہ اهڙا تجربا ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي. سنڌ ان وقت پڻ خاموش هئي جڏهن ڪوٽڙي جي قبر کي ولي ان جي مڪين کي باهہ ڏئي ساڙيو ويو.

ان دوران سانت ۾ ڀيل ساز پنهنجو روح سازن جي تند کان ٽوڙين ٿا. آخري رسم جو ڏينهن "ٻارس" بہ گذري وڃي ٿي. تڏو کڻڻ وقت خاموشي سان انهن بي آواز سازن کي وري پنهنجي جاءِ تي رکيو وڃي ٿو. سازن جي طويل خاموشي اجا بہ جاري آهي.

ڪبيرا جنتر نا باجئي ٽوٽ گئي سب تار،

جنتر بيچارا ڪيا ڪري جب چلا بجاوڻ هار.

سازن پنهنجي سفر جا سانباها ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا. جڏهن سازندا ئي نہ رهن پوءِ ساز ڪيئن پنهنجو وجود قائم رکي سگهندا. سازن جي خاموشي اسان جي دلين کي ڏوڏي رهي آهي ۽ چئي رهي آهي تہ هاڻ جڻ اسان جي موڪلائڻ جا پروانا تيار آهن، شايد پرواني پهچڻ ۾ دير ڪئي.

ساٿي همري چل گئي هم بهي چالن هار،

ڪاگد مين باقي رهي تاتي لاگي تار. (ڪبير)

# جوگندر ناٿ منڊل جي استعيفيٰ[1]

اڄ کان ٺيڪ 63 سال اڳ 8 آڪٽوبر 1950ع جو پاڪستان جي پهرئين وزير قانون ۽ ملڪ جي پهرئين آئين ساز ڪابينا جي صدارت جو اعزاز حاصل ڪندڙ دلت اڳواڻ جوگندر ناٿ منڊل، مسلم ليگي قيادت ۽ اوڀر بنگال جي حڪومت سان سخت اختلاف رکندي پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏني. ڇهه ڏهاڪا گذرڻ کان پوءِ به اها استعيفيٰ نه ته منظر عام تي اچي اڳهي آهي ۽ نه وري اقتدار ڌڻين پاران ان جي اعتراضن ۽ شڪايتن جو ازالو ڪرڻ جي ڪا به ڪوشش ڪئي وئي.

اوڀر بنگال جي غريب ڀنگي گهراڻي ۾ جنم وٺندڙ جوگندر ناٿ منڊل شيڊيولڊ ڪاسٽ فيڊريشن جو اهم اڳواڻ ۽ ڊاڪٽر ڀيم رائو امبيڊڪر جو ويجهو ساٿي پڻ هو.

ورهاڱي واري دور ۾ جيڪي سياسي ڌريون نمايان هيون ان ۾ ڪانگريس هندن جي مٿئين طبقي (يا جاتين) جي مفادن جي نمائندگي ڪري رهي هئي ۽ مسلم ليگ وري مسلمانن جي مٿئين طبقي جي حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهي هئي. ان ٻنهي بورجوازي ڌرين کان سواءِ ڊاڪٽر ڀيم رائو امبيڊڪر جي قيادت ۾ دلتن جي تحريڪ پڻ نمايان هئي ، حقيقت ۾ ورهاڱي واري دور جي سياسي تحريڪن ۾ صرف دلت تحريڪ جو ڪردار ئي پيڙهيل عوام جي مفادن ۽ حقن ۽ صدين کان نسلي استحصال جو شڪار ٿيندڙ ماڻهن جي سماجي بحالي تي ٻڌل هو.

دلتن جا ڪانگريس سان هر موڙ تي سخت ۽ بنيادي اختلاف هئا ڇاڪاڻ ته اوچ جاتيون دلتن کي پنهنجو غلام سمجهنديون هيون (آهن) اهي هندستان جي ”آزادي“ ضرور چاهينديون هيون پر پنهنجي زيردست طبقن جي آزادي جي سخت خلاف هيون. گانڌي جو نام نهاد ”مرن ورت“ پڻ ان لاءِ هو ته جيئن دلتن کي مليل الڳ نمائندگي وارو حق واپس ورتجي ۽ هو پنهنجي چالبازي سان ان مقصد ۾ ڪامياب پڻ ويو. ڪانگريس طرفان شيڊيول ڪاسٽ عوام جي جائز مطالبن جي هر جاءِ تي مخالفت ۽ رڪاوٽن واري عمل جو فطري نتيجو هو ته شيڊيولڊ ڪاسٽ قيادت جو جهڪاءُ ڪانگريس جي ڀيٽ ۾ مسلمانن ۽ مسلم ليگ قيادت ڏانهن وڌيڪ هو. ڊاڪٽر امبيڊڪر ڪيترن ئي موقعن تي مسلم ليگ ۽ مسلمانن جي مطالبن جي حمايت ۽ مدد ڪئي، جناح ۽ مسلم ليگ جي پاڪستان واري مطالبي کي اوچ جاتين جي ڪانگريس جي روين جو ردعمل چوندو هو. امبيڊڪر صاحب دلتن ۽ مسلمانن جي وسيع تر اتحاد جو حامي هو. جوگندر ناٿ منڊل پنهنجي فيڊريشن جي 21 ميمبرن سان خواجه ناظم الدين جي حڪومت ٺاهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. مسلم ليگ جو فيڊريشن سان هڪ مشروط اتحاد پڻ طئي ٿيو، مسلمانن ۽ شيڊيول ڪاسٽ جي عوام جا مسئلا تقريبن ساڳيا هئا، ٻئي پسمانده ۽ غريب هئا ۽ خاص ڳالهه اها ته مسلمانن ۽ دلتن جي درميان ڪو به سماجي تضاد يا اختلاف نه هو. ان ڪري اهو سمجهيو پئي ويو ته فيڊريشن ۽ ليگ جي درميان اهو اتحاد مستقل، پائيدار ۽ موثر ثابت ٿيندو پر مارچ 1946ع جي چونڊن کان پوءِ اپريل 1946ع ۾ سهروردي جي ڪابينا جڙڻ شرط مسلم ليگ ”ڊائريڪٽ ايڪشن ڊي“ ملهائڻ جو اهتمام ڪيو جيڪو وڏن فسادن جو سبب بڻيو ۽ صوبي ۾ هندن ۽ شيڊيولڊ

ڪاسٽن جي زندگي زهر بڻجي وئي. آڪٽوبر 1946ع ۾ نوآکالي فسادن جو سانحو پيش آيو ان کان سواءِ " ٽيپي راه " ۽ "فيني" جي علائقن ۾ هندن ۽ شيڊيولڊ ڪاسٽن سان خوناڪ عقوبتون ڪيون ويون. اهڙين حالتن ۾ جوگندر ناٿ منڊل لاءِ هڪ سخت امتحان مان گذرڻو پيو، منڊل تي پنهنجي ماڻهن پاران ليگ سان اتحاد ختم ڪرڻ جو وڏو دٻاءُ هو پر هن اهو اتحاد جاري رکيو. ان دوران ڪانگريس پاران سهروردي خلاف عدم اعتماد جي فضا قائم ڪئي وئي ۽ يقيني طور اوڀر بنگال جي ليگ حڪومت ڊهڻ تي هئي ان وقت جوگندر ناٿ منڊل ئي هو جنهن فيڊريشن جي ميمبرن ۽ پنهنجي حمايتي ڪجهه اينگلو انڊين ميمبرن جي مدد سان سهروردي جي حڪومت کي بچايو. جوگندر ناٿ منڊل جو وڏو ڪارنامو 1946ع ۾ اوڀر بنگال ۾ گهرو ويڙهه ختم ڪرائڻ هو. مسلمانن ۽ نامسودرا قبيلي جي درميان هڪ خونخوار جنگ شروع ٿي چڪي هئي ان وقت منڊل انڊيا جي مرڪز ۾ درمياني عرصي لاءِ قائم ٿيل حڪومت جو آئيني ميمبر هو. ان وقت سهروردي جي گذارش تي پاڻ خصوصي طور گوپال گنج ۽ ٻين علائقن ۾ نامسودرا قبيلي ۽ مسلمانن جي درميان صلح ڪرائي هڪ اٽڪر فساد کي ٺاري ڇڏيائين.

ورهاڱي کان پوءِ هن اوڀر بنگال ۽ اولهه پاڪستان ۾ موجود اقليت ۽ خاص ڪري دلت ڪميونٽي جي حقن جي جدوجهد لاءِ ڊاڪٽر امبيڊڪر جي چوڻ تي مسلم ليگ سان گڏجي ڪم ڪرڻ تي راضي ٿيو ۽ پاڪستان جو پهريون وزير قانون مقرر ڪيو ويو. جوگندر ناٿ منڊل اهو واحد سياستدان هو جيڪو ورهاڱي دوران لڏپلاڻ جو سخت مخالف هو ۽ ان جي ئي ڪوشش سان ٻنهي ملڪن جي درميان "دهلي معاهدو" طئي ٿيو جنهن جو مقصد لڏپلاڻ کي روڪڻ ۽ متاثر ماڻهن جي بحالي هو. جوگندر ناٿ منڊل پاڪستان ۾ سڀني کان پهريائين اها نشاندهي ڪئي ته 23 مارچ جي قرارداد تي عمل نه ڪيو پيو وڃي ۽ حڪمران ملڪ کي "ٻئي" طرف وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ ان جو لازمي نتيجو بدحالي ، پسماندگي ۽ تباهي کان سواءِ ڪجهه به ناهي. جوگندر ناٿ منڊل جو شمار ورهاڱي واري دور جي اهم اڳواڻن ۾ ٿئي ٿو. جوگندر ناٿ منڊل ۽ ڊاڪٽر امبيڊڪر جو ڏاهه صرف اهو هو ته انهن پنهنجي پيڙهيل ماڻهن جي حقن لاءِ ناقابل مصالحت جنگ ڪئي. الميو اهو آهي ته ننڍي کنڊ ۾ ٻن "آزاد" رياستن جو قيام عمل ۾ اچي چڪو هو پر اڄ تائين ٻنهي طرفن کان دلتن سميت ڪروڙين عام ماڻهن جي تقدير ۾ ڪا به تبديلي اچي ناهي سگهي ۽ اهو پڻ عجيب اتفاق آهي ته ڊاڪٽر امبيڊڪر ۽ جوگندر ناٿ منڊل کي انڊيا ۽ پاڪستان جي حڪمرانن سان اختلاف رکي پنهنجي عهدن تان استعيفائون ڏيڻيون پيون.

جوگندر ناٿ منڊل جي سياست صرف دلتن تائين محدود نه هئي پر هو آخر تائين قراداد لاهور جي نڪتن مطابق اقليتن، ثقافتي اڪائين ۽ ملڪ جي انتظامي ايڪن جي حقن لاءِ آواز اٿاريندو رهيو.

جوگندر ناٿ منڊل اڄ کان 63 سال اڳ جيڪي خدشا ڏيکاريا هئا اهي اڄ صحيح ۽ سچ ثابت ٿي رهيا آهن. جوگندر ناٿ منڊل پنهنجي استعيفيٰ ۾ تمام تلخ ۽ ڀيانڪ حقيقتون ڄاڻايون آهن ۽ اهو پڻ ڄاڻايو آهي ته انهن واقعن، الميين ۽ سانحن جي رونما ٿيڻ کان پوءِ آئون ان ڏانهن اقتدار ڌڻين جو ڌيان ڇڪائيندو هئس پر هر ڀيري نظرانداز ڪيو ويندو هو.

جوگندر ناٿ منڊل کي ان ڳالهه جو گهرو ڏک هو ته فرقيواريت جي فسادن کي هٿ سان هوا ڏني ويندي هئي . "دهلي معاهدي" تي عمل درآمد نه ٿيڻ جي به هن کي شڪايت هئي.

جوگندر ناٿ منڊل انتهائي دلير ۽ اصول پرست اڳواڻ هو. هن ڪڏهن به ناحق ۽ ناانصافي تي خاموشي اختيار ناهي ڪئي. ورهاڱي کان پوءِ رونما ٿيندڙ انتهائي انسان سوز الميين ۽

سانحن دوران انتهائي مشڪل ترين گهڙين ۾ هو عوام سان گڏ بيٺل هوندو هو. منڊل جي دورانديش نظرن اڄ کان 63 سال اڳ اهو سڀ محسوس ڪري ورتو جيڪو اڄ اسين ڀوڳي رهيا آهيون. جوگندر ناٿ منڊل ڪي انهي ڳالهه جو صدمو هو ته ٻنهي طرفن کان عوام تي ايذائن جا جبل ڪيرايا وڃن پيا. وقت جي حڪمرانن پاران برپا ڪيل قيامت ۾ شايد هو انهن چند ماڻهن مان هو جيڪي مسيحائي جو ڪردار ادا ڪري رهيا هئا. بربريت ۽ وحشت جي عالم ۾ هو هميشه مظلوم ۽ متاثر ماڻهن جي وچ ۾ بيهي انهن ڪي ڏڍ ڏيڻ جي ڏوهه جو مرتڪب بڻجندو رهيو. جوگندر ناٿ منڊل جي پنهنجي عوام ۾ پذيرائي ۽ بي پناهه مقبوليت، عوام دوست ۽ جمهوري سياست ۽ ان جي دليري ۽ بي باڪي کان اقتدار ڌڻي بيزاري جي حد تائين خائف هئا. اهو ئي سبب هو جو هو حڪمرانن طرفان بري طرح نظرانداز ٿيڻ کان پوءِ انتهائي مايوسي ۽ ڳري دل سان استعيفيٰ ڏئي هليو ويو.

اڄ ان استعيفيٰ کي 63 سال گذري چڪا آهن ان دوران ڪافي تبديليون رونما ٿي چڪيون آهن، اوڀر بنگال جي مسئلي تي منڊل ڪئي پيرا اقتدار ڌڻين جو ڌيان ڇڪايو اڄ اهو اوڀر بنگال يا مشرڪي پاڪسان به بنگلاديش بڻجي چڪو آهي. اسٽريجڪ ڊيپٿ به هاڻ حڪمرانن جي هٿن مان واري جيان کسڪي ويا آهن. غوري ۽ غزنوي جي سنت جي پيروڪار اسان جي حڪمرانن جا قافلا هر هنڌان شڪست کائي موٽي رهيا آهن. عالمي جنگين کي پنهنجي ڳچي ۾ وجهندڙ حڪمرانن تاريخ مان سبق سکڻ جي اجا به ڪا ڪوشش ناهي ڪئي.
جيڪڏهن جوگندر ناٿ منڊل جي استعيفيٰ جي سببن تي ٿورو به غور و فڪر ڪيو وڃي ها ته شايد اڄ اسان جو سماج انهي رستي تي ايترو نه پهچي ها ۽ اڄ اسان جي صورتحال مختلف هجي ها.

# جوگندر ناٿ منڊل جي استعيفيٰ



ترجمو: گنپت راءِ

پاڪستان دلت فورم

www.facebook.com/dalitforum

Email: dalit.pakistan@gmail.com

ڇاپو پهريون (2013)

**جوگندر ناٿ منڊل جي استعيفيٰ**

**ماءِ ڊيئر پرائم منسٽر**

اوپر بنگال جي پوئتي پيل شيڊيولڊ ڪاسٽس جي بهتري ۽ بحالي ، جيڪا منهنجي زندگي جو اهم مقصد آهي، ان ۾ ناڪام ٿيڻ تي آئون انتهائي مايوسي ۽ ڳري دل سان توهان جي ڪابينا جي وزارت تان استعيفيٰ ڏئي رهيو آهيان.

برصغير هند و پاڪ جي هن اهم تاريخي موڙ تي پنهنجي اکين جي اڳيان رونما ٿيندڙ واقعن ۽ دليلن جن مون کي اهڙو فيصلو ڪرڻ تي مجبور ڪيو . ان جي وضاحت ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو.

(1) پنهنجي استعيفيٰ جي واضع ۽ امڪاني سببن کي بيان ڪرڻ کان اڳ مسلم ليگ سان اتحاد جو مختصر پس منظر بيان ڪرڻ ضروري آهي.

فيبروري 1943ع دوران بنگال جي ڪجهه ليگي اڳواڻن پاران رابطو ڪرڻ کان پوءِ آئون انهن سان گڏ بنگال ليجسليٽو اسيمبلي ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ راضي ٿيس.

مارچ 1943ع ۾ فضل الحق جي وزارت جي خاتمي کان پوءِ آئون ايڪويهه شيڊيولڊ ڪاسٽ ميمبرن سان گڏ خواجہ ناظم الدين سان تعاون ڪرڻ لاءِ راضي ٿيس جنهن اپريل 1943ع ۾ ڪابينا تشڪيل ڏني. مسلم ليگ سان اسان جو خاص ۽ بنيادي معاملن تي مشروط اتحاد هو. جهڙوڪ شيڊيولڊ ڪاسٽ جي ٽن وزيرن جي ڪابينا ۾ ڪٽڻ ، شيڊيولڊ ڪاسٽ جي لاءِ

تعليم جي مد ۾ پنج لک روپين جي ساليانی گرانٽ ۽ ڪميونل ريشو رولز تحت شيڊيولڊ ڪاسٽ لاءِ خصوصي طور سرڪاري ملازمتن ۾ حصو ڏيڻ جهڙن مطالبن تي اتفاق ٿيو.

(2) انهن شرطن ڪان سواءِ بنگال جي مسلمانن ۽ شيڊيولڊ ڪاسٽ عوام جا عام مسئلا ۽ معاشي مفاد هڪ جهڙا ئي هئا ۽ ان ئي بنيادي اصولن ۽ محرڪن مون کي مسلم ليگ سان اتحاد ڪرڻ تي آماده ڪيو. مسلمان پڻ شيڊيولڊ ڪاسٽ جي ماڻهن جيان گهڻو ڪري ڪاشتڪار ۽ پورهيت هئا. مسلمانن جو هڪ حصو ماهيگير هو ۽ شيڊيولڊ ڪاست جا ماڻهو پڻ ماهيگيري سان وابستہ هئا. مسلمان ۽ شيڊيولڊ ڪاسٽ ٻئي تعليم جي حوالي سان پٺتي پيل هئا.

مون کي اهو باور ڪرايو ويو تہ شيڊيولڊ ڪاسٽ قيادت جو مسلم ليگ سان اتحاد، بنگال جي سموري عوام جي گڏيل فلاح لاءِ موثر ثابت ٿيندو ۽ ان سان گڏوگڏ لساني ۽ قومي حوالي سان مستقل امن جو بنياد پڻ هوندو. اهو پڻ هتي واضع ڪرڻ چاهيان ٿو تہ خواجہ ناظم الدين پنهنجي ڪابينا ۾ ٽي شيڊيولڊ ڪاسٽ وزير ۽ ٽي پارلياماني سيڪريٽري شامل ڪيا.

## ***سهروردي جي وزارت***

(3) مارچ 1946ع جي عام چونڊن ڪان پوءِ سهروردي مسلم ليگ پارلياماني پارٽي جو رهنما بڻيو ۽ اپريل 1946ع ۾ هن وزارت تشڪيل ڏني. آئون شيڊيولڊ ڪاسٽ فيڊريشن پاران اڪيلو ميمبر هئس جنهن کي سهروردي جي ڪابينا ۾ ڪنيو ويو.

16 اگسٽ 1946ع تي مسلم ليگ پاران **ڊائريڪٽ ايڪشن ڊي** ملهائڻ جو اهتمام ڪيو ويو. جيئن تہ توهان ڄاڻو ٿا تہ اهو ڏينهن هولوڪاسٽ ڪان ڪنهن بہ ريت گهٽ نہ هو. هندن منهنجي استعيفيٰ جو مطالبو ڪيو. منهنجي زندگي کي سخت خطرو لائحق هو. مون کي هر روز ڌمڪين وارا خط موصول ٿيڻ لڳا. مگر آئون مستقل مزاجي سان پنهنجي پاليسي تي قائم رهيس. مون پنهنجي زندگي جو جوکم کڻي پنهنجي شيڊيولڊ ڪاسٽ فيڊريشن جي رسالي جاگرن ۾ شيڊيولڊ ڪاسٽ عوام کي اپيل ڪئي تہ اهي مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي خونخوار تنازعي ڪان لاتعلقي اختيار ڪن. منهنجي زندگي کي ان وقت شديد خطرو هو. اها پڻ حقيقت هئي تہ منهنجي اوچ جاتي جي پاڙيسرين مون کي کي هندن جي غضبناڪ مشتعل هجومن ڪان بچايو.

آڪتوبر 1946ع ۾ ڪلڪتي ۾ ٿيل انساني زندگين جي نقصان کي "نو آکالي فساد" سڏيو وڃي ٿو. جنهن ۾ سوين هندو ۽ شيڊيولڊ ڪاسٽ جا ماڻهو مارجي ويا ۽ هزارين ماڻهن کي زوري اسلام قبول ڪرايو ويو، هندن ۽ شيڊيولڊ ڪاسٽ جي عورتن جي آبرو ريزي ڪئي وئي. منهنجي شيڊيولڊ ڪاسٽ جي ماڻهن کي انهن فسادن دوران وڏي انگ ۾ زندگين ۽ ملڪيتن تان هٿ ڌوئڻو پيو. انهن فسادن ڪان پوءِ جلد ئي مون ٽپيراھ ۽ فيني جي علائقن جو دورو ڪيو ۽ ڪجهہ فساد متاثر علائقا ڏٺا. هندن سان ٿيل خوفناڪ عقوبتن مون کي سخت صدمي ۾ گهيري ڇڏيو پر مون مسلم ليگ سان تعاون ۽ اتحاد واري پاليسي جاري رکي. ڪلڪتي جي ڀيانڪ قتل عام ڪان سنت ئي پوءِ سهروردي جي خلاف عدم اعتماد جي فضا قائم ٿي. ان جي ڪابينا صرف منهنجي ڪوشش ۽ حمايت جي ڪري ئي بچي وئي، ڪانگريس سان واڳيل چار اينگلو انڊين ميمبرن ۽ شيڊيولڊ ڪاسٽ جي ميمبرن منهنجو ساٿ ڏنو نہ تہ يقيني طور ليگ جي ڪابينا ختم ٿي وڃي ها.

(4) آڪٽوبر 1946ع ۾ سهروردي پاران مون کي هڪ انتهائي غير متواقع پيشڪش ڪئي وئي ته آئون انديا جي درميانه عرصي لاءِ قائم ٿيندڙ نگران حڪومت ۾ نشست قبول ڪريان. مون کي فيصلو ڪرڻ لاءِ صرف هڪ ڪلاڪ جو مختصر وقت ڏنو ويو نيٺ سخت مونجهاري کان پوءِ مون اها پيشڪش ان شرط تي قبول ڪئي ته جيڪڏهن منهنجي قائد ڊاڪٽر ڀيم رائو امبيڊڪر کي اهو فيصلو قبول نه هوندو ته پوءِ آئون ان سيٽ تان استعيفيٰ ڏيندس. خوشقسمتي سان لنڊن مان ٽيليگرام ذريعي هن مون کي اجازت ڏني. وچئين دور لاءِ قائم ٿيندڙ نگران حڪومت جي آئيني رڪنيت سنڀالڻ لاءِ دهلي روانو ٿيڻ کان اڳ مون وزيراعليٰ سهروردي کي قائل ڪيو ته هو منهنجي جاءِ تي شيڊيولڊ ڪاسٽ فيڊريشن جا ٻه وزير ۽ ٻه پارلياماني سيڪريٽري پنهنجي ڪابينا ۾ شامل ڪري.

(5) پهرين نومبر 1946ع تي آئون نگران حڪومت ۾ شامل ٿيس. هڪ مهيني کان پوءِ مون ڪلڪتي جو دورو ڪيو، مسٽر سهروردي مون کي اوڀر بنگال جي فرقيوارانه فسادن کان آگاهه ڪيو، خاص طور گوپال گنج سب ڊويزن، جتي ناماسودرا واضع اڪثريت ۾ هئا (ناماسودرا شيڊيول قبيلو آهي.). هن مون کي انهن علائقن جو دورو ڪري ناماسودرا ۽ مسلمانن جي ميڙاڪن کي خطاب ڪرڻ جي گذارش ڪئي. حقيقت اها هئي ته انهن علائقن ۾ نام سودرا وڏي مئماني تي زور و شور سان جوابي ڪاروايون ڪرڻ جي رٿابندي ڪري رهيا هئا. مون ڪيترن ئي وڏن عوامي ميڙن کي خطاب ڪيو جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ته نامسودرا جوابي ڪاروائين جي خيال کان هٿ ڪڍي ويا. اهڙي طرح اٽڪر فسادن کي ٽاريو ويو.

(6) ڪجهه مهينن ڪانپوءِ برطانوي حڪومت پنهنجي (3 **جون 1947ع**) جي حڪم نامي ۾ ورهاڱي جي تجويز ڏني. جنهن سان سموري ملڪ خصوصي طور غير مسلم هندستانين ۾ تاءُ پکڙجي ويو. سچ اهو آهي ته مسلم ليگ پاران پاڪستان جو مطالبو هڪ سوديبازي جو نتيجو هو ۽ آئون ايمانداري سان اها حقيقت پڻ تسليم ڪريان ٿو ته مسلمانن جي هندن جي مٿئين طبقي (برهمڻن) جي شائونزم خلاف شڪايت بلڪل جائز هئي. آئون ان راءِ جو هئس ته پاڪستان جو قيام فرقيوارانه مسئلي جو حل نه ٿي سگهندو ۽ الٽو اهو فريقيوارانه تضاد کي وڌيڪ هوا ڏيندو. ان کان سواءِ مسلمانن جي پاڪستان ۾ حالت بهتر بڻجڻ جو به ڪو امڪان نه هو.

ورهاڱي جو لازمي نتيجو ٻنهي رياستن ۾ غربت، ناخواندگي،عوام جي پسماندگي جي طوالت جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو. منهنجي مشاهدي مطابق يقيني طور پاڪستان ڏکڻ اوڀر ايشيا جي هڪ پسماندهه ۽ اڻ سٽريل رياست ۾ تبديل ٿيڻو آهي.

**لاهور معاهدو (قراداد پاڪستان)**

(7) آئون هتي اهو واضع ڪندس تہ مون کي ايئن لڳي رهيو آهي تہ پاڪستان کي هڪ خالص "اسلامي" رياست، جنهن جو بنياد اسلام جي شريعت ۽ اسلام جا قانون ۽ احڪام هوندا، بنائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

مون ان وقت اها جرئت ڪئي تہ مسلم ليگ پاران منظور ڪيل 23 مارچ 1940ع جي قرارداد جو انتهائي گهرائي سان جائزو ورتو وڃي.ان ڪان سواءِ انهي قرارداد ۾ :

جغرافيائي طور ڳنڍيل علائقن جي ضرورت مطابق انتظامي حصن ۾ حدبندي.
هندستان ۾ مسلمانن جي عددي اڪثريت تي مشتمل علائقن جهڙوڪ اتر اولهہ هندستان ۽ اوڀر هندستان جي علائقن کي آزاد رياستون تسليم ڪرڻ، جيڪي آزاد ۽ خود مختيار هونديون.

رياستون اقليتن کي آئين ۾ مناسب نمائندگي ۽ تحفظ جو حق ڏيڻ جون پابند هونديون ۽ انهن وحدتن ۾ اقليتن جي مشاورت سان ئي انهن جي مذهبي، ثقافتي، سياسي، انتظامي ۽ ٻين حقن ۽ مفادن جو تحفظ ڪيو ويندو.
( ان فارمولا ۾ نمايان طور اهي نڪتا شامل آهن)
(الف) اتر اولهہ ۽ اوڀر هندستان جا علائقا بہ آزاد ريستون هونديون.
(ب) انهن رياستن جا انتظامي ايڪا مڪمل آزاد ۽ خودمختيار هوندا.
(ج) اقليتن جي حقن، مفادن ۽ زندگي جي هر شعبي ۾ انهن جي شموليت جي يقين دهاني ڪرائي وئي.
۽ (د) اقليتن بابت ڪنهن آئيني شق کي اقليتن سان مشاورت کان پوءِ ئي شامل ڪري سگهجي ٿو.

...

قراردادِ لاهور ۽ 11 سيپٽمبر جو قائد اعظم جي بحيثيت آئيني اسيمبلي جي سربراهہ طور ڪيل تقرير جنهن ۾ هن هندن ۽ مسلمانن سان برابري ۽ هڪ جهڙو ورتاءُ اختيار ڪرڻ جي يقين دهاني ڪرائي آهي۽ چيائين تہ " ياد رکو توهان سڀ پاڪستاني آهيو". اتي ماڻهن کي مسلمانن ۽ ذمين (اهي غير مسلم جيڪي مسلم رياست ۾ مسلمانن جي تحويل ۾ هوندا آهن) ۾ ورهائڻ جو ڪو سوال ئي نہ هو. انهن ڳالهين مون کي تقويت ۽ حوصلو بخشيو پر توهان قائد اعظم جي احساسن، خواهشن کي نہ صرف ڄاڻي ٻجهي نظرانداز ڪيو پر انهي معاهدي جون بہ شرمناڪ طريقي سان ڌڄيون اڏايون.

**بنگال جو ورهاڱو:**

(8) هتي اها ڳالهہ پڻ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ مون بنگال جي ورهاڱي جي مخالفت ڪئي هئي، بنگال جي ورهاڱي خلاف تحريڪ شروع ٿيڻ دوران مون نہ صرف هر هنڌ خطرناڪ رڪاوٽن کي منهن ڏنو پر انتهائي ڪريل گار گند، بي عزتي ۽ توهين آميز سلوڪ پڻ برداشت ڪيو. تمام وڏي پڇتاءُ جي احساس سان آئون جڏهن اهي ڏينهن ياد ڪريان ٿو جڏهن ننڍي کنڊ جا ڪروڙين ماڻهو منهنجي پويان پئجي ويا ۽ مون کي هندن ۽ هندوازم جو مخالف سمجهڻ لڳا پر آئون بغير ڪنهن دٻاءُ ۽ خوف جي پاڪستان سان مخلص رهيس.

آئون 70 لک پاڪستاني شيڊيولڊ ڪاسٽ جو شڪرگذار آهيان جن منهنجي اپيل تي پرجوش انداز ۾ منهنجو ساٿ ڏنو ۽ منهنجي دل کولي حمايت ڪئي.

(9) 14 آگسٽ 1947ع تي پاڪستان جي قيام کان پوءِ توهان پاڪستان جي ڪابينا تشڪيل ڏني جنهن ۾ آئون پڻ شامل هئس ۽ خواجہ ناظم الدين اوڀر پاڪستان جي ڪابينا جوڙي.

10 اگسٽ 1947ع تي مون ڪراچي ۾ خواجہ ناظم الدين سان ڳالهايو ۽ اوڀر بنگال جي ڪابينا ۾ شيڊيولڊ ڪاسٽ جا ٻہ وزير کڻڻ لاءِ ڪيس عرض ڪيم. هن مون سان واعدو ڪيو تہ هو ضرور منهنجي تجويز تي عمل ڪندو پر انهي موقعي تي توهان، خواجہ ناظم الدين ۽ نور ال امين (هاڻوڪو وزيراعليٰ بنگال) سانعيل ڳالهيون انتهائي مايوس ڪن ۽ ناخوشگوارثابت ٿيون. آخرڪار مون مسئلو توهان جي آڏو رکيو ۽ توهان پنهنجي رهائشگاھ تي منهنجي روبرو خواجہ ناظم الدين سان ان معاملي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ خواجہ ناظم الدين ڍاڪا واپسي تي پنهنجي ڪابينا ۾ شيڊيولڊ ڪاسٽ جو هڪ وزير کڻڻ لاءِ راضي ٿيو. جيئن تہ آئون اڳ ۾ ئي خواجہ ناظم الدين جي وعدي ڪي شڪ جي نظر سان ڏسي رهيو هئس انڪري مون ان ڪان ٽائيم فريم گهريو ۽ مون زور ڀريو تہ جيڪڏهن هڪ مهيني جي اندر اهو وعفو پورو نہ ٿيو تہ پوءِ آئون پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏيڻ لاءِ آزاد هوندس. توهان ۽ خواجہ ناظم الدين ٻنهي اها شرط قبول ڪئي.

پر افسوس جو توهان ڪي بہ شايد اها خبر نہ رهي تہ توهان ڇا چيو هو. خواجہ ناظم الدين پنهنجو وعدو پورو نہ ڪيو وري جڏهن مسٽر نور ال امين بنگال جو وزير اعليٰ ٿيو تہ اهو مسئلو مون ان جي سامهون رکيو پر هن پڻ اڳ وانگر ساڳيون نظرانداز ڪرڻ واريون ترڪيبون اپنايون. جڏهن مون 1949ع جي ڍاڪا واري دوري ڪان اڳ ۾توهان سان اهو مسئلو بيان ڪيو تہ توهان مون ڪي يقين ڏنو تہ جلد ئي اوڀر بنگال مان اقليتي وزير کنيا ويندا ۽ توهان مون ڪان مشاورت لاءِ 2 يا 3 نالا گهريا هئا. مون توهان جي خواهش جو احترام ڪندي اوڀر بنگال اسيمبلي جي شيڊيولڊ ڪاسٽ فيڊريشن گروپ مان ٽن ميمبرن جا نالا موڪليا. ڍاڪا جي دوري مان واپسي تي مون توهان ڪان ان بابت معلوم ڪيو تہ توهان انتهائي سرد مزاجي ۽ لاپرواهي سان صرف اهو چيو تہ ”نور الامين جي دهلي واري دوري تائين انتظار ڪر“. ڪجھ ڏينهن ڪان پوءِ مون وري اهو مسئلو اٿاريو تہ توهان ان ڪي بلڪل نظرانداز ڪيو، ان ڪان پوءِ آئون مجبورن ان نتيجي تي پهتس توهان ۽ نور الامين جي شيڊيولڊ ڪاسٽ جو ڪو وزير کڻڻ جي ڪا نيت نہ آهي. ان ڪان علاوه مون اهو پڻ ڏٺو تہ مسٽر نورالامين ۽ مسلم ليگ جا بنگالي اڳواڻ شيڊيولڊ ڪاسٽ فيڊريشن جي ميمبرن ۾ ٽوڙ ڦوڙ ۽ ڏڦير پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. ان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ منهنجي قيادت ۽ تمام گهڻي مقبوليت توهان لاءِ هاڻ خطرو بڻجي چڪي آهي. منهنجو صاف گوئي سان برملا اظهار ڪرڻ، پاڪستان جي اقليتن خاص ڪري شيڊيول ڪاسٽ جي مفادن لاءِ مخلص، محتاط ۽ حساس هجڻ اوڀر بنگال جي حڪمرانن لاءِ ناراضگي جو سبب بڻجي چڪو آهي.

**هندو دشمن پاليسي:**

(10) جڏهن اوڀر بنگال جي ورهاڱي جو سوال اڀريو تڏهن شيڊيول ڪاسٽ جا ماڻهو ان جي متوقع ڀيانڪ انجام ڪان خبردار ٿي چڪا هئا. انهن جي حمايت سهروردي سان هئي جيڪو بعد ۾ بنگال جو وزير اعليٰ پڻ ٿيو، سهروردي هڪ پريس بيان ۾ واضع ڪيو هو تہ شيڊيولڊ ڪاسٽ عوام ڪي جيڪي حق حاصل آهن انهن ڪي ورهاڱي ڪان پوءِ ڪنهن بہ صورت ۾ محدود نہ ڪيو ويندي پر اهي (شيڊيولڊ ڪاسٽ) نہ صرف اڳوٽا حق ماڻي سگهندا پر ڪين اضافي رعايتون ۽ سهوليتون پڻ ڏنيون وينديون. اها يقين دهاني سهروردي پاران نہ

صرف ذاتي طور پر ليگ ڪابينا جي وزيراعليٰ هئڻ ناتي ڪرائي وئي. پر افسوس سان مون کي پڇتائڻو پوي ٿو ته ورهاڱي کان پوءِ ۽ خاص طور تي قائداعظم جي وفات کان پوءِ شيڊيولڊ ڪاسٽ جي ماڻهن سان ڪنهن به معاملي ۾ انصاف پريو ورتاءُ اختيار نه ڪيو ويو. توهان اهي ڏينهن ياد ڪريو جڏهن آئون وقت به وقت شيڊيولڊ ڪاسٽ جي ماڻهن جون مشڪلاتون ۽ مسئلا توهان جي اڳيان رکندو هئس. مون توهان کي ڪيترا ئي ڀيرا اوڀر بنگال جي انتظاميہ جي نااهلي جي نوعيت کان آگاهہ ڪيو. مون پوليس انتظاميہ جي ڪيترن ئي سنگين ڏوهن جا ثبوت توهان کي ڏنا. مون پوليس جي وحشت، بربريت ۽ انسانيت جي حد کان ڪريل ظلم و ستم جا ڪيترائي واقعا توهان جي اڳيان رکيا.

مون بنا ڪنهن هٻڪ ۽ دٻاءُ جي توهان تي صاف ظاهر ڪيو ته هندو دشمن پاليسي ۾ اوڀر بنگال جي حڪومت، خاص طور تي پوليس انتظاميہ ۽ مسلم ليگي اڳواڻن جو هڪ حصو تمام گهڻو اڳتي وڃي چڪو آهي.

**ڪجهہ واقعا:**

(11) جنهن واقعي منهنجي دل کي لوڏي ڇڏيو، اهو واقعو گوپال گنج ويجهو دگارڪول نالي ڳوٺ ۾ پيش آيو. جتي مسلمانن جي ڪوڙي بهتان تي نامشودرن مٿان سخت ظلم ۽ وحشياڻي طريقي ظلم ڪيو ويو. دراصل هڪ مسلمان ٻيڙي ذريعي مڇي مارڻ جو جار لڳائڻ وڃي رهيو هو، هڪ نامسودر جيڪو ساڳئي مقصد لاءِ اتي اڳ ۾ ئي موجود هو ان پنهنجي اڳ ۾ مسلمان کي جار وڇائڻ کان روڪيو.ان تان هو ناراض ٿي پر واري مسلمانن جي ڳوٺ ويو ۽ ڪوڙي ڪهاڻي ٻڌايائين ته نامسودر هن ۽ ان جي زال سان خراب سلوڪ ڪيو. ساڳئي وقت گوپال گنج جو ايس پي او ٻيڙيءَ ذريعي اتان لنگهي رهيو هو هن بنا ڪنهن ڪنهن تحقيق ڪرڻ جي مسلمان ڌر جي شڪايت کي سچ سمجهي قبول ڪيو ۽ پوليس کي حڪم ڏنو ته اهي نامسودرن کي سخت سزا ڏين. هٿيار بند پوليس پهتي ۽ مقامي مسلمان به ان سان گڏ هئا جن نه صرف نامسودرن جي گهرن تي چڙهائي ڪئي پر انتهائي بي رحمي سان نامسودرن جي مردن ۽ عورتن تي وحشياڻو تشدد ڪيائون، انهن جي ملڪيتون ڦريائون ۽ گهر تباهہ ڪيائون. هڪ عورت جو ان بي رحمانہ تشدد جي نتيجي ۾ حمل پڻ ضايع ٿي ويومقامي انتظاميہ جي اهڙي وحشياڻي قدم سان علائقي ۾ خوف و هراس پيدا ٿي ويو.

(12) پوليس جي آپريشن جو ٻيو واقعو1949ع جي اوائل ۾ براسيل ضلعي جي گورندي اسٽيشن ۾ واقع ٿيو، اتي يونين بورڊ جي من ميمبر گروپن ۾ جهيڙو هلندڙ هو، انهن مان هڪ ڌڙو پوليس جو همدرد هو جنهن مخالف ڌڙي تي ڪميونسٽن جو همدرد هئڻ جو الزام لڳايو. پوليس اسٽيشن تي حملي جو خدشو ڄاڻائي گرو ندي جي او.سي هيڊڪوارٽر جي پوليس کي آپريشن جا حڪم ڏنا. پوليس ۽ هٿياربند فوج علائقي جي گهرن تي ڪاهہ ڪئي، ملڪيتون ڦريون ويون توڙي جو مسواڙ تي رهندڙ ماڻهن جن جو سياست سان ڪو تعلق نه هو انهن کي به ڪميونسٽ ڄاڻائي گرفتار ڪيو ويو. وڏي تعداد ۾ گرفتاريون ٿيون، ڪافي استادن ۽ شاگردن کي ڪميونسٽ هئڻ جي شڪ ۾ هراسان ڪيو ويو. اهو علائقو منهنجي ڳوٺ جي ويجهو هو، مون کي جيئن ئي اطلاع مليو ته مون انڪوائري لاءِ ضلع مئجسٽريٽ ۽ ايس پي کي لکي. مقامي ماڻهن پڻ اختيارين کي استدعا ڪئي. مون بعد ۾

اهو مسئلو پاڪستان جي اعليٰ اختيارين ۽ توهان تائين پڻ پهچايو پر ڪو به ڪڙ تيل نه نڪتو.

### ملٽري جي عورتن سان زيادتي

(13) معصوم هندن ۽ خاص ڪري شيڊيولڊ ڪاسٽ عوام تي پوليس ۽ هٿياربند فوجن جي وحشياڻي ظلم جو ننگو ناچ سهلٽ ضلعي جي حبيب ڳڙهه ۾ ڪيو ويو، جتي معصوم مردن ۽ عورتن تي انتهائي بي رحمي سان وحشياڻو تشدد ڪيو ويو. ڪيترن ئي عورتن جي آبروريزي ڪئي وئي. پوليس ۽ مقامي مسلمانن انهن جي گهرن تي چڙهائي ڪري ماڻهن کي گرفتار ڪيو ۽ هندن تي زبردستي مجبور ڪيو ته اهي پنهنجون عورتون ملٽري ڪئمپ تي وٺي اچن جيئن فوج جي جنسي لذت جي تسڪين ٿئي. اهي حقيقتون مون توهان جي آڏو رکيون.

(14) ان کان سواءِ هڪ ٻيو واقعو راجشاهي ضلعي جي ناچول واري علائقي ۾ واقع ٿيو جتي پوليس مقامي مسلمانن سان گڏجي ڪميونسٽن کي روڪڻ جي بهاني هندن تي تشدد ڪيو ۽ انهن جو مال اسباب ڦريو ويو. سنٿال جيڪي پوءِ اولهه بنگال ڏانهن ويا انهن پوليس ۽ مسلمانن جا وحشياڻا ظلم بيان ڪيا.

(15) ضلعي کلنا جي ڪالشرا واري علائقي ۾ 20 ڊسمبر 1949ع جو انتهائي سفاڪ، بي رحم ۽ وحشياڻو ظلم برپا ڪيو ويو. رات جو دير سان پوليس جا پنج سپاهي ڪالشرا ۾ ڪجهه ڪميونسٽن جي ڳولا جي مقصد سان جئه ديو برهما جي گهر تي ڇاپو هنيائون. پوليس جي دعويٰ مطابق اڌ درجن نوجوان جيڪي ٿي سگهي ٿو ته ڪميونسٽ به هجن، انهي گهر مان فرار ٿيا. پوليس جو سپاهي گهر ۾ داخل ٿي جئه ديو جي گهر واري سان زيادتي ڪرڻ شروع ڪئي، ان جي رڙين تي جئه ديو ۽ فرار ٿيل نوجوان موٽي آيا ۽ گهر ۾ داخل ٿيڻ تي ڏٺائون ته پوليس جي سپاهين وٽ صرف هڪ بندوق هئي تڏهن ئي شايد انهن جو حوصلو وڌيو ۽ انهن هڪ سپاهي کي ڌڪ وهائي ڪڍيو جنهن جي نتيجي ۾ هو موقعي تي ئي مري ويو ۽ پوءِ هو ٻئي ڏانهن وڌيا جڏهن ته ٻه سپاهي پڇي ويا ۽ ماڻهن کي مدد لاءِ سڏ ڪيائون جيڪي انهن جي مدد لاءِ پهچي ويا. جيئن ته اهو واقعو رات جي وقت ٿيو ۽ حملو آور فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ايندڙ ڏينهن جو ڪلنا جو ايس پي هنگامي بنياد تي تمام وڏي فوج ۽ پوليس جي اٿالن سان نروار ٿيو جڏهن ته حملو آور ۽ ڪجهه پاڙيسري به فرار ٿي چڪا هئا پر ڳوناڻن جي گهٽائي ڳوٺ ۾ موجود هئي. اهي مڪمل طور معصوم هئا ۽ صورتحال جي سنگيني ۽ انجام کان بلڪل بي خبر هئا. ايس پي، پوليس ۽ فوج ڳوناڻن تي بي انتها تشدد ڪيو نه صرف ايترو پر غريب ڳوناڻن جون ملڪيتون ڦرڻ لاءِ مقامي مسلمانن جي همت افزائي پڻ ڪيائون. وڏي تعداد ۾ مردن ۽ عورتن کي قتل ڪيو ويو ۽ باقي بچيلن کي زبردستي اسلام قبول ڪرايو ويو، ديوتائن جي مورتين جي بي حرمتي ڪئي وئي ۽ عبادت جي جاين کي ڊاٺو ويو ۽ ڪيترين ئي عورتن سان پوليس، فوج ۽ مقامي مسلمانن زنا ڪيو.

حقيقي معنائن ۾ برپا ڪيل اها ناقابل برداشت دوزخ صرف ڪالشرا جي ڳوٺ جيڪو وڏي آبادي تي مشتمل آهي ۽ ڏيڍ ميل ڪان به وڌيڪ ايراضي رکي ٿو، تائين محدود نه هئي پر نامسودرن جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ اهي واقعا معمول بڻيل هئا. اختيارين کي صرف ڪالشرا ڳوٺ ۾ ڪميونسٽ سرگرمين جو مرڪز هئڻ جو شڪ نه هو پر جالهردنگا نالي هڪ ٻئي ڳوٺ جيڪو ڪالشرا کان ٽي ميلن جي فاصلي تي هو، تي پڻ هنن کي ڪميونسٽ سرگرمين جو مرڪز هئڻ جو شڪ هو. ساڳئي ڏينهن وڏي تعداد ۾ پوليس ان ڳوٺ تي چڙهائي ڪئي ۽ ڪالشرا واري ظلم جي ڪهاڻي دهرائي وئي. ماڻهن تي ڪميونسٽ هئڻ جي شڪ ۾ مٿن بي پناهه جبر ۽ تشدد ڪيو ويو، ڳوناڻن ڀڄي وڃي ڪالشرا ۾ پناهه ورتي جيڪو انهن جي خيال ۾ انهن لاءِ محفوظ جاءِ ٿي پئي سگهي.

(16) 28 فيبروري 1950ع جو مون ڪالشرا ۽ ٻن ٻين ڳوٺن جو دورو ڪيو، مون سان گڏ ڪلنا جو ايس پي ۽ ڪجهه اهم ليگي اڳواڻ پڻ هئا. جڏهن آئون ڪالشرا ۾ پهتس ته مون ويران ۽ تباهه ٿيل جايون ڏٺيون مون ايس پي جي موجودگي ۾ واضع ڪيو ته هن ڳوٺ ۾ 350 کان وڌيڪ گهر هئا پر هينئر صرف ٽي گهر سلامت آهن باقي سڀ تباهه ڪيا ويا آهن. نامشودرن جا هوڙا، ٻيڙيون ۽ چوپائي مال جا ڌڻ ڦريا ويا. مون اهي سڀ حقيقتون ۽ ثبوت بنگال جي وزير اعليٰ، چيف سيڪريٽري، انسپيڪٽر جنرل آف پوليس ۽ توهان کي ڏنا.

(17) اهي خبرون اولهه بنگال جي پريس ۾ شايع ٿيون ۽ اتي جي هندن ۾ بي چيني پيدا ٿي. ڪالشرا جا ڪيترائي متاثر بي گهر ٿي مفلسي جي حالت ۾ ڪلڪتي پهتا ۽ پاڻ سان ٿيل ظلم بيان ڪيائون جنهن جي نتيجي ۾ اولهه بنگال ۾ ڪجهه فريقيوارانه ڪشيدگي جهڙي صورتحال پيدا ٿي.

## فيبروري جي هنگامن جا سبب

(18) هتي اها ڳالهه نوٽ ڪرڻ گهرجي ته اولهه بنگال ۾ فرقيوارانه فساد ڪالشرا جي فسادن جو ردعمل هئا جنهن کي اولهه بنگال جي پريس نمايان طور شايع ڪيو. فيبروري جي ٻئي هفتي دوران جڏهن اوپر بنگال اسيمبلي ۾ بجيٽ جو اجلاس جاري هو، ڪانگريس جي ميمبرن التوا ۾ پيل ٻن تجويزن، جيڪي ڪالشرا ۽ ناچولي جي واقعن بابت هيون، ڏانهن ڌيان ڇڪايو. پر اهي تجويزون نامنظور ڪيون ويون. ڪانگريس جا ميمبر بجيٽ جي اجلاس مان واڪ آئوٽ ڪري ويا. هندو ميمبرن جي نهي عمل سان صوبي جي نه صرف وزيرن پر مسلم اڳواڻن ۽ اعليٰ اختيارين ۾ هندن جي لاءِ ڪاوڙ ۽ غضب پيدا ٿيو.

اهو ئي شايد فيبروري 1950ع جي ڍاڪا ۽ اوپر بنگال جي فسادن جو سبب هو.

(19) اهو پڻ هڪ معنيٰ خيز واقعو آهي ته 10 فيبروري 1950ع جو 10 بجه هڪ عورت کي آندو ويو جنهن پنهنجي جسم تي ڳاڙهو رنگ هڻي اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ته هن جون ڇاتيون ڪلڪتي جي فسادن دوران ڪپيون ويون آهن. سيڪريٽريٽ جا ملازم فورن عمارت جي ٻاهران گڏ ٿي هندن جي خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي انتقامي ڪاروائيون ڪرڻ جا هٺڻ لڳا. اه ريلي هڪ ميل کان به ڊگهي هئي ۽ تقريبن 12 بجه وڪٽوريا پارڪ تي

اختتام پذير ٿي جتي هندن خلاف سخت ۽ نفرت انگيز تقريرون ڪيون ويون. تقريرون ڪندڙن جي اڪثريت سرڪاري آفيسرن جي هئي.

ها پڻ هڪ سنگين مذاق جهڙي ڳالهه آهي ته جنهن وقت سيڪريٽريٽ جا سرڪاري ملازم ۽ آفيسر احتجاجي ريلي ڪڍي رهيا هئا عين ان وقت ساڳئي سيڪريٽريٽ جي عمارت ۾ اوڀر بنگال حڪومت جو چيف سيڪريٽري بنگال جي ٻنهي حصن ۾ جاري فريقيوارائڻ فسادن جا سبب معلوم ڪرڻ ۽ انهن کي روڪڻ لاءِ ڪانفرنس ڪري رهيو هو.

**آفيسرن ڦرلٽ ڪندڙن جي مدد ڪئي**

(20) فساد 1 بجه شروع ٿيا، ساڳئي وقت هندن جي دڪانن ۽ گهرن کي ڦرڻ ۽ باهه لڳائڻ ۽ هر جاءِ تي هندن کي ڳولي مارڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. ايستائين جو مسلمانن به مون کي ثبوت ڏنا ته هندن جي گهرن ۽ دڪانن کي باهه لڳائڻ ۽ ڦرلٽ وارو عمل پوليس آفيسرن جي نگراني ۾ ٿيو. هندو سونارن جا دڪان پوليس آفيسرن جي نگراني ۾ ڦريا ويا. انهن هڪ طرف ڦرلٽ کي روڪڻ جي ڪا به ڪوشش نه ڪئي پر الٽو لٽيرن جي مدد ڪيائون ۽ انهن کي صلاحون ۽ هدايتون ڏيندا رهيا.

بدقسمتي جو آئون به ساڳئي ڏينهن 10 فيبروري جو 5 بجه منجهند ڌاري ڍاڪا پهتس . مون کي انتهائي پريشان ڪن صورتحال ۾ شين کي ويجهي کان ڏسڻ ۽ سمجهڻ جو موقعو مليو.

مون پنهنجي اکين سان جيڪي به ڪجهه ڏٺو اها حيرتناڪ ۽ دل کي ڏوڏيندڙ حقيقت هئي.

**فسادن جو پس منظر**

(21) ڍاڪا جي فسادن جا پنج اهم سبب هئا:

(1) هندن جي نمائندن کي ڪالشرا ۽ ناچولا جي مسئلي تي اسيمبلي ۾ التوا ۾ پيل تجويزن جي باري ۾ احتجاج ڪرڻ جي همت ڪئي. ڪالشرا ۽ ناچولي جي مسئلي تي التوا ۾ پيل تجويزون رد ڪرڻ تي هندو ميمبرن پاران احتجاج ۽ واڪ آئوٽ جي همت ڪرڻ تي هندن کي سيکت ڏيڻ.

(2) پارليمينٽ ۾ سهروردي ۽ نظام الدين جي ڌڙن جي درميان تضاد انتهائي گهرو ٿي چڪو هو.

(3) اوڀر ۽ اولهه بنگال جي وري هڪ ٿيڻ جي لاءِ ٻنهي طرفن کان هندو ۽ مسلم اڳواڻن پاران شروع ڪيل تحريڪ کان اوڀر بنگال حڪومت ۽ مسلم ليگ تمام گهڻي خوفزده هئي. اهي ان هلچل کي روڪڻ چاهيندا هئا. اهي سمجهندا هئا ته اوڀر بنگال ۾ فرقيوارائڻ فسادن جو اثر لازمي طور اولهه بنگال ۾ پوندو ۽ اتي مسلمان ماريا ويندا ۽ انهن کي يقين هو ته اهڙي طرح بنگال جي ٻنهي حصن ۾ فسادن جي بازار گرم ڪرڻ سان ان تحريڪ کي روڪي ۽ ان جي مخالفت ڪري سگهجي ٿي.

(4) اوڀر بنگال ۾ بنگالي ۽ غير بنگالي مسلمانن ۾ تضاد وڌي رهيو هو. ان زميني حقيقت کي محسوس ڪندي ان کي روڪڻ لاءِ اوڀر بنگال جي هندن ۽ مسلمانن ۾ ويڇا وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ٻولي جو سوال پڻ ان سان لاڳاپيل هو ۽

(5) اقتصادي بدحالي ۽ پاڪ ڀارت تجارت جي تعطلي جهڙي صورتحال پيدا ٿيڻ جا اوڀر بنگال جي شهرن ۽ ڳوٺن تي اثر مرتب ٿيڻ لڳا. مسلم ليگي اڳواڻن ۽ رياستي اهلڪارن انهي معاشي بدحالي جو عوام کان ڌيان هٽائڻ لاءِ هٽ سان هندن خلاف جهاد کي هٿي ڏني.

## حيرت ناڪ حقيقتون : 10000 ماڻهن جو قتل عام

(22) ڍاڪا ۾ نو ڏينهن ترسڻ بعد مون ڪيترن ئي شهرن ۽ ان جي پسگردائي وارن علائقن جو دورو ڪيو. مون ميرپور ۽ تيج گائون اسٽيشن جو پڻ دورو ڪيو. ڍاڪا ۽ نارائڻ گنج ۽ چٽاگانگ جي ريل گاڏين ۾ هندن ۽ شيڊيولڊ ڪاسٽ جي ماڻهن جي مارجڻ جي خبر مون کي تمام سخت جهٽڪو ڏنو.

ڍاڪا جي فسادن جي ٻئي ڏينهن آئون اوڀر بنگال جي وزير اعليٰ سان مليس ۽ کيس عرض ڪيم ته هو انهي فسادن کي شهرن ۽ ٻهراڙين تائين ڦهلجڻ کان روڪڻ لاءِ ضلعي اختيارين کي فورن هدايتون جاري ڪري.

20 فيبروري 1950ع جو آئون بارسيل ٽائون ويس ۽ اتي جيڪي ڪجھ ٿيو اهو ڄاڻي آئون حيرت ۾ پئجي ويس. ضلعي هيڊ ڪورٽر واري شهر ۾ هندن جا ڪيترائي گهر نذر آتش ڪيا ويا وڏي تعداد ۾ هندن کي ماريو ويو. آئون تقريبن سيني فساد متاثر علائقن ۾ ويس ۽ مون اتي مسلمان فسادين طرفان برپا ڪيل زبردست تباهي جو منظر ڏٺو ايسٽائين جو ننڍا شهر ۽ ڳوٺ جهڙوڪ ڪاشي پور، مڌاپيشا ۽ لکوئيٽيا جيڪي شهر کان 6 ڪلوميٽر جي فاصلي تي هئا اهي به فسادن کان بچي نه سگهيا.

مڌاپيشا ۾ هڪ زميندار جي گهر 200 ماڻهن کي ماريو ويو ۽ 40 زخمي ٿيا. مولادي جي نالي سان سڏي ويندڙ جاءِ انتهائي ڀيانڪ دوزخ جو ڏيک ڏئي رهي هئي، صرف هڪ مولادي بندر ۾ مارجي ويندڙ ماڻهن جو تعداد ٽي سو کان وڌيڪ هو. اهي انگ اکر مون کي مقامي مسلمانن ۽ اتي موجود سرڪاري آفيسرن ڏنا. مون مولادي ڳوٺ جو پڻ دورو ڪيو، جتي مون مڙدن جا هڏاوان ڍانچا ڏٺا ۽ درياءِ جي ڪناري تي مون ڪتن ۽ ڳجهن کي انساني ماس کائيندي ڏٺو. مون کي اها معلومات پڻ ملي ته سيني مردن کي قتل ڪرڻ کان پوءِ نوجوان ڇوڪرين کي بدمعاش لٽيرن جي گروهي سرغنن ۾ ورهايو ويو. راجا پور ٿاڻي جي حد ۾ ڪيبارتڪالي نالي ڳوٺ ۾ 63 ماڻهن کي ماريو ويو، مذڪوره ٿاڻي جي تمام ويجهو آباد هندن جي گهرن مان ڦرلٽ ڪئي وئي ۽ رهواسين جو قتل عام ڪيو ويو.

بابو گنج بازار ۾ هندن جي سيني دڪانن کي ڦرڻ کان پوءِ باهه ڏني وئي ۽ تمام وڏي تعداد ۾ ماڻهن کي ماريو ويو.

انهن حادثن جي حقيقي معلومات ملڻ کان پوءِ خبر پئي ته صرف براسيل ضلعي ۾ 2500 ماڻهو ماريا ويا. هڪ اندازي موجب ڍاڪا ۽ اوڀر بنگال ۾ مارجي ويل ماڻهن جو تعداد ڏهه هزار کان به وڌيڪ هو.

عورتن ۽ ٻارن جن جو انهن فسادن دوران سڀ ڪجھ لٽجي چڪو هو ۽ انهن کان سندن پيارا وڇڙي چڪا هئا، انهن مظلوم عورتن ۽ ٻارن جي سوڳ ۽ غم منهنجي دل کي ڳاري

چڙيو، مون پنهنجو پاڻ کان پڇيو ته "**اسلام جي نالي تي قائم ٿيل هن پاڪستان مان اسان ڪي ڇا مليو؟**"

**دهلي معاهدي جي انحرافي**

(23) مارچ جي آخر ڏاري هندو وڏي پئماني تي اوڀر بنگال مان لڏپلاڻ ڪري ويا. تمام ٿوري وقت ۾ اهو ڏسڻ ۾ آيو ته سيني هندن انديا ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي. انديا مان جنگ جي صدا ابري ۽ صورتحال انتهائي سنگين ٿي وئي. متوقع طور قومي تباهي اچي چڪي هئي. انهي آفت برپا ٿيڻ کان پوءِ به 8 اپريل واري دهلي معاهدي کان لنوايو ويو.

ڏڪايل هندن جي وڃايل اعتماد ۽ حوصلي کي زنده ڪرڻ لاءِ مون وڏي پئماني تي اوڀر بنگال جو دورو ڪيو. آئون ڍاڪا، بارسيل، فريد پور، کلنا ۽ جئه پور ضلعن جي ڪيترن ئي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ويس جتي درجنين وڏن عوامي ميڙاڪن کي خطاب ڪندي هندن کي چيو ته اهي همت ۽حوصلو ڪن ۽ پنهنجا اباڻا گهر ۽ علائقا نه ڇڏين. مون کي اها اميد هئي ته حڪومت ۽ مسلم ليگي اڳواڻ دهلي معاهدي تي عمل ڪندا پر وقت گذرڻ سان اهو ثابت ٿيو ته نه ئي حڪومت ۽ نه وري مسلم ليگي اڳواڻ دهلي معاهدي تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار هئا. اوڀر بنگال حڪومت نه صرف دهلي معاهدي لاءِ پنهنجي وسيلن کي ڪتب نه آندو پر اها ان مد ۾ ڪي به موثر قدم کڻڻ لاءِ به راضي نه هئي.

هزارين هندو جيڪي دهلي معاهدي تحت واپس آيا انهن کي پنهنجا گهر خالي ڪرائي نه ڏنا ويا جن تي مسلمانن قبضو ڪري ڇڏيو هو.

**مولانا اڪرم خان جي اشتعال انگيزي**

(24) مسلم ليگي اڳواڻن جي نيت بابت منهنجو شڪ صحيح ثابت ٿيو جڏهن مون مسلم ليگ جي صوبائي صدر مولانا ڪرم خان جا ماهوار رسالي محمدي جي واساڪ واري پرچي ۾ ادارتي رايا پڙهيا. هن پاڪستان جي اقليتي مامرن واري وزير جي ڍاڪا ريديو واري نشريات ۾ ڇپيل ان بيان ته : عربستان ۾ يهودين کي نبي محمد به مذهبي آزادي ڏني هئي، تي مولانا اڪرم خان پنهنجي راءِ ڏيندي لکيو ته ڊاڪٽر مالڪ پنهنجي تقرير ۾ عربستان جي يهودين بابت ڪو حوالو پيش نه ڪيو، اها ڳالهه صحيح آهي ته نبي محمد عربستان جي يهودين کي مذهبي آزادي ڏني هئي پر اهو تاريخ جو پهريون باب هو آخري باب ۾ نبي جي هدايت آهي ته : سيني يهودين کي عربستان مان نيڪالي ڏئي ٻاهر ڪڍيو.

اهڙي دل آزاريندڙ راءِ ڏيڻ جي باوجود اهو شخص انتهائي اهم سياسي ۽ سماجي عهدي تي موجود آهي ۽ مسلم ڪميونٽي جي روحاني زندگي ۾ اهم مقام پڻ رکي ٿو. مون کي ها اميد هئي ته نور الامين جي وزارت ايتري بي خلوص نٿي ٿي سگهي پر منهنجي اميد جو شيرازو پوري طرح تڏهن وکري ويو جڏهن دهلي معاهدي تحت اقليتن جي مامرن جو وزير مقرر ڪرڻ لاءِ ڊي اين براري جهڙي شخص کي وزير ڪيو ويو.

اولهه ۽ اوڀر بنگال ۾ اقليت سان وابسته وزير مقرر ڪرڻ جو مقصد اقليتن جي ذهنن ۾ اعتماد جي فضا بحال ڪرڻ هو.

**نور الامين حڪومت جو غير مخلصانه قدم**

(25) مون پنهنجي هڪ عام بيان ۾ ڊي اين براري جي اقليتن جي نمائندي طور مقري بابت چيو هو ته جيڪڏهن نور الامين حڪومت اقليتن سان مخلص آهي ته اهو قدم اقليتن جي

اعتماد جي بحالي لاءِ مددگار ثابت نہ ٿيندو پر الٽو اهو قدم تڪراري ۽ اميدن ۽ توقعات کي سخت هاجو رسائيندڙ آهي. منهنجو پنهنجو اهو ردعمل هو تہ نورالامين حڪومت نہ صرف غير مخلص آهي پر اها دهلي معاهدي جي اصولن ۽ مقصدن کي ختم ڪرڻ گهري ٿي. آئون وري بہ اها ڳالهہ دهرايان ٿو تہ ڊپ اين براري پنهنجي پاڻ کان سواءِ بي ڪنهن جي نمائندگي نٿو ڪري. هو بنگال ليجسليٽو اسيمبلي مان ڪانگريس جي ٽڪيٽ، پئسن،مدد ۽ تنظيمي حمايت سان چونڊيو ويو ان وقت هن شيڊيولڊ ڪاسٽ فيڊريشن جي اميدوارن جي مخالفت ڪئي. اليڪشن کان ڪجهہ وقت پوءِ هن ڪانگريس سان غداري ڪري فيڊريشن ۾ شموليت ڪئي، وزير ٿيڻ کان پوءِ هو فيڊريشن جو ميمبر پڻ نہ رهيو. آئون سمجهان ٿو تہ اوڀر بنگال جا هندو پڻ مون سان اتفاق ڪندا تہ ڊپ اين براري پنهنجي ماضي، ڪردار، شعوري سطح ۽ پنهنجي ڪارنامن جي لحاظ کان ان عهدي لاءِ اهل نہ آهي.

(26) انهي عهدي لاءِ مون نورالامين ڪيٽن شخصن جا نالا ڏنا، انهن مان هڪ ايم. اي ، ايل ايل بي ۽ ڍاڪا هاءِ ڪورٽ جو وڪيل هو، هو فضل الحق جي ڪابينا ۾ چار سال وزير بہ رهي چڪو هو ۽ ڇهہ سال ڪلڪتي ۾ ڪوئلي ۽ معدنياتي بورڊ جي چئرمئن جا پڻ فرض سرانجام ڏنا هئا ۽ هو شيڊيولڊ ڪاسٽ فيڊريشن جو سينيئر وائيس پريزيڊنٽ آهي. مون جيڪو ٻيو نالو ڏنو هو اهو بي اي ، ايل ايل بي هئڻ سان گڏ 7 سال ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر رهي چڪو هو. آئون اهو ڄاڻڻ چاهيان ٿو تہ نورالامين کي انهن ٻنهي ميمبرن کي رد ڪرڻ جا ڪي بہ ٺوس سبب نہ هئا ۽ ان جي جاءِ تي هڪ اهڙي شخص کي مقرر ڪيو ويو جنهن تي قانوني ۽ آئيني لحاظ کان سخت اعتراض موجود هئا.

آئون چئي سگهان ٿو تہ نورالامين پاران ڊپ اين براري کي وزير مقرر ڪرڻ مان ثابت ٿئي ٿو تہ اوڀر بنگال جي حڪومت دهلي معاهدي بابت نہ سنجيدهہ آهي ۽ نہ وري مخلص.

انهي معاهدي ۾ واضع ڪيو ويو هو تہ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون وڃن جنهن سان هندو اوڀر بنگال ۾ پنهنجي جان، مال ۽ عزت جي تحفظ جي احساس ۽ مذهبي آزادي سان رهي سگهن.

<u>هندن کي دٻائڻ جو حڪومتي منصوبو</u>

(27) آئون هتي وري دهرايان ٿو تہ اوڀر بنگال جي حڪومت سڄي صوبي ۾ هندن کي ديوار سان لڳائڻ واري پاليسي تي عمل پيرا آهي. مون هڪ کان وڌيڪ ڀيرا ان مسئلي تي توهان سان ڳالهايو. منهنجي خدشي مطابق هندن کي پاڪستان مان نيڪالي ڏيڻ واري پاليسي اولهہ پاڪستان مان ڪاميابي سان مڪمل ٿي ۽ اوڀر بنگال ۾ پڻ مڪمل ٿيڻ کي ويجهو آهي. ڊپ اين براري جي وزير طور مقرري ۽ ان مد ۾ منهنجي سفارشن تي اوطر بنگال جي حڪومت جا بي رخي سان ڪيل اعتراض، صاف واضع اشارو آهي تہ اهي ڪهڙي قسم جي اسلامي رياست ٺاهڻ چاهين ٿا.

پاستان هندن کي مڪمل اطيمنان ۽ پوري طرح تحفظ جو احساس ناهي ڏنو. هاڻ اهي اقليت جي باشعور طبقي مان جان ڇڏائڻ چاهين ٿا. ان ڪري هاڻ پاڪستان جي سياسي، اقتصادي ۽ سماجي زندگي ۾ اقليت جو ڪو بہ ڪردار نہ رهندو.

<u>حيلن بهانن ذريعي گڏيل چونڊ نظام واري سوال کي ملتوي ڪرڻ</u>

(28) آئون اهو سمجهڻ ۾ مڪمل ناڪام ويو آهيان تہ آخر ڇو اجا تائين چونڊ نظام وارو سوال حل ٿي نہ سگهيو آهي. منارٽي سب ڪميٽي جي قيام کي ٽي سال ٿي چڪا آهن ۽ ان ٽي دفعا گڏجاڻي بہ ڪئي.

گڏيل يا الڳ چونڊ نظام وارو مسئلو ڪاميٽي جي ڊسمبر واري ميٽنگ ۾ ئي حل ٿي وڃڻ گهرجي ها جڏهن اقليتن جي سڀني سرڪرده نمائندن ان گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪئي، انهن گڏيل چونڊ نظام ۾ پوئتي پيل ذاتين لاءِ مخصوص سيٽن جو مطالبو ڪيائون.

اسان شيڊيولڊ ڪاسٽ پاران گڏيل چونڊ نظام ۾ پوئتي پيل ذاتين لاءِ مخصوص سيٽن جو مطالبو ڪريون ٿا.

اهو مسئلو وري به اگسٽ جي آخر ذاري ڪونايل گڏجاڻي ۾ ويچار هيٺ آيو پر ڪنهن به طرح ان مسئلي تي ڪو به فيصلو نه ڪيو ويو ۽ اه گڏجاڻي پڻ هميشه لاءِ ملتوي ڪئي وئي.

ان ڪان پوءِ هاڻي اهو سمجهڻ مشڪل نه آهي ته انهن نظرانداز ڪرڻ وارن حربن جي پويان پاڪستان جي حڪمرانن جي ڪهڙي نيت ڪارفرما آهي.


**دلت ادب سيريز جو ڪتابي سلسلو**

دراوڙ -آريا تضاد

**( مختصر تاريخي جائزو )**

**گنپت راءِ**

پاڪستان دلت فورم

***ڇاپو پهريون*** (سنڌي ) ....... *2012 ع*



**مضمون جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**



dalit.pakistan@gmail.com

www.facebook.com/pakdalit

**موبائيل:** 0333_2513808



**قيمت:** 10 روپيه

# دراوڙ ۽ آريا  تضاد جو مختصرتاريخي  جائزو

ننڍو کنڊ، دنيا جي اوائلي تهذيبن مان هڪ سنڌو ماٿري جي "موئن جو دڙو" جي تهذيب ۽ گوتم ٻڌ جي لازوال امن ۽ ڀائيچاري جي فلسفي سبب سجي دنيا ۾ مشهور آهي. ان سان گڏوگڏ اهو بدنصيب ننڍو کنڊ (گڏيل هندستان پاڪ و هند ) چار هزار سالن کان تاريخ جي بدترين نسل پرستي جا ايذاءَ ڀوڳي رهيو آهي.

آريائي نسل پرستي نه صرف ننڍي کنڊ جي انسانن کي پيڙهيو پر ان جي شاندار تهذيب کي پڻ تهس نهس ڪري ڇڏيو. ننڍي کنڊ جي شاندار روايتن جي جاءِ استحصالي نسل پرستيورتي ۽ ننڍي کنڊ ۾ هڪ نه کٽندڙ بدترين غلامي جي تاريڪ دور جو آغاز ٿيو جيڪو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ اڄ پڻ جاري آهي.

ڪارل مارڪس ننڍي کنڊ جي تاريخ بابت لکيو آهي ته "هندستان جي ڪا به تاريخ نه آهي". جڏهن ته ڊاڪٽر ڀيم رائو امبيڊڪر جنهن هندستان جي تاريخ کي حقيقي انداز ۾ سماج جي سائنسي معيار موجب نئين سر مرتب ڪيو، جو چوڻ آهي ته "ايئن به ناهي ته برصغير جي ڪا به تاريخ نه آهي پر موجوده تاريخ کي هرگز تاريخ چئي نٿو سگهجي. ان کي ايترو ته توڙي مروڙي پيش ڪيو ويو جو اها ٻارن جي دل وندرائڻ وارين آکاڻين وانگر لڳي رهي آهي." برصغير جي تاريخ کي شعوري طور آريائي طبقي مسخ ڪري پيش ڪيو ته جيئن ننڍي کنڊ جا ماڻهو حقيقتن کان واقف نه ٿين ۽ آريائي نسل پرست سامراج جو حقيقي چهرو ظاهر ٿي نه سگهي. ويهين صدي جي وڏن ڪارنامن مان هڪ اهو پڻ آهي ته ننڍي کنڊ جي مورخن برصغير جي المين سان ڀرپور تاريخ کي نروار ڪري حقيقتون سامهون آنديون جنهن سان ايندڙ نسل سبق سکي سگهن ٿا ۽ اها کاوش هزارين سالن کان جاري غير انساني نظام کان ڇوٽڪاري جو ذريعو پڻ بڻجي سگهي ٿي.

ننڍي کنڊ جو اهو ڪڙو سچ آهي ته گوتم ٻڌ جي تحريڪ کان سواءِ اسان کي ٻي ڪنهن به اهڙي تحريڪ جو مثال نٿو ملي جنهن سان برصغير جي ماڻهن ذات پات جا ويڇا وساري سماج جي گڏيل مفادن لاءِ جدوجهد ڪئي هجي.

موجوده دور ۾ جڏهن تاريخي حقيقتون به سامهون اچي رهيون آهن. عالمي طور تي سرمائيداراڻو نظام پڻ پنهنجي زوال طرف وڃي رهيو آهي، دنيا جي مظلوم طبقن ۾ سجاڳي ۽ تحرڪ پڻ زور شور سان جاري آهي، انسان ذات جي خوشحالي، برابري، ڀائيچاري ۽ امن جا پرچارڪ نظريا پڻ سماج جي فيصلي ڪن قوت بڻجي وقت جي خدائن کي للڪاري رهيا آهن. تڏهن ننڍي کنڊ جي ماڻهن جي لاءِ خوش آئيند حقيقت اها آهي ته شايد هزارين سالن کان جاري اها "خفيه اپارٿائيڊ" به هاڻي پنهنجي خاتمي طرف وڃي رهي آهي. اسان هن مضمون ۾ انهي ئي دراوڙ ـ آريا تضاد جو مختصر تاريخي جائزو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

جيئن تہ آريائي نسل وچ ايشيا کان وارد ٿي برصغير جي اصلوڪن وارثن جن کي تاريخدان "دراوڙ" جي نالي سان سڃاڻن ٿا، کي پنهنجي عياري، مڪاري، فريب ۽ طاقت سان زير ڪيو، جيتوڻيڪ اها ڪشمڪش ڪئي صدين تائين هلي هوندي، تاريخ يا شايد تاريخ کان بہ اڳ جي هن معمي کي سمجهڻ لاءِ اسان کي سڄي دنيا ۾ رائج طبقاتي نظام ۽ ان جي رشتن کي بہ سمجهڻ بہ لازمي آهي. موئن جو دڙو ۾ بہ شايدطبقاتي نظام رهيو هجيها پر اهو نظام خالص طبقاتي ئي رهيو هوندو، ڪو بہ دراوڙ نسل جو فرد طاقت ۽ دولت جي مدد سان "ڪشتري" ٿي سگهيو هوندو ۽ غريب دراوڙ شودر رهيو هوندو. مگر ڪو بہ ڪشتري پنهنجي طبقي مان هيٺ لهي شودر بہ ٿي پئي سگهيو ۽ ڪو بہ شودر ڪشتري بڻجي پئي سگهيو. هتي شودر مان مراد محنت ڪش يا غريب طبقو آهي ۽ڪشتري مان مراد مالدارحڪمران طبقو آهي.

طبقاتي نظام تہ هميشہ کان وني رهيو آهي ۽ دنيا جون اوائلي تهذيبون پڻ ابتدائي اشتراڪيت جي دور کان گهڻو پوءِ وجود ۾ آيون هيون. انڪري جيڪڏهن دراوڙ تهذيب ۾ طبقا هوندا هئا تہ اهي موجوده ذات پات جي نظام تحت نہ پر صرف اقتصادي بنيادن تي ئي رهيا هوندا. آرين جي اچڻ کان پوءِ نسل جي بنيادن تيسماج جي ورهاست ٿي. جيئن تہ آريا ٻاهريان آيل هئا تہ لازمي طور تي مقامي دراوڙ نسل سان نفرت ۽ پنهنجي نسل جي برتر هئڻ جي نفسيات هر ڌارئي حملہ آور وانگر سندس رڳ رڳ ۾ هوندي. آرين پنهنجي نسل کي اڪثريتي دراوڙ نسل ۾ ضم ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ پنهنجي نسل ۾ برتري جو احساس اڀاريو ۽ دراوڙن کي نفرت انگيز لقبن سان نوازڻ لڳا. جيئن تہ دراوڙ سماج بہ طبقاتي رهيو هوندو انهي ڪري آرين سماج جي تضادن کي انتهائي عياري ۽ مڪاري سان استعمال ڪري آهستي آهستي حڪومت تي قبضو ڪيو هوندو. دراوڙن کي تاريخ ۾ ناگا پڻ چيو ويندو هو. آريا جتي دراوڙ يا ناگا لوڪن کي زير ڪري نہ سگهيا تہ انهن سان صلح ڪيو هوندو ۽ موقعو ملڻ تي انهن جو صفايو پڻ ڪيو. برصغير جي تاريخ اهڙن واقعن سان ڀري پئي آهي. دراوڙ يا ناگا نسل جي ماڻهن کي هميشہ لاءِ غلام بڻائي رکڻ ڪو آسان ڪم نہ هو ان ڪري آرين دراوڙ نسل کي هميشہ طاقت ۽ تعليم حاصل ڪرڻ کان هميشہ لاءِ پري رکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اها اڄ پڻ جاري آهي.

دراوڙ مزاحمتڪارن کي آرين راڪشس ۽ اسور جهڙا لقب ڏنا، دراوڙ نسل جي استادن، گروئن ۽ فلسفين کي شيطاني شخصيتون قرار ڏئي قتل ڪرڻ عام ڳالهہ هئي. تمام گهٽ تعداد ۾ هئڻ ڪري آرين هميشہ عياري، مڪاري ذريعي دراوڙ طبقن جي اندروني تضادن کي استعمال پئي ڪيو آهي. طاقتور دراوڙ طبقي کي "ڪشتري" ذات بڻائيباقي دراوڙ خلق جي خلاف استعمال ڪيو ويو. ڪشتري ۽ آريا نسل جي ميلاپ سان هڪ ٻيو مخلوط نسل پيدا ٿيو جنهن کي وئش سڏيو وڃي ٿو. ان جي حيثيت نئين ذات پات يا ورڻ جي نظام ۾ ٽئين درجي جي هئي جڏهن تہ عام دراوڙ محنت ڪش طبقي کي چوٿئين درجي ۾ رکيو ويو. هاڻ جڏهن ٻن جي بدران چار طبقا بڻجي ويا ۽ گڏوگڏ نسلي برتري جو زهر پڻ سماج ۾ داخل ٿي چڪو هو. ان جي نتيجي ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر هيٺئين طبقي کي ئي ٿيڻو هو. شايد ايئن بہ ٿيو هوندو تہ ذات پات جي چار طبقن جي اوائلي جوڙجڪ دوران ڪافي عرصي تائين هڪ طبقو ٻي طبقي ۾ وڃي پئي سگهيو هوندو پر بعد ۾ اهو سرشتو مضبوط بڻجڻ کان پوءِ طبقا ذاتين ۾ بدلجي ويا. هڪ ذات کي ٻي ذات ۾ وڃڻ کان سختي سان روڪيو ويو. انهي عمل ۾ نسل پرستي جو خاص ڪردار رهيو آهي.انهي دور ۾ دراوڙ ڪشتري ۽ آريا هڪ ٻئي مان شاديون ڪندا هئا،اهو ئي سبب آهي جو ڪشتري "ٻہ سر" نسل آهي، هڪڙي طرف ڪشتري بنيادي طور دراوڙ نسل مان آهن تہ ٻي طرف آرين جو

نسل بہ انهن ۾ وڌي حد تائين گهڙي چڪو هو. (اج تائين بہ ڪشتري راجپوت، مسلمانن جي حڪمرانن طبقن سان بہ رشتن جي ڏيتي ليتي ڪندا اچن پيا). ويش پڻ آريائي برهمڻن ۽ مخلوط ڪشترين جي ٻنهي نسلن جي ميلاپ جو نتيجو آهن. جڏهن تہ شودر طبقو صرف غلام ئي هوءِ باقي مٿيان ٽيئي طبقا ان سان نفرت ڪندا هئا. شودرن مان شاديون ڪرڻ تہ پري جي ڳالهہ پر انهن سان گڏ ڪاڌو ڪائڻ بہ عيب سمجهيو ويندو هو. اها ننڌي ڪنڌ ۾ لساني بدعت جي شروعات هئي جيڪا سموري انساني تاريخ تي هميشہ لاءِ ڪارو داغ بڻيل هوندي.

ڪافي تاريخدان ان راءِ جا آهن تہ آرين جي ننڌي ڪنڌ ۾ آمد ان دور ۾ ٿي جڏهن "موهن جو دڙو" جي تهذيب زوال پذير ٿي چڪي هئي. سماجن ۽ تهذيبن جي بہ عمر هوندي آهي، شروعاتي مرحلن ۾ اهي پيدا ٿينديون آهن ۽ عروج حاصل ڪنديون آهن ۽ آخرڪار اهي زوال پذير ٿيڻ لڳنديون آهن. مگر اهو سڀ ڪجهہ سڌي لڪير ۾ نہ ٿيندو آهي، هر مرحلي ۾ پڻ ڪيئي اڀار ۽ زوال ايندا آهن ۽ اهڙي طرح سماجن ۽ تهذيبن جي ارتقا ٿئي ٿي. "موهن جي دڙي" بابت آرين جي قديم ڪتابن ۾ پڻ ڪو ذڪر نٿو ملي. موهن جي دڙي ڪي جيڪڏهن آرين تباهہ ڪيو هجي ها تہ اهي ضرور "ظالم دراوڙ راڪشن" جي شهر جي فتح جو احوال پنهنجي ڪتابن ۾ لکن ها. آرين جي ڪتابن ۾ ننڌي ڪنڌ جي قديم شهر "پٽنا" جو ذڪر ضرور ملي ٿو جيڪو موهن جي دڙي ڪان تمام گهڻو بعد جو آهي.

ان ڪان سواءِ هڪ ٻي ڳالهہ بہ ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي تہ آريا هميشہ اقليت ۾ هئا ۽ اج پڻ اهو نسل تمام ٿورائي ۾ آهي. موجوده ننڌي ڪنڌ جي پوٽا ۾ ارب آبادي مان آرين جو تعداد مشڪل سان ئي پنج يا ڇهہ ڪروڙ ٿيندو. ننڌي ڪنڌ جي باقي نسلن ۾ عرب، ايراني، بلوچ، پختون ۽ ٻين نسلن جي آبادي پڻ 20 ڪروڙ ڪان گهٽ آهي جڏهن تہ اج پڻ برصغير ۾ ڏيڍ ارب ڪان وڌيڪ آبادي دراوڙ يا ناڳا نسل جي آهي. اهو ئي سبب آهي جو دراوڙ نسل جي ماڻهن ڪي، پوءِ اهي پلي ڪٿي ڪهڙي بہ مذهبي عقيدي سان تعلق رکندا هجن، "**بهوجن**" سڏيو ويندو آهي. بهوجن لفظ جي معنيٰ آهي 'اڪثريتي نسل'. اها پڻ حقيقت آهي تہ آريا تاريخ ۾ ڪڏهن بہ پوري برصغير تي مڪمل قبضو ڪري نہ سگهيا هئا.دراوڙ نسل ننڌي ڪنڌ ۾ هميشہ ڪان وٺي ڪنهن نہ ڪنهن علائقي ۾ آزاد ۽ خودمختيار حيثيت ۾ رهيو آهي. دراوڙ لوڪن جي آخري عظيم سلطنت، مهاراجہ راوڻ جي لنڪا هئي. دراوڙ لوڪن جي انهي خودمختيار ۽ آزاد سماجن، پوءِ پلي اهي ننڌي ۽ محدود پئماني تي ئي ڇو نہ هئا، دراوڙ سيپتا جي باقيات ڪي اج تائين زنده رکيو ۽ ريڊ انڊين وانگر دراوڙ صفحہ هستي تان غائب ٿي نہ ويا.

ننڌي ڪنڌ جي انهن آزاد ۽ خودمختيار دراوڙ رياستن خلاف آريا هميشہ ڪان وٺي اڳرائي جي ذريعي انهن ڪي نيست ۽ نابود ڪندا آيا. آرين انهي ڪم لاءِ ڪشترين ڪي استعمال ڪيو. "رامچندر"، "ڪرشن" سميت ڪافي اهڙا ڪردار هئا جن آريائي سامراج جا مهرا بڻجي آزاد دراوڙن ڪي نيست ۽ نابود ڪيو. (ياد رکڻ گهرجي تہ آريا "ڪشتري" انهن ماڻهن ڪي چوندا آهن جيڪي آريائي نظام ۾ آرين جي ماتحت هوندا هئا، جڏهن تہ آرين پنهنجي مخالف دراوڙ حڪمرانن ڪي ڪشتري جي بدران وحشي ۽ جهنگلي قبائلي سردار جي لقب سان سڏيو.)

آرين ڪشترين ڪي ڪڏهن بہ پنهنجي برابر نہ سمجهيو ۽ ويش طبقي ڪي پڻ گهٽ نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو.شودر طبقو باقي ٽنهي طبقن جو غلام بڻجي ويو. ذات پات جي نظام ڪان ٻاهر جي ماڻهن ڪي آريا "اڇوت"، "ناپاڪ" يا "مليڇ" سڏيندا هئا.

ذات پات جي نظام ۾ “چاتر ورڻا” يعني چار ورڻن يا ذاتين کان ٻاهر اهي دراوڙ يا آدي دراوڙ قبيلا جيڪي جابلو علائقن يا صحرائن ۾ رهندا هئا ۽ آريائي تسلط کان آزاد پنهنجي دراوڙي قبائلي روايتن تحت زندگي گذاري رهيا هئا اهي آرين جي نظر ۾ اهڙا ظالم راڪش يا ديت هئا جيڪي آريائي سلطنت لاءِ خطرو بڻجي پئي سگهيا.اڄ تائين بہ انهن قبائلين جي رهڻي ڪهڻي ۽ ثقافت جا طور طريقا آرين کان مختلف آهن. برصغير ۾ اهي قديم قبائلي دراوڙ اڄ بہ تامل نائڊو، ڪيرالہ آندرا پرديش، آسام ۽ راجستان ۾ آباد آهن. سنڌ ۾ رهندڙ ڀيل ۽ ڪولهي قبيلا بہ آدي دراوڙ قبيلا آهن. شايد تاريخ جي انهي ئي دور ۾ دراوڙ قبيلا خانہ بدوشي ڏانهن راغب ٿيا اڄ تائين خانہ بدوش زندگي گذاريندڙ جوڳي قبيلو انهن ئي ناگا لوڪن ۾ آهي. جپسي جيڪي راجستاني قبيلن سان مشابهت رکن ٿا، اهي پڻ دراوڙ قبائلي آهنجيڪي برصغير مان فارس ۽ مصر رستي يورپ ۾ داخل ٿيا. يورپ ۾ مصر کان اچڻ جي ڪري ڪين جپسي يعني مصري سڏيو ويو. اهو لفظ غلط فهمي جي ڪري وجود ۾ آيو جهڙي طرح واسگوڊيگاما آمريڪا جي اصلوڪن باشندن کي ريڊ انڊين سڏيو.

انڊيا جي موجوده سماجي جوڙجڪ ۾ آريا ۽ مخلوط آريائي نسل، جيڪي اوچ ذاتيون سڏيا وڃن ٿا، انهن جو تعداد صرف 15 في صد آهي، باقي 85 في صد بهوجن يعني دراوڙ نسل آهن. بهوجن ۾ پوئتي پيل ذاتيون تمام وڏي اڪثريت رکن ٿيون جن کي BCs (بئڪ ورڊ ڪاسٽس ) ۽ OBCs (اڏر بئڪ ورڊ ڪاسٽس ) چيو وڃي ٿو، ان کان پوءِ دلت طبقي جي وڏي اڪثريت آهي. دلت ڪميونٽي ۾ شيڊيول ذاتيون ۽ قبيلا SCs & STs اچي وڃن ٿا، مسلم، عيسائي ۽ سک مذهبن جي مڃيندڙن ۾ 90 سيڪڙو کان وڌيڪ بهوجن نسل جا ماڻهو آهن جڏهن تہ ٻڌ ڌرم جا سڀئي پيروڪار دلت بهوجن آهن. علائقائي حوالي سان ڏٺو

وڃي تہ اڄ پڻ ڏکڻ هندستان جي علائقن ۾ دراوڙ تهذيب غالب آهي جڏهن تہ اتر هندستان کي Cow Belt يا Hindi Belt سڏيو وڃي ٿو جتي آرين جي ثقافتي يلغار جاري آهي. آريا ثقافت جو ڪو بہ بنياد نہ آهي ڪو بہ ڌاريو حملہ آور پاڻ سان گڏ پنهنجي ثقافت ڪڻي نہ ايندو آهي پر مفتوح قومن جي ثقافت تي يلغار ڪري پنهنجا اثر ڇڏيندو آهي. لساني اعتبار کان ڏسجي تہ موجوده پاڪستان برصغير جي گيٽ وي هئڻ ڪري ۽ جغرافيائي طور ڏکڻ ايشيا سان متصل علائقن جهڙوڪ افغانستان، ايران ۽ وچ ايشيا سان ڳنڍيل هئڻ ڪري ڏکڻ ايشيا جو اهو واحد ملڪ آهي جتي دراوڙن جي ڀيٽ ۾ عرب، بلوچ، پختون ۽ ٻين سامي نسل جي ماڻهن جي اڪثريت آهي جڏهن تہ باقي سڀني ننڍي کنڊ جي ملڪن (انڊيا، نيپال، سري لنڪا، ڀوٽان ۽ بنگلہ ديش) ۾ دراوڙ نسل (بهوجن) جي واضع اڪثريت آهي.

ذات پات جي نظام هزارين سالن تائين انسانن کي پيڙهي رکيو ، دراوڙ نسل جا اڪثر ماڻهو شودر طبقي ۾ اچي ويا هئا ۽ انهن تي تعليم جا دروازا بند ڪيا ويا، اهڙي ريت عظيم دراوڙ تهذيب جي خالق دراوڙ نسل کي انسانيت جي لڪير کان ئي هيٺ ڪيرايو ويو. دراوڙن سان نہ صرف برهمڻ پر ڪشتري ۽ وئش پڻ نفرت ڪندا هئا (۽ اڄ تائين منجهن اها نفرت موجود آهي). انهي نفرت جو بنياد لساني سان گڏوگڏ طبقاتي پڻ آهي.

وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ڇوت ڇات ۽ نسلي امتياز وڌيڪ پيچيده بڻجندو يو. برهمڻن جا ڪشترين ۽ ويش طبقي سان پڻ تضاد رهيا پر الميو اهو ٿيو جو شودر قرار ڏنل هيٺئين طبقي جا پڻ هڪ ٻئي سان ويڇا وڌندا ويا. پيشي جي بنياد تي ذاتين جو قيام عمل ۾ آيو ۽ ذات موروثي بڻجي وئي. هڪ ذات وارا ٻي ذات وارن سان سماجي لاڳاپا ۽ شاديون وغيره ڪري نہ پئي سگهيا. اهڙي طرح ننڍو کنڊ هڪ تاريڪ دور مان گذري رهيو هو اهڙي سماج

۾ گڏيل سوچ ۽ گڏيل سجاڳپ نہ صرف ناممڪن هئي پر اهڙي ڪوشش ڪي مقتدر آريائي قوتن ڏاڍ ذريعي ختم پئي ڪيو.

آرين ڪي پنهنجي عددي اقليت جو هميشہ احساس رهيو آهي ۽ ان خوف جي ڪري انهن بين طبقن خاص ڪري ڪشترين جي خلاف سازشون پڻ ڪيون. آريا ڪشترين ڪان هميشہ خوفزده رهيا آهن، ان ڪري جتي جتي ڪشتري زور وٺندا ويا تہ اتي آرين سازش ۽ مڪاري سان ڪين هٽايو. 1947ع ۾ سردار پٽيل (جيڪو پوئتي پيل ذاتين مان هو) جڏهن برهمڻ قوتن (جنهن جي اڳواڻي نهرو ڪري رهيو هو) خلاف جنگ جو علم بلند ڪيو تہ ان ڪي هڪ سازش ذريعي پاسيرو ڪيو ويو. گانڌي برهمڻ سامراج ۽ ان جي ذات پات جي نظام ڪي مضبوط ڪيو. سردار پٽيل جي معاملي ۾ پڻ گانڌي برهمڻ نهرو جو ساٿ ڏنو پر جڏهن برهمڻن ڏنو تہ گانڌي جي مقبوليت جي ڪري ويش (واڻيا) برادري خاص طور تي برلا اينڊ ڪمپني سياسي، اقتصادي ۽ رياستي طور تي مضبوط ٿي رهي آهيتڏهن گانڌي ڪي برهمڻ نٿو رام گوڊسي گولي هڻي ان جو ڪم تمام ڪري ڇڏيو. گانڌي ڪي برهمڻ آريائي قوتن پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪيو، ان وقت گانڌي ڪي “مهاتما” سڏيو ويو مگر ڪم نڪرڻ ڪان پوءِ ان ڪي ڪتي جي موت ماريو ويو. موجوده دور ۾ وشوناٿ پرتاب سنگهہ ۽ بي پي مندل جڏهن برهمڻ آريائي قوتن خلاف بهوجن سان گڏجي مقابلو ڪرڻ لاءِ سوچيو تڏهن خوفزده برهمڻ قوتن سازش سان بابري مسجد جو واقعو ڪرائيڪين ناڪام ڪيو.

آرين جي انهي تنگ نظر نسل پرستي جي ڪري تاريخ ۾ وقت بوقت ڪشترين ۽ برهمڻن (آرين ) جا تضاد اڀرندا رهيا. گوتم ٻڌ ذات پات جي بدترين نظام خلاف نندي ڪنڌ جي تاريخ جي هڪ فيصلہ ڪن ۽ موثر جنگ ڪئي. انهي جنگ جي ذريعي نندي ڪنڌ ۾ آرين جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو. آرين نندي ڪنڌ جي تاريخ ۾ اڳ ڪڏهن بہ اهڙي شڪست ۽ مزاحمت نہ ڏٺي هئي. گوتم ٻڌ جو پيغام پوري نندي ڪنڌ ۾ ڦهلجي ويو. گوتم ٻڌ ڪان اڳ واري دور ڪي ويدڪ دور بہ چيو وڃي ٿو. آرين تي ٻڌ ازم جي فتح ڪان پوءِ پندرهن سو سالن تائين نندو ڪنڌ ٻڌ مت جو مضبوط قلعو بڻجي ويو. ٻڌ ازم ان عرصي ۾ نہ صرف نندي ڪنڌ پر چين، ڪوريا، جاپان، ٿائيليند، انڊونيشيا، برما ۽ افغانستان تائين ڦهلجي وئي. نندي ڪنڌ جو عظيم حڪمران اشوڪ اعظم انهي ئي دور جي علامت آهي. ٻڌ ڌرم ڪي شودرن جو مذهب بہ چيو ويندو آهي. ٻڌ مت وڏي عرصي ڪان جاري آريائي نسل پرستي جي لعنت ڪان نندي ڪنڌ ڪي نجات ڏياري. ٻڌ ازم جو دور نندي ڪنڌ جي تاريخ جو سنهري دور آهي. ٻڌ مت جي طويل دور ۾ نسل پرست آرين نہ صرف پنهنجي شناخت ڪي زنده رکيو پر ٻڌ سلطنت جي ڪمزورين مان فائدو وٺندي سازشن ذريعي ٻڌ حڪمرانن جو خاتمو آڻي ٻيهر پنهنجي ذات پات جي نظام ڪي انتهائي ڀيانڪ انداز ۾ رائج ڪيائون. سنڌ ۾ انهي دور ۾ راءِ گهراڻي جي حڪمراني هئي. راءِ گهراڻي ڪي آرين اندروني سازشن ذريعي ختم ڪري برهمڻ دور جو آغاز ڪيو. راءِ گهراڻي جي ٻڌ سلطنت ڪي ڇچ جيڪو ڪشميري برهمڻ هو، انتهائي مڪاري ۽ عياري سان فتح ڪيو. ڇچ ڪان پوءِ بدنامِ زمانہ ڏاهر سنڌ جو حڪمران بڻيو. ان وقت سنڌ جي ماڻهن جو مذهب ٻڌ ڌرم هو. برهمڻ حڪمرانن جي زماني ۾ عوام تي بدنامِ زمانہ “منو سمرتي” جا قانون لاڳو ڪيا ويا. ٻڌ دور جي هر باقيات جو هر سطح تي خاتمو ڪيو ويو. هزارن جي تعداد ۾ ٻڌ ڀڪشو ماريا ويا، نندي ڪنڌ ڪي هڪ ڀيرو ٻيهرنسل جي بنياد تي رت ۾ وهنجاريو ويو.

تاريخ ۾ ڦهريون ڀيرو نندي ڪنڌ جي ماڻهن ذات پات جي جڪڙ مان آزاد ٿي گوتم ٻڌ جي فلسفي تحت برابري ۽ ڀائيچاري جي منزل ڪي حاصل ڪيو پر اهو سڀ ڪجهہ وري ماضي جو قصو بڻجي ويو. آرين وڏي عرصي ڪان پوءِ ٻيهر ڀيانڪ نسلي نظام لاڳو ڪيوجيڪو

"منو سمرتي " جي مدد سان اڳ کان بہ وڌيڪ اذيتناڪ هو. ذات پات جي اوچ نيچ خلاف ڀڳتي تحريڪ بہ انهي ئي دور (ٻڌ دور جي زوال کان پوءِ) ۾ نروار ٿي. ڀڳت ڪبير، رويداس، گرو نانڪ سميت ڪيترن ئي سماج سڌارڪن انهي انياءَ خلاف بغاوت ڪئي. ڀڳتي تحريڪ سنڌي ڪنڊ ۾ آريائي تسلط خلاف تمام وڏي فڪري تحريڪ هئي ۽ اها اڄ پڻ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ جاري آهي. ڀڳتي تحريڪ جو آغاز آرين جي سامراجي تسلط کان ئي ٿئي ٿو، گورک ناٿ ۽ ناگا پنٿ جي يوگين کان وٺي ڀڳت ڪبير، رويداس ۽ جديد دور ۾ بابا گرو نانڪ جي سک تحريڪ ان ئي تسلسل جو حصو آهن. حقيقت ۾ گوتم ٻڌ ۽ مهاوير جين جو سماجي ۽ انقلابي تحريڪون پڻ ڀڳتي تحريڪ جي فڪري وهڪري جون زوردار اڀار واريون لهرون هيون. ڀڳتي تحريڪ جا پيرا شايد موهن جي دڙي جي روحاني ضابطہ حيات سان وڃي ملن ٿا. ڀڳتي تحريڪ جو آخري باب گرو نانڪ جي سک تحريڪ آهي.

جيئن تہ سنڌي ڪنڊ ۾ آريا برهمڻ حڪمران هئا ۽ عام ماڻهو جيڪي دراوڙ نسل سان تعلق رکندا هئاهي ان سموري عمل کان ٻاهر هئا پر ذات پات جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هئڻ ڪري پيڙهجي پڻ رهيا هئا.ڪورن ۽ پانڊون جي جنگ پڻ انهي ئي دور (ٻڌ ازم جي آخري دور )۾ ٿي هئي. ڪورو اڪثريتي نسل سان تعلق رکندا هئا ۽ تعداد ۾ بہ گهڻا هئا مگر پانڊون (آرين) سازش ذريعي ، ارجن ۽ ڪرشن، جيڪي ڪشتري هئا، ڪي پاڻ سان ملائي ڪورون کي ختم ڪيو.

آريائي سامراج جي ٻيهر اڀار جي نتيجي ۾ ٻڌازم کي سنڌي ڪنڊ مان مڪمل طور نيڪالي ڏني وئي، ان کان پوءِ ٻيهر سنڌي ڪنڊ جو انتهائي تاريڪ دور شروع ٿي ويو. آرين جي ڪمزوري ۽ سنڌي ڪنڊ جي عوام جي انهن کان بيزاري جي ڪري ٻاهريون قوتون سنڌي ڪنڊ تي وقت بوقت حملا ڪنديون رهيون. سڀ کان وڏو حملو محمد بن قاسم ڪيو، جنهن ۾ سنڌ جي برهمڻ حڪمران ڏاهر کي شڪست ملي. عربن جي آمد کي هتي جي عوام ان ڪري قبول ڪيو جو چچ ۽ ڏاهر بہ ڌاريا يعني آريا حڪمران هئا. نہ صرف اهو پر هنن هتي دراوڙ نسل تي بربريت ۽ انسانيت کي جهڪائيندڙ اوچ نيچ ۽ اڇوتپڻي جو نظام لاڳو ڪري رکيو هو ان ڪري برهمڻ ڏاهر کان تنگ سنڌ جي ماڻهن محمد بن قاسم خلاف نہ صرف مزاحمت نہ ڪئي پر ان جو استقبال پڻ ڪيائون ۽ وڏي پيماني تي اسلام بہ قبول ڪيائون. محمد بن قاسم جي آمد وقت سنڌ جي ماڻهن جو مذهب ٻڌ ڌرم هو ۽ ٻڌ مت خلاف برهمڻ حڪمران ڏاهر جو ڏاڍ ۽ عتاب جاري هو. هي اهو ئي ڏاهر هو جنهن جي پيءُ چچ سنڌ ۾ ٻڌ حڪمرانن جو سازش ذريعي تختو اونڌو ڪري بدترين آريائي برهمڻ راڄ جي ابتدا ڪئي هئي. عرب حملہ آورن پنهنجي شروعاتي دور ۾ عام ماڻهن سان برابري وارو سلوڪ ڪيو. عرب حملہ آور انهي ڳالهہ کان ڀلي ڀت واقف هئا تہ سنڌ سميت پوري سنڌي ڪنڊ جا ماڻهو آريائي برهمڻ حڪمرانن کان تمام گهڻا بددل آهن، انهي تضاد کي عرب حملہ آورن انتهائي تدبر سان استعمال ڪري يڪدم دراوڙن جي حمايت حاصل ڪري ورتي. ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ سنڌي ڪنڊ جي دراوڙن جي وڏي تعداد اسلام مذهب قبول ڪيو. اڄ پڻ دنيا ڀر جي سموري مسلم آبادي جو 60 سيڪڙو کان وڌيڪ حصو برصغير ۾ آباد آهي ۽ هي اهي ماڻهو آهن جن آريائي برهمڻ سامراج جي ظلمن کان تنگ اچي ردعمل طور اسلام قبول ڪيو. اسلام ذات پات ۽ نسل پرستي کي وڏي حد تائين ختم ڪيو. اسلام جي اصل روح مطابق ان ۾ نسل پرستي، ذات پرستي ۽ فرقيواريت لاءِ ڪا بہ جاءِ نہ آهي. اهو ئي سبب آهي جو دنيا جي ٻن وڏن مظلوم طبقن دراوڙن ۽ ڪاري چمڙي وارن (جيڪي پڻ وڏي عرصي تائين نسل پرستي جو شڪار بڻيل هئا) وڏي پيماني تي اسلام قبول ڪيو.

سنڌي ڪنڌ ۾ آباد مسلمانن مان ڪافي عرب، پختون ۽ بلوچ نسل مان آهن پر مسلمانن جي وڏي اڪثريت دراوڙ نسل مان ئي آهي. جيئن تہ سيني مسلم حڪمرانن جو تعلق ڏارين ملڪن سان هو انهن بہ پنهنجي نسلي شناخت کي سنڌي ڪنڌ کان ممتاز سمجهيو ۽ ان ڪري انهن سنڌي ڪنڌ جي غير مسلم آبادي کي "هندو" سڏڻ شروع ڪيو. "هندو" لفظ مسلمانن جو عطا ڪيل آهي. "هندو" لفظ جو پهريون استعمال ابو ريحان البيروني پنهنجي مشهور ڪتاب "الهند" ۾ ڪيو. ان ڪان پوءِ ٻاهرين دنيا بہ برصغير جي سيني غير مسلمانن کي "هندو" سڏڻ لڳي. حالانڪہ "هندو" مذهب جو سنڌي ڪنڌ ۾ مسلمانن کان اڳ ڪو بہ وجود نہ هو. آرين جي پراڻن ويدن، شاسترن ۽ سمرتين، گيتا، رامائڻ وغيره ۾ ڪٿي بہ "هندو" لفظ نٿو ملي.ايستائين جو آرين جي آخري "مقدس" ڪتاب "گيتا" ۾ پڻ چار ورڻن يا ذاتين جي بدران پنهنجي پيروڪارن کي "هندو" سڏڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪئي وئي. ابو ريحان البيروني جي ان اصطلاح کان پوءِ بہ آرين "هندو" حلقي ۾ صرف ڪشترين ۽ ويش طبقن کي شامل ڪيو ۽ ڪجهہ شودر پڻ هندو حلقي ۾ شامل ٿي ويا. جن کي اڄڪلهہ بئڪ ورڊ ذاتيون سڏيو وڃي ٿو جڏهن تہ ذات کان ٻاهر ماڻهن کي "اڇوت" سڏيو ويو.

مسلمانن جي دور ۾ دراوڙ نسل ٽن وڏن سماجي گروهن تي مشتمل هو. هڪ اهي جن اسلام قبول ڪيو، ٻيا جيڪي ذات پات جي نظام تحت شودر طبقي ۾ هئا ۽ ٽيون گروهہ ذات پات جي نظام کان ٻاهر هو جنهن کي "اڇوت" چيو ويندو هو. دراوڙ طبقي جو عظيم سماجي اصلاحڪار بابا رام ديو پيرنظاري ( راما پير ) بہ انهي ئي دور جو هو. مسلمان حڪمرانن شروعات ۾ دراوڙن جي حمايت ڪئي ۽ نتيجي طور ڪافي دراوڙ نسل جا ماڻهو مسلمان بہ ٿي ويا.دراوڙن جو وڏي پيماني تي اسلام قبول ڪرڻ آرين کي پانءَ نہ آيو انڪري اهي اسلام خلاف سازشون ڪرڻ لڳا. آريا اسلام کي بيروني طرح نقصان رسائي نہ سگهياچاڪاڻ تہ ٻڌ مت جي پيٽ ۾ اسلام جو مرڪز سنڌي ڪنڌ کان ٻاهر هو. آرين کي ٻڌ دور جو تلخ تجربو ياد هو، انڪري انهن هڪ پيرو ٻيهر دراوڙن کي سنڌي ڪنڌ ۾آزاد ڏسڻ نٿي چاهيو. اسلام دراوڙن کي برابري جا حق ڏنا انڪري آريا، مسلمانن سان نفرت ڪرڻ لڳا. هندو مسلم تضاد، دراصل دراوڙ ۽ آرين جو تضاد آهي، مسلمانن سان "هندن" جي نفرت جو اصل بنياد مسلمانن جو دراوڙ نسل سان تعلق هئڻ ۽ اسلام جو دراوڙن کي برابري جو حق ڏيڻ آهي. اهي دراوڙ جن کي آرين ڪڏهن بہ انسان جي حيثيت ۾ تسليم ڪرڻ لاءِ بہ تيار نہ هئا سو هڪ پيرو ٻيهر اسلام جي پيغام تحت سماج ۾ برابري جي حيثيت ۾ زندگي گذارڻ لڳا، اها ڳالهہ نسل پرست آرين لاءِ ناگوار هئي.آرين سماج ۾ پنهنجي حيثيت برقرار رکڻ لاءِ وڏي پيماني تي اسلام قبول ڪيو ۽ مسلم حڪمرانن انهن جي سماجي حيثيت کي برقرار رکيو. آرين جي مسلم سماج ۾ اچڻ ۽ حڪمران طبقي جو حصو ٿيڻ سان مسلمانن ۾ پڻ ذات پات جو نظام سرائيت ڪرڻ لڳو ۽ ٻئي طرف آرين جي قبولِ اسلام جي ڪري "هندو برهمڻن" کي بہ تحفظ ملي ويو ۽ ان سموري عمل سان مسلم سماج ۾ دراوڙن جي حيثيت بہ ڌڪجڻ لڳي. اڄ پڻ ڏنو وڃي تہ دراوڙ نسل جي مسلمانن (ماڇي، ملاح، شيخ، بروهي وغيره ) جي حالت غير مسلم دراوڙن کان گهٽي بهتر نہ آهي. اڄ بہ مسلم حڪمران طبقن جي اڪثريت آريا، عرب، بلوچ، پختون سميت ٻين ٻاهرين نسلن مان آهي.

## انگريزن جو دور

انگريزن جي اچڻ تائين اهي ئي سماجي حالتون هيون. جيئن تہ انگريزن کان اڳ سنڌي ڪنڌ ۾ مسلمانن جي حڪومت هئي. مسلمانن جي دور حڪومت ۾ آرين جي سماجي حيثيت اشرافيہ طبقي واري هئي جيڪي مسلم حڪمرانن جي زير اثر هئا، منجهن ڪيترن اسلام

بہ قبول ڪري ورتو هو. آرين جي اها ئي سماجي حالت ٻڌ حڪمرانن جي دور ۾ پڻ هئي ۽ موقعو ملڻ تي آرين ٻڌازم جي ننڍي ڪنڊ مان تڏا ويڙهہ ڪرائي ڇڏي.

برطانوي تسلط جي خلاف گهڻي مزاحمت مسلم اشرافيہ ڪئي جڏهن تہ "هندو اشرافيہ" يا برهمڻ طبقو انگريزن جو ساٿاري بڻيل هو. انگريزن جي سامراجي دور ۾ ڪافي بهتر ۽ مثبت قدم پڻ کنيا ويا، ڇاڪاڻ تہ اهو دور تاريخي طور تي نئين سرمائيدارانہ نظام جي عروج وارو دور هو. صنعتي ترقي ۽ جديد رياست جي قيام لاءِ افرادي قوت جي تمام گهڻي ضرورت هئي. انڪري انگريزن تعليم کي لازمي قرار ڏنو. خاص ڪري صدين کان پيڙهيل ۽ ڌڪاريل ماڻهن، جن کي "اڇوت" چيو ويندو هو، جي تعليم لاءِ خاص قدم کنيا ويا. اهو ئي محنت ڪش طبقو هو، انڪري اڇوتن جي سماجي حالت ۾ ڪجهہ سڌارو آيو. تعليم حاصل ڪرڻ جي ڪري اڇوت نوجوانن ۾ پنهنجي حقن بابت سجاڳي جو احساس جاڳڻ لڳو. ان دور جي هڪ ٻي ڳالهہ اها هئي تہ ان دور ۾ اڇوتن جي حقن لاءِ وڏيون سماجي تحريڪون پڻ هليون، جن ۾ مهاراجہ شاهو جي چترپتي، گائيڪوائيڊ، آيانڪالي، مهاتما جوتي با ڦولي ۽ پريار جون تحريڪون نمايان هيون.

انگريزن بہ پوئتي پيل ۽ صدين کان لساني چڪيءَ ۾ پيڙهجندڙ ذاتين ۽ قبيلن جي سڌاري لاءِ هڪ شيڊيول ناهيو، ان شيڊيول تحت اهڙن ذاتين ۽ قبيلن کي خصوصي مراعتون ۽ موقعا ڏنا ويا. شيڊيولڊ ڪاسٽس ۽ شيڊيولڊ ٽرائبس جي ماڻهن لاءِ ملازمتن، تعليمي ادارن ۽ چونڊيل ايوانن وغيره ۾ خاص ڪوٽا رکي وئي، جنهن سان اڇوتن جي حالتن ۾ ڪجهہ بهتري آئي.

انهي ئي دور ۾ ڊاڪٽر ڀيم رائو امبيڊڪراڇوتن جي تحريڪ جو عظيم اڳواڻ ٿي اڀريو. ڊاڪٽر امبيڊڪر جي سڄي زندگي اڇوتن جي حقن لاءِ جدوجهد ۾ گذري. اڇوتن کي ننڍي کنڊ جي فيصلہ ڪن سياسي قوت بڻائڻ لاءِ ڪين سياسي طور منظم ڪري انهن کي پنهنجي طاقت جو ڀرپور احساس ڏياريو. اڄ انڊيا ۾ جيڪا دلت قوت جي حيثيت آهي ۽ دلتن جي سماجي حالتن ۾ ڪجهہ بهتري ۽ دلت طبقي کي جيڪا اهميت مليل آهي، اها ڊاڪٽر امبيڊڪر صاحب جي جدوجهد جي ڪري ئي آهي. ڊاڪٽر صاحب جو ٻيو وڏو ڪارنامو ننڍي کنڊ جي ٽوڙيل مروڙيل ۽ مسخ شده تاريخ کي نئين سر حقيقي انداز ۾ مرتب ڪري سچائي کي دنيا آڏو آڻڻ آهي. ڊاڪٽر امبيڊڪر جي دلت تحريڪ جي ڪري اڇوتن جي حقن جو پڙاڏو اعليٰ ايوانن ۽ گول ميز ڪانفرنسن ۾ گونجڻ لڳو.

ڊاڪٽر ڀيم رائو امبيڊڪر، "اڇوت" لفظ کي رد ڪندي پيڙهيل دراوڙن لاءِ "دلت" لفظ استعمال ڪيو. "دلت" لفظ جي معنيٰ آهي "مظلوم يا پيڙهيل طبقو". ان دوران گانڌي مڪاري ذريعي اڇوتن کي "هريجن" سڏيو ۽ ڊاڪٽر امبيڊڪر جي دلت تحريڪ کي ناڪام بڻائڻ لاءِ اڇوتن جو همدرد بڻجڻ جو ڊرامو ڪيائين ۽ ڀنگين جي ڪالونين ۾ رهڻ ۽ ٽرڊ ڪلاس گاڏن ۾ سفر ڪرڻ جا حربا اختيار ڪيائين، سروجني نائڊو پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ گانڌي جي انهن ڊرامن واري سياست لاءِ اسان کي وڏو خرچ ڪرڻو پوندو هو، ڀنگين جي ڪالونين کي ڀنگين کان خالي ڪرائي اتي برهمڻن ۽ اوچ جاتين کي ڀنگين وارو لباس پارايو ويندو هو ۽ ريل گاڏي جي ٽرڊ ڪلاس ڏٻن ۾ فرسٽ ڪلاس جو سڀ سهوليتون (جهڙوڪ ايئر ڪنڊيشنڊ وغيره) ميسر هونديون هيون ۽ اهڙي طرح گانڌي دنيا جي اکين ۾ ڌوڙ وجهندو رهيو. گانڌي هريجن لفظ بہ بد ديانتي ۽ نفرت وچان استعمال ڪيو هو، (ياد رهي تہ "هريجن" لفظ ناجائز اولادجهڙوڪ ديوداسين ۽ جسم فروش عوتن جي

حرامي ٻارن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. افسوس جو تاريخ کان بيخبر اسان جا دلت نوجوان اڄ فخر وچان پاڻ کي "هريجن" سڏائي رهيا آهن. "هريجن" دراوڙ قوم لاءِ هڪ گار ۽ لعنتآهي. جيڪو ننڍي کنڊ جي مڪار لومڙ "گانڌي" ڌرتي جي اصل باشندن لاءِ استعمال ڪئي.اسان کي گهرجي ته پاڻ کي هندو يا هريجن سڏائڻ جي بدران "دلت" "دراوڙ" يا "بهوجن" سڏايون چو ته پيڙهيل يا مظلوم سڏائڻ ۾ ڪو به عيب نه آهي، سڀ کان وڏو ظالم اهو آهي جيڪو مظلوم هوندي پڻ پاڻ کي مظلوم نٿو سڏائي.)

ڊاڪٽر امبيڊڪر جي ان تحريڪ کان سڀ کان وڌيڪ خوفزده برهمڻ طبقو ۽ ان جون ساٿاري اوچ ذاتيون هيون. ڊاڪٽر امبيڊڪر جي دلت تحريڪ ئي حقيقي معنيٰ ۾ ننڍي کنڊ جي واحد عوامي جدوجهد هئي، جڏهن ته مسلم ليگ، مسلمانن جي اشرافيہ طبقي جي مفادن لاءِ ۽ ڪانگريس اوچ ذات (خصوصي طور برهمڻ طبقي ) جي مفادن لاءِ ڪم ڪري رهيون هيون. ان وقت ڪابي ڌر يا اسٽالن وادي ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جو ڪردار انتهائي شرمناڪ ۽ مضحڪ خيز هو، جيڪا ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي سياست جي درميان فوٽ بال وانگر استعمال ٿي رهي هئي.ڪابي ڌر جي قيادت پڻ عوام دشمن آريائي برهمڻن وٽ هئي (۽ اڄ پڻ آهي، انڊيا ۾ ڪميونسٽ انقلاب جي ناڪامي جو اهو ئي وڏو سبب آهي ).ڊاڪٽر امبيڊڪر جي تحريڪ جي نتيجي ۾ انگريز سرڪار کي دلتن جا مطالبا مڃڻا پيا ۽ اقتدار جي منتقلي جي صورت ۾ دلتن جو حصو پڻ رکيو ويو. اها ڳالهه اوچ ذات جي نمائنده جماعت ڪانگريس لاءِ ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول نه هئي. گانڌي اڇوتن جي حقن خلاف ميدان ۾ اچي ويو. گانڌي اڇوتن جي الڳ سيٽن خلاف " مرن ورت " رکيو. گانڌي کي ننڍي کنڊ جو ورهاڱو يعني پاڪستان جو قيام ته منظور هو پر اڇوتن جا جائز حق ڪنهن به قيمت تي منظور نه هئا.آريائي برهمڻ طبقي اقتدار ۾ وڏ کان وڏ حصو وٺڻ لاءِ ۽ "هندن" جي اڪثريت ثابت ڪرڻ لاءِ اڇوتن کي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو "هندوائز" ڪيو ويو. اهڙي طرح دلتن جو مسئلو حل ڪرڻ کان سواءِ انگريز برصغير مان هليا ويا.

جيتوڻيڪ امبيڊڪر جي دلت تحريڪ کي عارضي طور ته پوئتي ڌڪيو ويو پر ڀارت ۾ اها اڄ پڻ برهمڻ ازم لاءِ خطرو بڻيل آهي. انڊيا جي آزادي حقيقت ۾ برهمڻ سامراج جي غلامي آهي، برصغير جا بهوڄن طبقا اڄ به آزادي لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن. انڊيا حقيقي طور تڏهن ئي آزاد ٿي سگهي ٿو جڏهن برهمڻ طبقو اقتدار مان مڪمل طور بيدخل ٿئي. انڊيا جي نام نهاد آزادي يا " سوراج " جي 65 سالن دوران آريائي نسل پرست طبقو پوري طرح ظاهر ٿي چڪو آهي. انڊيا ۾ اڄ پڻ آرين يا برهمڻن جي "خفيہ اپارٿائيڊ " رائج آهي، انڊيا جي سيڪيولرزم ۽ جمهوريت سراسر ڊوڪيبازي ۽ بڪواس آهي. انڊيا ۾ اڄ پڻ ذات پات جو استحصال جاري آهي. انڊيا جي ترقي صرف 15 في صد اوچ جاتين جي ترقي آهي، ڀارت جو 85 سيڪڙو دراوڙ يا بهوجن طبقو غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهيو آهي. انڊيا جي 85 سيڪڙو بهوجن عوام وٽ صرف 20 في صد وسيلا آهن. جڏهن ته مڪمل اقتدار ۽ 80 في صد مالي وسيلن تي 15 سيڪڙو آرين جو قبضو آهي. انڊيا ۾ هندن جو تعداد پڻ 15 سيڪڙو ( 3 سيڪڙو برهمڻ، 2 سيڪڙو ويش ۽ 10 سيڪڙو ڪشتري ) آهي. جڏهن ته 85 سيڪڙو بهوجن ( 35 سيڪڙو پوئتي پيل جاتيون يا او بي سي، 20 سيڪڙو دلت، 15 سيڪڙو مسلمان، 10 سيڪڙو قبائلي۽ 5 سيڪڙو سک ۽ عيسائي ) آهن. هاڻ پوئتي پيل جاتيون ۽ اقليتون پڻ آريائي برهمڻ ازم خلاف" بهوجن آندولن" جي پليٽ فارم تان هزارين سان کان جاري آريائي سامراج خلاف برسر پيڪار آهن. دلت مايا وتي جي بهوجن سماج پارٽي جو اڀار، ملائم سنگهه يادو ۽ لالو پرساد يادو سميت ڏکڻ انڊيا ۾ بهوجن طبقي جو سياسي اڀار انهي جي علامت آهن.هاڻ اهو ڏينهن پري نه آهي جڏهن بهوجن طبقو

اقتدار ۾ اچي هزارين سالن کان جاري آريائي نسل پرست حڪمرانن جي سامراجي نظام جون پاڙون اکيڙي نندي کنڌ ۾ هڪ نئين تاريخ رقم ڪندو.

نندي کنڌ جي تاريخ کي بري طرح مسخ ڪيو ويو ۽ گذريل صدي دوران انهي تاريخ کي بيهر لکڻ جي ڪري ڀارت جي بهوجن طبقن ۾ پنهنجي سڃاڻپ سان گڏ پنهنجي طاقت جو به احساس اڀري رهيو آهي. هاڻ برصغير کي گهڻو عرصو نسل پرستي ۽ مذهب جي نالي تي ورهائڻ ناممڪن آهي. آريائي نسل پرست حڪمران پڻ هن وقت تاريخ جي بد ترين تضادن ۾ گهيريل آهن.

عالمي طور تي پڻ ناانصافي ۽ اڻ برابري تي ٻڌل سامراجي نظام کان به انسانيت تنگ اچي چڪي آهي. آريائي طبقو "ڪارٽيج" ۽ "اپارٿائيڊ" کان به خطرناڪ آهي پر سچائي جي قوتن جو يقين آهي ته ايڪويهين صدي جيڪا انقلابن جي صدي آهي اها نندي کنڌ ۾ هزارين سالن کان جاري آريائي برهمڻي سامراج جي خاتمي جي صدي پڻ ثابت ٿيندي.

## دلت ۽ دلت ازم ڇا آهي؟

*وي ٽي راجشيکر*

اسان کي ڪافي اهڙا خط موصول ٿين ٿا جنهن ۾ " دلت " لفظ جي معنىٰ پڇي وڃي ٿي. اسان کي ان ڳالهه تي خوشي ۽ فخر به آهي ته هي لفظ ٿوري عرصي ۾ نه صرف هندستان پر ٻاهرين ملڪن ۾ به مقبول ٿي رهيو آهي. اهڙي طرح سان اهو لفظ " اڇوت " جي توهين آميز لفظ سانغصي جو اظهار آهي ۽ ڪرشماتي عمل جو حصو پڻ.

اسان کي اها پڻ خوشي آهي ته صرف عڪسريت پسند دلت ئي نه پر ڪنهن حد تائين هندو پريس پڻ "هريجن" جهڙو قابل نفرت لفظ ڇڏي، جيڪو گانڌي جو اصطلاح هو، هاڻي اهي پڻ "دلت" لفظ جو استعمال ڪرڻ لڳا آهن. پنهنجي آگاهي جي حوالي سان پنهنجي شناخت

جي باري ۾ دلت قوم جي جدوجهدِ آزادي ۾ اهو تمام وڏو قدم آهي. "دلت" لفظ انهن کي پڙڪائڻ جهڙو نالو آهي، جيڪو لغوي، عضوي ۽ ضمني معنيٰ ۾ دلتن جي احتجاج جي علامت آهي. پنهنجي شناخت لاءِ اها تبديلي حقيقت ۾ ڪنهن وڏي ڇلانگ کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه آهي. هاڻي دلت لفظ "هريجن"، "شيڊيولڊ ڪاسٽ" جهڙن حقارت آميز لفظن جي بدران استعمال ٿي رهيو آهي. دلت لفظ جي دراوڙي زبانن کان علاوه هندستان جي ڪافي زبانن ۾ ملي ٿو. ڊڪشنري ۾ ان لفظ جي معنيٰ آهي تباه ٿيل، پيڙهيل، وڪريل، ميساريل، مظلوم وغيره وغيره.

انهن سڀني لفظن سان هندستاني سماج ۾ اڇوتن ۽ قبائلين جي پوزيشن ظاهر ٿئي ٿي. يعني اسين ٽڪرا ٽڪرا ٿي هندو مذهب ۾ قيمو بڻايا ويا آهيون. انڪري اسين دلت چورائڻ پسند ڪريون ٿا.

اسان کي فخر آهي ته اسين هن سرزمين جا قديم باشندا آهيون. اسان کي پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪري هلڻ گهرجي. اسان کي پنهنجي دلت تمدن ۽ تهذيب تيفخر ڪرڻ گهرجي.

سنڌو ماٿري جي قديم تهذيب، دلت قوم جي علم و ادارڪ جو بهترين پهلو پيش ڪري ٿي. ڊاڪٽر امبيڊڪر ان کي جمهوري روح ۽ سائنسي تمدن سان عبارت ڪيو آهي. دلت هاڻي سجاڳ ٿي رهيا آهن ۽ پنهنجي صحيح حد ۽ رخ ڏانهن وڌي رهيا آهن.

بيشڪ هندستان ٻن متضاد دنيائن ۾ ورهايل آهي. ان جون ٻه تهذيبون آهن، هڪ دلت تهذيب ۽ ٻي حمله آور آريائي نسل جي تهذيب. امبيڊڪرازم جي نظريي دلتن کي قومي حق خود اختياري جي راهه تي گامزن ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ ڪو به دلت زندگي جي حقيقتن کي نظر انداز نٿو ڪري سگهي.

"هندوازم" هاڻ دلت مخالف عقيدن ۽ رسمن جو مجموعو بڻجي وئي آهي. حڪمران طبقو ريزرويشن جو مخالف آهي. اگر ممڪن هجي ها ته هو دلت ازم کي پاڙان پٽڻ چاهين ٿا، دلت قديم زماني کان وٺي ان هولناڪ بحران جو بدترين شڪار رهندا آيا آهن. انهن جو تختو الٽي ڪين انسانيت کان به هيٺاهين گهراين ۾ اڇلايو ويو آهي. اهو ئي سبب آهي جو " دلت ازم " موجوده دور ۾ هڪ انقلابي فلاسافي جو حصو آهي ۽ نئين اپار ۽ آزادي جو پيش خيمو پڻ آهي.

برهمڻ ازم کي هاڻي تباه ڪري 100 فوٽن جي اونهي گهرائي جي تهه ۾ دفن ڪرڻ جي ضرورت آهي. بغاوت دلتن جي ضرورت آهي. اها بغاوت هاڻي ٻم وانگر ڦاٽي سگهي ٿي. هاڻي اهو وقت اچي پهتو آهي. ايڪويهين صدي جي نئين صبح امبيڊڪر جي نظريي جي تعبير ثابت ٿيندي. دلتن هندستان ۾ تمام گهڻا ڏک برداشت ڪيا آهن. انهن جي ابن ڏاڏن جو تمام بيدردي سان استحصال ڪيو ويو ۽ انهن جي ترقي جي راهن ۾ رڪاوٽون پيدا ڪيون ويون.

دلت ۽ دلت ازم انهي سموري استحصال جو تاريخي جواز ۽ جواب آهي.

***(وي ٽي راجشيڪر، انڊيا جو مشهور دانشور، ليکڪ، مفڪر ۽ دلت وائيس رسالي جو باني آهي.)***

# ڪوناڪري، چاڪڙي ۽ ليب ٽاپ

مون کي اها بہ خبر ناهي تہ ڳاهہ مان نھيل جتيءِ يا گهيتلي لاءِ بلوچي ۽ سنڌي ٻولي ۾ ڪهڙو لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي. سنڌ ايڪسپريس جي صفحن تي شايع ٿيل ان تصوير ۾ صرف پير نمايان هئا (شايد هٿن ۾ حڪومت طرفان مليل ليب ٽاپ هجيس). آفريڪي منظر ياد ڏياريندڙ ان تصوير ڇڪڻ کان پوءِ فوٽو گرافر پنهنجي جديد ۽ مهانگي ڪئميرا آواران جي پٿرن تي زور مان وهائي ڪڍي هئي يا نہ پر اها تصوير ملڪ ۾ ناهموار ترقي جو چٽو ثبوت آهي. اڄ بہ بلوچستان جي ڏورانهن علائقن ۽ سنڌ جي ڪاڇي ٿر ۽ لاڙ جي پٽن ۾ ماڻهن جي زنگي هزارين سال پوئتي آهي. اسان کي اها بہ خبر ناهي تہ وطن عزيز جي عجائب گهرن ۾ ”اوائلي پٿر جي دور“ جون شيون محفوظ آهن يا نہ پر ملڪ جي پوئتي پيل (يا رکيل) علائقن جي انسانن وٽ اهي شيون اڄ بہ جيئن جو تيئن رائج آهن. سماجي ناهمواري جو ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو مثال آهي تہ لاهور ۽ ڪراچي جي ماڊل ٽائونن ۽ ڊفينس سوسائيٽينجي انتهائي پرتعيش ۽ پوش ڪالونني سان گڏ اتي فوٽ پاٿن ۽ اوور فلائي پلن هيٺ انتهائي تذليل سان پرپور زندگيون ساڳئي دور ۾ گذري رهيون آهن.

لاڙ، ڪاڇي ۽ ٿر ۾ لکين انسان اڄ بہ انتهائي مشڪل زندگي گذاري رهيا آهن. انهن جي اهنجن جي حڪمرانن کي دانهن ڏيڻ بہ غير واجب آهي جيڪي خود پنهنجي وجود ۾ پڻ ناهموار آهن، هڪ طرف اهي پنهنجي ڪرائيءَ تي ڪروڙين روپين جي قيمتي واچ ٻڌي هلن ٿا تہ ساڳئي هٿ ۾ ڪشتو کڻي عالمي آقائن ڏانهن واجهائي رهيا آهن. ميار تہ اين جي اوز وارن تي بہ نٿي نهي جن لاءِ غربت ۽ بيوسي جون تصويرون هڪ بلينڪ چيڪ جيان قيمتي آهن. ڪجهہ سال اڳ ٿر ۾ ”ماحولياتي سجاڳي“ تي هڪ سيمينار ڪوٺايو ويو جنهن ۾ ٿر جي ڪولهين کي ڪانيون وڍي پيٽ پالڻ جي ڏاهہ جي پاداش ۾ ”فطرت جا عظيم دشمن“ هئڻ جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويو. ساڳئي سيمينار ۾ ”مهمان شڪارين“ هٿان ڪئمپون هٽي ناياب جهنگلي جيوت جو صفايو ڪرڻ کي فطرت سان هٿ چراند نٿيون سمجهن.

پيرين اگهاڙن ماڻهن جي حالت جو احساس محسوس ڪرڻ بدران استحصالي ڌريون هميشہ انهن جي پيرن کان هزرين فوٽ هيٺ دفن معدنياتي دولت ۾ دلچسپي رکن ٿيون. ٿر جي صحرائن جي ڪنن زندگي ڪوئلي جي کوٽائي کان پوءِ دبئي جو ڏيک ڏيندي، اهڙا يوٽوپيائي خواب ڏيکاريندڙ اسان کي صرف اهو ٻڌائين تہ تيل ۽ گيس سان مالامال بدين ضلعو اڃا تائين ڪويت ڇو نہ بڻجي سگهيو آهي؟ هي نظام هاڻ ڪا بہ مثبت تبديلي يا فلاحي قدم کڻڻ جي صلاحيت کان محروم بڻجي چڪو آهي.

پنهنجي پيرن ۾ اڄ جي دور ۾ پڻ ڪوناڪري ۽ چاڪڙي پائيندڙ ۽ اڪثر ڪري گرم صحرائن ۽ ڪلراٺن پوٺن تي پيرين اگهاڙو هلندڙ انهي خلق جي باري ۾ حبيب جالب لکيو آهي تہ:

درد کی دنیا سے گذر کیوں نہیں جاتے

یہ لوگ بھی کیا لوگ ہیں جو مر کیوں نہیں جاتے

صدين کان سور سهندڙ انهي خلق لاءِ هر دور درد جو پيغام کڻي ايندو آهي. خوشي ۽ خريد کان ڪوهين ڏور انهن ماڻهن جو وجود سمنڊ جي قطري وانگر آهي پر جڏهن اهي قطرا متحد ٿي اڀَتي وڌيا تہ حڪمرانن جا ڪيترائي ايوان سمنڊ اندر سمائجي ويندا.

**مظلوميت ۽ بيوسي جي جيئري جاڳندي تصوير بڻيل اها خلق جيڪڏهن اٿي ڪٿي ٿئي تہ اها سرڪشي ۽ انقلاب جو نئون باب بہ رقم ڪري سگهي ٿي، اهڙي سرڪشي کي جنم ڏئي سگهي ٿي جو دنيا سڀ سرڪشيون وساري ويهندي. اسان انهن جي اهنجن ۽ پيڙائن جي دانهن نہ اقتدار ڌڻين کي ڏيون ٿا ۽ نہ وري نام نهاد ساجهہ وندن جو ڏيان ان "اهل صفا" ۽ "مردودِ حرم" مخلوق ڏانهن ڇڪايون ٿا، اسان کي يقين آهي تہ انهن جي تقدير ڪنهن ٻئي وٽ نہ پر اهي پاڻ ئي پنهنجي تقدير جا مالڪ آهن. سندن مشڪلاتن جو حل ۽ دردن جو درمان اهي پاڻ ئي آهن مگر اهي ڪڏهن انهي ذلت جي زندگي جو احساس ڪري هڪ نئين دنيا اڏڻ جي ابتدا ڪندا ..... بس اهو ئي انتظار آهي.**

يہ گليوں کے بيکار آوارہ کتے

کہ بخشا گيا جن کو ذوق گدائي

**زمانہ** کی پڻھکار سرمايه ان کا

جهان بهر کي دهتکار ان کي کمائي

نه آرام شب کو نه راحت سويرے

غلاظت ميں گهر ناليوں ميں بسيرے

جو بگڑيں تو ايک دوسرے سے لڑا دو

**ذرا** روٹی کا ايک ٹکڑا دکها دو

يه هر اک کي ٹهوکريں کهانے والے

يه فاقوں سے اکتا کے مر جانے والے

يه مظلوم مخلوق گر سر اٹهائے

تو انسان سب سرکشی بهول جائے

يه چاہيں تو اس دنيا کو اپنا بنا ليں

آقائوں کي هڈياں تک چبا ليں

کوئی ان کو احساس ذلت دلا دے

کوئی ان کي سوئي وئي دم ہلا دے۔

---------------------------------------------------------------------- فيض

# چتي ڪتي جي ڪهاڻي

پهريائين اها وضاحت ڪرڻ ضروري آهي ته اجوڪي ڪالم وارو ڪتو منهنجي ڳوٺ جو عام ڪتو آهي، غلط فهمي ۾ ان کي ڪنهن ٻئي ڪتي سان منسوب ڪري غلط مطلب نه ورتو وڃي. هي اهو ڪتو به ناهي جنهن کي اڄ ڪلهه عظيم رتبي سان نوازيو ويو آهي ۽ نه وري اهو ليليٰ جي در جو ڪتو آهي جنهن جا مست مجني پير چميا هئا ۽ پنهنجي ڪناري تي پهتل ٻيڙي ٻوڙائي نامراد ٿي واپس موٽيو هو. هي اهو ڪتو آهي جنهن جو ذڪر ڪجهه ڏهاڪا اڳ روهڙي جي هڪ ملنگ پنهنجي انداز سان ڪيو هو ۽ موجوده وقت ۾ رحمت الله ماجوني روزانو سنڌ ايڪسپريس جي صفحن ۾ ان کي متعارف ڪرائي رهيو آهي. هن ڪتي جي خاصيت يا خامي اها آهي ته اهو چورن جي بدران قلندرن تي ڀونڪيندو آهي.

اولهه کان هميشه رولو قبيلا گهوڙن جا ڪٽڪ ساڻ ڪٺي اسان جي تر ۾ وارد ٿيندا رهيا آهن. گذريل دفعي جڏهن اهي اسان جي ڳوٺ آيا تڏهن اهو ڪتو به هتي ئي ڇڏي ويا ۽ ڳوٺ جي ماڻهن کي ان جون لڪ لڪ پارتون به ڪري ويا. ڳوٺاڻن جو به ان ڪتي سان همدردي وارو ورتاءُ رهندو هو. ڳوٺ جا ماڻهو هرويرو ڪتي جي ٿهل ٽڪور نه ڪندا هئا پر در تي اچڻ مهل ثواب ڪمائڻ خاطر ان کي لولو اڇلائي ڏيندا هئا. لولي خاطر اهو ڪتو وڏا جتن ڪندو هو. گهر گهر ۽ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ پيو رلندو هو. ان جي ان وقت اها رولاڪي صرف لولي لاءِ هئي. ڪتي مان ڪنهن کي به ڪو نقصان نه هو. ڪتي جو ٿاڪ به ڳوٺ کان پريرو هڪ ڏر هئي جتي واندڪائي مهل اوناڙون ڪندو هو. ڪتي ڪڏهن به ڳوٺاڻن جو نقصان نه ڪيو پر ڪڏهن ڪڏهن قلندرن ۽ ملنگن تي ڀونڪيندو هو. ڳوٺاڻن کي پورو يقين هو ته ان ڪتي جي "آهه" ستن آسمانن کي چيري پهچندي آهي. بس ان کان وڌيڪ ڪتي جي نه ٻي ڪا اهميت هئي ۽ نه وري ڪو ڪردار هئس.

ڪتي جي قسمت تڏهن ڦيرو ڪاڌو جڏهن اتر جي برفاني جبلن کان هڪ خطرناڪ رڇ به اچي لاڙ پٽ سان متصل ڪاڇي جي جابلو علائقن ۾ ڦيرا ڏيڻ لڳو. اهو رڇ شڪارين لاءِ موت جو پيغام هو. ان رڇ جي خاص ڳالهه اها هئي ته هو عام غريب غربي ۽ هاري ناري سان هٿ چراند نه ڪندو هو پر شڪارين تي الر ڪري چڙهي ويندو هو. رڇ جي انهي عادت جي ڪري مقامي ماڻهو ان مان بيزار نه هئا ۽ دل ئي دل ۾ شڪارين تي حملو ڪرڻ واري حرڪت مان لطف اندوز ٿيندا هئا. ماڻهو رڇ کي شڪار ڪرڻ لاءِ شڪارين جو ساٿ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندا هئا ۽ رڇ جو ڏس پتو ڏيڻ بدران شڪارين تي ٿيل حملي جو مذاق اڏائڻ جي جرئت پڻ ڪندا هئا. انهي دور ۾ ڪي پرديسي شڪاري اسان جي ڳوٺ پڻ آيا ۽ اسان جي ڳوٺ واري پٽيل کي رڇ جي شڪار ۾ مدد لاءِ عرض ڪيائون. پهريائين ته اسان واري پٽيل با وضو نه هئڻ جو عذر ڏئي انڪار ڪيو پر جڏهن شڪارين سندس حفاظت، هر طرح جي مدد ۽ پنهنجا هٿيار ڏيڻ جي پيشڪش ڪئي ته پٽيل خوشي سان راضي ٿي ويو.

پٽيل ۽ شڪارين صلاح ڪئي ته رڇ تمام خطرناڪ آهي ان کي پاڻ پنهنجي هٿيارن جي زور سان ڪڏهن به قابو ڪري نه سگهنداسين. نيٺ ان ڪتي کي رڇ سان مقابلو ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. بس فيصلو اچڻ جي دير هئي، پٽيل اوتاري کان ٻاهر نڪري زور سان ڪور ڪور ڪئي ته اهو ڪتو به اچي حاضر ٿيو. شڪارين ڪتي کي چڪاسيو، ڪتو پهريائين حسب عادت ڏارين شڪارين کي ڏسي پڇ لڪائي پڇڻ تي هو پر جڏهن شڪارين کيس بادام ۽ پستا ڪارايا ته پوءِ جلد ئي ساڻن رلي ملي ويو. ان کان پوءِ اوتاري اندر ئي ڪتي جي لاءِ عاليشان گهر ناهيو ويو. ان وقت اهو ڪتو شڪارين لاءِ هڪ وڏو سرمايو هو.

ستت ئي شڪاري ۽ پٽيل ڪتو ساڻ ڪري رڇ مارڻ واري مهم تي نڪري ويا. ماڻهن سمجهيو پئي ته اهي هن مهم ۾ بري طرح ناڪام ويندا ۽ گهڻو ڪري رڇ هٿان مارجي ويندا چاڪاڻ ته رڇ تمام خطرناڪ هو پر ڪتي ۽ شڪارين هٿان رڇ جي ايئن مارجڻ جا به ڪئي سبب هئا. هڪ اهو ته رڇ جو وزن تمام گهڻو وڌي چڪو هو ٻيو خاص سبب هي هو ته تر جي ماڻهن پاران شڪارين کي شڪار ڪرڻ کان ڪا اثرائتي روڪ ٽوڪ نه ڪئي وئي ۽ رڇ کي پڻ ڪو محفوظ ٺاڪ نه مليو. اهو ئي سبب هو ته رڇ کي آخرڪار شڪارين، ڪتي ۽ پٽيل گڏجي پورو ڪيو. رڇ کي شڪار ڪرڻ جو ڪريڊٽ انهن ٽنهي ڏانهن وڃي ٿو پر گهڻو فائدو شڪارين کي ٿيو جن کي رڇ ڪتي به آرام سان شڪار ڪرڻ نه ڏيندو هو.

رڇ جي شڪار ڪرڻ کان پوءِ شڪارين ڪتي کي بادام ۽ پستا کارائڻ بند ڪيا ۽ وڃي بي پرواهه ٿي پنهنجي شڪار واري ڪرت ۾ لڳي ويا. شڪارين جي وڃڻ کان پوءِ پٽيل کي شڪارين جي صحبت ۽ انهن جي ڇڏيل هٿيارن جي زور تي خفتي ٿيڻ جو شوق جاڳيو. جلد ئي ڪاڇي جي جابلو علائقن ۾ ڪتا ۽ وانا ٻيهاري پنهنجي نئين ڪيٽي جو بنياد رکيائين ۽ سڄي دنيا جي ڪتن کي اچي ڪنو ڪيائين. راڄ ۾ ڪتن جي لوڌ ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳي. پٽيل اوڙي پاسي جي راڄن ۾ ڪتي کي وڙڪائيندو رهيو. ڪتي کي به رڇ مارڻ جي ڪري وڏي شهرت ملي ۽ اهو طاقت ۽ خوف جي علامت بڻجي ويو. ڏسندي ڏسندي اهو ڪتو پٽيل جي خفيه طاقت سڏجڻ لڳو.

پٽيل ٻي اٽڪل اها ڪئي ته هو راڄ پاڳ ۾ جنهن سان به نه نهندو هو ان کي سبق سيکارڻ خاطر مٿس ڪتو ڇڏيندو هو ۽ پنچائت ۾ پڻ پنهنجو پاند آجو ڪرائي ويندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن وڏي نقصان ٿيڻ جي صورت ۾ ڪتي جي مالڪي ڪرڻ کان به انڪار ڪري ڇڏيندو هو. ٻئي طرف اهو ڪتو به ويو زورآور ٿيندو. هڪ ڏينهن هن شڪارين جي خيمي تي وڃي الر ڪئي ۽ ڪافي نقصان ڪري آيو. ان واقعي کان پوءِ ٻيهر شڪاري اسان جي ڳوٺ آيا پر هن ڀيري اڳ وانگر مجبوري جي حالت ۾ ڪونه هئا ايندي شرط اسان جي پٽيل جي ڳچي ۾ پٽو وڌائون ۽ چيائون ته جيستائين اهو ڪتو هٽ ڪري نه ڏنئي اوستائين اهو پٽو تنهنجي ڳچي ۾ ۽ اسان جي هٿن ۾ هوندو. پٽيل به گهڻي ڪوشش ڪئي ته اهو ڪتو بچي وڃي ۽ شڪاري به ٽڏا ٽين پر شڪاري آخري حد تائين هليا ويا سو ويچاري پٽيل کي مجبور ٿي پنهنجو اوتارو شڪارين کي ٺاڪ طور ڏيڻو پئجي ويو. هاڻي شڪارين جو اسان جي ڳوٺ ۾ ٺاڪ آهي ۽ ڪتو پڻ راڄ ۾ موجود آهي جنهن جي باري ۾ چيو وڃي ٿو ته اهو هاڻ چتو ٿي چڪو آهي. جنهن کي به ڏاڙهي ٿو اهو چتو ٿيو پوي. اهو ڪتو ڪافي وقت کان ننڍڙن ٻارن ۽ عورتن کي ڏاڙهي رهيو آهي. سڄو ڳوٺ ڪتي مان بيزار ٿي چڪو آهي. شڪاري هر صورت ۾ ڪيس مارڻ چاهين ٿا ۽ اهي پٽيل کي ڳچي ۾ پٽو وجهي ڪتي جي ڪڍ لڳل آهن. ڪتو پٽيل کان به اکيون ڦيري ويو آهي. پٽيل بري طرح انهي ڏٻڻ ۾ ڦاسجي چڪو آهي.

پٽيل جي نظر ۾ ڪتو اڄ به هن جو وفادار ساٿي آهي، هو ڪڏهن ڪڏهن شڪارين کان به خفا ٿي ويندو آهي ته ڪيس عزت سان ڪور ڪور ڪري ڪتي کي ٺانيڪو ڪرڻ جو موقعو نٿو ڏنو وڃي. شڪاري پاڻ به ڪانياٽيءَ ڪنيو پٽيل جي اوتاري تي ٻيهي ڪتي کي ڏڪ وهايو ڪيين. ڪالهه به ڪانياٽيءَ سان هڪ سڄو ڏڪ هٽي ڪتي جا ڪجهه ڏند پيجي ڇڏيائون. پٽيل پنهنجو مٿو پٽي رهيو آهي ته ”ڪانياٽيءَ“ ڪار ناهي. اها منهنجي تڏي جي ناموس خلاف غير اخلاقي حرڪت آهي. راڄ پڻ پٽيل مان بيزار آهي هاري ناري پڻ ٻٽئي خاطر وڏيري سان الجهيل آهن ۽ ڪتو پڻ پٽيل کان ئي پنهنجي پڳل ڏندن جو بدلو وٺڻ جون

تياريون ڪري رهيو آهي. سڄي راڄ ۾ ٻاڪر ڪٽو مچي ويو آهي پر اوڙي پاڙي وارن ڳوڻن ڪجهه وقت کان پوءِ مس مس  سک جو ساهه کنيو آهي.

# خدا جو خط

منصور

اڄ آئون تو کي فيس بوڪ ذريعي خط لکڻ جي جسارت ڪري رهيو آهيان مگر مون کي منهنجي ڇهين حس خبردار ڪري رهي آهي تہ ماڻهو مون کي هن شڪايت جي ڏوهہ ۾ وڏيڪ ايذاءُ رسائيندا.

مڃان ٿو تہ منهنجو ڪو بہ وجود نہ هوانسانن ئي مون کي تخليق ڪيوجنهن جو آئون ڪڏهن بہ ٿورو لاهي نٿو سگهان  پر انسانن مون کي جيڪي ايذاءُ ڏنا اهي ڪنهن کان بہ ڳجها ناهن. اهي انسان جيڪي پنهنجي پيدا ڪيل اولاد کي انتهائي ناز ۽ لاڏ ڪوڏ سان نپائيندا آهن ۽ مٿس گهور پيا ويندا آهن پر  مون سان الئہ ڪهڙو پلاند رهيل هو ايڏا  ايذاءَ ڏنائون جو تو سان ڪهڙي ڳالهہ ڪريان؟

اهو ڪهڙو ظلم آهي جنهن جو آئون شڪار نہ ٿيو هجان؟ الزامہ بهتان بازيون ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ مون کي ڪوڙ جي ڪوٺ ۾ قيد ڪيو ويو. هر چڱي ۽ بري ڪم جي شروعات مون کان ئي ٿئي ٿي ۽ هر ڏوهہ بہ مون کي ئي  ڏنو وڃي ٿو. زنا کان وٺي انسانن جي قتل عام تائين هر الزام آخرڪار مون تي ڌريو وڃي ٿو آخر آئون حضرت انسان  جي الزامن جو ٻاري ٻوجهہ ڪيترو وقت ڪڻندو رهندس؟؟؟

ڇا  انسانن هٿان سرزد ٿيل هر ڏوهہ جو ماسٽر مائينڊ آئون آهيان؟؟؟؟

ڇا هر انسان توڙي ساهواري کي آئون ئي ماريندو آهيان؟؟؟

ڪنهن نوڳي هٿان نڳجندڙ ماڻهو به نڳي جو الزام ان بدران مون تي هڻي ٿو ته منهنجي ان ۾ رضا هئي.......

مون لاءِ چيو وڃي ٿو ته آئون هر هنڌ هڪيو حاضر آهيان . منصور ڇا آئون ڪلوز سرڪٽ ڪئميرا آهيان؟ حقيقت ته اها آهي ته هي ڪائنات جنهن جو ڪو به پار ناهي ان لاءِ آئون ته ڇامڙو آهيان ۽ منهنجو ڪو به شمار ناهي.

ڪنهن ظالم جي اٽڪٽ بربريت بابت به مون کي مجرم قرار ڏئي چيو وڃي ٿو ته مون ئي ڪيس ڍگهي رسي ڏني آهي ۽ "قيامت" ۾ ان کان پائي پائي جو حساب ڪتاب وٺي پوءِ دش خش ٿي ويندس .... منصور ڇا آئون تو ڪي ايڪسائيز جو ڪو انسپيڪٽر لڳان ٿو؟؟؟؟ معشوق سان ملڻ لاءِ عاشق سدائين آهون ڀريندا آهن ته خدا ڪو وصل جو موقعو ڏيندو . منصور تو ڪي اهو سنو ٿو لڳي ته ماڻهو مون ڪي ايئن گاريون ڏيندا رهن!!!! چور پڻ چوري تي اسهڻ کان اڳ منهنجو نالو ڪٺدو آهي هاڻ تون ئي ٻڌاءِ پيارا منصور ته ان جو ڪو ساٿاري آهيان يا پاٿاريدار ؟؟؟؟

حڪمران هر فرمان (جيڪو دراصل ستم هوندو آهي) منهنجي نالي تي ڪري ظلم و جور جي بازار گرم ڪندا آهن. هر بري ماڻهو جي بري عمل ڪي ننڍڻ بجاءِ ماڻهو منهنجي ڪاتي ۾ وجهي ڇڏيندا آهن ته ڪين مون ئي اها ساڄاهه ڏني هئي..... حد ٿي وئي آهي.

مون ڪي ماڻهن ناڪامي ۽ نامرادي جي نشاڻي بڻائي ڇڏيو آهي هر ناڪامي جو ڪارڻ آئون آهيان ، منصور ڇا آئون اهو الزام پاڻ تي ڇو ڪڻي رهيو آهيان؟؟؟ ڇا مون ڪي ڪنهن جي ناڪامي خاص ڪري حق جي ناڪامي جو ڪارڻ آخر ڇو ٿو چيو وڃي؟؟؟؟

منصور آئون چور چور آهيان مون تي جيڪڏهن الزامن جا ڏنب ڏسين ته تون پنهنجو گهاٽي ۾ پيڙهيل جسم منهنجي اڳيان تمام توانو محسوس ڪرين.

منصور ڪن ماڻهن لاءِ ماضي مثال هوندو آهي ته ڪي وري حال تي حاوي هوندا آهن ته وري ڪي مستقبل ۾ اکيون وجهي وينا هوندا آهن پر آئون جڏهن ماضي ۽ حال جي پيٽ ڪريان ٿو ته فيض چواڻي "نه پنهنجا ڏينهن بدليا ۽ نه وري راتيون"

باقي مستقبل ۾ اها اميد ضرور آهي ته انسان مون ڪي هميشه لاءِ آزاد ڪري ڇڏيندو ۽ مون تي ڪو به ڏوهه نه ڏيندو.

منصور تو سان کهڙا سور سلي کهڙا سليان؟؟؟؟ ان هاري جي جيڪو پنهنجي ٻنيءَ ڪي هر ڏئي منهنجي حوالي ڪري ٿو وڃي ڇا آئون جبري طور غلام بڻايل چوڪيدار آهيان؟؟؟

مزدور جيڪو پاڻ تي استحصال ڪندڙ پاڻ جهڙي انسان کي پهچي نٿو سگهي پر اهو پلاند ۽ داد جي اميد مون کان رکي ٿو . ڇا تون مون مان اهڙي همت جي توقع رکين ٿو منصور؟؟؟

ٻيو ته نهيو پر پينو فقير مون سان ڏاڍي ڪندا پيا اڇن اهي پتو منهنجي نالي تي وٺن ٿا.

منصور هاڻ تون ئي ٻڌاءِ ته آئون سنڌ جو ڪو قومپرست ليبر آهيان؟؟؟؟؟

جڏهن معصوم پکيئڙا ۽ گگدام جانور منهنجي پچار نٽا ڪن ته پوءِ انسانن جو آخر مون ڇا ته بگاڙيو آهي؟؟؟ آخر ڪيترا اقبال مون سان بيواجبي تي ٻڌل شڪوه ڪندا رهندا؟؟؟؟ مون ڪي انهن ڪامريڊن کان به وڏي شڪايت آهي ته اهي پاڻ ڪي مظلومن جو هڏ ڏوکي سمجهن ٿا پر مون جهڙي انتهائي پيڙهيل ڪردار ڪي هر وقت گاريون ڏئي پوءِ ئي انقلاب

جون ڳالهيون ڪندا آهن !!! منصور انهن کي منهنجي مظلوميت جو احساس ڪڏهن ٿيندو؟؟؟

امير ماڻهو پنهنجي ظلم و ستم مان حاصل ڪيل بلڪ قبايل ملڪيت کي منهنجي عنايت سمجهندا آهن. منصور آئون ڦورو تہ ناهيان جو اهي مون تي اهڙو .سنگين الزام هڻن ٿا

مون کي تون هاڻ ٻڌاءِ منصور !!! تہ ڇا آئون ڪڏهن غريبن جو پگهر ۽ رت ولوڙي ۽ انهن جا احساس نپوڙي سندن خوشين کي غمن ۾ تبديل ڪري، انهن مظلومن جي خواهشن کي چيپاٽي ، انهن جي هنر ۽ حاصلاتن کي محرومين ۾ تبديل ڪري انهن جي معصوم خوابن کي ناڪامين جي نراسي بخشي پورهئي جي عظمت کي ذلالت ۾ تبديل ڪرڻ جو مرتڪب ٿي سگهان ٿو؟؟؟؟؟؟؟؟

ڇا آئون محنت ڪش مسڪينن جي معصوم ٻچڙن کي بکن ۾ پاھ ڪري اميرن لاءِ عياشي جو سامان مهيا ڪرڻ جهڙو قبيح ڪم ڪري سگهان ٿو ؟؟؟؟؟؟؟؟؟ ڪڏهن بہ نہ منصور ....

منصور ڇا تون انهن ماڻهن بابت ڇا چوندين جيڪي ظلم و ستم جا ساٿاري بڻجي تنهنجا ۽ منهنجا وارث بڻيو وينا آهن.....

منصور ڇا تون منهنجي ازل کان جاري بيوسي ۽ مظلوميت کي واڳون وارا ڳوڙها سمجهي ان کي وحشت جي جيئري جاڳندي تصوير سڏيندين؟؟؟؟

منصور مون کي انهن دهرين کان بہ شڪايت آهي جيڪي ظالم انسان کي تہ نٿا پهچي سگهن پر مون مسڪين کي هر وقت گاريون ڏيندا رهن ٿا.

منصور تنهنجو چوڻ آهي تہ اميدان جا ڪرٽا نہ بي رنگ آهن . آئون بہ نااميد ۽ مايوس ناهيان پر مون کي بيوفاين جي جهولن جهوري وڌو آهي.

انسان منهنجي باري ۾ صرف هڪ ڳالهہ سچي ڪن ٿا تہ هر نئون ڄاول ٻار منهنجو مظهر هوندو آهي. اها ڳالهہ صحيح آهي ڇاڪاڻ تہ هو منهنجي هستي کان لاعلم ۽ بي تعلق هوندو آهي ۽ آئون ان مان اها ئي اميد رکندو آهيان تہ هميشہ جيان ايئن ئي رهندو پر هو جڏهن "عقل ۽ فهم" جي منزل تي رسي ٿو تہ مون سان بيوفائي ڪري ٿو ۽ مون تي منهنجي نالي سان ئي ظلم جو هڪ اڻ کٽ سلسلو شروع ڪري ٿو. بيوفائي تہ منصور مون سان تنهنجا ياءُ بہ ڪن ٿا جيڪي سڄي عمر تنهنجي سنت تي هلي آخرڪار انسانن جي صف ۾ شامل ٿي وڃن ٿا.

منصور آئون تو کي اڄ جي مزيدار ڳالهہ ٻڌايان تہ مون سنڌ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي ۾ هڪ سٻاجهڙي سنڌي کي پاڙيسريءَ جي ڪنڌيءِ تي ڳچي ڏگهي ڪري پرائين ماين ڏانهن تڪيندي ڏٺو، پڇيومانس تہ ڀائو اهو ڇا ڪري رهيو آهين؟ وراڻيائين ادا ديدار بازي ڪري پنهنجي رب کي راضي پيو ڪريان. منصور ڇا آئون اهڙين حرڪتن سان راضي ٿيندو آهيان؟؟؟؟؟

هر پيچندڙ پُرندڙ شيءَ جي تباهي جو مون کي ذميوار سڏيو ويندو آهي تہ هاڻ ان جو خدا ئي حافظ آهي. ڇا آئون تباهي جي علامت آهيان؟؟؟؟؟؟

مون لاءِ چيو وڃي ٿو تہ آئون "انڌي جي لٺ" آهيان. لٺ تہ هزار ڀيرا بهتر آهي جيڪا ڪنهن کي ڀلي دڳ نہ ئي لائي پر ڪڏن ڪوبن کان ضرور بچائي ٿي پر حقيقت ائين ناهي حقيقت ۾ آئون انڌو آهيان ۽ انسان اڪيچار لنون آهن ۽ مون غريب تي بي گناهہ واڄٽ پيا وسن.

آئون احسان فراموش بہ تہ ناهيان. تنهنجو احسان وساريان سو ناممڪن آهي سائين !!!

منصور تو سان گڏوگڏ ڪبير، ادا ڊارون، ماما مارڪس ۽ خاص طور تي پيٽ سائنس جو احسان ڪيئن ٿو ڀلائي سگهان؟؟؟ سڌارث درويش جو تہ احسان ڀلائڻ منهنجي وس ۾ بہ ناهي جنهن هزارين سال اڳ حضرت انسان کي چيو هو تہ ڏکن جو ڪارڻ خدا نہ پر انساني خواهشون ئي آهن ۽ مون کي بچائيندي ان صاف چيو هو تہ منهنجو ڪو بہ وجود ئي ناهي تڏهن مون کي لڳي رهيو هو تہ گوتم انسانن جي نرواڻ سان گڏ مون کي بہ مڪتي ڏيندو پر حضرت انسان وري برهمڻ جو روپ ڌاري ويچاري گوتم کي برصغير مان ئي نيڪالي ڏئي ڇڏي هاڻ هو ڏور اوپر ۾ شانت آهي. سقراط جهڙن هزارين حڪيمن منهنجي ڦٽن تي پها رکيا آهن آئون ان جهڙن انسانن جو بيحد مشڪور آهيان.

آئون تہ فرعون جو بہ ممنون ۽ مشڪور آهيان جنهن مون سان ڏکن ۾ ڀائيواري ڪئي پر حضرت انسان ان کي بہ هلڻ ناهي ڏنو.

مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا

ڀانيٺن،ملن بيحد ڀلايا

اوڏا ڪين آيا عقل وارا عشق سين. (سچل سرمست)

منصور !!! آخر مذهبن لاءِ آئون غريب چو لازم ۽ ملزوم ٿي ويو آهيان؟؟؟ چو ؟؟؟ ٻڌاءِ تہ چو؟؟

هر مذهب مون کي غلام بڻائي وينو آهيءِ مون کي مذهبي قيد خانن ۾ بري طرح بيگناهہ قيد ڪيو ويو آهي جتي منهنجو ساهہ ٻوساٽجڻ لڳي ٿو.

ويدڪ برهمڻ پنڊت چون ٿا تہ آئون آريائي نسل مان آهيان ۽ منهنجو ڪم دراوڙن کي نيست ۽ نابود ڪرڻ آهي. اهي چون ٿا تہ مون برهمڻن کي پنهنجي هڪ يعني منهن مان پيدا ڪيو آهيءِ ڪشترين کي ٻانهن مان ، وئيشن کي پيٽ مان جڏهن تہ غريب دراوڙ منهنجي پيرن مان پيدا ٿي سماج ۾ هميشہ لاءِ ناپاڪ قرار ڏنا ويا آهن.

منصور !! تون تہ حق جو نعرو هڻدڙ آهين ، هاڻي تون ئي ٻڌاءِ تہ ڇا آئون ليبارٽرين مان ڪلوننگ ذريعي پيدا ٿيل ڪا آسٽريلوي رڍ آهيان ؟؟؟ جو انسانن کي ائين پيدا ڪندس ؟؟؟

ڇا آئون ڌرتي ڌڻين يعني دراوڙن کي نسلي بنياد تي برباد ڪرڻ جي ڪين ڪلي طرح ڇوٽ ڏئي ڇڏي آهي ؟؟؟؟ نہ منصور نہ ... ايئن ناهي.

مون نہ ڪنهن سان لڪي ڳالهيون ڪيون آهن ۽ نہ ئي ڪنهن کي جادوگري مشڪري مدارين وارا کيل سيکاريا آهن منصور !!

نہ ئي آئون ڪنهن ڪنواري حوا جي ڌيءِ جي پيٽ مان پيدا ٿيندڙ ٻارن جو پيءُ ٿي سگهان ٿو. آخر انسان پنهنجو گند مون تي چو ٿو اڇلائي؟؟؟؟

امن ۽ سلامتي لاءِ انسانن جا ڪنڌ ڪپڻ جا آرڊر آئون تہ نٿو ڏيان پوءِ اهي ڪم منهنجي نالي سان چو ٿا ڪيا وڃن؟؟؟؟

آئون پاڻ مظلوم آهيان ۽ مون کي ٻاپڻن ، ملن ۽ پادرين جي ڀوائتين شڪلين کان بيحد خوف ٿئي ٿو منصور !!!

حوا جي ڌيئرن تي ظلم جا ڪوٽ ڪيرائڻ انسان جو ئي ڪم آهي منهنجو انهن نياڻين ۾ ڪهڙو مفاد آهي؟؟؟؟ جو ڪين غلام بڻائي رکان.

منصور آخري ڳالهه تہ مون کي هروڀرو مرد شائونزم جو نشان ڇو ٿو سمجهيو وڃي؟؟؟؟

منهنجي نالي نازل ٿيل هڙئي پيامبر ۽ اوتار مرد ڇو آهن؟؟؟ ڇا عورت ذات کي مون ئي محروم رکيو آهي؟؟؟؟؟؟؟

اڄ آئون حضرت انسان وٽ رحم جي جهولي جهلي بيٺو آهيان ۽ بس اهو ئي چوڻ چاهيان ٿو تہ ظلم ۽ جبر جي بہ ڪا حد هوندي آهي پر منهنجي ڏکن جو ڪو ڪنارو ڇو ناهي؟؟؟؟؟

انسان ئي هن ڌرتي تي بار آهن ۽ مون تي هرو ڀرو الزامن جا انبار هنيا ٿا وڃن.

اي حضرت انسان ! تو کي منصور معرفت ڪهڙي ميار ڏيان؟؟؟؟؟

جو خود قاتل هين اور خود روتي هين،

ايسي بهي کهين دمساز هوئ ايسي جلاد بهي هوتي هين

........................................................................................ لامڪان مان صرف تنهنجو خدا منصور

# هندن جي لڏپلاڻ ۽ دلتن جا مسئلا

سنڌ ۾ هڪ مخصوص علائقائي ميڊيائي گروپ ڪافي عرصي کان پنهنجي “اجاره داري” کي انجواءِ ڪري رهيو آهي. پنهنجي اخبارن ۽ چئنلز جي پليٽ فارم تان وقت بوقت ڪل ڏيارينڊڙ يوٽوپيائي مفروضا، نان اشوز ايستائين جو ثقافتي ڏينهن بہ متعارف ڪرائي رهيو آهي. ائين لڳي رهيو آهي تہ جڻ سنڌ انهي واسڪوڊيگامائي گروپ گذريل ڪجهہ سالن دوران دريافت ڪئي آهي. الميو اهو آهي تہ ڪوريج ۽ سستي شهرت جي خواهشمند ڌرين طرفان بنا سوچ ۽ ويچار جي هر نان اشو کي زيربحث بڻائي سماج ۾ افواهن جي بازار گرم ڪئي وڃي ٿي ۽ باقي ميڊيا ۽ سماج جا حصا پڻ ان جي تقليد ڪن ٿا.

هندن جي لڏپلاڻ جو اشو بہ ان ئي ذهينيت جي پيداوار آهي. حقيقت ۾ اهو هڪ نان اشو آهي، اها پڻ حقيقت آهي تہ پياري ملڪ ۾ هندن سان عقوبتون جاري آهن، پر ڇا ٻين اقليتن خاص ڪري دلت (شيڊيولڊ ڪاسٽ برادريون جهڙوڪ ڪولهي، ڀيل، ميگهواڙ، گجراتي، جوڳي، باگڙي، وغيره وغيره) ۽ غريب مسلمانن سان مسئلا نہ آهن؟

ڪو بہ انسان دوست، هندن سميت ڪنهن بہ ڌر سان زيادتي کي جائز نٿو سمجهي سگهي. “هندن جي لڏپلاڻ” واري معمي کي سمجهڻ کان پهريائين اسان کي هندو ۽ دلت مسئلي تي غور ڪرڻو پوندو.

انڊيا ۾ پوئتي پيل ذاتين ۽ قبيلن، جيڪي دراوڙ يا آدي دراوڙ نسل سان تعلق رکن ٿا، انهن کي دلت (مظلوم يا پيڙهيل طبقا) يا بهوجن (اڪثريتي نسل) سڏيو وڃي ٿو. دلت يا بهوجن ۾ شيڊيول ڪاسٽس، شيڊيول ٽرائيبس، بيڪ ورڊ ڪاسٽس ۽ اڌر بيڪ ورڊ ڪاسٽس اچي وڃن ٿا. شناخت جي اعتبار کان انهن کي هندن (اوچ جاتين جهڙوڪ برهمڻ، کشتري ۽ ويش) کان الڳ شمار ڪيو وڃي ٿو. انهي شناخت کي انڊيا جي آئين ۽ سپريم ڪورٽ آف انڊيا پڻ تسليم ڪيو آهي. پر هتي جي دلتن جو وڏو مسئلو اهو آهي ته دلت شناخت جي خلاف پروپيگنڊا شروع ڪئي وئي آهي، اسان جا هندو ڀائر ۽ قومپرست دوست دلت شناخت کي تسليم ڪرڻ کان پڙ ڪيو بيٺا آهن. نتيجي طور ڏيڍ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ شيڊولڊ ڪاسٽ کي هندو سمجهيو وڃي ٿو ۽ ايئن ڪرڻ سان دلت طبقو پنهنجي آبادي جي حصي طور جائز نمائندگي ۽ ٻين حقن کان لڳاتار محروم بڻيل آهي. اڄ ڏٺو وڃي ته هندو سڏي ويندڙ ڪميونٽي ۾ 95 سيڪڙو کان وڌيڪ شيڊيولڊ ڪاسٽ آهن ۽ تقريبن سموري شيڊيولڊ ڪاسٽ برادري معاشي توڙي سماجي لحاظ کان انتهائي پسمانده آهي پر ڪنهن کي به دلتن جا مسئلا نظر نٿا اچن.

جيستائين هندن جي لڏپلاڻ جو سوال آهي ته هندن جو صرف قليل تعداد ئي ان باري ۾ سوچي سگهي ٿو، دلتن نه ئي ڪڏهن ٻي ملڪ ڏانهن لڏ پلاڻ ڪئي آهي ۽ نه ئي ان باري ۾ سوچي سگهن ٿا. هندو برادري جي انهي قليل تعداد کي سماج ۾ مستحڪم معاشي حيثيت جي ڪري عدم تحفظ جو خطرو ضرور موجود رهندو آهي. هن طبقاتي سماج ۾ خوشحال مسلمانن سان به اهو مسئلو آهي ۽ مسلمانن ۾ پڻ لڏپلاڻ جو رجحان آهي ۽ اهي انڊيا ڏانهن ته لڏپلاڻ نه ٿا ڪن پر ڪينيڊا، آسٽريليا ۽ يورپي ملڪن ڏانهن اهي پڻ منتقل ٿيندا رهن ٿا. اهو عام سماجي مسئلو آهي جنهن کي مذهبي تناظر ۾ نه ڏسڻ گهرجي.

طبقاتي سماج ۾ هر ننڍي مڇي کي وڏي مڇي ڳڙڪائيندي آهي ۽ ان کي وري ان کان به وڏي مڇي شڪار ڪري ٿي. اهو سلسلو وڃي عالمي آقائن تائين پهچي ٿو.اسان جي ڳوٺن جا ننڍڙا وڏيرا جتي عام غريب غربي لاءِ آزار بڻيل آهن ساڳئي وقت اهي خود پاڻ کان وڏن وڏيرن جا ستايل آهن. اڄ جهڙي ريت سنڌ جي ڳڙنگ وڏيرن کان به سندن زمينون ۽ ڪارخانا "خريد" ڪيا پيا وڃن اهو پڻ استحصال جو هڪ نمونو آهي. اها ڪا سازش نه پر هن نظام جي برڪت آهي.

ڪافي دوست "هندن جي لڏپلاڻ" کي ورهاڱي واري دور سان تشبيهه ڏئي رهيا آهن، بيانن، سيمينارن، ڏوراپن، شاعري ۽ ڳوڙهن جو سلسلو زور شور سان جاري آهي. لڏپلاڻ واقعي هڪ مسئلو هجي ٿو پر اها ايتري حد تائين ٿي به نه رهي هجي ته پوءِ ان بابت پروپيگنڊا ڪرڻ جو ڇا مطلب آهي؟

لڏپلاڻ يا نقل مڪاني انسان جي فطرت ۾ شامل آهي. انسان پنهنجي روزگار لاءِ هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ نقل مڪاني ڪندو رهيو آهي، ڪڏهن حالتن جي جبر تحت ته ڪڏهن پنهنجي مفاد جي حصول لاءِ. باقي سنڌ جي قومپرست ڌرين جو اهو موقف ته "سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش طور هندن کي لڏايو پيو وڃي" اها ڳالهه سمجهه کان ٻاهر آهي.

ڇا اسان کي سماج جي سڌاري ۽ انهن مسئلن جي بنيادن کي ختم ڪرڻ بجاءِ صرف ۽ صرف سنڌي ماڻهن جي اڪثريت ۽ اقليت جي سوال جو فڪر هئڻ گهرجي؟ ڇا سنڌي ماڻهن جي سنڌ ۾ اڪثريت هئڻ سان سڀ مسئلا حل ٿي ويندا؟ اسان جو قومپرست دوستن ڏانهن عرض آهي ته پاڪستان سميت سڄي دنيا تي اقليتي طبقي جي حڪمراني آهي، حقيقت ۾ اقليت معاشي طبقو ئي آهي. اسان وٽ جاگيردار ۽ سرمائيدار طبقي جو تعداد

هڪ سيڪڙو کان بہ ڪافي گھٽ آهي مگر 90 سيڪڙو وسيلن تي اهو ئي طبقو ئي حاوي آهي. اسان کي مذهبي، قومي، لساني،فرقيوارانہ ۽ ٻين هر قسم جي اڪثريتي ۽ اقليتي چڪرن مان نڪري صرف طبقاتي يڪجهتي لاءِ سوچڻ گهرجي تہ جيئن هڪ وڏي اڪثريت کي معمولي اقليت جي چنبي مان ڇڏائي هڪ مساوات ۽ برابري تي ٻڌل نظام جي اڏاوت ڪري سگهجي.

سنڌ جي قومپرست ڌرين کي سنڌي قوم جي اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جو وڏو فڪر هجي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڌارين کي نيڪالي ڏيڻ ۽ ڪين سمنڊ حوالي ڪرڻ جا اعلان بہ ٿين ٿا. سنڌ جي هزارين سال پراڻي دراوڙ سڀيتا جي اصل باقيات هئڻ جي ناتي اسان دلت، تنگ نظر نيشنلزم کي رد ڪندي وچ ايشيا کان وارد ٿيل آرين (برهمڻن ۽ واڻين) سميت دجلہ ۽ فرات وادين کان آيل ساداتن ۽ ترڪي کان آيل بلوچن سميت سنڌ ۾ رهندڙ سڀني ماڻهن کي سنڌ جا برابر جا وارث سمجهون ٿا، جيڪڏهن اسان سڀني جو جيئڻ ۽ مرڻ سنڌ سان آهي تہ پوءِ سنڌي ۽ غير سنڌي ڇو؟

سنڌي قومپرستي حقيقت ۾ گاربي ازم سان مماثلت رکي ٿي، گاربي هڪ آمريڪي مفڪر آهي جنهن ٿيوري ڏني تہ “آمريڪا ۾ ڪاري نسل جا ماڻهو هاڻ سماج تي بار محسوس ٿي رهيا آهن انڪري ڪين واپس سندن ملڪ آفريڪا موڪليو وڃي”. آمريڪي سفيد فام انهي قومپرست مفڪر جي ان ٿيوريءَ جو ڪاري نسل جي هڪ شاعر پنهنجي نظم ۾ ڏاڍو دلچسپ جواب ڏنو آهي، جنهن ۾ هو چوي ٿو تہ :“ڇگو نيڪ آهي، ٻيڙو تيار ڪراءِ ۽ اسان کي آفريڪي ساحل تي ڇڏي تون بہ يورپ هليو وڃ ۽ آمريڪا کي ريڊ انڊين جي حوالي ڪيو وڃي.”

اها ئي حالت اسان جي قومپرست دوستن جي بہ آهي. ڌارين کي سمنڊ حوالي ڪري يا سنڌ مان تڙي ڇا اسان جا بلوچ دوست ترڪي ڏانهن اسهندا؟ ۽ سادات سڳورا ٻوبڪ جا وڻ ڇڏي پلي پار ڏانهن هليا ويندا؟ ۽ سنڌ ۾ رڳو ڀيل، ڪولهي ۽ ماڇي وڃي رهندا.! جڏهن اهڙيون ٿيوريز ناقابل عمل ۽ ناممڪن هجن تہ پوءِ ان بابت سوچڻ ۽ پرچار ڪرڻ جو مطلب حقيقت کان فراريت کان سواءِ ٻيو ڇا آهي؟ سپر پاور آمريڪا ۾ ڪير بہ ڪاري نسل جي ماڻهن کي تڙي نہ ٿو سگهي، سري لنڪا ۾ معمولي تامل دلت اقليت کي نيڪالي ڏئي نہ ٿي سگهجي، “رينج ڪنٽرول نيوڪليئر ٽيڪنالاجي” رکندڙ اسرائيل بہ رڃ جي غليل سان وڙهندڙ فلسيطينين کي مٽائي نہ ٿو سگهي ۽ هزارين سالن کان آريائي سامراج دلت دراوڙن جي وجود کي ختم ڪري نہ سگهيو تہ هتي بہ ڪير ڪنهن کي لڏپلاڻ تي مجبور ڪري نہ ٿو سگهي. 1947ع جي سونامي، 65 ۽ 71 جي سائيڪلونن جي باوجود دلت سنڌ ڇڏي نہ ويا، دلت سماج جو انتهائي پيڙهيل ۽ ڪمزور طبقو آهي، اهي بہ لڏي نہ ويا باقي صرف هندو جاتي وارا لڏي ڇو ويا؟ اهو بہ هڪ سوال آهي. حقيقت ۾ هندو جاتي جي ماڻهن کي انڊيا ۾ وڌيڪ مراعتون ملڻ جا امڪان هئا انڪري انهن انڊيا ڏانهن لڏي وڃڻ کي ترجيح ڏني. جيڪڏهن ايئن نہ هجي ها تہ پوءِ انڊيا ۾ اڄ سنڌ جو هندو هر ميدان ۾ اڳيان ڇو آهي؟ ۽ اتي هميشہ کان رهندڙ دلت ۽ مسلمان فٽ پاٿن تي دربدر ڇو آهن؟

جيڪي دوست ورهاڱي دوران “هندن جي لڏپلاڻ” واري الميي جي حقيقت ڄاڻڻ چاهين ٿا انهن لاءِ عرض آهي تہ اهي گنگا رام سمراٽ جا ڪتاب پڙهن تہ ڪين خبر پوندي تہ ان دور ۾ هندن کي ڪنهن لڏپلاڻ تي مجبور ڪيو.

اهو هڪ مثبت پهلو آهي تہ سنڌ سميت پاڪستان ۾ مذهبي ڌرين ڪڏهن بہ هندن کي نشانو ناهي بڻايو جنهن جو اسان جي هندو پائرن کي بہ اعتراف ڪرڻ گهرجي. جيستائين هندو

چوڪرين جي اغوا ۽ زوري مذهبي تبديلي جو سوال آهي ته ان جو هڪ حل اهو به آهي ته هڪ اهڙي ڪائونسل جو قيام عمل ۾ آندو وڃي جنهن ۾ مذهبي عالم ۽ اقليتي ماڻهو به هجن ۽ هو هر اهڙي واقعي جي جاچ ڪن، چاڪاڻ ته اسلام ڪنهن کي جبري طور مذهب ۾ شامل ڪرڻ جي اجازت نٿو ڏي. پر اهي مسئلا مذهبي گهٽ پر سماجي هوندا آهن ۽ سماج جي سڀني مسئلن جو بنيادي سبب هي ناانصافي ۽ اڻ برابري تي ٻڌل نظام آهي. انساني تاريخ ۾ جڏهن به رائج نظام انسان ذات کي فائدو ڏيڻ بدران ناسور بڻجڻ لڳا ته ان فرسوده نظام جي ڪک مان هميشه نئين نظام جنم ورتو. موجوده سرمائيدارڻو نظام به هر هنڌ ناڪام بڻجي چڪو آهي ۽ هڪ نئين نظام جي انسان ذات کي سخت ضرورت آهي . اسان کي لڏپلاڻ جهڙن نان اشوز تي سوچڻ بدران برابري ۽ مساوات تي ٻڌل نظام جي تعمير لاءِ سوچڻ گهرجي.

# سماجي ڏيڻ ۾ قاتل دلت مڊل ڪلاس

اسان وٽ ساجهه ۽ شعور تي وچئين طبقي جي مڪمل هڪ هٽيءَ آهي، اسان کي بار بار اهو مفروضو زبردستي تسليم ڪرايو وڃي ٿو ته مڊل ڪلاس، ساجهه وند ۽ باشعور هئڻ سان گڏ انقلابي طبقو پڻ آهي.

طبقاتي نظام ۾ اهو طبقو ٻن وڏين انتهائين جي وچ ۾ قاتل هئڻ ڪري هميشه پنهنجي انفرادي ۽ بحيثيت طبقي جي اجتماعي حيثيت جي لاءِ پريشاني جي حد تائين فڪرمند پڻ رهندو آهي.

استحصالي ۽ مظلوم طبقن جي درميان هلندڙ ڪشمڪش دوران هن طبقي جي حالت غير يقيني واري هوندي آهي. مڊل ڪلاس جو هميشه ڪان وني اهو لاڙو هوندو آهي ته هو ڪهڙي به طريقي سان "ترقي" جون منزلون طئي ڪري استحصالي طبقي جو حصو بنجڻ ۾ ڪامياب ٿئي پر حالتون ان کي هميشه پوئتي ڌوڪينديون آهن. مڊل ڪلاس مان ڪجهه ماڻهن جا حوالا ڏئي سڄي طبقي کي روشن خيال طبقو سڏي نٿو سگهجي، ايئن ته سرمائيدار ۽ جاگيردار طبقن مان به ڪافي ماڻهن پنهنجي طبقي کي ڇڏي هيٺين طبقن جو ساٿ ڏنو پر انهن ڪڏهن به پنهنجي طبقن کي روشن خيال يا ترقي پسند ناهي سڏيو.
حقيقت ۾ مڊل ڪلاس رجعتي نظرين، تنگ نظر قومپرستي، انفرادي مفاد پرستي ۽

حڪمران جي پسنديده نظرين جهڙوڪ سيڪيولرزم، لبرل ازم ۽ سرمائيدارانه جمهوريت جي بيساکين (جيڪي هڪ ٻئي جو ضد پڻ آهن) جي مدد سان پنهنجي زندگي جو سفر جاري رکندو آهي. بحيثيت طبقو اهو ڪڏهن به ڪنهن نڪتي تي واضع نه رهيو آهي.

ڪارل مارڪس مطابق مڊل ڪلاس جو ڪردار هميشه کان وني قدامت پسند رهيو آهي، اهي هميشه ابتي گنگا وهائڻ چاهين ٿا. اهو طبقو صرف ان صورت ۾ انقلابي بڻجندو آهي جڏهن پورهيت طبقي جي جدوجهد انتهائي فيصلہ ڪن مرحلي ۾ داخل ٿي ويندي آهي.

ڊاڪٽر امبيڊڪر مڊل ڪلاس کي سماجي تبديلي جي جدوجهد لاءِ اهليت نه رکندڙ ۽ غير ڪارآمد طبقو قرار ڏيندي ان کي بدڪ سان پيٽ ڏني آهي جيڪا ڳائي سگهي ٿي پر ڪوئل وانگر نٿي ڳائي، ترڻ به ڄاڻي ٿي پر مڇي وانگر تري نٿي سگهي، اڏامي سگهي ٿي پر باز وانگر نٿي اڏامي۽ مور وانگر ڊڪي نٿي سگهي اهڙي طرح مڊل ڪلاس به سماجي تبديلي لاءِ پورهيت طبقي وانگر موثر نه آهي. اهو طبقو نه وري مٿئين طبقن وانگر حڪمراني ڪري سگهي ٿو ۽ نه وري پورهيت طبقي وانگر دنيا جو ڦيٿو هلائڻ يا روڪڻ جي طاقت رکي ٿو.

سرمائيداراڻو نظام پنهنجي دور ۾ ناهموار ترقي ڪندي ڪافي عمر ڪائي هاڻ پنهنجي آخري منزل تي پهچي چڪو آهي ۽ ان نظام ڪافي پيچيدگين کي پڻ جنم ڏنو آهي. قومي سرمائيدار ۽ عالمي سرمائيدار جهڙن اصطلاحن سان گڏ هاڻ تهذيبي ٽڪراءُ جهڙا اصطلاح به ملن ٿا. ايستائين جو قومي تضادن دوران حڪمران طبقن جي قوم يا نسل سان تعلق رکندڙ پورهيتن کي پڻ سامراج چيو ويندو آهي ۽ محڪوم قومن جي استحصالي طبقي کي مظلوم چيو ويندو آهي، گڏوگڏ حڪمران طبقن پڻ قومي شائونزم کي هٿي ونرائي آهي.

نندي ڪنڊ جو سماجي مسئلو انتهائي پيچيده آهي ڇاڪاڻ ته هتي صدين تائين اپارٿائيڊ کان به وڌيڪ انسانيت جي تذليل ڪندڙ ذات پات جو بدترين نظام جاري هو ۽ اڄ پڻ ان جا سماج تي اثر ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ جاري آهن. انديا ۾ ته اهو اڄ به جيئن جو تيئن موجود آهي. ذات پات جو نظام دراصل نسلي جبر جي غلاف ۾ ڊڪيل طبقاتي نظام آهي. آرين جي اچڻ کان پوءِ نندي ڪنڊ جي اوائلي سماجي جوڙجڪ ۾ قبيلن جي جاءِ تي ذاتين جنم ورتو. ذات پات ۽ طبقاتي نظام جي پيچيده ميلاپ ۽ ملڪ جي مخصوص سماجي حالتن هيٺ اقليتي طبقي سان تعلق رکندڙ دلتن جو مڊل ڪلاس هڪ وڏي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل آهي.

دلت سماج جو انتهائي پيڙهيل ۽ ڪمزور طبقو آهي، ان مان تعليم ذريعي اڀٽي آيل دلت مڊل ڪلاس دلتن جي حالتن ۾ بهتري لاءِ ڪو تحرڪ وٺڻ بدران هميشه گليمر ۽ فراريت جو شڪار رهيو آهي. ان جي انفرادي ترقي صدين کان پيڙهيل دلتن لاءِ سودمند ثابت ناهي ٿي. الميو اهو آهي جو اهو طبقو پاڻ به مسئلن ۾ گهيريل هئڻ جي باوجود پاڻ کي دلت نٿو سمجهي ۽ غريب دلتن کان سماجي حوالي سان ڪٽيل پڻ آهي ته ٻئي طرف دلت هئڻ سبب باقي مڊل ڪلاس سان پڻ ڪٽيل آهي. تنهائي ۽ محرومي جي ڪن ۾ ڦاٿل دلت مڊل ڪلاس ڪڏهن به پنهنجي ماڻهن ڏانهن مڙي ناهي ڏٺو. ڪيترين ئي ذاتين مان اسري آيل دلت مڊل ڪلاس ذات پات جي زنجيرن ۾ پڻ وڪوڙيل رهي ٿو. دلتن جي هيٺين طبقي سان پڻ اها ساڳي حالت آهي پر جيئن ته اهي عددي گهڻائي ۾ هئڻ ڪري سماجي حوالي سان گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي ذاتين ۽ قبيلن اندر ايتري سماجي تنهائي جو شڪار ناهن.

برطانوي دور ۾ پيڙهيل طبقن ۽ ذاتين کي شيڊيول لسٽ ۾ آڻي انهن جي بهتري لاءِ خصوصي اپاءُ ورتا ويا، ان وقت کان وني پوئتي پيل ذاتين لاءِ شيڊيول ڪاسٽ اينڊ ٽرائبس

سڏيو وڃي ٿو. ريزرويشن مان فيضياب ٿيل پنتي پيل ذاتين جي ماڻهن انفرادي ترقي ضرور ڪئي پر دلت طبقي جي حقن جي لاءِ جدوجهد ۾ انهن ڪو ڪردار ادا ناهي ڪيو پر الٽو اهي دلت طبقي جي وجود کان ئي انڪاري آهن. دلت مڊل ڪلاس پيڙهيل طبقن جي انقلابي نظرين کان خوفزده آهي ۽ بد قسمتي سان دلت مڊل ڪلاس ذهني غلامي ۾ بري طرح ڦاٿل آهي. سول سوسائٽي ۽ اين جي اوز کي آئيڊل سمجهندڙ دلت مڊل ڪلاس موجوده حالتن ۾ ڏينهون ڏينهن پنهنجي حيثيت وڃائيندي هيٺئين طبقي ۾ شامل ٿي رهيو آهي پر پنهنجي سماجي زندگي ۾ مڊل ڪلاس رجحان رکڻ سبب نفسياتي بيماري جي حد تائين بي چيني جو شڪار پڻ آهي. مڊل ڪلاس هميشہ کان وٺي انهي ناڪام ڪوشش ۾ سرگردان هوندو آهي تہ هو پنهنجي طبقاتي حيثيت برقرار رکڻ لاءِ غريب طبقي کي پنهنجي مفادن جو ٻارڻ بڻائي پر ان کي هر دفعي مايوسي جو منهن ڏسڻو پوندو آهي چاڪاڻ تہ پورهيت طبقو پنهنجي تجربن ۽ روايتن جي تاريخ رکي ٿو ۽ مڊل ڪلاس وانگر يوٽوپيائي آدرشن جي پويان نٿو پٽڪي.

دنيا ۾ سماجي تبديلي جي تحريڪن جي اڳواٽي قوم جي مٿئين طبقن ڪئي آهي يا وري پورهيت عوام انقلابي جدوجهد ذريعي انقلاب برپا ڪيا آهن ۽ مڊل ڪلاس ٻنهي قسم جي تحريڪن دوران غالب طبقن سان ملڻ تي مجبور ٿيو آهي. وچئين طبقي اڪيلي سر تاريخ ۾ ڪا بہ مهم سر ناهي ڪئي، اهو طبقو هميشہ ٻن وڏن طبقن جي رحم و ڪرم تي هوندو آهي. مڊل ڪلاس جو ڪڏهن بہ ڪو گڏيل طبقاتي مفاد ۽ پروگرام ناهي هوندو. اهو صرف ذاتي مفاد رکندڙ ماڻهن جو هڪ هجوم آهي جنهن کي سماجي سائنس جي ڪسوٽي تي هڪ طبقو بہ چئي نٿو سگهجي.

اسان وٽ ويجهي ماضي ۾ مڊل ڪلاس جي ناڪام مهم جوئي جوهڪ وڏو مثال آهي جڏهن مخصوص ميڊيائي پوتارن جي قيادت ۾ تبديلي جو وڏو شور متل هو انهن جو مقصد ووٽن ذريعي ايوانن ۾ اچي تبديلي جو جهنڊو بلند ڪرڻو هو. مڊل ڪلاس جا ماڻهو وڏي واڪي انهي قافلي ۾ شامل ٿي رهيا هئا. مڊل ڪلاس ذهنيت مطابق انهن بورجوازي اقتدار جي ايوانن تي قبضو ڪرڻ لاءِ انتهائي ڪل جهڙي حڪمت عملي پڻ طئي ڪري ڇڏي تہ سڄي سنڌ جي هر ننڍي وڏي شهر جي ميونسپل ۽ ٽائون ڪاميٽين ۾ هڪ ڪتاب رکيو ويندو جنهن ۾ تبديلي جا خواهشمند پنهنجو نالو نالو لکندا ۽ اليڪشن جي وقت لکين تبديلي جا پانڌيئڙا ووٽ جي طاقت سان تبديلي جي تاريخ رقم ڪندا پر الميو اهو ٿيو جو جيڪي تبديلي جا وڏا مهندار ان قافلي ۾ اچي شامل ٿيا هئا اهي بہ اليڪشن دوران روايتي وڏيرڪين پارٽين جا وڃي سلامي ٿيا ۽ يوٽوپيائي قائد اليڪشن دوران وڏيرن جي پوزيشن بابت تجزيا ڪندو رهجي ويو. مڊل ڪلاس جي انهي ناڪام مهم جوئي شهرت جي بکايل ۽ صديون ڏسندڙ "مها ڪامريڊن ۽ قومي دانشورن" جا پول بہ کولي ڇڏيا جن عوام کي حقيقي دڳ لائڻ جي بدران ان رج ۾ پٽڪڻ تي مائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان سان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ مڊل ڪلاس جو ڪو بہ اجتماعي مقصد نٿو هجي ۽ هر فرد جو ذاتي مفاد هوندو آهي ۽ مڊل ڪلاس جي ڪا بہ تحريڪ گهڻو وقت جٽاءُ نٽي ڪري سگهي. اهڙي ريت دلت مڊل ڪلاس سان پڻ ساڳيو الميو آهي، اهي "ترقي" چاهين ٿا مگر هر دلت لاءِ اهو ممڪن ئي ناهي تہ هو ڪميشن پاس ڪري ايس ڊي ايم يا ڊي ايس پي ٿي سگهي. دلت حقيقت ۾ پورهيت طبقي جو انتهائي پيڙهيل حصو آهن ۽ پورهيت طبقي جي جدوجهد ۾ ئي اهي پنهنجي مسئلن جو حل ۽ نجات سمجهن ٿا. تاريخي طور تي دلت پنهنجي سڃاڻپ ۽ تهذيب رکن ٿا ۽ ذهني غلامي کان آزادي جي جدوجهد جي تاريخي روايت پڻ رکن ٿا. دلت

مڊل ڪلاس پلي ڪٽي دلت لفظ کان الرجڪ هجي پر تاريخ جو اهو سچ آهي تہ دلتن جي مڊل ڪلاس کي آخرڪار پنهنجي ماٺهن ڏانهن موٽ ڪائڻي پوندي.

# ديپاولي، تاريخي معمو ۽ ڪبير جو رام

اڄ ديپاولي جو ڏڻ آهي، ديپ نہ صرف روشني پر قرباني ۽ ايثار جي پڻ علامت آهي. پاڻ کي جلائي ٻين کي سهائو ڏيڻ کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي قرباني ٿي سگهي ٿي؟ مون کي اها بہ خبر ناهي تہ ڪهڙي تاريخي روايت جي ياد ۾ اهي ديپ جلايا وڃن ٿا. مون کي صرف ديپ سان انسيت آهي. اڄوڪي ڏينهن تي شام ويلي آئون پنهنجي اونداهي ڪٽيا ۾ ننڍي ڪنڌ جي آخري دراوڙ راجا جي مجسمي جي اڳيان هڪ ديپ جلائي ڇڏيندو آهيان. اهو ديپ خاموشي سان ٻرندو رهي ٿو ۽ ان جي لاٽ جي پس منظر ۾ دراوڙ ڏهيسر جي مجسمي تي روشني جي ورڪا ٿئي ٿي، مهاراجا راوڻ جون مزاحمتي نور سان جرڪندڙ اکيون، ڪاريهر جهڙا وار ۽ سرمئي رنگ جو جبل جهڙو جاننو جسم ديپ کان بہ وڌيڪ جرڪڻ لڳي ٿو. آڌي رات جو پڙڪا ڪائي نيٺ اهو ديپ وسامي ويندو آهي ۽ ڪٽيا ۾ گهگهہ اونداهي ڇائنجي ويندي آهي ۽ ان اونداهي ۾ ننڍي ڪنڌ جو آخري جزيرو پڻ ڌارين جي قبضي ۾ هليو وڃي ٿو ۽ ان کان پوءِ روشني جا ڪئي مينار اٿن ٿا پر اها روشني منهنجي ناهي. اها تہ ڪنهن پاڙيتو باندر جي پڇ کي لڳل اها باهہ آهي جيڪا منهنجي ديس جي واهڻن ۽ وسندين کي ساڙي خاڪ ڪري رهي آهي. الئي ڇو منهنجي گهر کي لڳل باهہ کي دنيا ديوالي سمجهي اڄ مون کي واڌايون ڏئي رهي آهي پر اهي جرڪندڙ ڄيبون آخرڪار منهنجي ڪٽيا کي بہ وڪوڙي وڃن ٿيون ۽ آئون رات جي تاريڪين ۾ ٻي گهر ٿي وڃان ٿو ۽ پوءِ اهو سفر صدين تائين هلي ٿو ۽ رڪجڻ جو نالو ئي نٿو وٺي. اهڙي ريت هزارين سالن تائين خانہ

بدوشي منهنجو مقدر بڻجي وڃي ٿي. موت کان پوءِ بہ سکون منهنجي تقدير ۾ لکيل ناهي. آئون هن ڌرتي تي ابدي ننڊ بہ ناهيان سمهي سگهندو ۽ منهنجو لاش پڻ در در جو ٺوڪرون کائيندو رهي ٿو. مون کي اها بہ خبر ناهي تہ ان مسلسل دربدري جو ڪارڻ ڇا آهي پر مون کي اهو ياد آهي تہ ان ڏکن جي سفر جي ابتدا ان وقت کان ٿي جڏهن ننڍي کنڊ جو آخري جزيرو فتح ٿي چڪو هو.

منهنجو گهر ڇا ڍهيو، ڪنيارن ان اجڙيل گهر جي مٽيءَ مان ٿانءُ ناهي ڇڏيا ۽ اگهڻ چوراهو بڻجي ويو. اهو سڀ ڪجهہ آخري دراوڙ بادشاهہ جي موڪلائڻ کان پوءِ ٿيو، ان جي موڪلائڻ سان مزاحمت ، همت ۽ آزادي پڻ موڪلائي ويون. ڪبير ڀڳت پڻ پنهنجي دوهي ۾ اها شاهدي ڏئي ٿو.

اجوڙ ڪيڙي نيڪري گهڙ گهڙ ڪيئي ڪمهار،

راوڻ سرڪا چل گيا لنڪا ڪا سردار. (ڪبير)

آخري دراوڙ سلطنت جي زوال سان منسوب اهو ڏينهن هر سال ايندو آهي ۽ ان سانحي جي ياد ڏياري گذري ويندو آهي ان دوران منهنجي جيون بہ جلندڙ ديپ جيان پچرندو پنهنجي انت طرف وڌندو رهي ٿو. غير مستند ۽ مسخ شده تاريخ جي تضادن کان مٿيرو ٿي اسان صرف ”ديپ“ ۽ ان جي لاٽ مان نروار ٿيندڙ نرمل جوت جي عظمت کي پيٽا ڏيندي اهو ڏينهن ملهايون ٿا. ان احساس سان تہ زندگي بہ هڪ ديپ وانگر آهي پر صرف اها زندگي جيڪا پاڻ جلي ٻين کي روشني ڏئي.

ديپاولي جو ڏڻ اهو پڻ احساس ڏياري ٿو تہ زندگي شمع جيان مختصر آهي.

تاريخ جي تناظر ۾ ديپاولي جي مقصد کي ڳولڻ لاءِ مسخ تاريخ جي غارن ۾ ڪئي ديپ جلائڻا پوندا. تاريخي جهڙي سماجي علم جي صنف تان تقدس جي غلافن کي لاهي ڀيانڪ ۽ تلخ حقيقتن جو ڏائڻ جهڙو چهرو نروار ڪرڻ جي ڏوهہ جو بہ ارتڪاب ڪرڻو پوندو.

اها پڻ هڪ تلخ حقيقت آهي تہ موهن جو دڙو، مهر ڳڙهہ ۽ اراولي جي آثارن کي سيني ۾ سانڍيندڙ ننڍي کنڊ جي ڪا بہ تاريخ ناهي. ڪارل مارڪس پڻ ان راءِ جو هو تہ ننڍي کنڊ جي ڪا بہ تاريخ ناهي. ننڍي کنڊ جي عظيم سپوت برصغير جي تاريخ بابت لکيو آهي تہ ” ايئن بہ ناهي تہ برصغير جي تاريخ ناهي پر موجوده تاريخ کي ڪنهن بہ ريت تاريخ نٿو چئي سگهجي. اها تاريخ صرف ڏند ڪٿائن ۽ ٻاراٽين آکاڻين تي مشتمل آهي جيڪي حقيقت سان ڪو تعلق نٿيون رکن.“

قديم روايتن جي ڪڙين کي ملائي ننڍي کنڊ جي تاريخ مرتب ڪرڻ جي روايت جو بنياد گذريل صدي کان ئي پيو آهي ۽ خاص ڪري انڊيا ۾ ان تي زور و شور سان ڪم هلي رهيو آهي پر اها تاريخ انسانيت جي المناڪ نوحي ۽ ٻن انتهائين جي درميان ناقابل مصالحت جنگ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي.

معمو بڻيل انهي تاريخ جي روشني (معاف ڪجو اونداهي ) ۾ ديپاولي جا پيرا ڳولڻ آسان ناهن پوءِ بہ ديپاولي جي ڏينهن ديپ جي عظمت مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪو پنهنجو وجود خاڪ ڪري انڌيرن سان الجهي ٿو.

رام ۽ راوڻ جي قصي کي تاريخ تي ڇڏي ڏيون ٿا جڏهن بہ ننڍي کنڊ جي حقيقي تاريخ لکي وئي تڏهن ئي اهو ثابت ٿي سگهي ٿو تہ ڪير صحيح هو ۽ ڪير غلط پر هن وقت ڪبير جي ان ”رام“ کي ياد ڪرڻ جي انتهائي ضرورت آهي جيڪو سيني کان نيارو آهي. اهو رام

نہ دسرٿ جي گھر ڄائو آھي ۽ نہ ئي ان ڪنھن کي جنم ڏنو آھي. نہ ئي ان رام، راوڻ کي ستايو آھي ۽ نہ وري ڪشترين جا ايڪويھ نسل تباھ ڪيا آھن. انھي رام نہ ڪنھن راڏا کي جيون ۾ آندو ۽ نہ ئي سيتا کي تياڳ ڏنائين. اھو رام بلڪل نيارو آھي اھو نہ ڪنھن گوپي جو ناٿ آھي نہ وري ڪنھن گلمان جو. اھو نہ وري آڪاش ۾ آھي نہ وري پاتال ۾. اھو رام نہ پنج عنصرن ۾ آھي نہ وري ٽن اوصافن ۾ اھو نہ ازل ۾ آھي نہ آخر ۾ نہ ظاھر ۾ نہ عدم ۾ ، نہ نور ۾ نہ وري خاڪ ۾. ھو "ٺ مورتي" ۾ بہ ناھي ۽ نہ وري ھيڪڙائي ۾ آھي. اھو رام بلڪل نيارو آھي جنھن ڪڏھن مڇي ، نانگ ۽ ڪڇونءَ جو اوتار بہ نہ ورتو ۽ نہ وري ڪڏھن وامن جو وير ٻڻجي باليءَ جي پيرن ھيٺان زمين کسڪايائين ۽ ھن نہ ڪڏھن ڪنھن شري  هرٽاڪش کي بادشاهي کان محروم ڪيو.اھو رام نہ ڪنھن تيرٿ پوڄا ۾ آھي نہ وري ديوتائن ۽ راڪشن ۾. ان رام نہ ڪنھن کي پنھنجي منھن مان پيدا ڪيائين ۽ نہ وري ڪنھن کي ٻانھن ۽ پيرن مان. نہ ان رام ڪڏھن پاندون جي پاسداري ڪندي ڪورون سان جنگ جوٽي.. ھو نہ ڏھن اوتارن ۾ آھي نہ وري ڏھن گروئن ۾. ھو "نہ ڪلنڪي" بہ ناھي ۽ نہ ئي ان ھٿان ڪنھن ڪنواريءَ کي ڪلنڪ لڳو. نہ ئي ھن ڪنھن سان لڪي ڳالھيون ڪيون ۽ نہ ئي ڪنھن کي پنھنجو جلوو ڏيکاريائين. اھو نيارو رام نہ صرف انسانن ۾ پر ھن ڪائنات جي ھر مخلوق جي دل ۾ رھي ٿو. اھو نہ چندرما جي ونس مان جنم وٺي ٿو ۽ نہ ئي سورج جي ڪل مان پيدا ٿئي ٿو. ھن نہ دوزخ ٺاھي نہ وري بھشت ٺاھي. اھو رام جيڪو بلڪل نيارو آھي اھو  نہ وري ڪنھن کي آخرت تائين سالاري بخشي پاڻ الوپ ٿي ويو نہ ئي ھن جي سنديس جي خزانا ختم ٿي سگھن ٿا. اھو رام جنھن کي ھن وشال ڪائنات ۾ توھان ڪٿي بہ ڳولي لھي نٿا سگھو، نہ ڪتابن ۾ ۽  نہ وري عبادتن ۾ پر صرف پنھنجي اندر ۾جھاتي پائڻ سان ان جو ديدار ڪري سگھجي ٿو.

آڪاس ڪي آس ڇوڙ پياري الٽ ديکو گھٽ اپنا جي،

تم اپني آپ ۾ کوج ڪرو ڇوڙو من ڪي ڪلپنا جي،

بن ديکي جو نج نام جپي سو ڪھين رين ڪا سپنا جي،

ڪبير ديدار پرگھٽ ديکا تب جاپ ڪون ڪا جپنا جي.  (ڪبير)

(ترجمو: اي دوست ! آسمان مان اميدون ختم ڪري پنھنجي اندر ۾ جھاتي پاءِ، پنھنجي اجاين خيالن ۽ خواھشن کي ختم ڪري پنھنجو پاڻ کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪر، جنھن اڻ ڏٺي ھستيءَ جو نانءُ جپي رھيو آھين اھا حقيقت نہ پر رات جو ڪو خواب آھي. ڪبير چئي ٿو تہ جڏھن  پنھنجو پاڻ کي ڏسڻ ۽ پرکڻ ۾ ڪامياب وئين تہ پوءِ ڪنھن پوڄا ۽ جاپ جي ضرورت ئي ناھي.)

# کائوڙ جا مسئلا ۽ نئين تعلقي جي حد بندي

آبادي جي وڌي وڃڻ سبب انتظامي تبديليون ۽ حدبنديون سڄي دنيا ۾ رائج آهن. اسان وٽ ضلعن ۽ تعلقن جي قيام بابت اهو چيو ويندو آهي ته اهو قدم ”عوام الناس“ کي سهوليتون فراهم ڪرڻ واسطي ڪنيو وڃي پيو. اها الڳ ڳالهه آهي ته اڳ ۾ قائم تعلقن، ضلعن توڙي وڏن شهرن ۾ عوام کي جيڪي سهوليتون ميسر آهن انهي جي هر ڪنهن کي پلي پت ڄاڻ آهي. سنڌ جي اڪثر تعلقن ۾ اسپتالون ۽ اسڪول ويراني جا منظر پيش ڪري رهيا آهن. هتي گهٽو ڪري نين انتظامي حدبندين جي پويان ڪنهن با اثر سياسي درجا مقصد هوندا آهن. عوام انسان جي سياسي قيادت لاءِ صرف ووٽ ڏيندڙ خلق کان وڌيڪ اهميت نٿي رکي .

مشرف جي دور ۾ پڻ ڪافي ضلعا ۽ تعلقا ناهيا ويا . ضلعن يا تعلقن جا نالا هڪڙا ته هيڊڪوارٽر وري ٻين شهرن ۾ هئا . اهڙي ريت موجوده دور ۾ سنڌ جي انتهائي پنتي پيل ضلعي ٿرپارڪر ۾ پڻ وڌيڪ ٽي تعلقا (اسلام ڪوٽ، ڪلوئي ۽ ڏاهلي) ناهڻ جا چوبول آهن. اسلام ڪوٽ ٿر جو ٻيو نمبر وڏو شهر آهي، ڪلوئي پڻ ڏورانهن ڳوٺن تي مشتمل علائقي جي اهم گيٽ وي آهي جڏهن ته سنڌ جي ايراضي جي لحاظ کان وڏي ۾ وڏي تعلقي چاڇري کي ٽوڙي به تعلقا ناهڻ بابت ڪيترائي خدشا ۽ مونجهارا پيدا ٿي رهيا آهن. وسيع وارياسي علائقي تي مشتمل چاڇرو تعلقو تمام پنتي پيل آهي. ٿر جو صحرا طبعي لحاظ کان پارڪر، ڍٽ، ڪنني، سامروٽي، مهراڻي ۽ ڪائوڙ تي مشتمل آهي ، جڏهن ته مني وارو علائقو ٿر جو مرڪز سڏيو وڃي ٿو. ڪارونجهر وارو جابلو علائقو پارڪر سڏجي ٿو، ڪڇ جي رڻ سان متصل علائقو ڪننو، جڏهن ته ڏيپلي تعلقي جو ڏاڪٽئون الهندو پاڳو سامروٽي ۽ ٻئراج سان ملندڙ حصي کي مهراڻو چيو ويندو آهي. اوپر واري علائقي کي ڍٽ يا ڍاٽ ۽ ناري واري ٻئراجي علائقي سان ملندڙ وارياسي علائقي کي ڪائوڙ سڏبو آهي. ورهاڱي کان اڳ ڏيپلو شهر واپار جي حوالي سان پوري ٿر جو مرڪز هوندو هو. ٿرپارڪر ضلعي جي قيام بعد انتظامي ۽ ڪاروباري سرگرمين جو مرڪز مني شهر ٿيو ۽ ٿرپارڪر ضلعي جو هيڊ ڪوارٽر پڻ مني شهر ۾ آهي. چاڇري تعلقو هئڻ جي باوجود چاڇري تعلقي جي حد ۾ ايندڙ ماڻهن جو گهڻو ڪاروهنوار چاڇري جي بدران امرڪوٽ، ننگرپارڪر، اسلام ڪوٽ سان وڌيڪ رهيو آهي. خاص ڪري ڪائوڙ جي سوين ڳوٺن جي ماڻهن جي روزمره اچ وڃ مني ۽ چاڇري جي بدران امرڪوٽ ڏانهن وڌيڪ هجي ٿي.

اڄڪلهه چاڇري جي ڏورانهين ڳوٺن ڏاهلي يا ڪيمي جي پار کي تعلقو بنائڻ تي غور ويچار ٿي رهيو آهي. ڪائوڙ ٿر جو صحرائي پاڳو هوندي پڻ باقي ٿر کان ڪافي منفرد آهي. ڪائوڙ جي ماڻهن جي مسئلن کي ڏسندي هر درد مند دل رکندڙ انسان جا لڱ ئي ڪانڊارجي وڃن ٿا. ڏهه سال اڳ مون هڪ نيم سرڪاري تنظيم ۾ ملازمت دوران لڳ ڀڳ سموري ڪائوڙ جي ڳوٺن ۾ وڃي گهر گهر سروي ڪئي. ڪائوڙ جي ماڻهن جي زندگي غربت جي لڪير کان ڪافي هيٺ آهي. سموري علائقي ۾ تعليم ۽ صحت جي بنيادي سهوليتن جو مڪمل فقدان ڏسڻ ۾ آيو. ايئن به ناهي ته حڪومت پاران هتي اسڪول قائم نه ڪيا ويا آهن. آبادي جي لحاظ کان تقريبن هر ننڍي وڏي ڳوٺ ۾ اسڪول قائم ٿيل آهن ۽ استاد پڻ مقرر ڪيا ويا آهن. چاڇرو تعلقو ٿر جو واحد تعلقو آهي جتي استادن جي گهڻائي پڙهائڻ بدران ذاتي ڪاروبار ۽ مقامي سطح تي وڏيرائپ ڪرڻ ۾ مشغول آهي. سياسي ڌرين سان وابستگي هئڻ ڪري ڪير به چاڇري جي استادن کي اسڪول وڃڻ لاءِ پابند نٿو ڪري سگهي پوءِ ڪٽي

کھڙو بہ دور هجي. ڪائوڙ ۾ اسپتالن ۽ صحت مرڪزن جو ڪو بہ تصور ناهي. ڪائوڙ جي ماڻهن جو گذران نالي ماتر زراعت ۽ ناري جي ٻئراجي علائقن ۾ هارپو ۽ مزدوري ڪرڻ تي آهي. ان علائقي جي ٻارڙن جي گهڻائي اسڪول وڃڻ جي بدران قالينن جي ڪڏين، سرن جي ٻنن ۽ سنڌ جي وڏن شهرن جي هوٽلن ۽ بنگلن تي مزدوري ڪري ٿي. اسڪول جي ڏينهن ۾ توهان کي ڪائوڙ جا اڪثر اسڪول استادن جي هئڻ باوجود بند ملندا. ڪافي اسڪولن ۾ اوطاقون، گدام، غاليچن جو ڪڏيون ۽ ريزڪي دڪان پڻ قائم ٿيل آهن. ڪافي اسڪولن جون عمارتون تعمير ٿيڻ باوجود تعليم کاتي جي حوالي نہ ٿي سگهيون آهن. ڳوٺ ۾ اثر رکندڙ ماڻهن انهن عمارتن کي بطور گهر يا اوطاق استعمال ڪري رهيا آهن.

تعليم جي اهڙي تباهہ حالي کي ڏسندي اهو سوال اڀري ٿو تہ ڇا نئين تعلقي  جي قيام کان پوءِ خطي ۾ تباه ٿيل تعليمي نظام شروع ٿي سگهندو؟  يا نئين تعلقي جي قيام سان رڳو ڪنهن منظور نظر ڳوٺ ۾ ڪجهہ دفترن جو قيام ۽ قبضہ مافيہ جي چاندي ٿيڻ واري آهي. نئين تعلقي  جي هيڊ ڪوارٽر بابت ڪافي مونجهارا پيدا ٿي رهيا آهن. نئين تعلقي جو نالو ڏاهلي تجويز ڪيو ويو آهي بهتر تہ ايئن ٿيندو تہ صدين کان وني اهو علائقو ڪائوڙ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي ان ڪري نئين تعلقي جو نالو پڻ ڪائوڙ رکيو وڃي. ڏاهلي ۽ ڪيمي جو پار ڪائوڙ جا ڪندائتا ڳوٺ آهن جيڪڏهن انهن ڳوٺن کي تعلقي هيڊ ڪوارٽر بڻايو ويو تہ وري علائقي جي ماڻهن جي تعلقي هيڊڪوارٽر تائين پهچ پڻ هڪ اضافي مسئلو هوندي. بهتر ايئن ٿيندو تہ سياسي مفادن ۽ ڪجهہ ڏرين جي پسند يا ناپسند کي پاسيرو رکي ڪائوڙ جي مرڪزي ڳوٺن ڪينسر، ٻگل سميجا يا پارٿو شهر کي تعلقي جو هيڊ ڪوارٽر بڻايو وڃي.

ڪائوڙ جي ذڪر ڪرڻ سان هڪ تازو  اجڙيل شهر پارٿي جي ياد ذهن تي تري ايندي آهي. الميو اهو آهي تہ سوين سالن تائين قائم رهندڙ شهر ڇا اجڙيو جو اهو اڄ موهن جي دڙي وانگر ماضي جو داستان بڻجي ويو. ٿر، گجرات توڙي راجستان ۾ اڄ بہ عورتون ڳيچن، لاڏن ۽ لوڪ گيتن ۾ پارٿي شهر جو نالو ونن ٿيون. پارٿو تمام قديم صحرائي شهر هو. 1947ع جي آنڌي جي هي شهر سٺ سهي ويو پر 1971ع جي حالتن ۾ ٻنهي پاسن کان مقامي ماڻهن جي وڏي پئماني تي لڏپلاڻ سموري ڪائوڙ جو نقشو بدلائي ڇڏيو. انهن ڏينهن ۾ اهو ننڍڙو پر وسندڙ شهر پهريائين بري طرح ڦرلٽ جو شڪار ٿيڻ سان گڏ هميشہ لاءِ اجڙي ويو ۽ پنج ڏهاڪا گذرڻ کان پوءِ اهو هاڻي هڪ ڪنڊر جو ڏيک ڏئي رهيو آهي. اجڙڻ کان اڳ هن شهر ۾ واڻيا، سونارا، ڀاٽي  ۽ راجپوت ذات جا ماڻهو رهندا هئا. اڄ هن شهر ۾ صرف ٻہ ميگهواڙن جا گهر ۽ هڪ نڪرن جو گهر وڃي بچيو آهي. هڪ وڏي ايراضي رکندڙ پٽريلي ميدان جي اتر طرف اڄ بہ پراڻن دڪانن جي قطار جا آثار پسي سگهجن ٿا. جيڪڏهن پارٿي شهر کي تعلقي جو هيڊ ڪوارٽر بڻايو وڃي  تہ اهو سموري ڪائوڙ جو مرڪزي علائقو هئڻ ناتي جلد ئي پنهنجو اڳوڻو عروج ماڻي سگهي ٿو. انهي شهر ۾ وسيع ميدان پڻ موجود آهي جيڪو تعلقي جي دفترن ۽ ڪاروباري مقصدن لاءِ موزون آهي. ان سان گڏوگڏ امرڪوٽ ۽ ڪينسر وارو روڊ پڻ شهر کان ڪجهہ ڪلو ميٽر اوپر ۾ واقع آهي جتان مني پاڻي جي لائين پڻ گذري ٿي، اهڙي طرح بجلي پڻ روڊ سان گڏ شهر کي پهچائي سگهجي ٿي. ايئن ٿيڻ سان نہ صرف اهو اجڙيل شهر نئين سر پنهنجو اوج ماڻي سگهي ٿو پر ڪائوڙ جو مرڪز هئڻ ناتي ان سموري پنتي پيل علائقي جي ترقي لاءِ اميدن جا نوان ڪرڻا پڻ پيدا ٿي سگهن ٿا.

# مزاحمتي ادب ڇو نٿو سرجي؟

سنڌي ٻولي ۾ مزاحمتي ادب جو نہ سرجڻ وارو سوال ڪٽي گھٽن دوستن کي ناگوار لڳندو پر اها حقيقت پڻ آهي تہ سنڌ ۾ مزاحمتي ادب اڃا تائين تخليق نہ ٿي سگھيو آهي.
مزاحمتي ادب ان کي چئبو آهي جيڪو سماج ۾ ناانصافين جو ڀرپور آئينو هجڻ سان گڏوگڏ اهو راهِ عمل بہ پيش ڪرڻ جي سوچ ۽ سگھہ عطا ڪري.

ان حقيقت کان پڻ انڪار نہ آهي تہ امر جليل، جمال ابڙو، طارق اشرف، رشيد ڀٽي، ماڻڪ ملاح ۽ ٻين لاتعداد ڪهاڻيڪارن جون تخليقون ادب جي دنيا ۾ سماج جي حقيقت تي ٻڌل تصوير ڪشي آهي. شيخ اياز، استاد بخاري سميت ڪافي شاعرن پڻ پنهنجي لازوال شاعري ۾ ناانصافين ۽ اڻبرابري کي للڪاريو آهي. مزاح جي ميدان ۾ حليم بروهي جهڙو ناقابل تسخير ليکڪ بہ مليو ٿو پر اهو سڀ ڪجهہ ماضي جو هڪ باب بڻجي چڪو آهي. موجوده وقت ۾ سرجندڙ ادب تي نظر وجهندا سين تہ مزاحمتي ادب جي وڏي کوٽ نظر ايندي.

اسان روزانو اخبارن جي خبرن واري صفحن تي مسڪين ۽ غريب ماڻهن جي خلاف راتاهن سميت انيڪ ظلمن جا داستان پڙهون ٿا پر جڏهن ادبي ايڊيشن جي صفحن ۾ شاعري ۽ ڪهاڻين تي نظر ڦيرايون ٿا تہ محبوب جا رساما ۽ حسين معشوقن جي بدني بناوت بابت ئي ڪافيہ ۽ تڪ بندي هوندي آهي. ڪهاڻين جو ساڳيو حال آهي. اهو تمام ڏکيو سوال آهي تہ مزاحمتي ادب انقلابي تحريڪ جي پيداوار هوندو آهي يا انقلابي تحريڪون مزاحمتي ادب جي آبياري جي ڪري جنم وٺن ٿيون، پر هڪ رايو اهو بہ آهي تہ مزاحمتي ادب توڙي تحريڪون سڀ حالتن جي پيداوار هونديون آهن ۽ اسان جا عظيم سورما پڻ حالتن جي پيداوار هوندا آهن. حالتن تحت ئي گوتم ٻڌ جو جنم ٿيو ۽ حالتن ئي ڀڳت سنگھہ شهيد کي جنم ڏنو. حالتن صوفي شاهہ عنايت هٿان انصاف جو باب رقم ڪرڻ جو ڪارنامو انجام ڏنو ۽ حالتن شهيد نذير عباسي کي برابري ۽ انصاف جي راهہ ۾ جان ڏيڻ تي آماده ڪيو.

حالتن جي جبر کان ڪير بہ محفوظ ناهي رهيو ۽ نہ ئي رهي سگھي ٿو. مزاحمتي ادب جو اهو مطلب بہ هرگز ناهي تہ نفرتن جي پرچار ۽ لفظن جو غير ذميواري سان استعمال ڪيو وڃي پر مزاحمتي ادب جي خوبي اها آهي تہ هو سماج جي اڻبرابري خلاف تز، تعميري ۽ مثبت تخليق هوندو آهي. حڪمرانن پاران مزاحمتي ادب جي حوصلہ شڪني ڪندي پنهنجي جديد درٻاري اديبن هٿان مزاحمتي ادب کي احتجاجي ۽ نعريبازي تي ٻڌل تحرير سڏيو ويندو آهي پر اقتداري اديبن جي خود اها فتويٰ ڇا نعريبازي يا احتجاج ۽ نفرت جو نمونو نہ آهي؟

اسن وٽ ادب، ساڄاهہ توڙي قوم جي وارثي جو اڪيلو دعويدار صرف ۽ صرف مڊل ڪلاس ئي آهي. ان مڊل ڪلاس جي طبقاتي رجحان ۽ روايتي موقعي پرستي جي ڪري اسان وٽ اڄ تائين مزاحمتي يا انقلابي ادب تخليق ٿي ناهي سگھيو. اها پڻ حقيقت آهي تہ

مزاحمتي ادب صرف اهي لکي سگهن ٿا جن پنهنجي ذاتي زندگين ۾ حالتن جو مقابلو ڪيو ۽ سور ڀوڳيا هجن ۽ ڳڏوڳڏ ظلمن جو ويجهي کان مشاهدو ڪيو هجي. ان پس منظر کان سواءِ مزاحمتي ادب لکڻ ناممڪن آهي.

بورجوازي پريس مزاحمتي ادب جا لاڙا رکي سگهي ٿي پر اها مزاحمتي ادب جو ذريعو ناهي ۽ نہ ئي اسان جا سرڪاري ادبي بورڊ ، اختياريون، ثقافتي ادارا ۽ مارڪيٽ جا پبلشر اهڙي ادب کي هٿي يا سهارو ڏئي سگهن ٿا اهي صرف ”گهرج“ مطابق انقلابي ڪتاب ۽ ناول شايع ڪري سگهن ٿا پر نئين تخليق کي ترجيح ڏيڻ انهن جي مزاج جي عين ابتڙ آهي.

هن وقت اظهار جي آزادي حاصل آهي ان جو مطلب اهو هرگز ناهي تہ حڪمران طبقن لاءِ هاڻ مزاحمتي ادب مان ڪو خطرو ناهي پر انهن جي اها بيوسي آهي تہ هنن وٽ اظهار کي روڪڻ لاءِ ڪو موثر هٿيار ۽ ذريعو موجود ناهي انهن وٽ صرف هاڻ درٻاري اديب ئي بچيا آهن جيڪي وڏين پگهارن جي عيوض ڏينهون ڏينهن مزاحمتي ادب جي خلاف زهر اوڳاڇيندا رهن ٿا ۽ نت نوان منجهائيندڙ مفروضا پيش ڪري پنهنجي پگهار حلال ڪري رهيا آهن.

مزاحمتي ادب جيئن تہ سماج جو عڪس هوندو آهي ان ڪري ان جي تخليق جي ذميواري بہ انهن تي لاڳو ٿئي ٿي جيڪي ان سماج جا متاثر ڪردار هوندا آهن. جڳ مشهور انقلابي ناول ”ماءُ“ جي ليکڪ ميڪسم گورڪي بابت اڱوٺي سويت يونين جي مشهور فلسفي پروفيسر بي بورسوف لکيو آهي تہ روس جي سماج ۾ تبديلي آڻيندڙ اهڙو ناول صرف ميڪسم گورڪي ئي لکي سگهيو ٿي، صرف ڪاهوڙي ئي ڪاهوڙين تي اهڙا حقيقت پسند ڪتاب لکي سگهن ٿا.

اسان وٽ لکڻ لاءِ ڪيترائي حقيقي داستان ۽ الميا آهن جن تي ادبي ڊنگ ۾ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ۽ ناول لکي سگهجن ٿا. منهنجي هن ڪالم لکڻ جو هڪ سبب سنڌ جي نامور ڪهاڻيڪار سان گذريل ڏينهن ٿيل اتفاقي ملاقات هئي پنهنجي تعارف طور هن اهو محسوس ڪرايو تہ هو سنڌ جو هڪ عظيم ڪهاڻيڪار ۽ ليکڪ آهي. ادبي سفر جو هڪ گمنام ۽ خاموش پانڌيئڙو هئڻ جي ڪري مون ان صاحب سان اڄوڪي صورتحال ۽ روزمره رونما ٿيندڙ واقعن جي پلاٽس ۾ ڪهاڻيون لکڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو تہ حيريت انگيز طور هن جي وات مان وڏن ٺهڪن جي بارش وسڻ لڳي ۽ آخرڪار کل ۽ ڪڇيءَ مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ وراڻيائين تہ واقعن جي بنياد تي اخباري رپورٽنگ ڪري سگهجي ٿي پر ڪهاڻي يا ناول نٿو لکي سگهجي ڇو تہ ڪهاڻي ”نازل“ ٿيندي آهي. الله ڪري تہ ان نامور ڪهاڻيڪار صاحب مٿان ڪهاڻيون پرين وانگر نازل ٿينديون رهن پر هن وقت اهڙي ادب جي ضرورت آهي جيڪو پڙهڻ سان عوام جي گهٽائي کي اهي پنهنجيون ڪهاڻيون ۽ اظهار لڳن.

مزاحمتي ادب ڪا عارضي ڪيفيت ناهي هوندي جيستائين ڪمزور ۽ طاقتور جي درميان ڪشمڪش جاري آهي اوستائين مزاحمتي ادب ۾ زندگي جا آثار موجود هوندا.

# صحافي، سياستدان ۽ عام ماڻهو

اڻبرابري جو وڏي ۾ وڏو ثبوت اهو آهي ته ڪنهن هڪ ئي ڏوهه جي سزا عام ماڻهو لاءِ هڪڙي ته رعايت يافته طبقن لاءِ ٻي هجي، گذريل ڪجهه ڏينهن ۾ ميڊيا جي زينت بڻيل واقعن ڪان پوءِ منهنجي سوچ جو ڪانٽو هڪ ڏوهه جي خبرن ۾ ڦاسجي ويو. هڪ ئي نوعيت جي ان ڏوهه جون مختلف اسٽوريون آهن ۽ ڏوهه جو ارتڪاب ڪرڻ وارا ڪردار به الڳ الڳ آهن پر سزا مختلف آهي. هڪ عام ماڻهو کي ان ڏوهه جي وڏي سزا ڀوڳڻي پئي ٿي ۽ سياستدان لاءِ اهو ڏوهه ڄڻ سياسي اسڪور ۽ ميڊيا ۾ پذيرائي ملڻ جهڙو خوشگوار احساس فراهم ڪري ٿو جڏهن ته صحافي لاءِ اهو ڏوهه ڄڻ پنهنجو تماشو بنجڻ جي ڏک ڪان وڌيڪ ٻيو ڪجهه نٿو هجي.

پنهنجي ٻي مقصد رولاڪين دوران گذريل هفتي بدين وڃڻ ٿيو، لاڙ پٽ جي هن نماڻي شهر سان منهنجون ڪافي يادون وابسته آهن. شهر جي اولهه طرف انتظاميه يا عام لفظن ۾ سرڪار نامدار جو ٿاڪ آهي جن ۾ ڪورٽ سڳوري سميت سيني اعليٰ ضلعي عملدارن جون آفيسون آهن. ڪورٽ ٻاهران حيدرآباد جي سينٽرل جيل مان پيشي تي آندل هڪ قيدي سان ڪجهه وقت ڪچهري ڪيم جيڪو زنا جي ڏوهه جي سزا ڀوڳي رهيو آهي. ڳالهين دوران هن زنا جهڙي قبيح ڏوهه تي پڇتاءُ جو اظهار ڪندي ٻئي هٿ ٻڌندي چيو ته هاڻ هو ان قسم جي ڏوهه بابت سوچي به نٿو سگهي. جڏهن ڪيس پڇيم ته هن واقعي ڪان پوءِ تنهنجي عزت تي داغ لڳي چڪو آهي ڇا اهو تون محسوس ڪرين ٿو؟

تڏهن جواب ڏنائين ته سائين منهنجو سڀ ڪجهه تباهه ٿي چڪو آهي گهر وارا ۽ ويجها رشتيدار عدم تحفظ جو شڪار آهن، مالي مجبوريون ان ڪان الڳ آهن ته سزا ۽ گرفتاري تائين جي ڪهاڻي الڳ آهي. غريب طبقي مان هئڻ ڪري ان جا گهر ڀاتي هاڻ صبح سوير ٻچن جي ماني ڳيپي لاءِ شهر جي قاضيه واهه واري پل تي مزدوري ڳولڻ بدران روزانو وڪيلن جي آفيسن ۽ ڪورٽن جا چڪر لڳائين ٿا ۽ تر جي وڏيرن جي اوطاقن تي ڪنڌ جهڪائي صلح يا ناهه جي لاءِ عرض به ڪن ٿا. سڄي سماج ۾ هو مهڻي جو شڪار به ٿين ٿا ۽ مالي مجبوري جي ڪري پنهنجي برادري وارن وٽ مدد جي نالي تي خيرات به گهرن ٿا. هن جي چوڻ مطابق اسان جي خاندان تي اهڙي مصيبت ڪڏهن به نه آئي هئي. غريبن وٽ عزت ۽ جان ڪان سواءِ ٻي ڪا به ملڪيت ناهي، اها به جيڪڏهن غير محفوظ هجي ته پوءِ وٽن هن دنيا ۾ ٻيو ڪجهه به نٿو رهي. مون کي ان جي ڏوهاري هئڻ بابت ڪو به شڪ ناهي جنهن جو اعتراف هو پاڻ به ڪري رهيو آهي ۽ ڳري سزا پڻ ڀوڳي رهيو آهي ۽ ان جي ڪري ان جا بي گناهه گهر ڀاتي پڻ ان گهاٽي ۾ پيڙهجي رهيا آهن پر ان جي اها حالت ڏسي مون کي تهلڪ ميگزين جو ايڊيٽر ياد آيو جيڪو شايد اڃا تائين آزاد آهي پر جيڪڏهن هو جيل ياترا تي به هليو وڃي ته به ڪيس اهڙي ڪا به مصيبت جو سامهون ناهي ڪرڻو پوندو جهڙو بدين شهر جو هڪ عام ماڻهو ڪري رهيو آهي. هن کي فرسٽ ڪلاس سميت ٻيون به سهوليتون ميسر هونديون ڇاڪاڻ ته هو " پهر بهي ديش ڪا جانا مانا پترڪار" ئي ته آهي.

هن جو ڪو سياستدان يا واپاري دوست ڪيس ”ڏکئي وقت“ ۾ مدد جي ناتي ڪو سٺو وڪيل بہ مهيا ڪري ڏيندو ۽ حڪومت پڻ هن جو ڪيس اڪلائڻ ۾ ڪيس چاهيندي بہ وڏي سزا ڏئي نہ سگهندي. هن جي وڏ ڪان وڏ ”ساک“ خراب ٿيندي جنهن جي ان کي ڪا خاص ڳڻتي بہ نہ ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ هو بہ پنهنجي صحافتي ڪيريئر ۾ سوين ماڻهن جي ساک خراب ڪري چڪو آهي وڏ ڪان وڏ ڪيس اڪيلائي ۾ اهو احساس بہ ٿيندو تہ خبر ڏيڻ ڪيڏو نہ آسان آهي پر خبر بنجڻ هڪ اذيت ڏيندڙ ڪيفيت مان گذرڻ جهڙو عمل آهي.

هڪ عام ماڻهو يا صحافي ڪان وڌيڪ مراعت يافتہ طبقو سياستدانن جو آهي اهي حضرات ئي آهن جن جي ڪري اسان جي سماج کي نوان دڳ ملن ٿا، عام زبان ۾ ان مخلوق کي رهنما بہ چيو ويندو آهي اهي اسان جا هرويرو بہ رهنما يا اڳواڻ آهن ۽ اسان جي باري ۾ نہ صرف سوچين ٿا پر جدوجهد بہ ڪن ٿا. گذريل ڪجهہ ڏينهن ۾ هڪ عورت اڳواڻ جو پنهنجي ئي رهنمائن مٿان اخبارن ۾ زنا بالجبر جو بيان شايع ٿيو. هڪ عام عورت اڳواڻ جو ڪجهہ غير معروف ”اڳواڻن“ مٿان اهڙو الزام ثابت ڪري ٿو تہ دال ۾ ڪجهہ ”ڪارو“ بہ ٿي سگهي ٿو. ٻنهي مان ڪا بہ هڪ ڌر ضرور ڪوڙي هوندي. هن ڪالم مان اهو واقعو صرف مثال يا ريفرينس طور ڏنو وڃي ٿو. اسان جي سماج جو اهو هڪ ناڪاري پهلو آهي تہ اهو پهريون ڀيرو ناهي اڳ بہ ڪافي متاثر عورتن جا مٽڪا پيجي ڪين سر نالن ۾ اڇليو ويو آهي. سياستدانن کي اهڙن ڏوهن جي عام ماڻهو جيتري تڪليف تہ نهيو پر انهن جو ڪير وار بہ ونگو نٿو ڪري سگهي. اهي وڏي واقعي بغير ڪنهن ندامت جي چون ٿا تہ اهو واقعو انهن جي عظيم الشان جدوجهد جي اڳيان رڪاوٽ جي هڪ گهٽيا حرڪت آهي يا سامراج طرفان لانگ مارچ کي ناڪام بنائڻ جو هڪ حربو آهي يا ننگن ۽ دنگن جي محافظن مٿان هڪ سنگين مذاق آهي.

ڪجهہ اهڙا واقعا سماج ۾ انتشار ڦهلجڻ جي بهاني سان منظر تي اچي ناهن سگهندا ۽ ”اظهار جي آزادي“ جي ان دور ۾ ڪافي واقعن تي ڪير ڳالهائڻ ڪان بہ پاسو ڪري ٿو. جڏهن تہ ڏوهارين کي سزا ملڻ جو ڪو بہ امڪان نٿو هجي. عام ماڻهو جڏهن ڪنهن مراعت يافتہ طبقي جي هٿان ڪنهن بيواجبي جو شڪار ٿئي ٿو تہ پوءِ ان متاثر لاءِ انصاف ۽ تدارڪ ملڻ تہ نهيو پر ڪڪو ڪولهڻ وانگر جان وڃائڻ جو بہ خطرو هجي ٿو. هي اهو نظام آهي جتي ڪو پورو، منو، ڪڪو، بڇائي، سپائي جندو يا ڦتو روزانو پيڙهبا رهن ٿا ۽ وڏيرا، خان، چوڌري، سردار، سياستدان، جرنيل، ڪرنيل ۽ انهن جا چشم و چراغ ان ”ڏکئي“ مرحلي مان ايئن پار پيو وڃن ڄڻ ڪو مست پاڏو ٻوڙن جي وچ ۾ اٽيل ڪنهن ڪوريئڙي جي ڄار کي چيري اڳتي وڌندو آهي.

# ميتن سان بہ مامرا

سومر جي سنڌ ايڪسپريس ۾ سردار ڪاريو جي ميت سان ٿيل معاملو بہ اخبارن جي زينت بڻيو. پنگريو جهڙي ننڍڙي شهر ۾ ميت سان مذاق جو هي ٻيو واقعو آهي. ٻنهي واقعن ۾ متاثر ڌرين جو تعلق ڌرتي جي حقيقي دراوڙ نسل سان هئڻ سان گڏوگڏ هيٺئين طبقي سان آهي. هن نظام ۾ ڪمزور کي جيئڻ جو ڪو بہ حق حاصل ناهي ۽ غريب اقليتن، عورتن ۽ ٻارن کان وڌيڪ ڪير ڪمزور ٿي سگهي ٿو. ان ڪري اهي انسان هر طرح ۽ هر قسم جي تشدد، ظلم ۽ ناانصافي جو شڪار ٿيندا رهن ٿا. اڪثر اخبارن ان واقعي کي طبقاتي رنگ ڏنو آهي. منهنجي ان بابت ڪا بہ الڳ راءِ نہ آهي تہ اهو مسئلو طبقاتي نہ آهي پر طبقاتي هئڻ سان گڏوگڏ آفريڪي اپارٿائيڊ وانگر اهڙن مسئلن جا ٻيا بہ ڪئي انيڪ رخ آهن جن کان ڄاڻي واڻي پاسو ڪرڻ مسئلي جو حل ناهي. اسان کي تلخ حقيقتن کي دل سان تسليم ڪرڻ گهرجي ۽ ان کان پوءِ ان کي برابري، پائيچاري ۽ امن جي اعليٰ مقصدن کي مد نظر رکندي ڪنهن تعصب ۽ جانبداري کان سواءِ حل ڪرڻ گهرجي.

ڪينسر يا ٻي ڪنهن موذي مرض ۾ مبتلا مريض کان انهي جا مائٽ توڙي ڊاڪٽر اصل حقيقت لڪائي ڇڏيندا آهن ۽ دل جي مريضن کي بہ ان جي ويجهن رشتيدارن جي وڇوڙي يا حادثي جي خبر لڪائي ويندي آهي. ايئن ڪرڻ سان نقصان جي تلافي تہ نٿي ٿئي پر فراريت ۽ اڻڄاڻائي سبب ماڻهو آگاهي جي عذاب کان بچي سگهي ٿو مگر آيل آفت کي ڪنهن بہ صورت ۾ بہ ٽاري نٿو سگهي. اهو طريقو ڪبوتر وانگر موت کي ڏسي اکيون بند ڪري فرار ٿيڻ جي حماقت آهي.

هنن دلت دراوڙن سان هي جاڙ ڪا نئين ناهي ۽ نہ ئي ان جا بنياد صرف پنگريءَ ۾ ئي آهن پر هن ڏاڍ جي ڪهاڻي جا پيرا تاريخ جي اوائلي دور کان ئي شروع ٿين ٿا جڏهن ننڍي کنڊ جي ڪارن دراوڙن کي ٻاهران آيل آرين "فتح" ڪيو ۽ مٿن ڏاڍ ۽ جبر جي بازار گرم رکي. ذات پات جو نظام بہ انهي تضاد جي هڪ ڪڙي آهي. سڄي دنيا ۾ ماڻهو جي تعارف لاءِ نالو ۽ علائقو پڇيو ويندو آهي پر اسان اڄ تائين سلاماليڪم کان پوءِ اهو ئي پڇندا آهيون تہ "ڪير آهين" يعني تنهنجي ذات ڇا آهي. ذات معلوم ڪرڻ کان پوءِ ئي اسين ان شخص کي ڪردار جي بدران نسل ۽ ذات جي بنياد سان پيش ايندا آهيون. جيڪڏهن سامهون شخص اتفاق سان ڌرتي جو اصل باشندو يعني دلت ذات سان آهي تہ پوءِ ماڻهو ان سان ڳالهہ ٻولهہ جو انتهائي اڏنگو طريقو استعمال ڪندا آهن پر جيڪڏهن ڪو پير يا مير هجي تہ پوءِ پيرن تي بہ جلدي ڪري پوندا آهن. اهڙي نظام ۾ اهڙا واقعا ڪا انوکي ڳالهہ نہ آهي. اها بہ هڪ تلخ حقيقت آهي تہ هي واقعو ان ڏينهن ٿيو جڏهن سنڌ ثقافتي ڏينهن ملهائي رهي هئي. پوري پيل جي قبر تي ماڻهو ڏيئا ٻاري رهيا هئا تہ ان وقت هڪ ٻيو پورو پنگريءَ جي مساڻ مان تڙجي نئون ڪوٺ جي ڪنهن مساڻ ۾ آخري آرامگاه جي تلاش ۾ ڀٽڪندو رهيو. ان سان اسان جي اها پت بہ وائکي ٿي وئي تہ "غيرن" کي پنهنجي طاقت ڏيکارڻ جي ڪوشش دوران "پنهنجا" اسان جي اصل تصوير سڄي دنيا کي ڏيکاري رهيا آهن. مخصوص بنيادپرستي جو رجحان ڪٽي سنڌ ۾ نئون متعارف ٿي رهيو آهي پر ذات پات جو زهر تہ صدين کان وني اسان جي جسم کي ڪوڪلو ڪري چڪو آهي. اسان وٽ پاڻ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ بس هڪڙو ئي جواز آهي تہ سائين سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي هتي ناانصافي ۽ ڀيد ڀاو جو داخل ٿيڻ ناممڪن آهي. اسين اهو نٿا سوچيون تہ ظالم آقا کان سواءِ اسپارٽيڪس جو جنم نہ ٿئي ها ۽ جديد دور ۾ زار شاهي ۽ سرمائيداري جي وجود بنا لينن

جهڙو انقلابي ڪڏهن بہ انقلاب نہ ڪري سگهي ها، اهڙي طرح هڪ پهلو اهو بہ آهي تہ سنڌ جي صوفين بہ اهڙي ناانصافي جي سماج کي پنهنجي پيغام ذريعي للڪاريو هو باقي ازل کان وٺي پوتي پاڪ هئڻ جو مفروضو صرف پاڻ کي ڪوڙي تسڪين ڏيڻ لاءِ ئي آهي. ويجهي ماضي ۾ صوفي شاهہ عنايت جي قرباني بہ ناانصافي جي خلاف هڪ موثر تحريڪ جي شاهدي ڏئي ٿي. دلت طبقي سان اهي واقعا ثابت ڪن ٿا تہ اسان اڄ بہ ان برائي کي منهن ڏئي رهيا آهيون جنهن جي خلاف گوتم ٻڌ جدوجهد ڪئي، جنهن برائي کي مهاوير جين ننديو ۽ گرونانڪ جهڙي سراپا حق پرست ۽ ڀيد ڀاو جي پاڙ پٽيندڙ مجاهد ۽ گرو گوبند سنگهہ جهڙي مظلومن جي مزاحمتي جرنيل پنهنجي حياتيون ارپيون. ذات پات جو ڀيد ڀاو اها برائي آهي جنهن جي خلاف ڪبير ڀڳت ۽ رويداس چمار جهڙن نندي ڪنڊ جي وڏن ڪوين بغير مصلحت جي صاف لفظن ۾ مذمت ڪئي پر اسين ايڪويهين صدي ۾ ساهہ کڻندي پڻ حقيقيت کي بيان ڪرڻ کان گهبرايون ٿا. هي اهو سماج آهي جتي جوڳي پنهنجي مڙدن کي رات جي تاريڪين لڪي دفن ڪرڻ کان پوءِ قبر جا بہ نشان ڊاهي ڇڏيندا آهن، جيڪڏهن اتفاق سان ڪنهن جوڳي جو گهر ڀاتي ڏينهن جو مري ويندو آهي تہ پوءِ هو روڄ راڙو بہ ناهن ڪندا ۽ ڏينهن جي روشني جي انت جي انتظار ۾ هوندا آهن ۽ ڪاري رات جي پوئين پهرن ۾ لاش دفنائي پنهنجا ڳوڙها پيئندا خاموشي سان اها جوءِ ئي ڇڏي ويندا آهن. هي اهو سماج آهي جتي اپاهج ٽئين جنس جا انسان بہ رات جي تاريڪين ۾ پنهنجي مخصوص قبرستانن ۾ پاڻ جهڙن انسانن جا مڙدا دفنائيندا آهن ۽ چيو ويندو آهي تہ غلام طور آندل آفريڪي نسل جا شيدي پڻ اڄ تائين پنهنجا مڙدا رات جو ئي دفن ڪندا آهن.

هي اهي ماڻهو آهن جيڪي هن تهذيب جا اڏيندڙ آهن، آخري آرامگاهہ لاءِ پريشان هي اهي ميت آهن جيڪي موئن جي دڙي مان دريافت ٿيل قديم سنڌ جي ڍانچن سان ڊي اين اي ٽيسٽ ڪئي وڃي تہ بہ سو سيڪڙو ميچ ڪندا. اڄ اهي صرف برابري جي بنياد تي انساني حق گهرن ٿا. ٿر ۾ هڪ نوجوان امبيڊڪرائيٽ ڪارڪن سان ڪچهري ڪندي مون جڏهن ڪيس چيو تہ توهان پاڻ کي اقليت سڏي خود پاڻ تي ظلم ڪري رهيا آهيو تہ هن جواب ڏنو تہ "سائين اصل مسئلو اڪثريت سڏائڻ جو نہ آهي پر بنيادي مسئلو اڪثريتي حق ڏيڻ جو آهي اسين ڪٿي پاڻ کي اڪثريت بہ سڏايون پر ڇا ان سان ڪو منو ڀيل جا گهر ڀاتي اغوا نہ ٿين ها؟ ڪنهن ڀوري جي لاش کي قبر جاءِ ڏئي ها ۽ هتي ثقافتي ۽ قومي اڪاين کي بہ حق ميسر ناهن تہ پوءِ "اقليتن" کي ڪهڙا حق ملي سگهن ٿا." مون غريب طبقي جي اڪثر دلت نوجوانن ۾ اها مثبت رجحان ڏٺو تہ اهي ڪٿي پاڻ تي ٿيندڙ ظلم و ستم کي نسلي ڀيد ڀاو جو نالو ڏين ۽ امبيڊڪرازم جي تناظر ۾ پنهنجا مسئلا پيش ڪن پر اهي طبقاتي تضاد کان ڀلي ڀت واقف آهن ۽ سماجي ۽ اقتصادي برابري کي پنهنجي منزل سمجهن ٿا جڏهن تہ مڊل ڪلاس جي دلت طبقي جي حالت اسان جي روايتي مڊل ڪلاس کان گهڻي مختلف ناهي. انهن کي صرف گليمر ۽ پنهنجي طبقاتي حيثيت جو اونو آهي.

ڀيد ڀاو ڪٿي ڪهڙي بہ صورت ۾ هجي اهو انسانيت جي بلڪل خلاف آهي. اسان جي مقتدر حڪمرانن جو اهو فرض ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن اهي مظلوم غريبن کي جيئڻ جو حق ڏئي نٿا سگهن تہ گهٽ ۾ گهٽ کين مرڻ کان پوءِ بخش ڪيو وڃي. هاڻ اسان کي اها ٿوهہ جهڙي ڪوڙي حقيقت بہ تسليم ڪرڻ گهرجي تہ هاڻ اسان مان انسانيت جي ناتي انسانن سان ڏک ونڊڻ جهڙا قدر موڪلائي چڪا آهن پر هاڻ سماج اذيت خانو بڻجي چڪو آهي جتي ميتن سان بہ مامرا ٿين ٿا.

# منڊيلا جو آخري سفر ۽ خديجہ گوھر جي ھڪ ياد

منڊيلا جي موڪلائڻ سان ڪامياب انقلابي جدوجهد جو هڪ باب پنهنجي اختتام تي پهتو، سڄي دنيا جي حڪمرانن منڊيلا جي آخري رسمن ۾ شرڪت ڪئي. آخري رسمن دوران اسٽيج تي ڪارن جي حڪمراني نظر آئي. اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل ڪان وٺي آمريڪي صدر اوباما سميت سڄي دنيا منڊيلا کي خراج پيش ڪيو اهڙي طرح منڊيلا ۽ ان جي برابري لاءِ ڪيل عظيم انقلابي جدوجهد کي سموري دنيا مڃتا ڏني. اها گهڙي سچائي جي فتح جي گهڙي هئي. مون کي سموري دنيا جي حڪمرانن ڪان وڌ اهم اهي ڪارا شيدي لڳي رهيا هئا جن جي اڪثريت خود پڻ به ڏهاڪا اڳ اپارٿائيڊ جهڙو انسان دشمن نظام ڀوڳيو هو ۽ نسلي بربريت جو ننگو ناچ پنهنجي اکين سان ڏٺو هوئائون ۽ اهي پاڻ به متاثر رهيا هوندا. برصغير جي دلتن وانگر ڪارن حبشين به صدين ڪان وٺي ناانصافي، تذليل ۽ رنگ جي بنياد تي امتيازي سلوڪ برداشت ڪيو آهي، پوءِ به هو پنهنجي زندگي ۾ زنده دل انسان آهن، سدائين نچندا ڳائيندا رهن ٿا. انهي ۾ به ڪو شڪ ناهي تہ نسلي بربريت ۽ امتياز ڪان وڌيڪ ڀيو ڪو به استحصال نٿو هجي پر مون ان جي بد ترين شڪار ٽيندڙ ماڻهن ڪان ڪرب ۽ عذاب جي انتهائي سخت امتحان ۾ پڻ مرڪندي ڏٺو آهي جڏهن تہ مڊل ڪلاس تہ سدائين روئڻ پٽڻ ۽ مايوسي جا ڳوڙها ڳاڙڻ ۾ پورو هوندو آهي. اها پورهيتن، هارين، مزدورن ۽ نسلي جبر جو شڪار ٽيندڙ ماڻهن جي همت آهي جيڪو نہ صرف مصيبتن کي برداشت ڪري سگهن ٿا پر ان کي مات به ڏئي سگهن ٿا. منڊيلا جي عظمت جو هڪ وڏو مثال اهو آهي تہ هن سماجي برابري لاءِ پنهنجي لازوال جدوجهد دوران انسانيت جو هر وقت پرچم بلند رکيو. آفريڪي اپارٿائيڊ جي خاتمي ڪان پوءِ جيڪڏهن فاشي ازم ۽ تنگ نظر قومپرستي جا ناڪاري رجحان عمل ۾ اچن ها تہ پوءِ اڄ تباهي ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ پلئہ نہ پئي ها. توڙي اڄ بہ ڏکڻ آفريڪا ۾ ڪاري آبادي جي اڪثريت غربت ۽ ناانصافين کي ڀوڳي رهي آهي. مڪمل آزادي صرف تڏهن ئي نصيب ٿي سگهي ٿي جڏهن وسيلن جو اختيار محنت ڪش عوام وٽ هجي پر آفريڪي سماج جي تناظر ۾ انقلاب جو تصور سماجي برابري ئي آهي. منڊيلا اهو خوش نصيب سورمو هو جنهن برابري ۽ مساوات جي منزل لاءِ ڏکيو سفر ڪيو ۽ آخرڪار اها عظيم منزل منڊيلا ۽ ان جي ساٿين جي جهولي ۾ اچي بہ وئي. ڪنهن بہ عظيم مقصد رکندڙ انقلابي لاءِ منزل ڪا بہ اهميت نہ رکندي آهي انهن لاءِ صرف منزل ماڻڻ جي جدوجهد ئي سڀ ڪجهہ هوندي آهي. منڊيلا بہ شايد ايئن سوچيو هوندو تہ هو پنهنجي منزل کي پنهنجي اکين سان شايد ئي ڏسي سگهي پر ان کي منزل تائين سفر کي مختصر ڪرڻو هو. هاڻ ڪاري نسل جي ماڻهن تي آهي تہ هنن صدين جو نصيب بڻيل طوق تہ اڇلائي ڇڏيو آهي هاڻ جديديت ۽ بين القوامي سامراج جو ڳٺ ڀيهر پنهنجي ڳچي ۾ وجهن ٿا يا برابري جي آخري جنگ جو طبل وڄائي سموري انسانيت جي فيصلہ ڪن جنگ ۾ پنهنجي حصو ادا ڪن ٿا.

مارٽن لوٿر ڪنگ ڪان وٺي امبيڊڪر ۽ ريڊ انڊين گوريلن ڪان وٺي ڪامريڊ چي ۽ شهيد ڀڳت سنگهہ تائين جن بہ انسانيت جي عظمت لاءِ پنهنجين جانين جو نذرانو ڏنو اهي پلي کهڙي بہ نعري، نظرئي جا داعي هئا پر انهن جو مقصد انسانيت جي برابري ئي هو. ظفر امام پنهنجي مضمون ۾ بلڪل صحيح لکيو هو تہ " اهي نظريا پلي ڪيڏا نہ عظيم هجن پر

انسانيت کان عظيم ناهن هوندا، اهي آدرش آخر نهيا تہ انسانن لاءِ ئي آهن.“ اها ڳالهہ شخصيتن تي بہ ٺهڪي ٿي. جهوڪ جي شهيدن کان وٺي بولوويا جي باغين، ويٽنامي گوريلن ۽ روس جي سرخ سپاهين تائين جن جن بہ پنهنجا ڪنڌ ڪوري ڏنا اهي جڻ درد جا فاصلا مختصر ڪري ويا. انسانن سان محبت ۽ دلبريءَ جو پرم رکندي انهن عشاق جي قافلن جي سرموڙ سپاهين پنهنجا ساهہ ڏئي ويساهہ عطا ڪيا. اسان تہ هڪ طرف انسانيت ۽ برابري جي مقصد کي تسليم بہ ڪريون ٿا پر پاڻ کي نظرين جي مقدس زنجيرن ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي. اها جنگ هاڻ طوالت اختيار ڪرڻ کان پوءِ انتهائي پيچيده پڻ بڻجي چڪي آهي. انهي پيچيدگي ۾ قافلا پنهنجي اصل مقصد کان ڀٽڪي رهيا آهن. پنهنجي رولاڪين دوران منهنجو اڪثر اٿڻ ويهڻ خانہ بدوشن، دلتن، غريب هارين ۽ مزدورن سان ٿيندو آهي. مرحوم خورشيد قائمخاني جي ياد ۾ ٽنڊو الهيار جي مرتضيٰ ڏاڏاهي هال ۾ تعزيتي ريفرنس دوران جڏهن هڪ ڪولهي نوجوان، پراڻي ڪامريڊ فيض محمد شيدي کي حجت مان چيو تہ ”چاچا تون بہ آفريڪي انڊيجينيس آهين ۽ مان پڻ ننڍي کنڊ جو دراوڙ انڊيجينيئس آهيان“ ان تي چاچا فيضو تپي باهہ ٿي ويو ۽ چيائين تہ اها فاشي ازم واري ڳالهہ آهي جيڪڏهن پاڻ آديواسي آهيون تہ پوءِ ٻيا ڇا مريخ مان نازل ٿيا آهن. دنيا جي غاصب طبقن تلوار ڪٽي دنيا تي حڪمراني ڪئي ۽ آفريڪي شيدين ۽ ننڍي کنڊ جي دلتن کي ڳچي ۾ ڳٽ وجهي دنيا جو طواف ڪرايو ويو. اصل مسئلو ڳٽ ۽ تلوار جو آهي. يعني آقا ۽ غلام جو آهي ۽ ان خلاف جدوجهد جو ڪردار بہ طبقاتي ئي آهي جيڪڏهن ان کي اسان نسلي حدن ۽ ذات پات جي دائرن ۾ قيد ڪندا سين تہ ڪڏهن بہ حقيقي آزادي حاصل ڪري نہ سگهنداسين. فيض محمد شيدي جي انهي ڇڙٻ تي اهو نوجوان ڪافي شرمسار ٿيو. فيض محمد جي ڳالهہ بلڪل صحيح هئي پر ڏٺو وڃي تہ غربت جي گهاٽي ۾ بہ اڪثر اهي ماڻهو پيڙهجي رهيا آهن جيڪي ماضي ۾ ۽ ڪنهن شڪل ۾ اڄ تائين رائج نسلي مت ڀيد کي منهن ڏئي رهيا آهن. ريڊ انڊين، آسٽريليائي ابورجينيس، نيگروز، دلت، جپسي ۽ آفريڪي شيدين تمام گهڻو پوڳيو آهي. مگر ان سموري استحصال جو حقيقي خاتمو صرف برابري ۽ مساوات جي نظام ۾ آهي باقي هيڪل سليماني مان ٽڙڻ کان پوءِ شٽيلا ڪئمپ جا بنياد وجهڻ انسانيت جا بکيا اديڙڻ کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي.

منڊيلا ۽ ان جي تحريڪ جي عظمت اها آهي تہ اڄ تائين ڏکڻ آفريڪا ۾ ڪو بہ اهڙو رجحان ناهي جيڪو انسانن کي رنگ ۽ نسل جي بنياد تي عذاب جو سبب هجي. کاٻي ڌر سميت سڄي دنيا جي روشن خيال تحريڪن نيلسن منڊيلا جي تحريڪ جي مدد ۽ حمايت ڪئي، منڊيلا اڪثر موقعن تي ان جو ذڪر پڻ ڪندو هو. خورشيد قائمخاني پنهنجي ڪتاب ”سپنون کا ديس“ ۾ ڪامريڊ خديجہ گوهر جي نيلسن منڊيلا سان واسطہ هڪ ياد جو ذڪر ڪيو آهي تہ خديجہ گوهر(فريال ۽ مديحہ گوهر جي ماءُ) هڪ روشن خيال ليکڪا هئڻ سان گڏ انقلابي تحريڪن ۾ پڻ زور شور سان عملي حصو وٺندي هئي. گجراتي نسل جو هي آفريڪي خاندان منڊيلا جي تحريڪ ۾ تمام گهڻو سرگرم هو. منڊيلا جي ويجهي دوست ۽ خديجہ جي رشتيدار جڏهن منڊيلا سان خديجہ جي آفريڪا جي آزادي لاءِ ڪيل جدوجهد بابت خدمتن جو ذڪر ڪيو تہ منڊيلا هن سان ملڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو، ان وقت خديجہ ڪيپ ٽائون ۾ آيل هئي، ٻئي ڏينهن خديجہ گوهر جي ان رشتيدار جيڪو منڊيلا جي حڪومت ۾ وزير پڻ هو، خديجہ کي اڳواٽ ٻڌائڻ کان سواءِ ان کي ڪيپ ٽائون جي رستن تان سير ڪرائيندو هڪ عمارت جي آخري منزل تي وٺي ويو جتي منڊيلا جي آفيس هئي، جڏهن اهي دفتر جي دروازي تي پهتا تہ نيلسن منڊيلا مرڪندي اٿي ٻينو ۽ خديجہ گوهر جي هٿ تي چمي ڏيندي چيائين تہ :

(Welcome my Home Sister ! After all these Long & painful years …..
Welcome Home to Free South Africa.’)

۽ نيلسن منڊيلا تيستائين بيٺو رهيو جيستائين خديجہ صوفي تي نہ ويٺي.

# باگڙياڻي

مون کي پاڻ بابت ڪڏهن بہ اها غلط فهمي نہ رهي آهي تہ منهنجي رولاڪين جي روئداد ادب، تاريخ يا بشريات جي دنيا جو ڪو املهہ خزانو آهي. مون کي اهو يقين ضرور آهي تہ مون رولاڪين جي دنيا ۾ سفر دوران پاڻ کي گمنام رکندي ان سمنڊ جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي جنهن کي ”عام“ يا ”عوام“ سڏيو ويندو آهي. جنهن جي گهرائين ۽ وسعتن جي ڪا بہ حد ناهي. ان سمنڊ جي خاموشي دريائن جي دهشت کي پاڻ ۾ سمائي مانو بہ ڪري سگهي ٿي تہ جڏهن ان سمنڊ طوفانن کي جنم ڏنو آهي تہ پوءِ آسمانن بہ پنهنجو خير گهريو آهي. مون ان سمنڊ تي هميشہ بحري قزاقن کي حڪمراني ڪندي ڏٺو آهي. انتهائي بي رحمي ۽ غرور سان حڪمراني ڪندي.... پر جڏهن بہ انهي سمنڊ ۾ لهرن ٿورو بہ شور پيدا ڪيو تہ قذاقن جي بيوسي ۽ بوکلائٹ بہ ڏسڻ وٽان هوندي آهي. هي اهو سمنڊ آهي جتي ڪو معصوم وجود ان جي ڪنارن کي ڇهي سمنڊ سان ڪيڏڻ جي دعويٰ ڪندو آهي تہ اهو سمنڊ هماليہ جهڙا جبل بہ پنهنجي سيني ۾ سمائي ان کي بري طرح پرزا پرزا ڪري ڇڏيندو آهي. دريائن جا پئمانا تہ انهن جا ويڪرا پيٽ ۽ ور وڪڙ ڪائيندڙ سوين هزارين ميلن تي ڦهليل اها ڊيگهہ هوندي آهي پر سمنڊ جو پئمانو صرف هڪ قطرو ئي آهي. ٿي ڏهاڪا اڳ جواني جي دور ۾ عشق جي چوٽ لڳڻ کان پوءِ ان سمنڊ حوالي ٿيڻ تائين پاڻ بابت ڪجهہ بہ ياد ناهي بس صرف ايترو ضرور ياد آهي تہ سمنڊ ڪناري ڪنهن بي پرواهہ ڇيڳري ڇوڪريءَ جي هٿن ۾ڪا منرل واٽر جي بوتل سنڌس ڇپن تي پهچڻ کان اڳ سمنڊ ۾ ڪري پئي هئي ۽ ان پاڻي جي نصيبن ۾ پوءِ انهن چپن جو چس تہ لکجي نہ سگهيو پر اهي شفاف پاڻي جا قطرا سمنڊ سان ملي ان جو حصو بنجي ويا.

بس هاڻ اهو سمنڊ ئي پنهنجو سڀ ڪجهه آهي. سمنڊ جي پلي ڪو ڪهڙي به تشريح ڪري پر منهنجي نظر ۾ ان جي تشريح صرف اها آهي ته قطرن جو اڻ ڳڻيو مجموعو. هر قطري جي لڳ ڀڳ ساڳي ڪهاڻي آهي ڏکن جي نمڪين ڪهاڻي. ڪو به قطرو سمنڊ کان الڳ نه آهي ۽ نه ئي سمنڊ قطري کان الڳ آهي. مان پاڻ ان سمنڊ جو سفير بڻجي لهرن جي هٿان ان سمنڊ جو ڪهاڻيون ميٺڙي ڪناري تي اڇلايان ٿو. سنڌ ايڪسپريس جي دوستن جي مهرباني جو اهي منهنجي غير معياري لکڻين کي پنهنجي قيمتي صفحن ۾ جاءِ ڏيندا آهن. هڪ درد ۽ صدا کان سواءِ ٻيو ڪجهه به منهنجي لکڻين ۾ ناهي هوندو.

اڄ هڪ ڇپرا هوٽل تي ويهي پنهنجي ليپ ٽاپ تي ڊائريڪٽ هي ڪالم لکي رهيو آهيان. ڪو موضوع به ناهي بس هوٽل ۾ ٽي وي تي سنڌي ۾ هڪ مزاحيه سيريل يا ائٽم هلي رهيو آهي "باگڙياڻي".

باگڙياڻي واٽ وني وڃي رهي آهي ته پويان ماما لالو ان کي ڇيڙيندو رهي ٿو ۽ "عشق" ڪرڻ لاءِ منٿون ڪري ٿو. ان دوران باگڙياڻي ان کي ڇڙٻون ڏيندي نکري ٿي ته پوءِ وري ٻيا ماڻهو ان جي پنيان پئجن ٿا. ڪل پوڳ ۽ نازيبا حرڪتن سان ڀرپور انهي ائٽم کي آن ايئر ڪرڻ جو ڪهڙو مقصد ٿي سگهي ٿو؟

اهو پروگرام ڪنهن ڳوناڻي مسخري جو گهڙيل ناهي پر هڪ سنڌي چئنل تان نشر ڪيو پئي ويو، جنهن جا هڪ کان وڌيڪ ذميوار آهن. ڪنهن ڪهاڻيڪار اها ڪهاڻي لکي هوندي پوءِ هدايتڪار ان جي ڊائريڪشن ڏئي فنڪارن کان اهي ڪردار ادا ڪرايا هوندا. ان ائٽم جو مقصد ته ڪاميڊي ۽ مرڪون وکيرڻ ئي آهي پر ان جي پويان ان چئنل جي پاليسي جو به عمل دخل به هوندو. اسان جي مهربان ڪهاڻيڪارن کي اها خبر شايد نه آهي ته ڪا ڪهاڻي لکي ان ۾ ڪنهن مخصوص شناخت کي نشانو بڻائڻ ڪيڏو نه اخلاقي ۽ سماجي ڏوهه آهي. باگڙي هڪ ذات آهي، دلت طبقي سان واسطو رکندڙ سماجي لحاظ کان انتهائي پوئتي پيل ذات هئڻ سبب اهڙا پروگرام ان ماڻهن لاءِ ڪهڙا نه عذاب ۽ توهين آميز ثابت ٿيندا آهن. ڇا اسان جا اهي هدايتڪار صاحب سنڌ جي ٻين اڪثريتي ڪميونٽي جي قبيلن ۽ ذاتين بابت اهڙا پروگرام ۽ مسخريون ڪرڻ جي جرئت ڪري سگهن ٿا؟ پوءِ باگڙين سان اهو مذاق ڇو؟ باگڙين تي اهي مسخريون تڏهن کان شروع ٿيون جڏهن اسان جا چئنل نوان لانچ ٿيا هئا. سنڌي جي نجي چئنلن تي مون کي ڪو به سنجيده پروگرام ڏسڻ ۾ نه آيو بس صرف ڊاڙيل ڪلچر، ريپٽر فورس، باگڙياڻي ۽ غير معياري شاعري تي فلمايل تنگ لباس ۾ ڊانس ڪندڙ نرتڪيون ئي متعارف ٿي رهيون آهن. منهنجي راءِ مطابق اهو سڀ ڪجهه سنڌ جي ثقافت جي ترجماني نه ٿي چئي سگهجي.

مون جڏهن باگڙين کان پڇيو ته توهان جي ذات تي جڏهن چئنلن تان پروگرام هلن ٿا ته توهان ڇا ٿا محسوس ڪريو؟ مسڪين باگڙين جي اها ئي راءِ هئي ته "اسان غريب آهيون انڪري اسان سان اهڙا مذاق ڪيا وڃن ٿا جيڪڏهن ٻين سان اهي ٽي وي وارا اهڙي حرڪت ڪن ته ڪين خبر پئجي وڃي"

اڪثر باگڙين اها دردناڪ واقعا به ٻڌايا ته ماڻهو اڪثر ڪري اسان باگڙين کي مسخرا سمجهي عجيب فقرا ڪڇين ٿا ۽ اسان جي نياڻين کي اٽوٽندڙ اشارا ۽ ڊانس ذريعي تنگ به ڪن ٿا. اهو سڀ ڪجهه انهي "فن" جي بدولت اسان کي پوڳڻو پئجي رهيو آهي جيڪو اسان جا چئنل متعارف ڪرائي رهيا آهن. مون کي اها عجيب محسوس ٿيو جڏهن صرف هڪ اينڪر جا ذاتي تاثر (پوءِ پلي اهي تعصب تي ئي ٻڌل ڇو نه هجن) سڄي سنڌ کي جاڳائي سگهن ٿا پر باگڙين سان اهي مسخريون سنڌ جي ساڃاهه وندن کي ناگوار نٿيون

لڳن. اسان جي پاڙيسري ملڪ ۾ جڏهن هڪ فلمي گاني ”نچا لي“ ۾ جڏهن هڪڙي دلت ڪميونٽي جو نالو استعمال ڪيو ويو ته پوءِ ڪيترن ئي رياستن ۾ ان فلم تي بندش لڳي ۽ ڪيترين ئي سينيمائن ۽ فلم ۾ ڪم ڪندڙ ٽيم کي به زبردست مزاحمت کي منهن ڏيڻو پئجي ويو. باگڙين بابت اهي پروگرام انهن جي اصلاح ته نٿا ڪن پر ويتر انهن لاءِ جيئڻ به حرام ڪريو ڇڏين ٿا. سماج ۾ باگڙين جي اهڙي سڃاڻپ نهي رهي آهي جيڪا نه صرف باگڙين پر اسان سڀني لاءِ هڪ ڪارو داغ آهي. اسان بس انهن ثقافتي پوتارن کي اها ئي گذارش ڪري سگهون ٿا ته مهرباني ڪري ڪنهن به ذات ۽ شناخت کي نشانو نه بڻايو وڃي. ايئن ڪرڻ سان سماج ۾ ويڇا ۽ ويڳاڻپ پيدا ٿيڻ جو خدشو آهي. جيڪو ڪنهن به صورت ۾ اسان لاءِ سودمند ثابت نٿو ٿي سگهي. باگڙين سميت هر انسان اسان لاءِ معتبر ۽ محترم آهي. انسان جو ڪردار ئي ان جي سٺي يا خراب هئڻ جي نشاندهي ڪري ٿو. ان جو سماجي پس منظر ۽ ذات يا ٻي ڪا به شناخت جي آڌار تي اسان کي تنقيد ڪرڻ جو ڪو به حق نه آهي. اسان جي نجي ٽي وي چئنلن کي گهرجي ته اهي سماج جي حقيقي مسئلن تي اسٽوريون پيش ڪن. ڏاڙيل ڪلچر يا هلڙ بازي اسان جو ڪلچر ناهي. مون کي پي ٽي وي تي پيش ڪيل اهي پراڻا ڊراما اڄ تائين وسري ناهن سگهيا آهن جيڪي مختصر وقت سان گڏ مخصوص دائري ۽ اثر ۾ هوندي پڻ سٺي جا تمام معياري ڊراما هئا.

# سائنس جو غير سائنسي استعمال

اسان وٽ سائنس تي تنقيد هاڻ هڪ مقدس فرض بڻجي چڪو آهي. سائنس تي اها تنقيد خود سائنسي اوزارن جي ذريعي ئي ٿيندي رهي ٿي. سائنس هڪ حقيقت ۽ تجربن جي ذريعي حاصل ڪيل سچائي هئڻ جي باوجود اڄ تائين ”عقل ڪل“ ذرين جي اڳيان صرف هڪ تماشو آهي. هر ڏوهه به سائنس جي ڪاتي لکيو پيو وڃي. سائنس جو غلط استعمال هڪ وڏو مسئلو آهي پر سائنس جو غير سائنسي استعمال پڻ هڪ الميو آهي. ايئن لڳي رهيو آهي ته اسين اڄ به سائنس جي سچائي کي مڃڻ کان انڪاري آهيون. جديد دور ۾ پڻ ڪافي سيٽلائيٽ چئنلن تي هر وقت اهڙن پروگرامن جي ڌم لڳي پئي هوندي آهي جنهن ۾ ڪاري جادوءَ غيب ۽ جنات جي تصورن کي ڦهلايو ويندو آهي. جديد ترين اسٽوڊيوز ۾ اهي صاحبِ علم و عمل مائيڪ تي اچي ڪئميرائن جي سامهون جيڪا پرچار ڪن ٿا اها سائنس جي عين ابتڙ ئي هوندي آهي. افسوس جي ڳالهه اها آهي ته ڪجهه سائنسدانن پڻ سائنس جي غير سائنسي تشريح ڪرڻ مان وسان ڪين گهٽايو آهي. چنڊ تي قدم رکندڙ ٽن سائنسدانن مان ٻن سائنسدانن تمام مضحڪه خيز احوال پيش ڪيا. هڪڙي صاحب مصر ۾ اچي فرمايو ته مون کي چنڊ تي انساني آواز ۾ هڪ صدا ٻڌڻ ۾ آئي جڏهن ته Kant Hoyle نالي سائنسدان ته حد ڪري ڇڏي. هن خلا ۾ سفر ڪرڻ دوران اتي هڪ ڊراڙ کي بغير ڪنهن خلائي لباس جي رڊون چاريندي ڏٺو ۽ ان ڪيس اهو به چيو ته هتي (خلا ۾) ڪي

گمراھ رڍون بہ اچن ٿيون ۽ اھو ريڊار ڪين ڪاري سمنڊ ڏانھن واپس اماڻيندو آھي. اھڙن سائنسدانن طرفان اھڙيون حرڪتون نہ صرف سچائي جي قوت ۽ سائنس خلاف سازش آھي پر گوئرڊانو برولو ۽ گليلو جھڙن سائنس جي ”شھيدن“ جي قربانين سان بہ مذاق آھي جن سچ خاطر پنھنجي زندگين کي بہ نڇاور ڪري ڇڏيو.

”3 فيبروري 1962ع جو صبح جوساڍي پنج بجي دنيا ختم ٿي ويندي“ انديا جي ڪنھن نجومي جي ان پيشنگوئي تي پارتي سرڪار سائنسدانن تي مشتمل ھڪ ڪميٽي بہ تشڪيل ڏني جن مان بہ ڪجھ سائنسدان اھڙابہ ھئا جن انھي بي بنياد مفروضي کي سائنسي بنيادن تي ”عمل ۾ اچڻ جھڙي حقيقت“ قرار ڏئي وڏيڪ مونجھارا پيدا ڪيا. تازو آمريڪا جھڙي سائنسي لحاظ کان پاڙيري ملڪ ۾ پڻ 21 جون کي قيامت جي ڏينھن طور تسليم ڪيو ويو. سرمائي جو ھڪ وڏو مقدار ان مفروضي جي نذر ٿيو ۽ آخرڪار اھو ڏينھن بہ گذري ويو. اسان جھڙن پوئتي پيل دنيا جي ملڪن ۾ تہ سائنس خلاف وڏيون بااثر قوتون پنھنجي ڌن ۾ مگن آھن پر يورپ ۽ آمريڪا ۾ پڻ اھڙا ڪافي ”سائنسي ادارا“ ڪم ڪري رھيا آھن جيڪي قديم تحريرن ۽ پيشگوئين کي ”ثابت“ ڪرڻ ۾ رڌل آھن. اسان وٽ ڪافي غير سائنسي پرچار ڪندڙ ڌريون سائنس جي بيساکين تي سائنس جي خلاف زور و شور سان برسرپيڪار آھن. اسان وٽ دنيا جي مڃيل ۽ نوبل انعام حاصل ڪندڙ ھڪ ملڪي سائنسدان کي صرف ان جي مخصوص خانداني پس منظر جي پاداش ۾ نظرانداز ڪيو پيو وڃي. ڪنھن بہ سرڪاري اداري جي ليبارٽري ان جي نانءُ سان منسوب ناھي. ان کان وڌيڪ ٻي ڪھڙي سائنس دشمني ٿي سگھي ٿي؟

ڪوڙ جا ڪوٽ سائنس جي آلن ۽ اوزارن جي مدد سان اڀا ڪيا پيا وڃن. جيترو بہ غير سائنسي ۽ سائنس مخالف ادب، فلمون ۽ تجزيا سائنس جي مدد سان پيش ٿين ٿا ان جو ھڪ سيڪڙو بہ سائنسي جواز ۽ سچائي تي ٻڌل مواد سائنس جي حقيقتن کي نروار ڪرڻ لاءِ ڪتب نٿو ٿئي. انسان جي ارتقا بابت ڪو بہ نصاب سائنسي نڪتہ نظر کي جاءِ نٿو ڏئي.

انسان ھن دور ۾ سائنسي علم ۽ ايجادن کان ڪھڙي بہ ريت انڪار ڪرڻ جي پوزيشن ۾ ناھي اھا ٻي ڳالھہ آھي تہ موجوده نظام پڻ سائنس جي حقيقتن کان خوفزده آھي بلڪل اھڙي ريت جيئن ھن کان اڳ ٻيا نظام سائنس جي خلاف ڪات ڪھاڙا کڻي بيٺا ھئا ۽ آخري فتح نيٺ سائنس کي نصيب ٿي. اسان کي مڪمل يقين آھي تہ سچائي جي قوت کي ڪير بہ مات ڏئي نٿو سگھي ۽ تجربن ذريعي سچائي کي ثابت ڪندڙ سائنس کان وڌيڪ ٻي ڪھڙي سچائي ٿي سگھي ٿي؟

جھالت جي سيڻي رجحانن گڏجي اڄوڪي دور ۾ سچائي کي گھٽا ڏيڻ جي جرئت ڪئي آھي. رائج نظام بہ ھاڻ سچائي کي برداشت ڪرڻ سگھہ نٿو سنڀالي، ھي اھو ئي نظام ھو جنھن انھي ئي سائنس جي مدد سان قديم دقيانوسي سلطنتن کي ماضي جو قصو بنائي ڇڏيو.

جھالت جي پرچار ۾ اسان جي سماجي رابطن وارين ويب سائيٽن کي استعمال ڪندڙ دوستن بہ ڪنھن کان پوئتي ناھن رھيا جيڪي جديد ترين رابطي جي ايجاد کي گھٽو ڪري فرسوده روايتن جي ڦھلاءُ ۾ استعمال ڪري پنھنجو ۽ ٻين جو وقت وڃائي رھيا آھن.

سائنس سچ جھڙي حقيقت آھي جنھن کي ھٿ جي ترين سان لڪائي نٿو سگھجي. سائنس صرف سچائي جو ثبوت ئي نہ پر انسان جي عظمت ۽ حاصلات جو اھڃاڻ پڻ آھي. ان ڪري ان ڳالھہ جي شديد ضرورت آھي تہ سائنس کي جھالت ڦھلائڻ جي بدران انساني فلاح ۽ سھوليت لاءِ استعمال ڪيو وڃي. سچائي کان عظيم ٻي ڪا بہ شي نہ آھي ۽ سچائي ئي

انسان جو مستقبل آهي. غارن، خندقن، نيزن، ترشولن ۽ صليبن جو پس منظر رکندڙ اڄ به سائنسي هٿيار کڻي ارتقا جي اڳيان بند ٻڌڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن. هاڻ اسان جو اهو فرض ٿئي ٿو ته سائنس جي بچاءُ لاءِ سائنسي هٿيار کڻي عمل جي ميدان ۾ گليلو جي روايت کي جاري رکون ان کان اڳ جو سائنس جي سموري حاصلات غير سائنسي قوتن هٿان سائنس جي طاقت سان نيست ۽ نابود ٿئي. سائنس جي ايجادن اڄ جي دور ۾ اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته اها انسانن لاءِ سهوليتون ۽ آرائش ڏيڻ جي مڪمل صلاحيت رکي ٿي پر منافعي جي نظام سبب ايئن ٿي نه سگهيو آهي. اهي ڪڏهن به نه چاهيندا ته سائنس آزاد ٿئي. سائنس جي آزادي سان نه صرف ان جو غلط استعمال ٿيڻ به رڪجي ويندو پر اها انسان ذات لاءِ عظيم سهارو هوندي جيڪو فطرت ان کي محروم رکيو آهي. سائنس جي وقعت ۽ پهچ کي اسان قديم تصوراتي تحريرن ذريعي نه پر اليگيزينڊر ايوانووچ اوپرين نالي هڪ سائنسدان جي انهي قول ذريعي پرکي سگهون ٿا ته ”جيڪو ڪجهه اسين اڄ نٿا ڄاڻون اهو سڀاڻي ڄاڻي وٺندا سين.“

# پوپا، ويد ۽ عامل

ويج ۽ پوپا بيشڪ قديم دور جي علاج ۽ معالجي واري شعبي جي ميراث آهن پر انهن جو هن دور ۾ پراڻن طور طريقن سان علاج ڪرڻ انتهائي خطرناڪ به آهي. طب جي دنيا ۾ لقمان حڪيم ماضي جو هڪ وڏو ديو مالائي ڪردار ٿي گذريو آهي ۽ اسان جي ننڍي ڪنڊ ۾ گوگي چوهاڻ جو ذڪر به ديومالائي قصن ۾ اڄ به مشهور آهي. ان دور ۾ اهي ڳالهيون ۽ طور طريقا ان وقت جي حالتن مطابق صحيح به هئا پر اڄ اهي اسان کي شفا جي بدران وڌيڪ آزار ڏئي رهيا آهن. پوپن ۽ عاملن تي تنقيد ڪرڻ کان پهريائين اسان کي اهو سوچڻ گهرجي ته ماڻهو آخرڪار انهن ڏانهن ڇو راغب ٿي رهيا آهن. اسان جي نظام ۾ غريب ماڻهن کي ٻن ويلن جي ماني به مشڪل سان ملي ٿي ته اتي انهن جو گهربل ۽ معياري علاج ته ممڪن ئي نه آهي ڇاڪاڻ ته هتي هر شي جو حاصلات سرمائي يا پئسي سان مشروط آهي، اهڙين حالتن ۾ پوپا ۽ ويد مهانگن ڊاڪٽرن کان ڪئي دفعا وڌيڪ سستا ويج آهن. ان کان سواءِ اسان جي معاشري ۾ توهم پرستي جو به وڏو اثر رهيو آهي. غريب ماڻهو ڊاڪٽر وٽ صرف ان وقت وڃي ٿو جڏهن هو بلڪل بستري پيڙو ٿئي ٿو. ڊاڪٽر وري کهڙا اسان جا اهي عطائي نوجوان جيڪي سنڌ جي ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وڏي وافر مقدار ۾ موجود آهن. اهي مسڪين مريضن کي ڊائڪلو انجيڪشن هڻي ۽ اي ايل پي ڪارائي ترت ”شفاياب“ ڪن ٿا. سڄي دنيا ۾ تعليم، صحت ۽ امن امان جي معاملي تي سمورو معاشرو تمام حساس هوندو آهي ۽ ان معاملي ۾ ڪا به ڪوتاهي ناقابل برداشت هوندي آهي پر اسان وٽ اهي شعبا گوسڙو ماسترن، عطائي ڊاڪٽرن ۽ پاٿاريدارن سان ڀٽ ٻڌيل نااهل پوليس جي رحم و ڪرم تي آهن. ماڻهو نه صرف صحت جي خرابي جي سبب نه

پر ٻين معاملن جي ڪري پڻ پوپن، ويدن ۽ عاملن جو نشانو بڻجن ٿا. اهي حالتون آهن جيڪي پوپن لاءِ چاندي نه پر سون وانگر آهن ۽ وڏيڪ اهي پاڻ به پنهنجي روزگار لاءِ پتوڙين ٿا. پوپا حقيقت ۾ انساني نفسيات جا ماهر آهن پر اهي انهي ڄاڻ جو غلط ۽ نقصان ڪار استعمال ڪن ٿا. پوپا اڪثر ڪري هر مسئلي جو سبب جنن ۽ ڀوتن کي قرار ڏيندا آهن. اهي جن ۽ ڀوت به مختلف نالن ۽ وصفن ۾ ورهايل آهن جهڙوڪ ڏارو، پيرو، ڪارو، اسمال، جوڳڻ، چڙيل، اوڳتيا، ڊيڊ، سيد، سامي، راول ۽ ٻيا ڪئي نالا آهن ۽ انهن جو علاج به وير مڻ ۽ جيراندين ذريعي ڪن ٿا. جڏهن ته ويدين وٽ وري ماڻهن جي مسئلن جو سبب ڪائنات جا گرهه آهن، راهو ۽ ڪيتو سميت سج ۽ چنڊ جو ڪارج صرف ايري، غيري، نٿو، خيري، طالب ۽ طيب جي گھر ۾ مونجهارو ڦهلائڻ ئي رهجي ويو آهي ۽ ڪارن ترن ۽ ڪپڙي جي ڪجهه ٽڪرن جو ڏن اوڳاڙڻ کان پوءِ ئي اهي ماڻهو جي جان ڇڏين ٿا. جڏهن ته عاملن جي نظر ۾ ماڻهن جي مسئلن جو سبب درويشن ۽ اوليائن جو ڏمر آهي ۽ ڪڪڙ يا ٻڪر جو نذرانو ڪرڻ کان پوءِ ئي معافي ملي سگهي ٿي. پوپن ۽ ويدين جي اڪثريت غير مسلمان ذاتين سان تعلق رکي ٿي جڏهن ته عاملن جو تعلق وري مسلمان ذاتين سان هجي ٿو پر هر عقيدي ۽ مذهب سان واسطو رکندڙ ماڻهو انهن جو شڪار بڻجن ٿا ۽ اهي پوپا، ويد ۽ عامل بغير ڪنهن امتياز جي غريب ۽ ابوجهه ماڻهن کي تباهه ڪري رهيا آهن. غريب ماڻهو پاڻ وڃي انهن وٽ ڦاسجن ٿا. ان ڪري انهن خلاف ڪا ڪاروائي ٿيڻ به تمام ڏکي آهي. پوپن ۽ عاملن جو اڪثر شڪار ٻهراڙين جا ابوجهه اڻپڙهيل ماڻهو ٿين ٿا پر مزي جهڙي ڳالهه اها آهي ته شهرن مان به ڪافي ماڻهو توهم پرستي جو شڪار ٿي انهن پوپن جو ڪاچ بڻجن ٿا. پڙهيل لکيل ماڻهو پڻ پوپن ۾ بري طرح ڦاٿل آهن. ڄامشوري ۾ ميڊيڪل جي آخري سال ۾ پڙهندڙ هڪ شاگرد جيڪو مستقبل جو ڊاڪٽر آهي اهو پنج سالن کان وٺي هر هفتي ٽنڊي باگي جي هڪ شيدي عامل وٽ محبوبه کي ”زير“ ڪرڻ لاءِ باقائدگي سان تعويذ ۽ ڦيٽا ڪرائيندو آهي ۽ واپس نرسنگ هاسٽل جي دروازن ۽ محبوبه جي گذرگاهن تي اهي تعويذ وغيره پوريندو آهي ته جيئن محبوبا جا گس ”بند“ ٿين ۽ مجبور ٿي هوءَ ان سان پيچ اڙائي. مون جڏهن ان کان پڇيو ته جيڪڏهن تنهنجا اهي طريقا ناڪام ويا ته پوءِ تنهنجو پوپن تان اعتبار ختم ٿي ويندو؟ ان سوال جو جواب ڏيندي هن لائق ڊاڪٽر چيو ته نه سائين ڪڏهن به نه جيڪڏهن هي پوپو ناڪام ويو ته پوءِ آئون ٽنڊي آدم وڃي ٻي مشهور عامل کان تعويذ وغيره وٺندس ڇاڪاڻ ته منهنجو جادو تي پورو يقين آهي. مون کي حيرت ٽنڊي محمد خان جي ان پروفيسر تي ٿئي ٿي جيڪو 20 هين گريڊ جو آفيسر هوندي پڻ هڪ مڪان جو متولي آهي ۽ پنهنجي آفيس ۾ هڪ وڏي ٽيبل جي پويان سگريٽ دکائيندي فخر سان دعويٰ ڪندو آهي ته هو پنهنجي ”علم“ سان ڪنهن جي به اڳٺ کولي سگهي ٿو. اهو پروفيسر صاحب عشقيه تعويذ لکندو آهي. هو پنهنجي ”علم“ سبب ڪافي مشهور آهي. ان جو پنهنجو طريقه ڪار اهو آهي ته هو پنهنجي مشهوري جو غلط فائدو وٺي ڇوڪرين کي تعويذ ۽ علم ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي بليڪ ميل ڪندو آهي. ٽيلي پيٿي ۽ هٿ جي صفائي جي ماهر ان پروفيسر پلي ڪٽي کي باشعور ۽ تعليم يافته شاگرد پيدا نه ڪيا هجن پر هو سوين مدارين، عاملن ۽ پوپن جو استاد آهي جيڪي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ابوجهه ماڻهن کي ڦري رهيا آهن.

گهرو مسئلا، اڻبڻت، محبت ۾ ناڪامي سميت هر مسئلو ان ڪري ٿيندو آهي جو دراصل هن طبقاتي نظام ماڻهن کان جيئڻ جي هر آسائش کسي ڇڏي آهي ۽ ان جي حصول لاءِ ماڻهو علم، جادو جي ذريعي پوپن جو سهارو وٺن ٿا. گهرو اڻبڻت جي حل لاءِ ماڻهو جڏهن پوپن يا عاملن وٽ پهچندا آهن ته اهي مڪار ۽ عيار پوپا ماڻهن جي مسئلن جو ڪارڻ

انهن جي ڪنهن گهر ڀاتي يا رشتيدارن کي ڄاڻائي خاندانن ۾ پاڻ ۾ وڙهائي ڇڏيندا آهن.

آئون ڪافي پوپن، عاملن، ويدن سان مليو آهيان، منهنجي مشاهدي موجب اهي انساني نفسيات سميت گهرو معاملن، ٽيلي پيٿي ۽ سماجي مسئلن جي گهري ڄاڻ رکن ٿا ۽ ماڻهن کي بليڪ ميل ڪرڻ ئي انهن جو ذريعه روزگار آهي. اهي پوپا ۽ عامل نه صرف ماڻهن جي جذباتي ۽ نفسياتي ڪمزورين مان ڀرپور فائدو وٺن ٿا پر اهي زهر ۽ ٻين نقصانڪار شين جو به پنهنجي "عمل" ۾ استعمال ڪندا آهن. جديد دور ۾ پوپا ميڊيا جي مدد سان اشتهارن ذريعي ماڻهن کي لٽي رهيا آهن. سائنسي تحقيق موجب جادو يا غيبي قوتن جو تصور صرف هڪ خيالي مفروضو آهي جيڪو انسان پنهنجي ذهن ۾ پالي رکيو آهي ۽ ان جو ڪو به مادي وجود نه آهي. پوپن ۽ عاملن جو طريقه ڪار هزارين سال پراڻو آهي ۽ اهي صرف پنهنجي حرفت پنهنجي خاندان ۾ ئي منتقل ڪن ٿا جيڪو هٿ جي صفائي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي. انهي بدعت کان بچڻ لاءِ صرف "سجاڳي" ئي ڪافي ناهي پر پوپن جو باب صرف تڏهن ئي بند ٿي سگهي ٿو جڏهن عام ماڻهو کي هن سماج ۾ برابري سميت هر قسم جي بنيادي سهوليت ميسر هوندي جيڪو هن نظام جي ترجيحن ۾ بلڪل ناهي. مون پوپن کي ابوجهه ماڻهن جي عزت، نفس ۽ صحت سان بري طرح کيڏيندي ڏٺو ۽ انهن جي مجبورين کي پنهنجي هر قسم جي تسڪين لاءِ استعمال ڪندي پڻ ڏٺو آهي.

# جڏهن هڪ ڪامريڊ، پوپو بڻيو

هن ڪالم لکڻ جو مقصد مذاق اڏائڻ يا مايوسي جي تصوير ڪشي ڪرڻ هرگز ناهي پر هي ان وقت جي ڳالهه هئي جڏهن هڪ واقعي جي نتيجي ۾ ماڻهن لاءِ زندگي ۽ نظريي جو وجود بي معنيٰ بڻجي ويو ان وقت اهو حادثو ترقي پسند لڏي جي نڪته نظر کان هڪ وڏو نقصان يا سانحو هو پر اسان زندگي جي جنهن دور ۾ رهون ٿا اهو شايد ارتقا جي فيصله ڪن موڙ وارو زمانو آهي هن وقت اهي واقعا رونما ٿي رهيا آهن جيڪي شايد هزارين سالن جي تاريخ ۾ مجموعي طور به ناهن ٿيا. هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انسانيت جي عظيم منزل يعني مساوات ۽ انصاف تي ٻڌل معاشري جي تشڪيل جو خواب دل ۾ سانڍي حق جي پاسداري ڪرڻ گهرجي. اسان جو انسان جي عظمت تي پورو يقين هئڻ گهرجي. انسان هڪ ڏينهن ضرور هڪ اهڙي دنيا تخليق ڪرڻ ۾ سوڀارو ٿيندو. ان دنيا ۾ انسان جو انسان سان صرف انسانيت وارو ئي رشتو هوندو نه سرمائي يا جاگير انسان جي عظمت جو پئمانو هوندي ۽ نه ئي انسان جي وچ ۾ ٻيا رشتا انسانيت کان وڌيڪ اهميت جا حامل هوندا. 90 جو ڏهاڪو دراصل مايوسي ۽ ترقي پسند قوتن جي پٺتي هٽڻ وارو ڏهاڪو هو. اها ڪنهن خواب جي شڪست نه پر مقتدر قوتن جي عارضي فتح هئي. هينئر اهي مقتدر قوتون هر طرف کان بحرانن ۽ مسئلن کي منهن ڏئي رهيون آهن. "تاريخ جي خاتمي"

جي دعويدارن وٽ هاڻي ڪو بہ جواب ناهي. اهي تيزي سان پنهنجي منطقي انجام ڏانهن وڌي رهيا آهن. هن وقت دنيا جي اڳيان تباهي جو ڀيانڪ عفريت پنهنجي واضع شبيهہ سان هر هنڌ هڪيو ڳهات لڳايو ويٺو آهي ۽ ڀائيچاري جي ڀاجهاري ديويءَ پڻ سماج کي صدا ڏئي رهي آهي. هر گذرندڙ وقت اسان کي ڳهاءُ سان گڏ تجربن جي شڪل ۾ سيکت ڏيندو گذري وڃي ٿو. اسان گذريل وقت مان اهو سبق سکيو آهي تہ جن واقعن کي حرف آخر سڏيو ويو اهي تہ ابتدائي حرف هئا. اڃا اها ڪهاڻي جاري آهي. جيڪي دوست واقعن مان مايوس ٿي ويهي رهيا انهن جو نتيجو اهو نڪتو جو ٻيون ڌريون اهو خال پرڻ ۾ ڪامياب ويون پر انهن جي ”ڪارنامن“ سبب هاڻ وري نئون خال پيدا ٿي رهيو آهي. سمنڊ سڏي رهيو آهي. اهي ماضي جا واقعا اسان جي لاءِ ماضي جي هڪ غلطي طور ياد رکيا وڃن ۽ اسان کي بغير ڪنهن غلطي ورجائڻ جي اڳتي وڌڻ گهرجي. هاڻ اچو تہ ڪامريڊ جي پوپي بڻجڻ جي ڪهاڻي پڙهون.

هاڻ هو پوپو بہ ناهي رهيو پر هڪ ”ساڃاهہ وند“ آهي، هي ان وقت جي ڳالهہ هئي جڏهن ڪامريڊن آدرش کي پورا پورا ٿيندي انتهائي مضحڪ خيز مسخريون ڪري پاڻ تان خلق کلائي رهيا هئا. استاد بخاري ان وقت جي ان بوکلائٽ ۽ حماقت کي پنهنجي هڪ غزل ۾ تمام بهترين انداز سان بيان ڪيو آهي:

ڪي مسيتن ۾ لڪا ڪي عقيدن ۾ لڪا

ڪي مڪاني ٿي فقيرن ۾ لڪا

ڪي ڏڪي وارن جي وڪڙن ۾ لڪا

ڪي رڙي سهٽن جي ٺهڪن ۾ لڪا

ساپيان ٿيا خوار خوابن ۾ لڪا

جي ٽڪا سي راڳ رقصن ۾ لڪا

ڀاڪرن جي پيڙ ۽ بوسن ۾ لڪا

ڪي وجوديت جي لفظن ۾ لڪا

ڪي جديديت جي فئشن ۾ لڪا

ڪئسٽن جي گند گانن ۾ لڪا

هيروئن سگريٽ ۽ پانن ۾ لڪا

انقلابي ڪشمڪش ڪان منهن مٽي

ڪلچري بزمن ٻهانن ۾ لڪا. (استاد بخاري)

ان وٿ وٿان واري دور ۾ ان ڪامريڊ پڻ فراريت ۽ لاتعلقي جو هڪ نئون انداز اپنايو. هن پوپو بڻجي هڪ آستان وڃي وسايو. آستان جي آباد ٿيڻ سان ابوجهہ ماڻهن جا وڏا ميڙا مچي ويا پر پوپو ٿيڻ بہ ڪو آسان ڪم نہ هو. پوپن جي واردات جا پنهنجا طور طريقا آهن جيڪي صدين کان وٺي جاري رهندا اچن پيا. هن ڪامريڊ تہ پنهنجي سموري زندگي صرف ”ڳاڙها ڪتاب“ ئي پڙهيا هئا سو ان کي ڪهڙي خبر تہ وير مٿ ڇا هوندي آهي ۽ جنن جا ڪهڙا نالا آهن. سو جڏهن ماڻهو هن وٽ پنهنجا مسئلا ڪٽي ايندا هئا تہ هو روس جي انقلابين کي جن پوت سمجهي ”عمل“ ڪندو رهيو. ڪو ماڻهو هن وٽ گوڏي جي سور جي شڪايت ڪٽي ايندو هو تہ هي پوپو چوندو هو تہ بابا تو کي ”لينن“ لڳي ويو آهي سو آئون تو کي

"چرچل" جو ڦيٽو پاٽي ۾ پڙهي ڏيان ٿو اهو پليدو تون ست ساوا سومر باقائدگي سان پيئندو وچ. ڪو مزدور ان وٽ چيلهه ۾ چڪ هڻڻ لاءِ تعويذ جو چوندو هو ته هو پوپو ان کي چوندو هو ته تنهنجي مزوري ڪرڻ واري جاءِ وٽ "شڪاگو جي شهيدن" جي حد آهي سو تون اها جاءِ ئي ڇڏي ڏي. جڏهن ڪا عورت ان وٽ ايندي هئي ته هو ان کي روزا يا ڪروپسڪايا جي جنڙي جو ٿوڙ تعويذ ۾ ڪري ڏيندو هو. پٽ ڄمڻ لاءِ هو ڪنهن سوالي کي تعويذ ڪري ڏيندو هو پر جڏهن ماڻهو ان کان اهو پڇندا هئا ته فقير تنهنجي مرشد جو نالو ڇا آهي ته هن ڪامريڊ کي هتي جي ڪنهن مشهور عامل ته نهيو پر اوليائن جا نالا به ياد نه هئا سو چوندو هو ته منهنجي مرشد جو نالو پيران پير دستگير زار شاهه دوم آهي. محبت جي تعويذ ۾ هو "انتر منتر جادو جنتر سامراجي ديس سي جارج واشنگٽن جوڳي آيا" جو منتر پڙهي مطلوب کي ڏاڳو وٽي ٻڌندو هو. هن پوپي جي خيال ۾ زال مڙس جي درميان اڻبڻت جو سبب گهر ۾ ڳاڙهي ڪپڙي جي موجودگي آهي. گهرو تڪرار جو ڪارڻ صرف اهو هوندو هو ته ڪنهن دشمن عداوت ڪري گهر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ گورڪي جون لکٽيون پوري ڇڏيون آهن. جنهن هاري جي پيٽ ۾ سور پوندو هو ته هي پوپو چوندو هو ته ٻني مان بيگاهه وقت جو گذرڻ دوران يا پاٽي جي واري تان دير سان موٽڻ مهل تو کي مائو زي تنگ لڳي ويو آهي. فالج يا ٻي ڪنهن وڏي بيماري لاءِ اهو پوپو مارڪس کي ذميوار سڏيندو هو. هڪ دفعي جڏهن ڪو ماڻهو وٽس اڌ متي ۾ مسلسل سور جي شڪايت ڪٺي آيو ته هن "مسلسل" لفظ ٻڌندي ئي ڪيس چيو ته درويش تو کي ٽراٽسڪي لڳي ويو آهي ان جو ٽوڙ غيب جي دنيا ۾ ڏاڍو ڏکيو ۽ تمام پيچيده عمل آهي. سپ ڪان پهريائين تو کي اسٽالن جي "مرحليوار ٿيوري" جا پليدا پيئڻا پوندا پوءِ وري ان مرحليواريت کي مات ڏيڻ لاءِ پروسٽرائيڪا جا وظيفا ڪرڻا پوندا ۽ آخر ۾ فوڪوياما جي "تاريخ جي خاتمي" واري ٿيسز جا منتر هڪڙي پير تي بيهي پڙهڻ کان پوءِ "ڪِل" هٽندس تڏهن ئي تنهنجي جان آجي ٿيندي. غريب ۽ ابوجهه ماڻهو اهو سپ ڪجهه ٻڌندي کو به شڪ نه ڪندا هئا ۽ الٽو واڪاڻ ڪري چوندا هئا ته ٻيلي هي پوپو "يونان" جا جن ٿو ڪڍي پر آس پاس جي پوپن ڪيس ٻاننا هٽي پجائي ڪڍيو ۽ هاٽي هو هڪ اين جي او ۾ ڪم ڪري ٿو ۽ ساجاهه وند پڻ آهي.

# مسٽر جناح

عظيم حالتون ئي عظيم تحريڪن ۽ شخصيتن کي جنم ڏينديون آهن. ويهين صدي انساني تاريخ ۾ هڪ اهم موڙ جي حيثيت رکي ٿي. برطانوي سامراجيت جي سلطنت سرمائيداراڻي نظام جي شڪل ۾ سڄي دنيا تي بينڪيت جو تسلط ڄمائي رکيو هو. ان ئي وقت روس ۾ سوشلسٽ انقلاب سماج جي سرمائيداراڻن رشتن کي پنهنجي ڀرپور سگهه ذريعي للڪاري رهيو هو. سرمائيدار دنيا کي پنهنجي بقا جا امڪان ۽ دنيا تي گرفت گهٽجندي محسوس ٿيڻ لڳي. چين هڪ پنيٽ بڻجي چڪو هو جنهن سان سامراجي هٿ چراند ڪرڻ جي سگهه نٿي سنڀالي. دنيا کي انقلاب کان "بچائڻ" لاءِ انگريزن ننڍي کنڊ کي ئي قرباني جو ٻڪرو ۽ پنهنجي بي رحم تجربيگاهه بنائڻ جو پڪو فيصلو ڪري ڇڏيو هو.

ورهاڱي ۾ عوام سيني کان وڌيڪ ڀوڳيو پر ورهاڱي واري دور ۾ مسلم ليگ توڙي ڪانگريس جو سياسي ڪردار "عوامي" نه پر "قومي" هو اها الڳ ڳالهه آهي ته اڌ صدي کان وڌيڪ عرصو گذرڻ جي باوجود اڄ تائين نه پاڪستان ۽ نه ئي انڊيا "هڪ قوم" بنجي سگهيا آهن.

40 جو ڏهاڪو ان سڄي راند جو ڊراپ سين ثابت ٿيو. ان راند جو نتيجو ڪهڙي به صورت ۾ ننڍي کنڊ جي بد نصيب عوام جي حق ۾ نه هو. ننڍي کنڊ کي "ورهاڱي" جوتحفو ڏنو ويو. اهو ورهاڱو وري پنهنجي جوهر ۾ انيڪ ورهاڱن جو سبب بنجي چڪو آهي. ننڍي کنڊ جي هڪ وڏي مسلم آبادي ٽن حصن ۾ تقسيم ٿي وئي ۽ تقسيم ٿيل ننڍي کنڊ جي ماڻهن مٿان ٻنهي پاسن کان وري نون ورهاڱن جي تلوار هر وقت لٽڪيل رهي ٿي جيئن ذبح ٿيل جانور کي وڌيڪ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ننڍين ننڍين گوشت جي ٻوٽين ۾ ورهايو ويندو آهي.

اسان وٽ تاريخ هڪ معمو ئي بڻيل رهي آهي. هن وقت جناح صاحب کي ننڍي کنڊ جي ورهاڱي جو ذميوار سڏي تاريخ جي ٻين تاريڪ پهلوئن تي پردا وڌا وڃن ٿا. جيتوڻيڪ جناح مسلم ليگ جو اڳواڻ هئڻ ناتي آخري وقت ۾ پاڪستان نالي هڪ مسلم ملڪ جي گهر ڪندو رهيو. اهي ڪهڙا سبب هئا جن جي ڪري ننڍي کنڊ تي ورهاڱي جهڙي نوبت آئي. مسلمانن ۽ ٻين اقليتن کي ننڍي کنڊ ۾ ڪنهن کان تحفظات هئا؟ اهي ڪهڙا سماجي، معاشي ۽ سياسي سبب هئا جو مسلمانن ننڍي کنڊ ۾ الڳ رياست جي گهر ڪئي؟ ڇا الڳ رياست جي قيام سان مسلمانن جا مسئلا حل ٿي ويا؟ اهي سوال پنهنجي جاءِ تي پر هڪ وڏو سوال اهو آهي ته ڇا انڊيا سميت پاڪستان ۽ پوري ننڍي کنڊ جو عوام "آزاد" آهي؟

اڄ جيتوڻيڪ 66 سال اڳ واريون سياسي حالتون ناهن رهيون. دنيا سميت سياست ۽ طاقت جا مرڪز تبديل ٿي چڪا آهن. اسان اڄ صرف ورهاڱي واري دور جي سياسي تحريڪن جو هڪ جائزو وٺنداسين ته ان وقت ننڍي کنڊ ۾ سياسي حوالي سان ٽي مکيه ڌارائون نمايان هيون. اهو الميو آهي ته انڊيا توڙي پاڪستان جي مخصوص تاريخي پس منظر ۾ هڪ اهم ڌارا کي نظرانداز ڪري دٻايو وڃي ٿو. انڊيا ۾ ان وقت ڪانگريس ۽ مسلم ليگ سان گڏ ڊاڪٽر امبيڊڪر جي شيڊيولڊ ڪاسٽ فيڊريشن به سياسي ميدان ۾ نمايان هئي. امبيڊڪر جي دلت تحريڪ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ کان پوءِ هڪ وڏي سياسي قوت هئي. اڄ جيتوڻيڪ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس نالي پارٽيون موجود آهن پر انهن جو ڪردار صرف روايتي ساڄي ڌر جي اقتداري گروهه کان وڌيڪ ڪجهه به ناهي جڏهن ته امبيڊڪر جي

فڪر جون پرچار ڏريون اڄ بہ انڊيا ۾ هڪ فيصلہ ڪن تحريڪ جو پيش خيمو ثابت ٿي سگهن ٿيون. اهڙي طرح ننڍي کنڊ جي ورهاڱي واري دور جو جائزو وٺنداسين تہ گانڌي، جناح ۽ امبيڊڪر کان سواءِ اهو ذڪر اڻپورو هوندو. حالتن ۽ تحريڪن انهن شخصيتن کي اهي ڪردار ڏنا جن ننڍي کنڊ جي قسمت تي پنهنجا اڻمٽ نشان ۽ اثر ڇڏيا. اسان جي مورخن انهن ٽنهي اهم ڪردارن سان انصاف ناهي ڪيو. گانڌي کي صرف هڪ درويش ۽ مهاتما جو روپ ڏئي ان کي هر قسم جي تنقيد ۽ تحقيق کان مشتنيٰ رکيو ويو، جناح کي "پاڪستان" جي خالق هئڻ سبب ورهاڱي جو ذميوار سڏيو ويو ۽ ڊاڪٽر ڀيم رائو امبيڊڪر کي مڪمل طور رياست جي سرڪاري تاريخ مان نظرانداز ڪيو ويو. گانڌي ۽ امبيڊڪر جو ذڪر ڪنهن ٻي دفعي ڪبو اڄ جناح صاحب جي ڪجھ پهلوئن تي نظر وجهنداسين.

جناح صاحب جي هڪ سيڪيولر ۽ قومپرست پس منظر کي بلڪل نظرانداز ڪيو ويو آهي. برما جي ننڍي کنڊ کان عليحدگي جي سڀ کان وڏيڪ مخالف جناح ئي ڪئي هئي. نہ صرف برما پر بنگال جي ورهاڱي جو بہ جناح صاحب مخالف هو ۽ سنڌ جي بمبئي کان آزادي ۾ پڻ جناح صاحب وڏي جدوجهد ڪئي. ورهاڱي جو فائدو مسلمانن (مسلم اشرافيہ) کي صرف هڪ ملڪ جي صورت ۾ مليو پر سڀ کان وڏيڪ مستفيد انڊيا جو اهو برهمڻ طبقو ٿيو جنهن جو مستقبل گڏيل هندستان ۾ حڪمران طبقي جي بدران صرف هڪ معمولي اقليتي ڪميونٽي کان وڏيڪ ڪجھ بہ نہ هو. انگريزن کي هر حال ۾ ورهاڱو ڪرڻو ئي هو ڇاڪاڻ تہ گڏيل هندستان جو عوام گڏجي ڪنهن عالمي تحريڪ جي مدد سان انقلاب بہ آڻي پئي سگهيو. انقلاب جيترو عالمي حڪمران طبقي لاءِ خطرو هو تہ ديسي اشرافيہ لاءِ پڻ ڪنهن ڀوائتي خواب کان گهٽ نہ هو. خاص ڪري برهمڻ اشرافيہ ڪنهن بہ قيمت تي اقتدار حاصل ڪرڻ چاهيندي هئي. مسلم تضاد کي اڀارڻ کان وٺي گانڌي جي نام نهاد مرن ورت تائين ڪانگريس جو هر قدم ورهاڱي جي راھ هموار ڪندو رهيو. ڪانگريس دلت مسئلي مان جان ڇڏائڻ لاءِ هٿ وٺي هندو مسلم نفرت جو ٻج پوکيو ۽ اڄ تائين اهو طبقو پنهنجي مفادن جي حاصلات لاءِ بابري مسجد کان وٺي گجرات جي فسادن تائين عوام کي ورهائي رکڻ لاءِ هندو مسلم نفرت جي پرچار ڪندو رهي ٿو. محمد علي جناح ورهاڱي جو ايترو ذميوار ناهي جيترو ڪانگريس ۽ گانڌي هئا. ڪانگريس هر صورت ۾ هڪ وڏي مسلم آبادي مان جان ڇڏائڻ جي چڪر ۾ هئي. هڪ تلخ حقيقت اها بہ آهي تہ ان وقت ڪانگريس جو ڪردار سيڪيولر هئڻ جي بدران برهمڻ نواز هو. دلتن جي سموري آبادي کي ڳڻڪائيندي هنن هندو اڪثريت ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جناح صاحب سان هڪ وڏو الميو اهو آهي تہ ان کي ٻنهي طرفن کان غلط انداز ۾ پيش ڪيو پيو وڃي. اسان وٽ جناح هڪ بنياد پرست ۽ مذهبي روپ ۾ متعارف ٿي رهيو آهي. پنهنجي ذاتي زندگي ۾ نومسلم خواجہ برادري جي گجراتي تاجر خاندان ۾ پيدائش جي باوجود هن چاليھ سالن جي عمر ۾ ڊنشا نالي هڪ ممتاز غير مسلم پارسي خاندان جي ڇوڪريءَ رتي ٻائي سان محبت جي شادي پڻ ڪئي. پنهنجي ذاتي زندگي ۾ جديد ثقافت جي طور طريقن کي اپنائيندڙ جناح مذهب کي ماڻهو جو نجي معاملو سمجهندو هو. ان پنهنجي مشهور خطاب ۾ بہ چيو هو تہ توهان پنهنجي مسجدن، مندرن ۽ گرجاگهرن ۾ وڃڻ لاءِ آزاد آهيو. هو رياست کي مذهبي معاملن کانئن الڳ رکڻ چاهيندو هو. هنو مسلم اتحاد لاءِ هن اهو بہ چيو هو تہ " جيستائين هندو ۽ مسلمان متحد نہ ٿيندا اوستائين اسين ٻئي ٻاهرين طاقتن جا غلام ئي رهندا سين." سر ۽ ڊاڪٽر جا خطاب واپس ڪري صرف مسٽر جناح جي سڃاڻپ سان زنده رهندڙ اهو ڪردار انصاف جو گهرجائو آهي. اڄ اسان جي حڪمرانن جناح جي خوابن کي پورا پورا ڪري

ملڪ کي هڪ اهڙي دڳ تي وٺي چڪا آهن جتان مستقبل جو ڪو به ڪرڙو نظر نٿو اچي ۽ نه ئي ان کي جناح جو پاڪستان چئي سگهجي ٿو.

اها به هڪ عجيب روش آهي ته اهي دوست پڻ جناح صاحب سان شڪايت ڪن ٿا جن جي پنهنجي نظرياتي قبلن جو رخ به ان وقت جناح سان ئي واڳيل هو. بهرحال جناح صاحب اسان جي ان ”پاپولر“ قائدن ڪان هر صورت ۾ شفاف ۽ ڪامل ڪردار هو جن ملڪ ۽ ملت کي بيهر نوان نالا ۽ دستور ڏنا ۽ امت جي پڻ بيهر ”دستار بندي“ ڪئي. انهن عوامي نعرا ڳاڙهي رومال ۾ ويڙهي ڏنا پر حقيقت ۾ بنياد پرستي ۽ رياست شاهي جا اهي ڪندا وچايائون جن جو اهي پاڻ به شڪار ٿيا ۽ عوام پڻ اڄ تائين ان سوز ڪان فارغ ٿي ناهي سگهيو.

# قبرستانن جون خاموشيون اجاڙيندڙ سال ۾

# سوپارو سن

سال 2013ع ڪجهه پهرن ڪان پوءِ تاريخ جو حصو بنجي ويندو. ايڪويهين صدي کي بلوغت جي هڪ ڏاکي ڏانهن ڌڪيندي هن سال به سنڌ جي مسڪين ماڻهن لاءِ ڪا خوشگوار ياد ناهي ڇڏي. جيتوڻيڪ 2013ع سنڌ جي آباد وسندين، شهرن توڙي ڳوٺن ۾ ڪا رونق جاڳائي نه سگهيو پر ان سال قبرستانن جي خاموشين کي پيليو، بي جان ميتن سان به مامرا ٿي. هڪ اهڙي انسان دشمن روايت جا هن سال بنياد پيا جيڪا شايد ايندڙ ڪافي سالن تائين ورجائي وڃي ۽ اهو به ممڪن آهي ته اها هاڻ سنڌ جي هڪ نئين ڪڌي رسم به بنجي وڃي. نوان قبرستان آباد ٿيندا، پراڻن ۽ گڏيل قبرستانن جي درميان ديوارون اڀيون ٿينديون ۽ نون قبرستانن مٿان وري قبضه مافيه جي ارهه زواين جا داستان اخبارن جي خبرن جون سرخيون بڻبيون.

قبرستان ته خاموشين، ويرانين ۽ پراسراريت جا مرڪب هوندا آهن. اڄ تائين شهرن ۽ ڳوٺن ڪان وٿي تي آباد انهن قبرستانن ۾ نه سرحدون هيون ۽ نه ئي مذهب، عقيدي ۽ ذاتين جي بنياد تي خاموشين کي به ورهايو ويو هو. ڇا هي اها ئي سنڌ آهي جنهن ۾ مئلن تي ڪا به ميار ناهي ڏني ويندي هئي. قبرستانن ۾ ڪو به طبقاتي، مذهبي ۽ صنفي امتياز ناهي هوندو اڄ به پير عالي شاهه ، سمن سرڪار ۽ راضي شاهه جي قبرستانن ۾ گهمندي توهان کي ڪو به ماڻهو قبرن طرف اشارا ڪري اهو ٻڌائيندو ته ”هي حاجي ڦلاڻي وڏيري جي قبر آهي، هو مائي ڀاڳي جي قبر ۽ هو ڦلاڻي ڏاڙيل جي قبر ۽ هي رئيس شهداد جي قبر ۽ اها

ڪرمڻ ڪولهي جي بني آهي“ ڪنهن قبر تي جنڊ آهي تہ ڪنهن جي سيرانڌي تي پونگري پئي آهي، ڪنهن معصوم جي بني تي مٽي مان نهيل گاڏي جو رانديڪو آهي تہ ڪن قبرن تي وري ڪاڏي جا ڪجھ برتن جهڙوڪ پيالا وغيره پيل هوندا آهن. انهن قبرستانن مان گذرندي ماڻهو کي زندگي جي حقيقت ڪان بہ آشنائي ٿي ويندي آهي پر هاڻ شايد مٽيءَ کي پڻ مذهبن ۾ ورهايو ويندو. ايئن بہ ناهي تہ اها عدم سهپ رات جي پيٽ ۾ پيدا ٿي آهي. دراصل انتهاپسندي جون پاڙون تمام گهريون آهن ۽ اها هاڻ سماج تي مسلط ٿيڻ جي دعويٰ ڪري رهي آهي.

ٿنڊي باگي جي بچل شاھ قبرستان جي درميان نهندڙ ديوار حقيقت ۾ اها ديوار برلن آهي جيڪا سنڌ جي سماج کي وڏي عرصي تائين ورهائي رکندي. اها پڻ حقيقت آهي تہ اسان وٽ قبرستانن جو بنياد مذهب يا عقيدي جي بدران علائقي يا ڳوٺ تي هوندو آهي. ڳوٺ ۾ رهندڙ مڙني برادرين جو قبرستان ساڳيو ئي هوندو آهي. هر مذهب يا ذات قبيلي توڙي خاندان وارن جي جاءِ مخصوص هوندي آهي جتي اهي پنهنجا مڙدا پوريندا آهن. ڪو بہ ماڻهو پنهنجي پيارن جا لاش اباڻي قبرستان ڪان سواءِ ٻي ڪنهن هنڌ دفن ڪرڻ جو سوچي بہ نٿو سگهي. اهي تضاد يا مامرا جيڪي ميتن کي دفنائڻ تان ٿي رهيا آهن اهي دراصل اباڻن قبرستانن ۾ دفن ڪرڻ جي رڪاوٽ جو نتيجو آهن. پنگرئي يا بچل شاھ جي قبرستانن ۾ جن جي ابن ڏاڏن جا هڏا پوريل آهن انهن کي اڄ ڇا جي ڪري لاش پورڻ نٿا ڏنا وڃن؟ کهڙيون ڌرين جو قبرن جي حد بندي ڪرڻ ۾ مفاد آهي؟ انهن واقعن مان متاثر ٿيندڙ ڌر بہ آخرڪار مجبور ٿي الڳ قبرستانن جو مطالبو ڪري سگهي ٿي ڇاڪاڻ تہ ماڻهو ڪيستائين پنهنجي ميتن سان تذليل برداشت ڪندو رهندو. هتي ان ڳالھ جو ذڪر ڪرڻ بہ ضروري آهي تہ هندو جاتي جا اڳ ۾ ئي الڳ قبرستان (شمشان گهاٽ) آهن ۽ اهي مسئلا دلت جاتين کي پيش اچن ٿا، جيڪي پنهنجا مڙدا ساڙڻ جي بدران دفن ڪندا آهن. سنڌ ۾ خاموشي سان اها ڪشمڪش ڪئي سالن ڪان جاري هئي. لڏپلاڻ ڪندڙ انهن دلت برادرين جي اڪثريت ٿرپارڪر سان واسطو رکي ٿي. اتفاق سان انهن ۾ لڏپلاڻ دوران ڪا فوتگي ٿئي ٿي تہ پوءِ اهي هر صورت ۾ پنهنجي اباڻن ڳوٺن ۾ ميت پهچائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن پر غربت جي ڪري جيڪڏهن ايئن ٿي نہ سگهندو آهي تہ اهي اڳ ۾ ئي موجود ”الڳ قبرستانن“ جو رخ ڪندا آهن. جهڏي شهر ويجهو باگو فقير جو قبرستان مشهور آهي جتي سون جي تعداد ۾ ڀيل، ڪولهي، ميگهواڙ ۽ ٻين دلت ذاتين جا مڙدا دفن آهن. ڪافي وڏن قبرستانن ۾ اڄ تائين بنا ڪنهن مذهبي فرق جي گڏيل قبرون آهن پر ماضي ۾ ڪڏهن بہ اهڙي قسم جو تضاد پيش نہ آيو هو. اهي واقعا ٻنهي ڌرين لاءِ ڪنهن بہ صورت ۾ فائديمند نہ آهن پر اهڙن واقعن ۾ تيزي اچڻ سان سماج ۾ ويڳاڙپ ۽ ويڇا وڌڻ جو خدشو آهي.

هي سال ڌرتي جي قديم باشندن لاءِ ڪا خاص حاصلات وارو نہ هو. غربت، عدم تحفظ ۽ قبرن سان هٿ چراند جهڙن المناڪ حادثن جي ياد ڇڏي ايندڙ وقت لاءِ ڪافي تحفظات ۽ مسئلن جو بنياد وجهي ويو آهي. جڏهن ماڻهو اجتماعي مسئلن جي بدران ذاتي تضادن ۾ ئي گهيريل هجن اهڙي صورتحال کي سماجي اصطلاح ۾ ”شعور جي پستي“ سڏيو ويندو آهي. اها ڪيفيت سماج تي اوستائين جاري رهندي آهي جڏهن عوام پنهنجي اجتماعي مسئلن جي حل لاءِ سوچين. ان ڪان پوءِ ئي سماج ۾ ڪا مثبت تبديلي جي تحريڪ پيدا ٿي سگهي ٿي. اڄ اسان جنهن سماج ۾ رهون ٿا ان ۾ انيڪ مسئلا هئڻ جي باعث ڏوھ پيدا ٿي رهيا آهن پر ڪٿي بہ ڪا مزاحمتي تحريڪ جا آثار نظر نٿا اچن.

2013ع ايڪويهين صدي جو هڪ ايڪو هو ۽ گذري چڪو آهي. ايڪويهين صدي بابت هڪ حوصلہ افزا اميد اها بہ آهي تہ اها انساني تاريخ جي مثبت تبديلين ۽ انقلابن جي صدي آهي.

انسان جي مجموعي ڏکن ۽ محرومين جو هي صدي درمان ثابت ٿيندي جيڪا ايندڙ وقت جي انسانن لاءِ زندگي جو نئون معراج پڻ هوندي. هن ئي صدي جي ڪنهن سال ۾ ڏينهن جي ڀاڱي ۾ برابري، انصاف ۽ مساوات جو ”انساني نظام“ بہ لڪيل آهي. بيشڪ زندگي پيڙهيل ماڻهن لاءِ عذاب بنجي چڪي آهي پر اهو عذاب بلڪل رات جي پوئين پهرن جي انتهائي ايذائيندڙ لمحن وانگر آهي جنهن ڪان پوءِ باک ڦٽندي آهي.

استاد بخاري جو پنجويهہ سال اڳ ايڪويهين صدي تي لکيل هي شعر اڄ بہ اسان جا حوصلہ وڌائي ٿو.

هي ڪو يوٽوپيائي قصو ، ٿامس مور جو سپنو ناهي

اوسر جو آئيندو آهي آڏو ڏسندو آدم زادو

”خاص سنيهو “ هوندو منهنجو هي صحيفو

هان نہ لاهيو هاڻ ضعيفو

”خاص عمل“ جو سوپارو سن سامهون آ

رستو روشن سامهون آ

ماڻهو آهي مهان ٻڌو !

ماني سان گڏ مان ٻڌو !

قائم امن امان ٻڌو !

ايندڙ سن جو انساني اعلان ٻڌو ! (استاد بخاري)

# مزاحمتي شاعر جو وڇوڙو

مهاراشٽر جي خمير مان سرجيل اهو مزاحمتي شاعر هاڻ ابدي ننڊ جي جهولي ۾ هليو ويو جنهن پنهنجي سڄي ڄمار جابرن سان جهيڙيندي گذاري. دلت پينٿر ۽ جديد دلت ادب جي بانيڪارن مان هڪ نامر ديو ڍاسيل جي ڪئي ڏهاڪن تي مشتمل جدوجهد جو باب گذريل ڏينهن پنهنجي پڄاڻي تي پهتو. نامر ديو ڍاسيل هندستان جو عظيم دلت شاعر هو جنهن هزارين انقلابي گيت لکيا، هو ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف پڻ هو ۽ مسلسل ست ڏهاڪن تائين عملي طور مزاحمتي تحريڪ سان سلهاڙيل رهيو. هن جي آخري سفر ۾ هزارين دلتن گلن، لڙڪن ۽ سڏڪن جي ورڪا ڪندي پنهنجي محبوب شاعر کي زبردست خراج پيش ڪيو. هن جي انقلابي شاعري جو انگريزي سميت سوين ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. انديا جي نامر نهاد ميڊيا ان جي آخري سفر کي مڪمل طور بليڪ آئوٽ ڪيو. اهي شايد ان جي لاش کان بہ خوفزده آهن. ڪاري چمڙي وارن جي مزاحمتي تنظيم بليڪ پينٿر جي طرز تي 60 جي ڏهاڪي دوران دلت شاعرن، اديبن ۽ مفڪرن طرفان دلت پينٿر جو قيام عمل ۾ آندو ويو جيڪا جلد ئي هڪ مزاحمتي اپار جي صورت ۾ هڪ انقلابي تنظيم ٿي اڀري. دلت پينٿر جي بانيڪارن ۾ ڊاڪٽر انا ڀائو ساٺئي ۽ نامر ديو ڍاسيل جو اهم ڪردار هو. پسمانده قبيلن ۽ ذاتين جي حقن لاءِ آخري جنگ جو طبل وڄائيندي ان تنظيم جي پليٽ فارم تي جديد دلت تحريڪ جي مزاحمتي روايت جا بنياد پيا جيڪي اڄ بہ ڪنهن نہ ڪنهن نالي سان انديا جي سياسي افق تي پنهنجو وجود ۽ اثر رکن ٿا. دلت ادب جي وصف بيان ڪندي نامر ديو ڍاسيل چيو هو تہ اهو دلتن جو ۽ دلتن لاءِ ئي آهي دلت پينٿر اهو ادب بہ رد

ڪيو جيڪو اوچ ذات جي ماڻهن پاران لکيل هو ۽ اهي دلت ماڻهن جي ان ادب کي بہ رد ڪن ٿا جيڪي مفاهمت تي ٻڌل آهي ۽ ذهني غلامي مان نجات جو ڪو بہ دڳ نٿو ٻڌائي. اسان کي انديا جي حقيقي تصوير دلت تناظر مان ئي ملي ٿي. دلتن سڀ کان پهريائين انا هزاري ۽ ڪجريوال کي مداري سڏيندي مخالفت ڪئي هئي. انديا جي آبادي ۾ هڪ اهم حيثيت رکندڙ اهو طبقو انديا ۾ برهمڻ ازم جي غلبي ۽ انهن جي طبقاتي ڪردار ۾ رهندي ڪنهن بہ تبديلي کي قبول نٿو ڪري.

نامر ديو ڏاسيل دلتن جي اندر موجود مزاحمتي باهہ جو رکوالو هو جيڪا هر صورت ۾ انسانيت جي آخري فتح تائين جرڪڻ گهرجي. نامر ديو ڏاسيل دلتن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۽ پاڻ تي ڀروسو رکي اڳتي وڌڻ جو حوصلو ڏنو هو. هن پنهنجي هڪ مشهور نظم ۾ لکيو هو تہ:

هن دنيا جي سوشلزم

هن دنيا جي ڪميونزم

۽ ان جون سموريون ڳالهيون

اسان سيني کي آزمائي ڇڏيو آهي

۽ ان نتيجي تي پهتا آهيون تہ

صرف اسان جو پاڇو ئي اسان جا پير ڍڪي ٿو.

نامر ديو ڏاسيل دلتن جي هزارين سالن جي ثقافت ۽ تهذيب کي پنهنجي نظمن ۾ ڀرپور ريت چٽيو آهي. هن اصلي ڌرتي ڌڻين کي استحصال جو نشانو بنائيندڙ “قومي سرواڻن” جي ٻاهرين طاقتن خلاف جبر جي دانهن کي مڪافات عمل سڏي انهن نان نهاد قومي تحريڪن تي ڀرپور چٽر ڪئي. نامر ديو ڏاسيل پنهنجي هڪ نظم ۾ لکيو آهي تہ :

اسان جي تهذيب ۽ روايتن تي راتاها هڻي

اڄ تون واڳون وارا ڳوڙها ڳاڙي رهيو آهين

تو کي ڀٽريلي زمين قبر جي جاءِ ڏئي سگهي ٿي

پر اسان جي دل تنهنجي ڳوڙهن سان نرم ناهي ٿيندي.

حقيقي آزادي کان سواءِ جمهوريت، سيڪيولرازم ۽ ٻين هٿ ٺوڪين نعرن کي رد ڪندي نامر ديو ڏاسيل حڪمران طبقن جي جمهوريت تي پنهنجي هڪ نظم ۾ لکي ٿو تہ:

جمهوريت جي معنيٰ پڇين ٿو؟

تو کي ڪهڙي خبر تہ

مون ليڙون ليڙ ٿيل ساڙهي پاتل هڪ ڪمزور ماءُ کان پڇيو

“ڇاتين جي کير جي قيمت ڇا ٿيندي آهي؟”

مون ڏاند جيان جوٽيل هڪ جهور پوڙهي هاري کان پڇيو تہ

خوشحالي ڇا آهي؟

محرومي ڇا آهي؟

.............

ذهن جي پردن تي اجڙيل قبرون اڀري اچن ٿيون

جمهوريت جا قصيدا ڪنن ۾ وڏا وجن ٿا

پر اهي ريڊيءِ ميڊ قميص جيان اسان جي جسم تي صحيح نٿا ٻيهن.

نام ديو ڏاسيل ۽ ان جي دلت پينٿر جو مقصد هو ته دلتن جي مسئلن ڪي حل ڪرڻ ۽ دلتن جي زندگين ڪي تبديل ڪرڻ لاءِ هڪ مڪمل انقلاب جي ضرورت آهي. هزارين سالن جون محروميون ۽ تضاد صرف اپيلن ۽ درخواستن سان ناهن بدلبا. ان لاءِ انهي پسماندگي مان نڪرڻ لاءِ دلتن ڪي سياسي، معاشي ۽ ثقافتي جدوجهد ڪرڻي پوندي. نام ديو ڏاسيل جي شاعري جو ترجمو آفريڪي زبانن ۾ بہ ٿيو آهي. ننڍي کنڊ جي دلتن کان سواءِ نام ديو جيپسين، آفريڪا ۽ آمريڪا ۾ آباد ڪاري چمڙي وارن ۾ پڻ بيحد مقبول آهي. نام ديو ڏاسيل جي شاعري ۾ نہ رڳو احتجاج ۽ بغاوت آهي پر ان جي شاعري ۾ سچ جو ابدي جذبو پڻ آهي. جيتوڻيڪ نام ديو ڏاسيل اڄ اسان جي درميان ناهي رهيو پر هو پنهنجا هزارين انقلابي گيت ڇڏي ويو جيڪي مظلوم ماڻهن لاءِ اتساهہ جو سبب هوندا .

# گانڌي کي ڇو قتل ڪيو ويو؟

جيتوڻيڪ اڄ برصغير گانڌي جي سحر کان آجو ٿي چڪو آهي پر پوءِ بہ گانڌي جي شخصيت ڪيترن ئي ”مقدس“ غلافن سان ويڙهيل آهي ۽ ان جو حقيقي چهرو اڄ بہ عام ماڻهو کان اوجهل آهي. ڇا گانڌي انقلابي اڳواڻ هو؟ ڇا گانڌي سيڪيولر ۽ لبرل هندستاني قومپرست هو؟ ڇا گانڌي هندو بنياد پرست اڳواڻ هو؟ ڇا گانڌي انهن سڀني سوالن کان مٿي هڪ ”عظيم مهاتما“ يا روحاني شخصيت هو؟ يا اجا ٻيو ڪجھ هو؟

اهي سوال ان جي قتل ٿيڻ بعد ڪئي ڏهاڪن جي تحقيق کان پوءِ هڪ اهم موضوع بڻجي ويا آهن. اها حقيقت آهي تہ گانڌي انڊيا جي سياست ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو، پر هتي اهو بہ سوال اڀري ٿو تہ ڇا گانڌي جو اهو ڪردار مثبت بہ هو يا هو برطانوي سامراج ۽ برهمڻن جي هٿ ۾ ڪيڏوڻو بڻجي استعمال ٿيندو رهيو.

گانڌي جي پوري سياسي زندگي هڪ طرح جي سياسي چالبازين سان ڀرپور آهي. مسلمان اڳواڻن کان سواءِ ڪاٻي ڌر جا رهنما ۽ امبيڊڪر جا دلت پيروڪار شروع کان وٺي گانڌي جا سخت مخالف رهيا آهن ۽ اڄ تائين انهن جي صفن ۾ گانڌي بابت انتهائي مخالفت ڏٺي وڃي ٿي جڏهن تہ ”هندو“ حلقي جي اوچ جاتين لاءِ گانڌي هڪ مهاتما ۽ ديوتا جو درجو رکي ٿو.

گانڌي ڪڏهن بہ مظلوم طبقن جي حمايت ناهي ڪئي، گانڌي شهيد ڀڳت سنگھ جهڙن انقلابين جي برطانوي سامراج هٿان قتل ٿيڻ کي خاموشي سان ڏسندو رهيو. گانڌي بابت تاريخي ثبوتن جي روشني ۾ اهو بہ چئي نٿو سگهجي تہ هو هڪ هندستاني قومپرست هو جيڪو مذهب ۽ نسل کان بالاتر ٿي هڪ گڏيل هندستان جي قيام لاءِ جاکوڙ ڪئي. گانڌي جي سياست اصل ۾ برهمڻ طبقي يا هندو اشرافيہ جي مفادن لاءِ جدوجهد هئي ۽ ان مقصد لاءِ هن اڇوتن سميت هندستان جي پڻ قرباني ڏني. گانڌي جي مهاتما يا روحاني شخصيت هئڻ واري پهلو بابت بہ ڪافي سوال پيدا ٿين ٿا. گانڌي جي سموري سياست صرف ڏيکاءُ وارن طريقن تي ٻڌل آهي. هڪ طرف هو پاڻ کي اڇوتن جو همدرد سمجهندو هو تہ ساڳئي وقت اڇوتن جي جائز حقن خلاف مرڻ گهڙي تائين ورت رکي پونا پئڪٽ ذريعي اڇوتن کي سندن جائز حقن کان بہ محروم ڪيو هئائين. گانڌي اڇوتن کي هريجن جهڙو هڪ اعتراض جوڳو لقب ڏنو هو. گانڌي پنهنجي ڪتاب ۾ ذات پات جي ورهاست جي حمايت ڪئي ۽ آخر ۾ ڏيکاءُ خاطر ان جي مخالفت ڪندو رهيو.

جيڪو بہ گانڌي جي سحر ۾ گرفتار آهي ان وٽ گانڌي جي باري ۾ صرف هڪ عقيدت ۽ ڏيکاءُ جي ڪجھ واقعن کان سواءِ ٻيو ڪجھ ٻڌائڻ لاءِ ناهي هوندو. ولايت ۾ وڃي ٻڪري جو کير پيئڻ، ٽرڊ ڪلاس ۾ سفر ڪرڻ، مختلف موقعن تي ورت رکڻ، ڀنگين جي بستين ۾ رهڻ ۽ عدم تشدد جو پرچار ئي گانڌي جي ڪارنامن ۾ شامل ڪيا وڃن ٿا. حقيقت ۾ گانڌي هڪ سياسي جادوگر هو جنهن برصغير کي هڪ انتهائي اهم موڙ تي انقلاب کان پري رکڻ ۾ پنهنجو رد انقلابي ڪردار ادا ڪيو. ان وقت جي سياسي صورتحال موجب گانڌي هڪ ئي وقت برطانوي سامراج ۽ انڊيا جي برهمڻ طبقي جي مفادن جي حفاظت ڪندو رهيو. گانڌي بابت ڪافي وڏائي چاڙهي پيش ڪيو ويندو آهي. گانڌي جي سياست وانگر ان جو موت پڻ اڄ تائين هڪ معمو بڻيل آهي. گانڌي اندروني طور ورهاڱي جو حامي هو. گانڌي کي خبر هئي تہ ننڍي کنڊ جا حڪمران طبقا (برهمڻ اشرافيہ ۽ مسلم

اشرافيہ) هر صورت ۾ ورهاڱو چاهين ٿا. گڏيل هندستان ۾ عوام جي بغاوت جا وڏا امڪان موجود هئا جيڪا ان وقت جي حالتن تحت پوري نندي ڪنڊ کي انقلاب جي زد ۾ آڻي ها ۽ ان جا بين القوامي اثر پڻ پون ها. صرف ورهاڱي جي صورت ۾ عوام جي اجتماعي اڀار آڏو ڪامياب بند ٻڌجي سگهيو ٿي. جيئن تہ گانڌي هندو اشرافيہ جي نمائنده ڪانگريس جو اڳواڻ هو انڪري هن اندروني طور ورهاڱي جي حمايت ڪئي. لارڊ مائونٽ بيٽن جڏهن ورهاڱي جو رستو هموار ڪرڻ لاءِ مسلم ليگي اڳواڻن کي پاڪستان ناهڻ جي يقين دهاني ڪرائي هئي تہ ساڳئي وقت هن ڪانگريس جي ٻن اهم اڳواڻن يعني سردار پٽيل ۽ نهرو کي پڻ ورهاڱي بابت اعتماد ۾ وٺي سندن حمايت حاصل ڪئي. سردار پٽيل ۽ نهرو وٽ ورهاڱي جي حمايت ڪرڻ لاءِ پنهنجو پنهنجو مفاد ۽ منطق هو. ڪانگريس ۾ ضعيف گانڌي کان پوءِ سردار پٽيل ئي ڪانگريس جو اهم اڳواڻ هو. جڏهن تہ نهرو کي برهمڻ طبقي جي ڀرپور حمايت هئي ۽ ورهاڱي کان پوءِ اقتدار برهمڻ طبقي کي ئي منتقل ٿيڻو هو. چيو وڃي ٿو تہ برطانوي حڪومت ورهاڱي لاءِ ڀهريائين اهو تسليم ڪيو تہ اقتدار جي منتقلي ٽن حصيدارن ۾ ڪئي ويندي، اهي حصيدار هئا هندو، مسلمان ۽ دلت (شيڊيولڊ ڪاسٽ). پر گانڌي ۽ ڪانگريس جي پوري ڪوشش هئي تہ دلتن کي حقن کان محروم رکيو وڃي. اهو ئي سبب هو جو هندو اڪثريت ظاهر ڪرڻ لاءِ تاريخ ۾ پهريون دفعو اڇوتن کي هندو قرار ڏنو ويو. گانڌي هڪ چال ڪيڏندي پونا پيڪٽ ذريعي دلتن کي الڳ ووٽ جي حق کان محروم ڪيو ۽ نام نهاد مرن ورت جو ڊرامو ڪيائين. لارڊ مائونٽ بيٽن وٽ بہ گانڌي دلتن جي حصي رد ڪرڻ جي صورت ۾ پاڪستان جي حمايت ڪرڻ جي سوديبازي تي راضي ٿيو. ان مان اهو ثابت ٿيو تہ گانڌي پاڪستان جي حمايت ڪئي پر صدين کان جبر ۽ اڻبرابري جي شڪار دلتن کي حصو ڏيڻ جي حق ۾ نہ هو. گانڌي جي "عظمت" کي بيان ڪندي اسان جا ڪافي سادا دوست ان جي ريل جي ٿرڊ ڪلاس ۾ سفر ڪرڻ، ڀنگين جي بستين ۾ رهڻ کي عظيم ڪارنامو قرار ڏين ٿا جڏهن تہ اهو اصل ۾ ڊاڪٽر ڀيم رائو امبيڊڪر جي دلت تحريڪ کي ناڪام بنائڻ جو هڪ حربو هو جيڪو گانڌي خوش اسلوبي سان سرانجام ڏنو. سروجني نائيڊو بہ هڪ هنڌ چيو هو تہ گانڌي جي ان ڏيکاءُ واري سياست تي اسان کي تمام گهڻو خرچ ڪرڻو پوي ٿو. ڀنگين جون بستيون ڀنگين کان خالي ڪرائي ان ۾ اوچ جاتي وارن کي اڇوتن وارو لباس پارائي گانڌي سان گڏ رهايو وڃي ٿو ۽ ريل گاڏي جي ٿرڊ ڪلاس ڊٻن کي فرسٽ ڪلاس سهولتين سان آراستہ ڪري ڪانگريسي ڪارڪنن کي غريب مسافرن جهڙو لباس پارايو ويندو هو.

ورهاڱي وقت دلت طبقي جي جائز انساني، سماجي، معاشي ۽ سياسي حقن ۽ اقتدار ۾ آبادي جي تناسب سان نمائندگي واري حق کان ڪانگريس تمام خوفزده هئي. اوچ جاتي جي حڪمران طبقي کي خوف هو تہ امبيڊڪر جي قيادت ۾ هزارين سالن کان غلام بڻايل اڇوت آزاد ٿي برابري جي گهر ڪندا. انڪري گانڌي پنهنجي مخصوص چال ڪيڏيندي ورهاڱي ۽ هندو مسلم تفاوت کي گهرو ڪرڻ جي ڪانگريسي حڪمت عملي تي عمل ڪندو رهيو. برطانيہ جي طاقتور ترين اڳواڻ چرچل ورهاڱي جي وقت کي ياد ڪندي هڪ دفعي پنهنجي انٽرويو ۾ چيو هو تہ ورهاڱي جي سوديبازي دوران اڇوتن کي جائز حقن کان محروم رکڻ لاءِ گانڌي ورهاڱي جي حمايت ڪرڻ تي راضي ٿيو. ليبر پارٽي جي حڪومت آخر ۾ اڇوتن جي اڳواڻ ڊاڪٽر ڀيم رائو امبيڊڪر کي گهرائي اهو اطلاع ڏنو تہ ورهاڱي واري مرحلي ۾ اڇوتن جي حقن جو ڪو بہ ذڪر ناهي ۽ اهو اطلاع ملندي ئي ڊاڪٽر ڀيم رائو امبيڊڪر برطانيہ وڃي ليبر پارٽي جي وزير اعظم ايٽلي سان مليو جنهن اهو عذر ڏنو تہ اسان لارڊ مائونٽ بيٽن جي معاملن ۾ ڪو بہ دخل ڏئي نٿا سگهون ۽ ان کان پوءِ ڊاڪٽر

امبيڊڪر ان وقت جي مخالف ڌر جي اڳواڻ چرچل سان ملاقات ڪئي جنهن اڇوتن جي حمايت ڪئي ۽ پنهنجي مشهور زمانه خطاب (جيڪو ريڪارڊ جو حصو آهي) ۾ ليبر پارٽي جي وزير اعظم گريمينڊ ايٽلي کي مخاطب ٿيندي اهو مشهور جملو چيو ته ”اي مسٽر ايٽلي! تون ڪنهن کي اقتدار سونپي رهيو آهين؟ اهي پنڊاري، مداري ۽ غاصب آهن جن کي تون اقتدار جو واڳون ڏئي رهيو آهين.“

گانڌي جو برهمڻ نواز ڪردار:

اهو به هڪ معمو آهي ته ”سيڪيولر ۽ لبرل انڊيا“ جو باني هڪ مذهبي پيشوا يا مهاتما هو. گانڌي جي سياست جو محور برهمڻ ازم هئي اهو ئي سبب هو جو گانڌي اڇوتن جي حقن جي مخالفت ڪئي، هندو مسلمان جي رتوڇاڻ تي ٻڌل ورهاڱي جي اندروني طور حمايت ڪيائين، گانڌي پنهنجي پوري زندگي هڪ سنت يا مذهبي پيشوا جي طرز تي گذاري. جڏهن اها ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ته گانڌي برهمڻ ازم جو حامي هو ته هڪ تمام اهم ۽ دلچسپ سوال ڪر کڻي ٿو ته جيڪڏهن گانڌي واقعي برهمڻ ازم جو حمايتي هو ته پوءِ ان کي هڪ برهمڻ نٿو رام گوڊسي چو گولي هنئي؟ ان سوال جو جواب ڳولڻ لاءِ اسان کي ان زماني جي تناظر ۾ وڃڻو پوندو جنهن وقت گوڊسي، گانڌي کي گولي هنئي ۽ اها حقيقت به نه وسارڻ گهرجي ته گانڌي جي زندگي تي برهمڻن جو اهو پهريون حملو نه هو پر انگريزن جي دور ۾ پڻ برهمڻن به دفعا گانڌي کي قتل ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش پڻ ڪئي هئي. اها پڻ حقيقت آهي ته ڪٽر برهمڻ وادي ڪانگريسي اڳواڻ بال گنگا ڌر تلڪ ڪڏهن به گانڌي کي پنهنجو اڳواڻ تسليم نه ڪيو.

ورهاڱو ۽ گانڌي جو قتل:

هڪ وڏي هاءِ پروفائيل قتل وانگر گانڌي جي قتل جا به ڪئي رخ آهن. گانڌي جي قتل جو هڪ اهم سبب انڊيا ۾ ذات پات جو عنصر پڻ آهي. گانڌي ذات پات جي نظام ۾ شودرن کان صرف هڪ ڏاڪو اڳيان هو يعني هو وئيش طبقي سان واسطو رکندو هو ۽ سماج ۾ ان جي ٽئين درجي جي حيثيت هئي. گانڌي جي بي پناهه مقبوليت ۽ انڊيا جي ماڻهن تي جادو جهڙو سحر هئڻ ڪري اهو اڌ اگهاڙو شخص انڊيا جي سماج تي بي پناهه اثر رکندو هو ۽ ان جي ڪري واڻيا برادري سياست ۽ معيشيت ۾ انڊيا جو هر اول دستو ٿي اڀرڻ لڳي، اها ڳالهه برهمڻن لاءِ ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول نه هئي. برهمڻ طبقو واڻين جي ڪردار کي محدود ڪرڻ چاهيندو هو. ان کان سواءِ ٻيو هڪ اهم پهلو اهو به آهي ته ورهاڱي کان پوءِ هڪ طرف لڱ ڏاريندڙ انساني الميا رونما ٿيڻ لڳا ۽ هر طرف اهو ئي بحث هو ته ورهاڱو چو ٿيو؟ مجموعي طور اهو ورهاڱو برصغير جي اڪثر ماڻهن لاءِ مصيبت جو سامان کڻي آيو. ورهاڱي جي انهي تلخ ياد کي پس منظر ۾ وجهڻ لاءِ هڪ ٻي اهڙي واقعي جي ضرورت پيدا ٿي جو ماڻهن جو ڌيان ورهاڱي کان هٽي ٻي طرف هليو وڃي. ان لاءِ انڊيا جي اصل قوتن گانڌي کي قربان ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو. گانڌي جي قتل کان پوءِ پوري انڊيا ۾ ورهاڱي جي بحث جي جاءِ تي اهو بحث اٿڻ لڳو ته ”گانڌي کي چو قتل ڪيو ويو؟“

گانڌي جي قتل دوران ان جي هڪ پراڻي حريف سردار پٽيل جو ڪردار به اهم هو. سردار پٽيل کي گانڌي وزير اعظم بڻجڻ کان روڪيو هو. ان وقت سردار پٽيل کي ڪانگريس ۾ نهرو کان وڌيڪ حمايت حاصل هئي ۽ سردار پٽيل جو واسطو اوچ جاتي جي غير برهمڻ ذات سان هو. گانڌي جي قتل دوران سردار پٽيل انڊيا جو ڊپٽي وزير اعظم ۽ گهرو وزير هو. گانڌي جي قتل تي سپريم ڪورٽ جي هڪ جج جي اڳواڻي ۾ انڪوائري ڪاميٽي جڏهن سردار پٽيل کان پڇيو ته ”توهان کي گانڌي جي زندگي بابت سازش ۽ خطري جو

جڏهن اڳوات اطلاع به مليو هو ته پوءِ توهان ان جي سيڪيورٽي لاءِ ڪهڙا انتظام ڪيا؟“
ان سوال جو سردار پٽيل تحقيقاتي ڪاميٽي کي ڪوبه جواب نه ڏنو.

ناگپور جي ممتاز صحافي فڊن ويس پنهنجي مراٺي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته هن جي خيال ۾ سردار پٽيل ضرور ايئن ڪيو هوندو چاڪاڻ ته گانڌي سردار پٽيل سان ڌوڪو ڪيو هو ۽ جڏهن سردار پٽيل کي موقعو مليو ته هو به سڀ ڪجهه ڄاڻيندي خاموش رهيو ۽ اهڙي ريت انڊيا جو جادوگر جو پنهنجي آقائن جي هٿان ئي المناڪ انجام ٿيو.

هاءِ رام:

گانڌي جي سماڌي تي ”مهان سماجوادي“ وزير اعظم نهرو هاءِ رام لکايو، چاڪاڻ ته گانڌي گولي لڳڻ کان پوءِ ”هاءِ رام“ چئي پنهنجا پراڻ تياڳيا، 2008ع ۾ هڪ جهوني ڪانگريسي اڳواڻ دعويٰ ڪئي ته هو گانڌي جي قتل وقت ان جي بغل ۾ هو ۽ هن کي ياد آهي ته گانڌي جي ”هاءِ رام“ نه چيو هو. اها به هڪ ڪانگريسي چال آهي ، جيڪڏهن گانڌي هاءِ رام نه چيو هو ته هو ان وقت خاموش ڪيئن رهيو ۽ پنجاهه سالن کان پوءِ ان کي اها ڳالهه اوچتو ڪيئن ياد آئي؟ جڏهن ته حقيقت اها آهي ته ان وقت ڪانگريس جو ڪردار مذهبي هو ۽ موجوده دور ۾ پاڻ کي سيڪيولرازم جو علمبردار بڻائي رکيو آهي، ان ڪري گانڌي سان هن وقت ۾ ”رام“ ڳنڍڻ ڪانگريس لاءِ نا مناسب لڳي رهيو آهي ته هاڻ وري گانڌي کي سيڪيولر بنائڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن. هن وقت گانڌي جو سحر پنهنجو اثر وڃائي چڪو آهي. دلتن جو تضاد جيئن جو تيئن موجود آهي. امبيڊڪر جا پيروڪار پڻ اڳ کان وڌيڪ مضبوط بڻجي رهيا آهن ۽ سردار پٽيل جهڙن غير برهمڻ حڪمران طبقي جي عنصرن جو پڻ مختلف وقتن تي ڪڏهن شرد پوار ته وري ڪڏهن وشونات پرتاب سنگهه يا بي پي منڊل ڪميشن جي صورت ۾ اپار ٿيندو رهي ٿو. گانڌي جي ڪردار تي ڊڪيل ململ ۽ زري جي مقدس غلافن جي حالت رحم جوڳي آهي. انڊيا تاريخ مان ڪافي سبق سکي چڪو آهي، انا هزاري ۽ ڪجريوال جون گانڌي واريون چالون عارضي طور ماڻهن کي منجهائي سگهن ٿيون پر هاڻ شايد ئي انڊيا تي گانڌي جو سحر اڳ وانگر ايترو اثر رکي.

# چور ڇا ڇا ڇڏي ويو آهي؟

جاپان جي لوڪ شاعري ۾ چور بابت هڪ تمام بهترين لوڪ گيت آهي جنهن ۾ چيل آهي تہ چور ڇا ڇا ڇڏي ويو آهي؟ اجا اگڻ ۾ چندبہ موجود آهي، وٽن تي ماڪ جا ڦڙا بہ هو ساڻ ڪٽي ڪونہ ويو، هوائن جا ٿڌڙا جهوٽا بہ لڳن پيا، چور ڪيڏو نہ بيوقوف هو جو ايتري بي بها ملڪيت ڇڏي صرف ڪجھ سڪا ئي ڪٽي وجي ٿو ! اها ساڳي روئداد اسان جي پياري ياءُ ارشاد سان بہ ڪلھ پيش آئي هئي، چور صرف موٽر سائيڪل، موبائيل ۽ پرس ئي ڪٽي ويا، مون کي يقين آهي تہ ڪيسي ۾ هنن ٻتونءَ ۽ موبائيل ڪڍيو هوندو ۽ ان دوران پنج روپئي واري بال پين انهن جي پيرن ۾ پٽ تي ڪري پئي هوندي جنهن کي اهي اتي ئي ڇڏي ويا هوندا ۽ اسان وارو همراھ مايوسي ۽ حيرانگي مان اها پين آهستي کڻي پنهنجي ڪيسي ۾ وجهي هن رحم جوڳي رياست جي محافظن وٽ انصاف لاءِ عرض ڪرڻ ويو. مگر عوام کي انصاف ۽ امن امان قائم ڪرڻ وارن رياستي ادارن جي حالت بہ ساڳي مون جهڙي آهي جن متاثر کي اهو عذر ڏنو تہ بابا اسان جي موبائيل فون ۾ بئلينس ناهي.

جيئن اسان جي ٿاڻن ۾ جڏهن ڪو ماڻهو پوليس وٽ دانهيندو آهي تہ ان کان سپ کان پهريائين سفيد پنن جو بنڊل گهرايو ويندو آهي جن تي ايف آءِ آر داخل ڪئي ويندي آهي پوءِ ان کي خرچ پاڻي لاءِ في جي مد ۾ 500 روپيا گهريا ويندا آهن ۽ آخر ۾ موبائيل جي تيل لاءِ بہ صوبيدار عاجزي سان سوال ڪندو تہ جيئن ويچاري پوليس سڀوري انهي کي انصاف ڏيڻ واسطي تفتيش ڪري سگهي. جڏهن متاثر ڌر اجا ٿاڻي جي در مان ٻاهر ئي نڪرندي تہ پوءِ در تي بيٺل سپاهي بلڪل ٻڙهن وانگر ان کان تفصيل وٺندا ۽ گهٽ ۾ گهٽ چانھ جي لاءِ 50 روپئي جي صدا ضرور هڻندا.

توڙي جو صحافي بہ عام ماڻهو آهن پر پوءِ بہ ان کان پوليس ڪجھ لنوائي ٿي. اهو بہ ممڪن آهي تہ ارشاد لغاري سان ٿيل ان واقعي جو ازالو ٿي بہ وجي ڇو تہ پوليس کي بلڪل خبر هوندي آهي تہ هن کي ان علائقي جي اصل بادشاهي ڪنهن چور ۽ پاٿاريدار وٽ آهي ۽ پوليس هاڻ انهن وٽ انتهائي عاجزي ۽ منٿ ميڙ واري طريقي سان ٻاجهائي اها موٽر سائيڪل واپس ڪرائڻ ۾ ڪامياب بہ ٿي سگهي ٿي. اسان اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ هن سماج ۾ عام ماڻهو سان ڪهڙي حالت هوندي؟ اهو عام ماڻهو جنهن جي دانهن ٻڌڻ وارو هتي ڪير بہ ناهي. پوليس انهن کي ڌڪا ڏئي ٿاڻي مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن متاثرن کي لاڪپ بہ ڪري ڇڏيندي آهي تہ انهن کي ڪيئن جرئت ٿي جو اهي ٿاڻي ۾ فرياد داخل ڪرائڻ لاءِ پهتا آهن.

هن سماج ۾ وڏا چور ۽ لٽيرا قانون جي پهچ کان مٿيرا آهن. حڪومت ئي چورن جي آهي، نظام بہ چورن کي تحفظ ڏئي ٿو. هر ماڻهو ڄاڻي ٿو تہ هن علائقي ۾ اهي ماڻهو يا ٽولا سماج لاءِ ناسور بڻيل آهن پر اهي اسان جا اڳواڻ ئي آهن جن اهڙن غنڊن کي پالي رکيو آهي ۽ اهي سندن هر ماڻا ۽ ارڏايون برداشت ڪري رهيا آهن. انهن کي اجازت آهي تہ اهي

پلي ڪنهن غريب جي عزت ۾ هٿ وجهن يا ڪنهن مسڪين جي مختصر ملڪيت تي هٿ صاف ڪن، اسان جي رياست ان لاءِ ڪجهه بہ نٿي ڪري سگهي. انهن وٽ موبائيل فون جو بئلينس ئي ناهي ۽ نہ ئي پيٽرول آهي. هن وقت اسان جا عوامي اڳواڻ توڙي قومي سرواڻ عوام کي آزاريندڙ سماج دشمن عنصرن جا پرجهلا ٿي بيٺا آهن مجال آهي جو ڪو ڏوهاري ۾ هٿ وجهڻ جي همت بہ ڪري. هتي ڳوٺ، شهر، علائقا انهن کي ورهائي ڏنل آهن. اهي هر هنڌ ايڏا "با اثر" پڻ آهن جو سڌي ريت ماڻهن کان غنڊا ٽيڪس اوڳاڙين ٿا. سپر هاءِ وي تي هڪ وڏو حويلي نما ورڪشاپ موجود آهي جتي بہ الڳ الڳ سياسي ڌرين جا جهنڊا لڳل آهن ۽ ان ۾ هر قسم جي چوري ٿيل گاڏين جا پرزا ۽ انجڻ وغيره سر عام ملن ٿا. ڇا پوليس ان کان بي خبر آهي ؟ پوليس جي ڪا بہ همت ناهي تہ هر هنڌ موجود اهڙن نڪاٽن کي ٻنجو ڏئي سگهي.

وڏو الميو اهو آهي تہ اسان جي حقن لاءِ سرواڻي جي دعويٰ ڪندڙ اهڙي ڪڌي ۽ سماج دشمن ڪم ۾ ملوث آهن. هي سماج هاڻي هر ماڻهو کي مافيا ڏانهن مائل ڪري رهيو آهي ۽ سنڌ جي اڪثر وڏن شهرن ۾ ماڻهن جي مجبوري ٿي وئي آهي تہ هو ڪنهن نہ ڪنهن مافيا سان لازمي واسطو رکن نہ تہ نڌڪا ٿي ماريا ويندا ۽ ڳوٺن ۾ وري وڏيرن جي بادشاهي قائم آهي. اسان پيڙهيل طبقي سان واسطو رکندي چڪي طرح اهو احساس ڪري سگهون ٿا تہ عوام دشمن گروهن جي اها ڪاروائي غريب ماڻهن لاءِ ڪيڏو نہ عذاب آڻيندي آهي. ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪنهن مسڪين جي ٻڪري چوري ٿي ويندي آهي تہ پوءِ ان جا معصوم ٻار سليماني چانهہ جا ڍڪ ڪيئن نہ ڳٽندي ڳٽندي پنهنجي اندر ۾ اوتيندا آهن. غريبن لاءِ هڪ ٻڪري، هڪ موٽر سائيڪل، ڪو رڪشو، ٽيڪسي، ڏڳي يا مينهن انهن جي روزي جو ذريعو پڻ آهي تہ سڪون جو سامان پڻ. جيڪڏهن انهن کان اها ئي ڦرجي وڃي تہ پوءِ مسڪين ماروئڙن وٽ بيو ڇا وڃي بچي ٿو؟ ها اڱڻ ۾ چنڊ، ماڪ ڦڙا، ٿڌڙين هوائن جا جهونڪا، سج جي چمڪندڙ روشني، ڇيڳرا بادل، ٽمڪندڙ تارا ۽ موتين جهڙا لڙڪ ..........

سر وم دکم دکم

# اي محبوب ! مون کان هاڻ اها "پهرين محبت" نه گهرجان ......

محبت اهو لازوال جذبو آهي جيڪو ڪنهن هڪ ڏينهن لاءِ مخصوص ڪري نٿو سگهجي. محبت ته هر دم دلين ۾ زنده رهندي آهي جنهن لاءِ ڪو هڪ ڏينهن ڪا معنيٰ نٿو رکي. محبت لاءِ ته اها سچي عمر به ڪا ڳالهه ناهي.

زندگي بهر کا پئمان وفا باندها تو کيا،

عمر کو بهي نه هي پائيداري هائي هائي. (غالب)

اڄوڪو ڏينهن ته بيشڪ محبتن سان منسوب آهي پر محبتون به ڪو تماشو ناهن جيڪو صرف ڏيکاءُ لاءِ ملهائجن، محبت جو رشتو ته رت جا ريج ڏئي به ملهايو ويندو آهي. جيڪڏهن اڄوڪو ڏينهن محبت جو عالمي ڏينهن آهي ته پوءِ باقي ڏينهن ڇا لاءِ آهن؟ اسان جي خيال ۾ زندگي جو مقصد ئي محبت آهي. ويلنٽائين جي ڏينهن تي جڏهن ڪي صاحبِ حيثيت ماڻهو پارٽيون ملهائي اسان غريبن جي محبت جو مذاق اڏائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هوندا ته پوءِ اسان کي ساحر لڌيانوي جو اهو شعر اندر ۾ پوري طرح تير وانگي چيڀ لڳندو ته "ايک شهنشاهه ني دولت کا سهارا لي کر هم غريبون کي محبت کا اڑايا هي مذاق". محبتن لاءِ صرف اڄوڪو ڏينهن ئي منسوب ڇو هجي؟ محبت جهڙي آفاقي جذبي جي ترجماني لاءِ ڪنهن شهنشاهه جو نهرايل يادگار ئي ڇو انهي پويتر جذبي جي ترجماني ڪري؟. نه اهو ڪڏهن به محبتن جو مرڪز نٿو بڻجي سگهي. محبت ته انهن به ڪئي هوندي جن جي قبرن تي ڪي به گبنذ ناهن. اخبارن ذريعي جڏهن اسان کي خبر به پڙهڻ لاءِ ملي ته محبتن جي سفيرن محمد رفيع ۽ ساحر لڌيانوي جون قبرون به هن سرمائي جي دور ۾ "مسواڙ" نه ملڻ جي ڪري مسمار ڪيون ويون ته انهيءَ خبر ساحر لڌيانوي جي ان شعر کي ڪيترو نه صحيح ثابت ڪيو ته "دولت جو سهارو وٺي محبتن جا مذاق ئي اڏائي سگهجن ٿا". اهو مذاق اڄ به اسان غريبن سان ڪيو ويندو ۽ وڏي پئماني تي. پارٽيون هونديون، مصنوعي مرڪ سان سينگاريل ۽ تراشيل چهرا هوندا، محبت جهڙي ڪائناتي جذبي سان پرپور مذاق جهڙيون اداڪاريون ٿينديون ته ٻئي طرف وري محبتن جي ويري قوتن طرفان محبت سان ازلي دشمني وارن جنوني جذبن جو ورجاءُ ڪيو ويندو ۽ اهڙي ريت اهو ڏينهن به گذري ويندو.

اڄ اسين محبتن بابت صرف ڏيکاءُ واري ان ڏهاڙي تي ڳالهائڻ کان پوءِ محبت جي حقيقي تشريح ڪرڻ جي به ڪوشش ڪنداسين. جڏهن به اسان "محبت" تي ڪجهه لکڻ لاءِ پر ساهيا ته اسان اهو به محسوس ڪيو ته قلم اسان کي دغا ڏيڻ شروع ڪري ٿو ۽ زبان به جواب ڏئي ڇڏي ٿي پر پوءِ به اسان "محبت پائي من ۾ رندا روڙڻ" جي ڪوشش ضرور ڪري رهيا آهيون. اسان وٽ محبت کي هڪ طرف "حوس" ۽ "نفساني تسڪين" جهڙن جبلتن سان پيٽي ان جي پرپور توهين ڪئي ويندي آهي ته ٻي طرف ان کي دولت جي ايوانن ۾ مذاق جو نشانو بڻايو ويندو آهي ته ڪٿي وري ان کي صرف ٻن انسانن جي پويتر جذبن تائين محدود ڪيو ويندو آهي. محبت جون ته ڪي به سرحدون ناهن، محبت ته پنهنجي ديس سان ڪري سگهجي ٿي، محبت ته انهي آدرش سان به ڪئي ويندي آهي جنهن ۾ ڪيترن ئي

اجهاميل چلهن ۾ باهه جي روشني جا خواب روشن هوندا آهن. جڏهن ڪنهن آدرشي پانڌيئڙي ”محبت“ جي صحيح تشريح سمجهي ورتي تڏهن ان انتهائي پيار ۽ سچائي جي جذبن سان پنهنجي محبوب کي ڳلي سان لڳائيندي ان کي اهو عرض ڪيو ته ”اي منهنجا محبوب مون کان هاڻ اها پهرين محبت نه گهرجان !“ فيض احمد فيض جي انهي شعر اسان کي محبت جي اصل معني سمجهائي ڇڏي آهي. اهو محبوب جنهن هميشه پنهنجي مطلوب کي ڪل ڪائنات ئي سمجهي رکيو هو، ان کي پورو يقين هو ته ان جي محبوب جي ئي وجود سان هي ڪائنات درخشان آهي ۽ هن جي غم جي اڳيان دنيا جا غم ڪا معني نه پيا رکن. محبوب جي صورت ئي بهارن جو ثبوت هئي ۽ هي سموري دنيا تنهنجي اکين جي ساگر ۾ سمائجي پئي وئي پر حقيقت ۾ ايئن نه هو. هن کي اهو به اعتراف ڪرڻو پيو ته هن جيڪي پنهنجي ”پهرين محبت“ ۾ محبوب سان ”وصل“ کي تقدير جي ”نگون“ ٽيڻ سان تشبيهه ڏني هئي ته اها ڪيتري نه وڏي حماقت هئي. اسان جي بزرگن مجاز جي رومال ۾ ويڙهي اسان کي حقيقت جا جيڪي رمز سمجهايا هئا اهي ته اسين ڪڏهن به سمجهي ناهيون سگهيا پر هن وقت جبر ۽ ستم جي دور ۾ ريتي رت ۾ رڱيل ڳڀروئن جا لاش ڪٽي ۽ بيوس مائرن جي اجڙيل جهولين ۾ وهايل موتين جهڙن لڙڪن کي ڏسي اها ”پهرين محبت“ به ان وسيع محبت جي سمنڊ ۾ سمائجي وڃي ٿي ۽ مجاز جي محبت کي بس اهو ئي چوڻ لاءِ رهجي وڃي ٿو ته ”اي پرين ! تون مون کان هاڻي اها ”پهرين محبت“ نه گهرجان“. هي اهو دور آهي جتي ذرتي کي به چمي اڌ ۾ رهجي وڃي ٿي ته پوءِ محبوب جي رخسارن کي چپن سان لائڻ جو وقت ئي ڪٿي آهي؟ مجاز جي محبت کان به ڪو انڪار ناهي جنهن جي فراق ۾ تنهائيون ۽ تشنگيون به ڪنهن سرمائي کان گهٽ ناهن هونديون ۽ ان ڪپر جي ڪاڌلن کي ئي خبر هوندي آهي ته هر ڪس ۽ ناڪس کي ته ان جي محبوب جو غم به عطا ناهي ٿيندو پر جڏهن ڪارونجهر جهڙو ارڏو ڏونگر به بيوسي جو ڏيک ڏئي پنهنجي چوٽي ۾ پوڪيل ڪنهن روهيڙي جي رتي گل کي سانوٽي جي ڪنهن برساتي ناو ۾ وهائي اهو نياپو پهچائي ته ”بس ! روهيڙي جي هن ريٽي گل کي منهنجي اکين جو ڪو لڙڪ سمجهجو“ ته پوءِ ”پهرين محبت“ جي ڪا معنيٰ ئي نٿي رهي. جڏهن ڪينجهر جو مغرور حسن نوريءَ، کان به وڌيڪ نماڻائي ۽ نيازمندي سان صرف خاموش حسرت سان تڪي ته پوءِ ان جي خاموشي ڪيترن ئي عاشقن جي ڪنن جا پردا ڦاڙي ڇڏيندي آهي ۽ هر ڪاڪل جي قيدي کي قيد خانن جي ڪشش ڇڪي ويندي آهي.

محبتن جا پانڌي پوءِ پنهنجي سفر ڏانهن سانباهو ڪن ٿا ۽ قيد خانن ، اذيت گهرن جي اونداهين کولين ۾ جڏهن ڪنهن نذير جو ڇچريل جسم آخري ڦٿڪو ڪائي رهيو هوندو آهي ته ان وقت محبت جون ڪئي چوليون ان جي اکين ۾ چلڻ لڳنديون آهن. جن کي اتي بيٺل اهي بي جان مشيني پرزا ڪڏهن به سمجهي ناهن سگهندا جيڪي انسانيت جي هر قدر کان عاري هوندا آهن ۽ اهو سمجهندا آهن ته اسان محبت جا ”نشان“ ختم ڪري ڇڏيا آهن پر ڪين ڪهڙي خبر ته انهن مسخ شده محبت جي پانڌيئڙن پنهنجي جان ڏئي وقت سان گڏ وير ۽ واءُ تي پڻ اهي نشان نصب ڪري ڇڏيا جن کي ڪير به ڊاهي نٿو سگهي.

محبت جي معنيٰ ته اسان کي اهو گوتم ٻڌ به ٻڌائي ويو هو جنهن پنهنجي سچائي جي پيغام ۾ اوپارو وهندي ڪنهن مافوق الفطرت کان وڌيڪ محبت جي جذبي کي ئي مان ڏنو ۽ دنيا ڏنو ته ته ان جي پڪشوئن ان محبت جي طاقت سان ڪيئن ته سموري دنيا تي پنهنجا اڻمٽ نقش ڇٽيا هئا.

ان "محبت" لاءِ عاشقن جام ۽ مينا جي بدران دار و رسن کي سيني سان لائي پنهنجي گهر کي باهه ڏئي شهر جون راتيون روشن ڪيون شايد اڄ جي هن مصنوعي شور ۾ انهن عاشقن کي به ياد ڪيو وڃي جن "محبت" جو مان رکڻ لاءِ نه صرف پنهنجي پهرين محبت کي قربان ڪيو پر پنهنجي جان سميت هن دنيا جي هر آسائشن کي ڇڏي هو دار جي تختي تي بيهي پنهجي جان ڏئي محبت جو مان رکيو.

# پروپيگنڊا يا تلخ حقيقتون ؟

5 جنوري جو سنڌ ايڪسپريس ۾ ڊاڪٽر غفور ميمڻ صاحب جو ڪالم شايع ٿيو، سائين نه صرف طبعي ڊاڪٽر آهي پر موجوده دور ۾ ساڃاهه وندي ۽ شعور جي بلندي تي پهتل هڪ هاڪاري سماجي سائنسدان پڻ آهي جنهن جو ثبوت اسان کي ڪڏهن ڪڏهن آمون انگريز جي سلسلي ۾ پڻ ملي ٿو. سائين پنهنجي مضمون ۾ جيڪي ڳالهيون ڪيون ۽ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو ان تي افسوس ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه به نٿو ڪري سگهجي.

عقل ۽ فهم تي آئنسٽائين جا حوالا ڏئي سائين جهڙي ريت عقل ۽ فهم کي پنهنجي پير ۾ اچڻ نه ڏنو ان جو ڪٿي به مثال نه ملندو. سائين ميڊيا تي اها تنقيد ڪئي ته هو جذبات يا وري بغض معاويه ۾ اچي هڪ قسم جا هٽرادو بحران پيدا ڪري رهي آهي. سائين پنهنجي مضمون ۾ ڪافي ڳالهيون ڪيون پر اسان انهن مان ڪجهه ضروري ڳالهين تي هڪ وضاحت ڪرڻ چاهيون ٿا.

غفور صاحب جيڪي اهم نڪتا اٿاريا اهي هي آهن:

1. ميڊيا جو ڪردار سطحي ۽ جبري آهي ۽ اها ئي ظالم ۽ مظلوم جو تعين صرف ميڊيا ڪري رهي آهي.

2. ميڊيا جي نشاندهي سماج ۾ براين (جهڙوڪ پريمي جوڙن، قتل عام ۽ ڪارو ڪاري وغيره) جو سبب بڻجي ٿي.

3. اقليتن جو اشو دراصل هڪ قسم جي رومانس آهي.

4. هندو انڊيا ڏانهن رضامندي سان لڏ پلاڻ ڪن ٿا.

5. سنڌ ۾ غريب اقليتن (جهڙوڪ دلت ذاتين جنهن لاءِ ڊاڪٽر صاحب ڄاڻي واڻي هريجن جهڙو تڪراري لفظ استعمال ڪيو آهي) سان ڪو بہ مذهبي مت ڀيد نہ آهي.

6. ميڊيا اقليت سان واسطو رکندڙ ڏوهارين کي مظلوم پيش ڪري رهي آهي.

اسان سڀ ڪان پهريائين اهو عرض ڪندا سين تہ ميڊيا جو ڪردار جبري يا سطحي ناهي توڙي جو ان ۾ بہ ڪو شڪ ناهي تہ ميڊيا جا سڀ ادارا بورجوازي طبقي جي ملڪيت آهن پر هڪ اها بہ مجبوري آهي جو اهي اهڙي ريت سماج کي پنهنجي مرضي سان هن دور ۾ پيش ڪري نٿا سگهن. ان جو سبب ماڻهن (ساڃاهہ وندن ڪان سواءِ) ۾ اجتماعي شعور اچي چڪو آهي ۽ اهي سچ يا پروپيگنڊا ۾ پوري طرح فرق ڪري سگهن ٿا. ان جو نتيجو اهو آهي جو ميڊيا پنهنجي پذيرائي لاءِ نہ چاهيندي پڻ تلخ حقيقتن کي نمايان ڪري رهي آهي.

سائين جو ٻيو سوال اهو هو تہ ميڊيا جي نشاندهي سماج ۾ براين جو سبب بڻجي ٿي. اسان هڪ عرض پيش ڪريون تہ قبلا سائين سنڌ جو هڪ سچو قلم ڌڻي محترم امر جليل هميشہ ڪان وٺي اها ئي رڙ ڪري رهيو آهي تہ ميڊيا جا دوست مهرباني ڪري "با اثر " جو نالو لکن. مگر اڃ تائين خاص ڪري سنڌ جي ميڊيا ايتري بہ آزاد ناهي تہ هو "مقامي يا علائقائي" با اثرن جي بہ نشاندهي ڪري سگهن. سنڌي ميڊيا پنهنجي وس ۽ وت آهر منفي لاڙن جي مذمت ڪندي رهي آهي. ڊاڪٽر صاحب کي آئون صرف اهو عرض ڪندس تہ سنڌ جي سماج ۾ اهڙيون بہ ڪافي ڳالهيون آهن جن جي ميڊيا اڃ تائين نشاندهي (ڊاڪٽر صاحب جي بقول پذيرائي) ناهي ڪئي پر اهي ڏينهون ڏينهن گهٽ ٿيڻ جي بدران وڌي رهيون آهن. اهو ڇو؟

سائين جو ٽيو سوال اهو آهي تہ اقليت جو اشو دراصل رومانس آهي. سائين جي وڏي مهرباني جو رومانس جو لفظ استعمال ڪيو جيڪڏهن فحاشي جو لفظ استعمال ڪري ها تہ بہ وس وارو هو. سائين هن سماج ۾ حقيقي اقليت (ٿورائي) اهي آهن جيڪي اقتدار ۾ هوندا آهن. اهو قدرتي قانون آهي تہ حڪمران طبقو هميشہ اقليت ۾ هوندو آهي ۽ محڪوم طبقن کي پنهنجو غلام بنائڻ لاءِ هو مصنوعي اقليت ۽ اڪثريت جوڙيندو آهي. نہ صرف اهو پر محڪومن تي حڪمراني قائم رکڻ لاءِ هو عام ماڻهن جي وچ ۾ ڪيترائي ئي خونريز تضاد پيدا ڪري محڪومن کي پيڙهيندو رهندو آهي. مذهبن، قوميتن، نسل، رنگ ۽ ذات پات جي تضادن جي مدد سان هو اسان تي حڪمراني ڪندو رهندو آهي. اهڙي ريت اهو ڪو سادو يا رومانٽڪ موضوع ناهي پر هڪ انتهائي پيچيده تضاد آهي ان ئي تضاد تي ورهاڪو عمل ۾ آيو ورهاڱي ۾ سڀ ڪان وڏ فائدو برطانوي سامراج کي پهتو ۽ سوشلسٽ انقلاب چين ڪان اڳتي وڌي نہ سگهيو ۽ اسان اڃ تائين حڪمرانن جي انهي چال کي سمجهي ناهيون سگهيا پر الٽو سرد جنگ ۾ هڪ دفعو ٻيهر اسان کي هڪ وڏي اوڙاهہ ۾ اڇليو ويو جنهن جا زخم اڃ تائين اسين چٽي رهيا آهيون. اقليت ۽ اڪثريت جي انهي راند ۾ هندن ۽ مسلمانن سميت ننڍي کنڊ جي سڀني مذهبن جي عام ماڻهن کي ڀوڳڻو پئجي رهيو آهي.

سائين پنهنجي ڪالم ۾ هڪ انتهائي بي بنياد ۽ ڪل ڏياريندڙ ڳالهہ اها ڪئي تہ انڊيا سڀني هندن جو ملڪ آهي. اسان پنهنجي اڪثر مضمونن ۾ اها ئي ڳالهہ تاريخي ثبوتن تي ڪندا رهيا آهيون تہ انڊيا جو برهمڻ طبقو ڪيئن نہ "هندو" حلقي ۾ عام ماڻهن سان ظلم ڪري رهيو آهي. انڊيا جي آئين جو ڪوڙو حوالو ڏئي ڊاڪٽر صاحب اها ڳالهہ اڇلائي ڇڏي تہ انڊيا جو آئين دنيا جي هندن کي پاڻ ڏانهن طلب ڪري رهيو آهي. جڏهن تہ اسان انڊيا جي

آئين ۾ انڊيا جي سپريم ڪورٽ جي فيصلن جي دستاويزي ثبوتن سان اهو عرض ڪريون ٿا ته انڊيا جي آئين ۾ ڪا به اهڙي ڳالهه ناهي ۽ خود سپريم ڪورٽ آف انڊيا پنهنجي فيصلي ۾ "هندوازم" کي مذهب جي بدران هڪ سوشل آرڊر قرار ڏنو آهي. انڊيا ۾ دراصل اوچ جاتين جي برهمڻ طبقي جي حڪمراني آهي ۽ ان ڪري واقعي ڪجهه اوچ جاتين جي ماڻهن کي ڪجهه آسانيون يا ملڪ ۾ داخلا ملي ٿي پر مڪمل طور ايئن به ناهي. انڊيا ۾ غربت سميت هر حوالي سان پسمانده قبيلو دلتن جو آهي. انڊيا ڪڏهن به دلتن جي مدد ناهي ڪئي. گذريل ڪجهه عرصي ۾ اقليتن سان جيڪي زيادتيون ٿيون آهن ان ۾ پڻ اڪثريت دلتن جي آهي. هاڻ دلتن کي پڻ مجبور ڪيو وڃي ٿو ته اهي لڏپلاڻ ڪن. جيستائين سائين جي اها ڳالهه ته هندن جو طبقو انڊيا وڃڻ لاءِ آتو آهي ته اسان جو اهو عرض آهي ته انڊيا جيتوڻيڪ پنهنجي سفارتي جنگ لاءِ هندن کي پناهه ڏئي ٿو پر اهو اهڙي ريت هندن جي پذيرائي نٿو ڪري جيئن ڊاڪٽر صاحب ۽ ٻيون ڪجهه ڌريون سمجهن ٿيون. انڊيا ۾ پناهگير هندو اڄ تائين به بغير هندستاني شهريت جي رهن ٿا. اسان وٽ جيئن افغان پناهه گير بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي اچن ٿا ايئن هندو انڊيا ڏانهن نٿا وڃن. هندن ۾ دلت طبقي جي ماڻهن ڪڏهن به انڊيا ڏانهن وڃڻ جو سوچيو به ناهي. ورهاڱي واري ڪاري دور ۽ 65 ۽ 71 جي فسادن دوران پڻ دلت سنڌ ۾ ئي رهيا. آخر ماڻهو ڇو پنهنجي ڌرتي ڇڏي هڪ اجنبي ملڪ ڏانهن وڃڻ جو سوچيندو جنهن ۾ ان جو ڪو به سماجي رشتو نه هجي.

سائين پنهنجي مضمون ۾ هڪ اهو به سوال اٿاريو ته دلتن کي ڪو به انتهاپسندي جو مسئلو درپيش ناهي. سائين اهو به اشارو ڏنو آهي ته اهي مسئلا خود اهي ماڻهو اٿاري رهيا اهن جن کي ميڊيا پناهه ڏي ٿي. ان مان اسان ايئن سمجهون ٿا ته پوري ڀيل ۽ جاتي جي شڪارين کان وٺي ڪڪو وارا اشو اصل ۾ انهن دلتن کي فائدو رسائڻ لاءِ دلتن پاڻ پيدا ڪيا آهن. سائين جي بقول ميڊيا پڻ انهن جي مدد ڪري رهي آهي. شايد منو ڀيل جا گهر ڀاتي به جاتي واڙي اغوا ڪرايا ويا آهن ۽ ان واقعي کان پوءِ منو ڀيل سڀ کان وڌيڪ مستفيد ٿي رهيو آهي.

ڇا قبرستانن جو مسئلو ناهي؟ ڇا هزارين سالن کان وٺي اسان جا گڏيل قبرستان ناهن؟ ڪنهن کي لاچار آهي ته هو غريب ۽ پڙهيل طبقي ۽ اقليتي سماج سان واسطو رکندي هرويرو وڃي اهڙن قبرستانن ۾ پنهنجي مڙدا دفن ڪندو جتي ان کان اڳ ان جي ابن ڏاڏن جا لاش دفنايل نه هجن؟ سنڌ جي هڪ قومي اڳواڻ پڻ اها ئي راءِ ڏني هئي جيڪا ڊاڪٽر صاحب ڏئي رهيو آهي. سائين اها بلڪل انتهاپسندي آهي جيڪا اسان جي سماج ۾ پنهنجون پاڙون پختيون ڪرڻ کان پوءِ هاڻ پنهنجو ڀيانڪ چهرو پڻ ڏيکاري رهي آهي. انتهاپسندي خلاف سنڌ جي هر ماڻهو کي اٿڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته سنڌ جي مخصوص لساني ۽ سماجي ٻيهڪ ۾ دلت ۽ ٻيون اقليتون هڪ وڏي اهميت رکن ٿيون ۽ مجموعي طور وڏي انگ ۾ آباد پڻ آهن. انهن جي آواز جو ساٿ ڏيڻ بدران بي بنياد ۽ هوائي راءِ ڏيڻ هڪ هاڃيڪار عمل آهي.

سائين پنهنجي مضمون جي آخر ۾ اها ڳالهه ڪئي ته اقليت سان واسطو رکندڙ ڏوهاري عنصر اهڙا مسئلا پيدا ڪن ٿا، اسان ان لاءِ عرض ڪندا هلون ته هر هنڌ ڇڱا ۽ برا ٻئي هوندا آهن پر هڪ اها به حقيقت آهي ته سنڌ ۾ آباد اقليتن جو ڪردار هڪ امن پسند ڪميونٽي وارو رهيو آهي اڄ تائين ڪٿي به ڪا اهڙي مافيا يا ڏوهاري ۽ سماج دشمن ريڪارڊ رکندڙ ڪنهن اقليتي ڌر توڙي واحد فرد جي نشاندهي ناهي ٿي جڏهن ته اهي سماج جي ٻين ڪميونٽين جي پيٽ ۾ وڌ کان وڌ استحصال جو شڪار ٿين ٿا.

سائين ڊاڪٽر غفور ميمڻ جي اهڙي  راءِ تي روئڻ به اچي ٿو ته کلڻ به، بهرحال سائين پنهنجي مضمون جي شروعات ۾ تمام سنو قول ڏنو آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته سائين  اهو مضمون ان ئي قول کي ثابت ڪرڻ لاءِ ئي لکيو  هجي.

# روشن خيال ڪفن چور

لوڪ ادب جا خالق عام ماڻهو ئي هوندا آهن ۽ لوڪ ادب جا ڪردار به  حقيقي ئي هوندا هئا. اهي ڪردار ۽ سمورو لوڪ ادب ان وقت جي سماج جو آئينو هوندو آهي پر اڄوڪي ترقي يافته دور جي ڊجيٽل آئيني وانگر اهو پنهنجي مرضي سان عڪس ناهي ڏيکاريندو پر لوڪ ادب جو  آئينو ڪنهن قدرتي تلاءَ  وانگر هوندو آهي.  مرحوم حليم بروهي لوڪ ادب جي مسخرن کي ان دور جي ڪاٻي ڌر جا دانشور سڏيو هو ۽ هن دور جي مزاح جو بادشاهه رحمت الله ماجوني کين ان وقت جي ميڊيا سڏي ٿو. اڄ اسين ان وقت جي هڪ اهم ڪردار (ٿي سگهي ٿو ته اهو حقيقي به رهيو هجي) بابت ذڪر ڪنداسين.

 هتي پنهنجي بزدليءَ  جو شرمندگي ۽ ندامت جي احساس سان  اهو اعتراف ڪرڻ به ضروري ٿو سمجهان ته اسان جي اندر ۾ پڻ هڪ ارشاد لغاري ويٺل آهي جيڪو ذهن جي ڪينواس تي تري آيل ڪجھ ٿوهه جهڙين حقيقتن کي جيئن جو تيئن زبان جي ايڊيٽوريل پيج  تي آڻڻ لاءِ هرگز تيار ناهي ٿيندو ۽ ان ڪري پنهنجي اندر جي ايڊيٽر صاحب کي منهن ڏيڻ لاءِ  ڪڏهن ڪڏهن مزاح جو سهارو به  وٺڻو پئجيو وڃي. اهو به هڪ الميو آهي ته اڄ ۾ ئي اسان کي هڪ حجاب زيب تن آهي مٿان وري اهو مزاح جو برقعو، هاڻ ڏسجي  ته هي قصو آخر ڪيستائين هلي سگهي ٿو. اها ته  خدا کي ئي خبر هوندي! بس جيڪڏهن سنڌ ايڪسپريس  جا دروازا کليل رهيا ته پوءِ توهان لاءِ حاضر هونداسين  بقول فيض احمد فيض جي ته:

در کھلا تو شايد ھم ديکھ سکين،

بند ھو گا تو صدا دي کي چلي جائين گي.

سنڌ جي لوڪ ادب ۾ ھڪ "روشن خيال ڪفن چور" جو ذڪر پڻ ملي ٿو. قصو ايئن ھو تہ ڪنھن زماني ۾ ھڪ ھمراھ قبرون کوٽي مڙدن جا ڪفن چوري ڪري ويندو ھو. ھن اھو ڪم الائي ڪھڙي مجبوري تحت ڪيو پر ان وقت سماج ان کي تمام گھٽو نديو ۽ ڪيس برو ڀلو چوندو ھو. ان جي مرڻ کان پوءِ بہ ماڻھن ان جي پچر نہ ڇڏي ۽ ھر وقت ڪيس تمام خراب لفظن ۾ ياد ڪيو ويندو ھو. اھا ڳالھ ان جي لائق فرزند جا جذبا مجروح ڪري ڇڏيندي ھئي ۽ اھو ھر وقت پيو سوچيندو ھو تہ ماڻھن جا وات ڪيئن بند ڪجن، نيٺ ان کي ھڪ اھڙي ترڪيب ذھن ۾ آئي جنھن سان نہ صرف ماڻھن جا وات بند ڪري پئي سگھيو پر ماڻھن جي وات تي ان جي مرحيات والد بزرگوار لاءِ انتھائي عزت ۽ احترام وار لفظ بہ چورائي پئي سگھيو. ھن جلد ئي انھي ترڪيب کي عملي جامو پھرايو. ترڪيب اھا ھئي تہ ھن بہ ساڳي پنھنجي پيءُ واري واٽ ورتي پر ان کان بہ اڳتي وڌي ھو ارھ زوائي ڪندي قبرن مان نہ صرف مڙدن جي ڪفن لاھي وٺندو ھو پر پوءِ انھن مڙدن کي سرعام چوراھي تي بي ڪفن ٽنگي بہ ايندو ھو. جڏھن ان فوت ٿي ويل جا وارث پنھنجي پيارن جا لاش اھڙي صورت ۾ ڏسندا ھئا تہ انھن تي سڪتو طاري ٿي ويندو ھو پر مجبوري اھا ھئي تہ ھو انھي ڪفن چور جي پٽ کي پھچي نہ سگھندا ھئا. ڪفن چور جو اھو پٽ پنھنجي پيءُ وانگر رات جو لڪي لڪي ڪفن چوري ڪرڻ بدران سرعام مڪمل پروٽوڪول سان ڳائي وڄائي اھو ڪم ڪندو ھو. ان وقت علائقي جي ماڻھن کي ان جو اھو ڪفن چور پيءُ ڏاڍو ياد آيو ۽ پوءِ لوڪ ادب جي شاندار قصيدن جنم ورتو ھر ماڻھو جا وات انھي ڪفن چور پيءُ جي ڪارنامن تي ساراھ جا ڍڪ ڀريندي ڪونہ ٿڪبا ھئا. ماڻھن کي اھو احساس ٿيو تہ اھو ڪفن چور ڪيڏو نہ عظيم ھو، افسوس جو اسان ان جو قدر ڪري نہ سگھيا سين. ڪيترن ماڻھن ان کي "روشن خيال ڪفن چور" سڏيو تہ ڪنھن وري "انقلابي ڪفن چور" جو خطاب ڏنس تہ ڪجھ ماڻھن ڪيس " انسان دوست ڪفن چور" پئي چيو. ڪنھن جي وڃڻ کان پوءِ ئي ان جو قدر ٿيندو آھي سو ساڳي طرح ان ڪفن چور سان بہ ايئن ئي ٿيو ماڻھو ھاڻي ان جا گڻ ڳائيندي ڪونہ پيا ٿڪجن. ٻي طرف ڪفن چور جو اھو لائق فرزند پنھنجي ڪم کي ڪنيو ٻيٺو ھو. ماڻھو مڙدا دفن ڪري واپس ئي نہ اچن تہ واٽ تي چوراھي ۾ اھي مڙدا بي ڪفن حالت ۾ لٽڪيل ملندا ھئا ۽ ماڻھو ساڳيا مڙدا دفن ڪري ڪري ٿڪجي پوندا ھئا.

نيٺ ماڻھن ميڙاڪو ڪونايو جنھن ۾ جن بہ مٿي ڦريلن ۽ راڄ جي ويرين ان ڪفن چور ۽ ڪفن چور جي پٽ جي انھي عمل سان اختلاف رکندي ساڻس ويڙھاند ڪرڻ جي ڳالھ ڪئي تہ انھن کي سڀ کان پھريائين راڄ پاڳ مان ڪڍي ڪفن چور جي ارڏي پٽ جي حوالات ۾ ڏئي آيا ۽ اھڙي عمل کي راڄ ۾ رولو وجھڻ ۽ بدعت ۽ فتني سان پيٽ ڏنائون. پوءِ ويھي ويچار ڪيائون ۽ سيني گڏجي اتفاق راءِ سان ان ڪفن چور کي "روشن خيال ڪفن چور" جو خطاب ڏنو. ان گڏجاڻي ۾ سيني گڏجي ان "روشن خيال ڪفن چور" تي قصيدن جي ڌم لڳائي ڏني. ڏسٽن وائسٽن ماڻھن پڻ ان ڪفن چور جا گيت پئي ڳاتا.

پوءِ سيني گڏجي ان "روشن خيال ڪفن چور" جي زورآور فرزند جي دربار ۾ وڃي انتھائي ادب سان اھا عرضداشت پيش ڪئي:

"وڏي جن وڏياس، وري ويڄ سي ئي ٿيا، ھينئڙا تنين پاس گھار تہ گھايل ٿئين !" اي چڱن جا اولاد ! جونجھار وير جا ويرا ! توھان کي اھڙي ريت چلولايون ڪرڻ نہ جڳائين. اسان ۽

توهان ان عظيم ۽ روشن خيال ڪفن چور جي عظيم و عاليشان راهہ کان تمام گهڻو پري ڀٽڪي ويا آهيون. اسان ڪيس زندگي ۾ ان جو قدر نہ ڪري پنهنجو ڪيڏو نہ وڏو نقصان ڪيو، ان ڪي اسان جيڪو برو ڀلو چيو هو ان ۾ اسان جي اڻڄاڻائي بہ شامل هئي، اسان ان عظيم روشن خيال ڪفن چور جي ڪارنامن بابت سطحي سوچ سان ٽيڪا ٽپڻي ڪئي هئي ۽ اسان ڪي هاڻي وڃي اسرار جي ڪنهن اونهي ڳالهہ جو الهام ٿيو آهي تہ هو جيڪو "ظاهر ۾ زاني پر فڪر منجهہ فنا ٿيل" ڪو انمول گوهر هو، جنهن ڪي تعليم جي اصل ڪڙهہ اندر ڪاني هئس، اهو ئي سبب هو جو هو هر وقت حرف حقاني جا دل ئي دل ۾ پيو دور ڪندو هو پر افسوس ! اسين ان جي عظمت ڪي سمجهي نہ سگهيا سين.

ان دور جا وڏڙا اڄ بہ لڙڪ لاڙي ان جون ڳالهيون ڪندا آهن تہ هن اسان ڪي اجازت ڏئي ڇڏي هئي تہ "وڃو ۽ پنهنجي پنهنجي اباڻن قبرستانن ۾ وڃي پنهنجا مڙدا دفن ڪريو (۽ انهن جو ڪفن آئون پاڻ لاهي وٺندس)." اها ڳالهہ ٻڌائيندي هو ڪجهہ وقت خاموش ٿي وڃن ٿا ۽ لڙڪ اگهي وري پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي عرض ڪيائون تہ هن عظيم سورمي اهو پڻ چيو هو تہ" آئون هن جوءِ ۾ ڪفن پاتل هر مڙدي، پوءِ ڀلي ڪٿي اهو ڪنهن جو بہ هجي برابري جو سلوڪ ڪندي سيني جو ڪفن لاهي وٺندس، ڇو تہ هي منهنجي جوءِ آهي ۽ مون لاءِ سڀ مڙدا برابر آهن ۽ ڪنهن سان بہ ڪو امتيازي سلوڪ نہ ڪيو ويندو ۽ نہ ئي ڪو مڙدو رعايت جو حقدار هوندو" سو سائين توهان پنهنجي بزرگن جي عظمت تہ ڏسو ۽ توهان ان جي اصولن کان ڪيڏي نہ وڏي انحرافي ڪري رهيا آهيو؟ مهرباني ڪري اسان ڪي ان "روشن خيال ڪفن چور" جي خوابن وارو قبرستان موٽائي ڏيو ! بس اسان جو اهو ئي عرض آهي. اسين هن قبرستان تي صرف ان "روشن خيال ڪفن چور" جو حق تسليم ڪريون ٿا. ان جي راهہ تي هلڻ ۾ ئي قبرستان جي احترام جوڳي حيثيت ۽ درخشان مستقبل جو واحد حل آهي. سو مهرباني ڪري اسان تان اهي عذاب لاهيو ۽ اسان ڪي "روشن خيال ڪفن چور" جي دور وارو قبرستان ٺاهڻ جي جدوجهد ۾ رهنمائي ۽ مدد فرمايو! آمين ۽ آخر ۾ اهو صوفياڻو بيت بہ عرض رکيائون تہ:

عاشق عزازيل، ٻيا مڙيئي سڌڙيا،

منجهان سڪ سبيل، لعنتي لال ٿيو."

"روشن خيال ڪفن چور" جو پٽ اها ڳالهہ ٻڌي وڏي سوچ ۾ ٻڏي ويو ۽ چيائينس تہ " نہ سهڻا، بابو مرحيات اهڙو چڱو بہ ڪونہ هو جيڪو توهين چئي رهيا آهيو ۽ نہ ئي وري هن اهي ڳالهيون ڪيون جيڪي توهان ورجائي رهيا آهيو، بابا سائين اهو ئي چاهيندو هو جيڪو اسين ڪري رهيا آهيون. سو وڃو ! ۽ وڃي پنهنجا ڪم ڪار ڪريو ۽ اسان ڪي بہ پنهنجي وڏڙن جي واٽ تي هلڻ ڏيو ۽ گمراهہ ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪريو ۽ ها ! پاڻ بہ ڪنهن خوشفهمي ۾ مبتلا نہ رهو."

# انارڪي يا پاپولر ازم ؟

جڏهن کان انڊيا ۾ ڪيجروال جي عام آدمي پارٽي دهلي مان ڪجهه سيٽون کٽي ايوان ۾ پهتي آهي ته هر طرف ان جي ”جدوجهد“ جو چوبول آهي. ڪي ان کي ”انقلاب“ سڏين ٿا ۽ ڪي وري ”تبديلي“ جو پيش خيمو قرار ڏئي رهيا آهن ته ڪجهه حلقا ان کي ”انارڪسٽ“ چون ٿا. اسان وٽ سنڌ ۾ پڻ عام آدمي پارٽي جو وڏو چرچو آهي ۽ ڪافي ساڃهه وند ان مان اتساهه وٺي رهيا آهن ۽ هت پڻ ڪنهن عام آدمي پارٽي جهڙي تنظيم ناهڻ جهڙي ”ضرورت“ محسوس ڪئي وڃي ٿي. اسين هتي هن مضمون ۾ عام آدمي پارٽي بابت ڪجهه حقيقتون پيش ڪنداسين.

اسان انقلاب کي اهڙو سستو بڻائي ڇڏيو آهي جو ڪنهن به مذاق کي پڻ انقلاب سان تشبيهه ڏيندي دير ناهيون ڪندا. ڇا انقلاب ايئن ايندا آهن؟ ڇا صرف خطاب ڏيڻ سان ڪو انقلابي شخصيت بڻجي سگهي ٿو؟ اسان وٽ اها ئي روايت آهي ته ڪنهن ڪلفي داداگير کي ڪامريڊ ، ڪنهن پيتا خور کي چي گويرا سڏيندا آهيون ۽ ڪو پاٽاريدار ۽ عادي ڏوهاري ڪجهه وقت جيل ويو ئي ناهي ته ان لاءِ نيلسن منڊيلا جو لقب تيار هوندو آهي. ڪنهن پاپولر ڌر کي ”انقلابي“ سڏڻ کان اڳ ۾ اهو ضرور ڏٺو وڃي ته دنيا جي لکين سالن جي تاريخ ۾ انقلابن ۽ انقلابي تحريڪن جو تعداد صرف آڱرين تي ڳڻڻ جيترو ئي مس آهي. عام آدمي ڪنهن به صورت ۾ انقلابي پارٽي نٿي چئي سگهجي. اها به حقيقت آهي ته هن دور ۾ انقلاب اچڻ جي توقع پڻ ڪري سگهجي ٿي ۽ موجوده سماج هڪ اهڙي سطح تي پهچي چڪو آهي جتي سماج کي بچائڻ لاءِ نظام جي تبديلي ناگزير آهي. پر هتي اهو اهو سوال به اٿي ٿو ته ڇا عام آدمي پارٽي هن نظام کي للڪارڻ جي سگهه رکي ٿي؟ سگهه ته ڇا پر ان پارٽي وٽ اهڙو ڪو به متبادل پروگرام ۽ ان پروگرام کي عملي جامو پارائڻ لاءِ ڪا حڪمت عملي به ناهي. اها پارٽي سرمائيدارانه نظام جي مخالفت ۽ ان جي متبادل طور منصوبه بند معيشيت جو به ڪو پروگرام نٿي رکي، اها پارٽي انڊيا جي تناظر ۾ پڻ ڪنهن مثبت تبديلي ۽ هڪ وڏي عرصي کان موجود حڪمران طبقي جي لساني هڪ هٽيءَ جي به ڪا مذمت نٿي ڪري. انڊيا ۾ انهي پارٽي جو دائرو به تمام محدود آهي اها پارٽي نه ته 85 سيڪڙو آبادي رکندڙ ”بهوجن“ طبقي جي حمايت رکي ٿي پر الٽو انڊيا جي سماج ۾ هڪ اهم حيثيت رکندڙ اهو طبقو نه صرف ڪيجروال پر انا هزاري جو پڻ وڏو مخالف آهي ڇو ته ڪيجروال ۽ انا هزاري پٺتي پيل طبقن کي مليل ريزرويشن جي حق جي مخالفت ڪندا رهيا آهن.

انڊيا جي تناظر ۾ ذات پات جو وڏو ڪردار رهندو آيو آهي ۽ ڪافي موقعن تي ذات پات جو ڪردار ”نظرين“ تي پڻ حاوي ٿي وڃي ٿو. نمبودري پد انڊيا جو ”مها ڪميونسٽ“ اڳواڻ هوندي جڏهن مائو زي تنگ کي پرسرام جو مجسمو تحفي ۾ ڏئي ٿو ته ان مان انڊيا جي ماڻهن کي نسل پرستي جي بوءِ اچي ٿي، ڇاڪاڻ ته پرسرام 21 دفعا کشترين جي نسل ڪشي ڪئي هئي ۽ انڊيا جي ڪميونسٽ پارٽي جو سربراهه جڏهن پرسرام کي انڊيا جو هيرو قرار ڏئي ٿو ته پوءِ پٺتي پيل طبقن جي ماڻهن ۽ سياسي ڌرين طرفان انڊيا جي کاٻي ڌر کي ”منوادي مارڪس ازم“ چوڻ جو پورو حق حاصل آهي. موجوده دور ۾ ڪانگريس جو ڪٽر مخالف نريندر مودي ڪروڙين روپين جي لاڳت سان گانڌي جي ڳوٺ ۾ ان جي وڏي مخالف هڪ ٻئي ڪانگريسي اڳواڻ سردار پٽيل جو مجسمو نصب ڪرائي ٿو ته پوءِ اهو منطق هر ماڻهو کي سمجهه ۾ اچي وڃي ٿو ته انڊيا ۾ اڄ پڻ ذات پات جي سياست جو وڏو عمل دخل آهي. انڊيا جي مک پارٽين تي برهمڻ قيادت جو قبضو آهي ۽ گڏوگڏ انهن کي

غير برهمڻ خاص ڪري (ڪشتري جاگيردارن) جي طبقي سان منهن ڏيڻو پئي ٿو. ڪشتري جاگيردار طبقي هڪ ٻي اها چال کيڏي جو انهن پاڻ کي مظلوم ڄاڻائي دلتن ۽ اڇوت قبائلين سان گڏريل ڪجهه ڏهاڪن دوران ويجهو ٿيڻ شروع ڪيو. مستقبل جي مفادن کي مدنظر رکندي ان طبقي دلتن کان بہ اڳتي نڪري امبيڊڪر جي نظرين جي پرچار شروع ڪئي ۽ پاڻ کي ”بهوجن“ يعني اڪثريتي نسل جي اصطلاح سان پيش ڪري رهيا آهن. ان مد ۾ بي پي منڊل ڪميشن رپورٽ پڻ شايع ڪئي وئي. انڊين ڪانگريس جو اڳواڻ وشو ناٿ پرتاب سنگهہ انهي تحريڪ ۾ اڳيان اڳيان هو. اها حڪمت عملي برهمڻن لاءِ هڪ وڏي خطري جي گهنٽي هئي ۽ وقتي طور بابري مسجد جو هٽرادي اشو اپاري ان کي ٻي رخ ڏانهن موڙيو ويو ۽ پوءِ بي جي پي ۽ انتها پسند برهمڻ تنظيم وشوا هندو پريشد ۽ آر ايس ايس کي هٿي ڏني وئي. جيتوڻيڪ اهو تضاد مانو ٿي ناهي سگهيو ۽ برهمڻ طبقي کي انڊيا ۾ بهار، اتر پرديش ۽ ڏکڻ انڊيا سميت ڪافي جاين تان هٿ ڌوئڻو پيو ۽ اها ڪشمڪش اڃا جاري آهي. انهي ڪشمڪش ۾ ڪانگريس کي وڏو ڌچڪو مليو، 25 ڪروڙ کان بہ وڌيڪ آبادي رکندڙ اتر پرديش صوبي ۾ بہ وڏيون بهوجن پارٽيون (ماياوتي جي بهوجن سماج پارٽي ۽ سماج وادي پارٽي) اڀري آيون. بهار ۾ وري لالو پرساد يادو جو سڪو جاري آهي جڏهن تہ ڏکڻ انڊيا جي ڪافي صوبن ۾ بهوجن قيادت ۽ قومپرست سياست جي ڪافي عرصي کان هڪ هٿي آهي. ڏکڻ انڊيا ۾ ”برهمڻ سوشل آرڊر“ خلاف وڏا سنجيدهہ تحفظات پاتا وڃن ٿا. مزي جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ برهمڻن جي اثر هيٺ انڊيا جي ميڊيا پڻ رات ڏينهن انهن پارٽين ۽ اڳواڻن خلاف ٽرائيل ڪري رهي آهي ۽ انڊيا جي فلمن ۾ پڻ انهي طبقي کي سماج دشمن طبقي جي صورت ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو پر ان هوندي پڻ بهوجن سياست جو باب بند ٿي ناهي سگهيو ۽ اهي پنهنجي قوت سان اڄ پڻ انڊيا جي سياست ۾ پنهنجو اثر رکن ٿا.

انڊيا جي حڪمران طبقن جي انهي اندروني ڪشمڪش جو نتيجو اهو نڪتو جو انڊيا جو واپاري طبقو يا واڻيا برادري جي حيثيت انهي جنگ ۾ ڪافي پوئتي ڌڪجندي وئي، اها ڪميونٽي پئسي جي لحاظ کان ڪافي پاڻ ڀري آهي پر پنهنجي مفادن جي تحفظ لاءِ وٽس ڪا اثرائتي سياسي طاقت نہ آهي، آبادي جي تناسب سان پڻ اها ڪميونٽي برهمڻن کان بہ ڪافي گهٽ انگ ۾ آهي. مائڪرو منارٽي رکندڙ اهي ڪميونٽي جي سياسي ويڳاڻپ نيٺ انا هزاري جي قورت ۾ ظاهر ٿي جنهن صرف ڪرپشن ۽ بهتر حڪمراني جا ڏيکاءُ وارا نعرا ڏئي دهلي ۾ ڪجهہ سيٽون کٽڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي پر ان پارٽي جو پوري انڊيا ۾ گرفت حاصل ڪرڻ جا ڪي بہ امڪان نظر نٿا اچن. ان جا بہ ڪافي سبب آهن هڪ اهو تہ اها پارٽي سرعام انڊيا جي 85 سيڪڙو پوئتي پيل ماڻهن کي مليل ريزرويشن جي حق خلاف آهي. انڊيا جي پوئتي پيل ماڻهن لاءِ اهو تمام حساس مسئلو آهي، ڪانگريس ۽ بي جي پي پڻ ريزرويشن ختم ڪرڻ جون ڪافي ڪوششون ڪري چڪيون آهن پر هر دفعي انهن کي ناڪامي نصيب ٿي ۽ سياسي طور وڏي نقصان کي پڻ منهن ڏيڻو پيو انڪري عام آدمي پارٽي کان انڊيا جو هڪ وڏو طبقو اڳ ۾ ئي ناراض آهي. ان ڪري اها پارٽي انڊيا جي حقيقي ”عام آدمي“ وٽ ڪنهن بہ صورت ۾ قبول پئجي نہ سگهندي. انڊيا جي مڊل ڪلاس جو لاڙو وري بنياد پرست انتها پسند هندو تنظيمن سان آهي ان ڪري اها انڊيا جي مڊل ڪلاس ۾ پڻ ڪا پذيرائي حاصل نٿي ڪري سگهي. جڏهن تہ حڪمران طبقي جي تضاد جو اسين مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون اهڙي صورت ۾ عام آدمي پارٽي لاءِ دهلي تائين پنهنجي موجودهہ حيثيت برقرار رکڻ پڻ وڏو مسئلو آهي.

عام آدمي پارٽي بابت هڪ ٻئي راءِ اها آهي ته اها ”انارڪسٽ“ تنظيم آهي. اسان جي خيال ۾ عام آدمي پارٽي کي انارڪسٽ تنظيم هرگز نٿو چئي سگهجي. انارڪ ازم جي وصف کيترن ئي زوائين سان پيش ڪئي ويندي آهي پر ان جي آسان تشريح اها پڻ آهي ته ”متبادل پروگرام کان سواءِ ڪا موثر تحريڪ“. پر عام آدمي پارٽي وٽ ڪا موثر تحريڪ به ناهي. روڊ تي بيهي صرف پاڻي جي بل ۽ صفائي جهڙن سطحي مسئلن تي وزيرن سميت پوري ڪابينا ۽ اعليٰ انتظامي اهلڪارن جهڙوڪ پوليس ڪمشنر ۽ آءِ جي پوليس سان گڏجي ڪنهن صوبيدار خلاف ڌرڻو هڻڻ سان اها پاڻ تماشو بڻجي رهي آهي. حقيقت ۾ عام آدمي پارٽي گانڌي جي سياسي چالن تي عمل ڪندڙ هڪ پاپولراسٽ پارٽي آهي. پاپولرازم هڪ رد انقلابي هٿ ڪندو آهي. پاپولرازم سرد جنگ جي حالتن ۾ پنهنجي عروج تي هئي ۽ اسان وٽ پاڪستان ۾ پڻ چاليهه سالن کان هڪ پاپولراسٽ پارٽي قائم آهي ۽ اها ڪيترا ڀيرا اقتدار ۾ پڻ اچي چڪي آهي پر ان سان سماج ۾ اڻبرابري ۽ نا انصافين جو ڪو خاتمو ٿيڻ بدران ويتر واڌ آئي آهي.

پاپولر پارٽيون عوام جي حقيقي مسئلن کي پنهنجي ڪرشماتي شخصيتن ذريعي اياري اقتدار ۾ اينديون آهن (يا آنديون وينديون آهن). انقلابي تنظيمن (ڪابي ڌر جي تحريڪن) کي منهن ڏيڻ لاءِ ۽ انهن جي عوامي سگهه منتشر ڪرڻ لاءِ اهي تنظيمون پروان چڙهنديون آهن ۽ ڪافي موقعن تي ڪابي ڌر جي غلط حڪمت عملي سبب پڻ اهڙين پاپولر پارٽين کي عوام ۾ پذيرائي حاصل ٿيندي آهي. پاپولر پارٽين جا نعرا يا ممڪنه پروگرام بلڪل انقلابي پارٽين سان نهڪجندڙ هوندو آهي پر هو صرف ڪجهه اصلاحن جي ڪري عوامي بغاوت جي حقيقي خطري کي ٽارڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن ۽ پوءِ ڪنهن اهڙي تضاد کي جنم ڏينديون آهن جنهن سان هڪ وڏي عرصي تائين عوام جو متحد ٿيڻ ناممڪن ٿي وڃي.

(Weave th e Red
Flag to beat the Red Flag. )

پاپولر پارٽين جو هڪ آزمايل حربو اهو آهي ته هو پنهنجي نعرن ۽ دعوائن سان ڪنهن به ريت انقلابي ڌرين کان گهٽ ڳالهه نه ڪندا آهن پر انهن وٽ ڪا عملي نيت ۽ پروگرام ناهي هوندو اهي صرف ڏيکاءُ خاطر ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه اصلاح به ڪندا آهن جن کي انقلابي قدم قرار ڏنو ويندو آهي. عام آدمي پارٽي وٽ اهي به چانس نه آهن هو ڪڏهن به پوري انڊيا ۾ پذيرائي حاصل ڪري نٿي سگهي صرف ماضي ۾ گانڌي ان وقت جي مخصوص حالتن سبب ايئن ڪري سگهيو هو. عام آدمي پارٽي صرف دهلي تائين محدود رهندي ۽ ٿي سگهي ٿو ته ايندڙ ڪجهه سالن ۾ اها ماضي جو باب به بڻجي وڃي يا وري چند سيٽون حاصل ڪندڙ ڪا غير اهم سياسي ڌر ٿي رهجي ويندي.

اسان جا جيڪي دوست عام آدمي پارٽي جي هٿرادو اڀار کي ”انقلاب“ سان تشبيهه ڏئي رهيا آهن انهن لاءِ اهو عرض ڪريون ٿا ته سائين پاڪستان ۾ عام ادمي پارٽي جو هڪ ايڊوانس رجحان چاليهه سالن کان اسان جو مقدر بڻيل آهي ۽ ان مان جيڪي هڙ حاصل ٿي اهو به سيني جي اڳيان آهي. اسان وٽ پاپولر پارٽي دنيا جي بين سيني پاپولر ڌڙن کان وڌيڪ ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ان جي ڪيس ڳري قيمت به ادا ڪرڻي پئي. پاڪستان جي هڪ مشهور پاپولر سياستدان پنهنجي آخري ڪتاب ۾ لکيو ته ”مان هن آزمائش ۾ ان ڪري مبتلا آهيان جو مون ٽٽل ڍانچي کي ٻيهر جوڙڻ ۽ متضاد مفادن جي وچ ۾ هم آهنگي پيدا

ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، مون ٻن طبقن جي درميان مصالحت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اها ڪوشش محض يوٽوپيا (ديواني جو خواب) ئي آهي، طبقاتي ڪشمڪش ناقابل مصالحت آهي ۽ ان جو نتيجو ڪنهن هڪ طبقي جي فتح جي صورت ۾ ئي نڪرندو.“ انقلاب حقيقت ۾ مظلوم طبقن جي حڪمران طبقن سان جنگ جو نالو آهي ۽ ڪا به اصلاحن تي يقين رکندڙ ڌر هن سماج ۾ ڪو به بنيادي تبديلي جو باب رقم نٿي ڪري سگهي. پاپولر پارٽيون جيئن ته حڪمران طبقي جي مفادن جوتحفظ ڪرڻ لاءِ وجود ۾ اينديون آهن ۽ ان جي اهڙي سياسي چالن جي ڪري اهي پاڻ جلد ئي عوام ۾ پنهنجي حيثيت وڃائي ويهنديون آهن ۽ پوءِ خود حڪمران طبقي جون روايتي ڌريون اچي اهو خال پورو ڪنديون آهن يا پاپولر قيادت کي راهه تان هٽائي ڇڏينديون آهن (جيئن پاڪستان ۾ ٿي رهيو آهي).

اسان وٽ پاپولر قيادت جو هڪ وڏي تاريخ رهي آهي ان ڪري هاڻ هتي ڪا به عام آدمي پارٽي جهڙو تجربو ڪامياب ٿيندي نظر نٿو اچي. اصل حڪمرانن اڳ ۾ موجود هڪ پاپولر پارٽي جي هڪ هٽي کي ٽوڙڻ لاءِ جتي ٻيا طريقا آزمايا اتي هنن گذريل هڪ وڏي عرصي کان هڪ پاپولر ڌر تي هٿ رکي اڳتي آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن پر عوام ۾ ان کي انهن جي توقع ۽ منشا موجب اها پذيرائي نه ملي رهي آهي جيڪا اهي چاهين ٿا ۽ جيڪا ان کان اڳ ٻي پاپولر پارٽي کي نصيب ٿي هئي.

اهو هڪ افسوسناڪ رجحان آهي ته عوام کي پاپولر پارٽين جي حقيقت کان آگاهه ڪرڻ بدران اسان جا ساڃهه وند ان مصنوعي وهڪري ۾ پاڻ وهي وڃن ٿا جڏهن ته عوام پنهنجي تجربن مان شعور حاصل ڪندو آهي.

اسان وٽ سنڌ ۾ اڳ ۾ پڻ اهڙي قسم جي پاپولر تحريڪن جي ڪوشش ٿي چڪي هئي پر اهي عوام وٽ ڪا پذيرائي حاصل ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام ويون آهن (دلفريب تبديلي جي نعرن ۽ ميڊيا جي ڀرپور پذيرائي جي باوجود). اهي تجربا ظاهر ڪن ٿا ته ”انقلاب“ ڪا عارضي ڪيفيت يا ڪوپ رومانٽڪ اشو ناهي پر اهو باهه ۽ خون جو هڪ سمنڊ آهي، هڪ انقلابي پروگرام، حڪمت عملي سان گڏ موثر جدوجهد ذريعي ئي ان سمنڊ کي پار ڪري سگهبو آهي. موجوده صورتحال ۾ اهو ناممڪن بلڪل به ناهي. اسان وٽ به عام ماڻهو جي بي چيني ۽ حڪمرانن طبقن جو مختلف تضادن ۾ گهيريل هئڻ ۽ رياست جي مدافعتي قوت انقلاب لاءِ ته سازگار آهي پر ڪنهن عام آدمي پارٽي لاءِ شايد هتي اهڙيون حالتون ۽ موقعا نه آهن جنهن جي واويلا ڪئي پئي وڃي.

هن صدي کي انقلابن جي صدي چيو وڃي ٿو ۽ ان ۾ به ڪو شڪ ناهي ته دنيا جي اڪثر سماجن ۾ انقلابي حالتون موجود آهن. انساني ارتقا جي تاريخ شاهد آهي ته جڏهن رائج نظام عام ۾ماڻهن کي ڪو فائدو ڏيڻ بدران عذاب بڻجندا آهن ته انهن ئي نظامن جي ڪک مان انقلاب پيدا ٿيا آهن ۽ اهڙي ريت سماجي ارتقا جو سفر هلندو رهي ٿو. هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته عوام کي ساڃهه جا سبق سيکارڻ بدران عوام جي جدوجهد جو حصو بنجي حقيقي تبيلي ۽ سماج ۾ انصاف ۽ ڀائيچاري جي سماج اڏڻ جي شروعات ڪئي وڃي.

ذرا نم هو تو يه مٽي بڙي زرخيز هي ساقي !!!

# ٻاٻيهن جي ٻوليءَ

محترم دوست رحمت الله ماجوٺي جو فون هو ۽ اهو ٻه لڳاتار اڌ ڪلاڪ تائين، هتي اڌ ڪلاڪ مان منهنجو مطلب اهو ناهي ته هن مهرباني ڪري پنهنجي مصروف زندگي مان اڌ ڪلاڪ جيترو وقت ڪڍيو پر ان ڪان ٻه وڏي ڳالهه بئلينس جي آهي. بئلينس جو قدر ڪو مون ۽ رحمت الله ماجوٺي ڪان معلوم ڪري سگهي ٿو. سائين جي بحث جو مرڪز صرف هڪڙو لفظ هو جيڪو مون گذريل هڪ ڪالم ۾ ڪتب آندو هو. لفظ هو ”چرچو“. ان لفظ ڪي مون ”چوٻول“ جي جاءِ تي ڪتب آندو هو. سنڌي ۾ چرچي مان ڪل يوڳ جو مطلب ورتو ويندو آهي. مزي جهڙي ڳالهه اها آهي ته ”يوڳ“ لفظ هندي ۾ ٻه رائج آهي پر ان جي وري هندي ۾ معني جنسي ميلاپ ٿئي ٿي. اسان جي اٽڄاٽائي جتي ٻولي جو روپ بگاڙيندي آهي ته اها ڪڏهن ڪڏهن مسئلن ڪي پڻ جنم ڏيندي آهي. مون ڪي دل سان اهو اعتراف ڪرڻ ۾ ڪا ٻه هٻڪ نٿي ٿئي ته مون ڪان ڪافي اوٽايون ٿينديون رهن ٿيون جن ڪي اخبار ۾ وينل دوست دور ٻه ڪندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهي رهجي وينديون آهن ۽ آئون ان جي ذميواري محسوس ڪندي پاڻ ڪي مجرم تصور ڪريان ٿو.

رحمت الله ماجوٺي سنڌ جي انهن چند ماڻهن ۾ شامل آهي جنهن پنهنجي تحرير ۾ سماج جي اوٽاين جي نه صرف نشاندهي ڪئي پر هن جي لکڻي ۾ لاڙ جي نج ٻوليءَ جو ٻه چس ايندو آهي. سائين ڪي جيڪا ڏات ۽ ڏانءُ آهي اها هرڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي.
منهنجي سنڌي ٻولي جي جن ٻاٻيهن سان ملاقات ٿي ان ۾ رحمت الله ماجوٺي، سائين ديدار شاهه (ميرواهه گورچاڻي وارو) ۽ محمد اسماعيل سولنگي اهي شخصيتون آهن جيڪي توهان جي ڳالهائڻ دوران ڳالهه جي اونهائي ۾ لهڻ سان گڏوگڏ توهان جي ٻوليءَ بابت پڻ هوشيار رهندا آهن. سنڌ جا اهي جيءُ جيارا پنهنجي مخاطب سان سماجي ۽ دنيا جي ٻين مامرن تي رهنمائي ڪرڻ سان گڏوگڏ ان جي ٻوليءَ جو ٻه اصلاح ڪندا رهن ٿا. هن دور ۾ ٻوليءَ جيڪا ڪيسر جي مس ۽ ڪانهه جي قلم مان نڪري ڪمپيوٽر جي سافٽ ويئر جي سانچي ۾ سمائجي چڪي آهي ۽ ان تبديلي جتي ٻوليءُ جي اڏام ڪي تيز ڪيو اتي ان جو اسلوب ٻه ڪجهه بگاڙي ڇڏيو آهي (خاص ڪري موبائيل جي ايس ايم ايس ۽ رومن لپيءَ ۾ لکيل سنڌي متن). جديد دور ۾ اسان جا ٽي وي چئنل جهڙي ريت سنڌي ٻولي جي ستياناس ڪري رهيا آهن اها ته ڪلهوڪي لڏي آيل ڪنهن ڪابلي پناڻ يا آذر بائيجان جي مغل جي ”سنڌيءَ“ ڪان ٻه بدتر آهي. انگريزي گاڏڙ اڙدو ڪي سنڌي ويس اوڍائي اسان جي ٽي وي چئنلن جا هوسٽ پائر ۽ هوسٽيس پينرون سنڌي ٻولي جو حليو ئي بگاڙي ڇڏينديون آهن. اهو عمل هو ڏاڍي ناز ۽ نخرن سان ڪندا ۽ ڪنديون آهن. موسيقي جو حال ته ان ڪان ٻه رحم جوڳو آهي. سنڌ جو هڪ ”هيوي ويٽ موسيقي پراڊڪٽشن پروڊيوسر“ جيڪو اتفاق سان ساڄهه وند پڻ آهي ۽ تبديلي جو علمبردار پڻ، اهو صاحب ڳولي ڳولي سهٽيون جوانڙيون هٿ ڪندو آهي ۽ انهن ڪي وري ناچ ۽ موسيقي جي مدد سان سنڌي ٻولي جي سُرن ۽ صدائن آلاپڻ جي ذميواري ڏيندو آهي ۽ پوءِ وري ڪئسٽي شاعرن جي شاعري جي سنگم سان سان اهي جيڪو سنڌي ٻوليءِ سان حشر ڪندا آهن اهو هر ماڻهو پلي پت ڄاڻي ٿو. اهي ڳالهيون ته عام طور درگذر ڪرڻ جهڙيون آهن پر ٻوليءَ جي عاشقن لاءِ هڪ وڏي المئي ڪان گهٽ ناهن.

صحافت جي دنيا ۾ سائين لائق، سنڌي ٻوليءَ جو محافظ رهيو. سائين لائق سنڌي سان ته ملاقات جو شرف حاصل ٿي نه سگهيو، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته پاڻ ٻولي بابت ڏاڍا حساس

هوندا هئا ۽ صحافتي دنيا، جتي ٻولي جي اسلوب کي ڇڏي صرف ”خبر“ بابت هٿوراڙيون هڻيون وڃن ٿيون. اتي رهي پاڻ ٻوليءَ کي سڌارڻ جو ڪارج ته ڪندا هئا. صحافت جي دنيا ۾ اهو تمام ضروري آهي ڇاڪاڻ ته هن وقت ادب جي ڀيٽ ۾ اخبارون وڌيڪ پڙهيون وڃن ٿيون ۽ اخبار ۾ جيڪا ٻوليءَ استعمال ڪئي ويندي آهي ان ۾ ڪافي غلطيون رهجي وڃن ٿيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن پروف جون به وڏيون غلطيون ٿيو وڃن. هڪ ڀيرو لاڙڪاڻي ۾ هڪ سياسي پروگرام بابت هڪ وڏي سنڌي اخبار ۾ هڪ ننڍڙي پروف جي غلطي وڏو ممڻ مچايو ۽ اخبار کي اسٽالن تان ئي واپس گهرايو ويو. خبر هئي ”پروگرام جا سڀ انتظام مڪمل ۽ عورتن جي ويهڻ لاءِ الڳ شاميانا لڳايا ويا“، پر ڪمپوزر صاحب جي معمولي غلطي کي پروف ريڊر به پڪڙي نه سگهيو ۽ ان جملي جي نائين لفظ جو پهريون حرف لڪڻ کان رهجي ويو جنهن سڄي جملي جو مفهوم ئي بدلائي ڇڏيو هو.

اهي غلطيون ته ٽيڪنيڪ جي دائري ۾ اچن ٿيون ۽ اسان اڄڪلهه مشينن جا محتاج آهيون ۽ اهڙين غلطين جي هر وقت گنجائش به رهي ٿي پر ڪڏهن ڪڏهن ٿوري غلطي به وڏو حساس مسئلو پڻ بڻجي ويندي آهي. ٻولي ۾ ڌاريا لفظ استعمال ڪرڻ دوران انتهائي احتياط ڪرڻ گهرجي. جيتوڻيڪ دنيا جي ڪا به ٻولي هڪ سمنڊ وانگر هوندي آهي ۽ ٻولي جا خالق به عام ماڻهو هوندا آهن. اسان جي ابن ڏاڏن هزارين سالن کان وٺي پنهنجي تجربن ۽ احساسن کي جڏهن زبان تي آڻيو ته ڪو محاورو ۽ لفظ ايجاد ٿيو ۽ ان کان پوءِ ايندڙن ان کي لکين دفعا ڪتب آڻي اسان کي اهو خزانو ارپيو. هر لفظ ۽ محاوري جي پنهنجي تاريخ هوندي آهي ۽ ان جو مخصوص پس منظر پڻ هوندو آهي. اهي محاورا صرف ان مخصوص پس منظر ۽ موقعي تي ان ئي ٻولي ۾ ئي استعمال ڪيا وڃن. ٻي ٻولي ۾ اهي نه صرف اوپرا لڳن ٿا پر پنهنجي معنيٰ ۽ مقصد پڻ وڃائي ڇڏين ٿا. ڪجهه وقت اسان وٽ اٺ جي سنڌي ۾ شاهه سائين پاران استعمال ڪيل 60 نالن جو ذڪر ٿيو حقيقت ۾ انهن 60 لفظن جي پنهنجي الڳ الڳ معنيٰ ۽ وصف آهي.

اسان وٽ ٻيو هڪ اهو مسئلو به آهي ته اسان وٽ سماجي موضوعن تي جيڪو ادب شايع ٿئي ٿو اهو اردو زبان جي ذريعي اسان تائين پهچي ٿو. اسان جڏهن سنڌي ٻولي ۾ سماجي موضوعن تي لکندا آهيون ته اهو اردو جو اثر بهرحال سنڌي لکڻي ۾ پڻ منتقل ٿئي ٿو ۽ اهو اڪثر ڪري قبول به ڪيو وڃي ٿو. سائنسي موضوعن ۾ وري انگريزي لفظ قبول ڪرڻا پوندا آهن. متبادل لفظ هئڻ جي باوجود هروڀرو ٻين ٻولين جا لفظ استعمال ڪرڻ ٻولي سان ويساهه گهاتي آهي. ٻولي جي ارتقا لاءِ ڌاري ٻولين جا لفظ هضم ڪرڻ جي صلاحيت به هئڻ گهرجي. اهو هڪ فطري عمل آهي ته ٻولي تي پڻ ارتقا جو اصول لاڳو آهي. ٻوليون وڌن ويجهن ٿيون ۽ آخرڪار پنهنجي منطقي انجام تي پهچي ختم ٿي وڃن ٿيون. هزارين ٻوليون هن وقت پوئين پساهن ۾ آهن ۽ سوين ٻوليون دنيا مان ختم پڻ ٿي چڪيون آهن ته وري ڪافي ٻولين کي تمام اڳتي اڀرڻ جو موقعو مليو آهي. اقتصادي صورتحال جو پڻ ان ۾ وڏو ڪردار آهي. انگريزي ٻولي هاڻي عالمي ٻولي جو درجو اختيار ڪري وئي آهي. ان ۾ انگريزي ادب ۽ ٻولي جو ڪردار ثانوي آهي پر برطانوي سامراج جو ڪنهن دور ۾ دنيا جي گولي تي نه لهندڙ سج مکيه سبب آهي. جيڪڏهن جاپان، فرانس يا جرمن سامراج دنيا تي غالب پئي ها ته هن وقت اسان کي فرينچ، جرمن، جاپاني ٻولين کي عالمي طور رابطي جون زبانون استعمال ڪرڻ تي مجبور ٿيڻو پئي ها. هاڻ اهو موقعو ڪنهن به ٻولي کي ميسر نه ٿيندو ۽ اهو خال هاڻ رهيو ئي ناهي. هاڻ انگريزي ئي عالمي ٻولي بڻجي چڪي آهي.

انڊيا جي مقامي ٻولين سان پڻ اها ئي صرتحال آهي جيڪا اسان وٽ سنڌي کي درپيش آهي. راجسٿاني، گجراتي ۽ پنجابي ٻولين کي هندي ٻولي ڳڙڪائي رهي آهي جڏهن ته ڏاکڻين هندستان ۾ مقامي يا علائقائي ٻولين پنهنجي جيئڻ جو ڍنگ سکي ورتو آهي. بنگال، آندراپرديش، ڪرناٽڪ، تامل ناڊو، مهاراشٽر ۽ ڪيرالا ۾ هندي جي هڪ هٽي ٺوڙڻ لاءِ انگريزي زبان کي ترجيح ڏني وئي. اهڙي ريت تامل، ملايه، تيلگو، مراٺي، ڪنڙ ۽ بنگالي زبانون اڳتي ايري آيون ۽ انهن پنهنجي ٻولين کي نه صرف جياريو پر هندي کي پنهنجي علائقن مان تڙي پڻ ڪڍيو. ان سان هندي جو مخصوص اثر انهن علائقن ۾ هلي نٿو سگهي. اڄ پڻ توهان ڏاکڻين انڊيا ۾ گهمندا ته اهو محسوس ڪندا ته اهي انڊيا جا علائقا ناهن. اتي توهان سان هندي ۾ ڪير به ڳالهائڻ لاءِ تيار نه ٿيندو صرف رابطي لاءِ انگريزي يا مقامي ٻولي ذريعي توهان اتي هلي سگهو ٿا. جڏهن ته اتر انڊيا (جنهن کي ڪائو بيلٽ يا هندي بيلٽ سڏيو وڃي ٿو) ۾ صرف هندي جو سڪو جاري آهي. هندي نه ڳالهائڻ سبب اتي جي ٻولين کي عالمي طور مڃتا پڻ ملي آهي، ڇاڪاڻ ته انهن جو ادب سڌي طرح انگريزي ۾ ترجمو ۽ تخليق ٿيندو آهي ۽ ٻي وڏي ڳالهه اها ته انهن ٻولين ۾ اتي جي مخصوص علائقائي تاريخ ۽ قديم روايتن کي پڻ تحفظ ملي ويو. هندي جو مخصوص اثر اتي قبوليت پائي نه سگهيو. اسان وٽ ٻولي بابت وڏيون هامون هنيون وينديون آهن پر اسان پنهنجي پاڙيسري قومن جي تجربن مان سکڻ جي ڪا سنجيده ڪوشش ناهي ڪئي. ڏهاڙا ملهائڻ سان ڪا به هڙ حاصل ناهي ٿيڻي. سنڌي ٻولي جي صورتحال مايوس ڪن هرگز به ناهي، پاڪستان ۾ اردو کان پوءِ سنڌي ٻولي کي وڏي اهميت حاصل آهي. سنڌي ٻولي جو پنهنجو اسڪرپٽ آهي ۽ وڏي پئماني تي اهو رائج پڻ آهي. ڏئي وٺي ڪري اسان وٽ هتي پڻ انڊيا وانگر تامل هندي ڪشمڪش جهڙي حالت آهي. اسان انگريزي زبان جو سهارو وٺڻ سان ئي پنهنجي ٻولي کي جوڳو مقام ڏياري سگهون ٿا. پر هتي اها ڳالهه پڻ آهي ته اسان وٽ بلڪل ڏکڻ انڊيا جهڙي سماجي حالت به ميسر ناهي. ڏکڻ انڊيا جي اڪثر علائقن ۾ جتي عام ماڻهو مختلف ذاتين ۽ ٻين سڃاڻپ جي اڪاين ۾ ورهايل آهن پر اتي هندي زبان ڳالهائڻ وارا نه هئڻ جي برابر آهن. اتي ته اها ئي حالت آهي ته وزيراعظم جو منصب ماڻيندڙ ديو گوڙا جهڙو سياستدان پڻ هندي ٻولي ڳالهائي نه سگهندو هو. اتي جي نمايان ماڻهن کي اها ضرورت به محسوس نٿي ٿئي ۽ انگريزي هندي جو خال پري رهي آهي ۽ باقي خال اتي جون قومي ٻولين پورو ڪيو آهي.

اسان جي مخصوص سماجي حالتن تحت سنڌي ٻولي کي ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ پائرن تائين پهچائڻو پوندو. اهو تمام مشڪل پر ناممڪن پڻ لڳي رهيو آهي. ڪجهه پائرن تائين اها ٻولي پهچائڻ ايترو آسان به ناهي جيترو اسان وانگر گهرن ۾ سرائڪي، مارواڙي، بلوچي، براهوي، ڍاٽڪي، ڪانياواڙي ۽ گجراتي ڳالهائيندڙ سنڌي کي قبول ڪري رهيا آهن. اسان جا ڪافي دوست پنجابين کي پنهنجي مادري زبان ۾ نه لکڻ جا طعنا ۽ مهڻا به ڏين ٿا، منهنجي خيال ۾ ايئن چوڻ صحيح نه آهي. سنڌي ٻولي ۾ به اهڙن ڪافي لکندڙ دوستن جو تعداد آهي جيڪي پنهنجي گهرن ۾ ٻيون ٻوليون ڳالهائين ٿا پر رابطي ۽ پنهنجي اظهار لاءِ سنڌي ٻولي ۾ لکن، پڙهن ۽ ڳالهائن ٿا.

اهو سڀ ڪجهه ٿي به سگهيو پئي پر اسان جي نا اهل سياستدانن جتي ورهاڱي دوران انيڪ غلطيون ڪري پنهنجي قوم جي مستقبل کي اونداهين جي حوالي ڪرڻ جا بنياد رکيا ته اتي انهن بشرا زيدي واري معاملي تي انهن سنڌي سماج اڌڻ جي هڪ سونهري موقعي کي نه صرف هٿن مان وڃايو پر سنڌ ۽ سنڌي سماج جي ازلي ويرين جي تلوارن کي پاڻي پڻ ڏنو. اهو هڪ اهم موڙ هو جنهن سان اسان سنڌ جي سماج کي متحد رکي پئي

سگھيا سين ۽ هن وقت جيڪي لساني گهرايون ۽ ويڇا آهن انهن کي جنم ونڻ کان بہ روڪي پئي سگھياسين. اها ڳالهہ مجموعي طور سنڌ جي لاءِ تہ نيڪ شگون هئي پر وڏيرڪي مفاد ۽ جاگيرداراڻي سماج لاءِ انتهائي هڪ خطرو هئي ۽ اهو ئي سبب هو جو اهي خواب ساڀيان بڻجي نہ سگھيا. سنڌ جي انهي دقيانوس طبقي ورهاڱي واري دور ۾ پڻ سنڌ جي الڳ قومي جنگ جو ساٿ نہ ڏئي سامراجي هٿن ۾ ڪيڏيندي پنهنجي موت جا پاڻ پروانا جاري ڪيا. جيتوڻيڪ اها راءِ موضوع کان هٽي ڪري سياسي آهي پر ان جو هتي ذڪر ڪرڻ ان ڪري بہ ضروري آهي تہ ان جا سنڌي سماج ۽ سنڌي ٻولي تي انتهائي ناڪاري اثر پيا.

اسان وري بہ پنهنجي موضوع تي واپس اچي اهو عرض ڪندا سين تہ جيتوڻيڪ سنڌي ٻولي ۾ ساهتي لهجي کي معياري درجو حاصل آهي پر لاڙ ۽ ٿر ۾ رائج سنڌي ٻولي جا لفظ سنڌي ٻولي جو اصل خزانو آهن. ساهت تہ ان سمنڊ جو ڪنارو آهي ۽ لاڙ سنڌي ٻولي جي سمنڊ جو انتهائي گهرائي آهي. شاهہ سائين پڻ لاڙ جي ٻولي کي پنهنجي ڪلام ۾ ڪتب آندو هو. سنڌ ۾ ويجهي ماضي ۾ سنڌي لکندڙ بزرگن سنڌي ٻولي سان بہ ڌار تلوار سان حملا ڪيا. ان زماني جو سنڌي ادب پڙهبو تہ هڪ طرف سنڌي ۾ فارسي ۽ عربي جي غير ضروري استعمال جو ڪثرت سان استعمال ڪيو ويو هو تہ ٻي طرف وري سنسڪرت ۽ هندي جي ڀرمار هئي. اهو تمام ناڪاري عمل هو. حالت تہ اها هئي تہ سنڌ جو هر هنڌ رائج جڳ مشهور ترانو لکندڙ شاعر (جيڪو هڪ ممتاز سياسي شخصيت پڻ هو) جو سمورو ڪلام فارسي جي اثر هيٺ آهي. اهو ئي سبب آهي تہ ان وقت جي ادب جي حيثيت صرف قديم آثار کان وڌيڪ نہ آهي. جڏهن تہ ان کان بہ سو سال اڳ شاهہ سائين ۽ ٻين صوفي بزرگن جو سنڌي ڪلام اڄ پڻ زندهہ آهي.

اسان وٽ ڪجهہ وقت کان سنڌي اخبارن ۾ دوست "سامنو" لفظ استعمال ڪري رهيا آهن. مثال طور: "سنڌ کي مسئلن جو سامنو آهي." اها سراسر نا انصافي آهي. ٻولي بابت مامرا اڪلائڻ تہ ٻولي جي اختيارين ۽ ٻين سرڪاري ادارن جي ذميواري آهي پر هتي انهن وٽ "ڪتاب ڇپائڻ" ۽ انهن جا بل پاس ڪرڻ ۽ پنهنجي منظور نظر پريسن کي نوازڻ جهڙن "اهم" معاملن جي ڪري ان طرف ڌيان ئي نٿو ڏنو وڃي. اسان جي ادبي بيوروڪريسي جو حال ريلوي پليٽ فارم تي ديرو ڄمائي ويٺل پيشہ ور فقيرن وانگي آهي. انهن ادارن ٻولي بابت ڪهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن ان بابت حيدرآباد جي هڪ سرڪاري ادبي اداري جي وڏي عمارت جي حال اڳيان شاهہ سائين جو نصب ٿيل اهو شعر شاهدي ڏئي رهيو آهي جنهن ۾ ان وقت جي هڪ "جاڪوڙي" ادبي شخصيت اصل حڪمرانن کي خوش ڪرن لاءِ شاهہ سائين جي هڪ جڳ مشهور بيت ۾ "لاهور" جو اضافو ڪري ان آفيس ۾ اهو ( اصلاح ڪيل بيت) ديوار تي نصب ڪري ڇڏيو، ان کان وڌيڪ اسان جي ادبي بيوروڪريسي ادب ۽ ٻولي جي ٻي ڪهڙي خدمت ڪندي؟؟. شايد اڳتي هلي شاهہ سائين جي بيتن ۾ اسان کي اسلام آباد جو ذڪر پڻ پڙهڻ لاءِ ملي.

# رويداس

سڪندر لوڌي جو دور (1488ع کان 1518ع) نندي کنڊ جو هڪ ڪارو دور هو ان وقت جي سماج جي جهلڪ اسان کي نندي کنڊ جي ٻن عظيم شاعرن ڀڳت ڪبير ۽ ڀڳت رويداس جي ڪلام مان ملي ٿي. اهي عظيم شاعر انسانيت جي برابري ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڦهلائڻ ۽ سماج ۾ رائج براين کي ننڌڻ جي ڏوهہ ۾ سڪندر لوڌي جي عتاب جو شڪار پڻ ٿيا.

سڪندر لوڌي جهڙا تہ ڪئي سڪندر پنهنجي بادشاهي ڪري آخرڪار هن صفحہ هستي تان بہ مٽجي ويا پر جيڪڏهن انهن جو ڪٿي ذڪر ملي ٿو تہ اهو پڻ انهن بادشاهن سان منسوب هجي ٿو جن جي بادشاهي جو حدون دنيا جي دلين تان ڪڏهن بہ مٽجي نٿيون سگهجن. ڀڳت ڪبير ۽ ڀڳت رويداس سميت ڪيترن ئي ڀڳتن ۽ صوفين جي اڄ پڻ دنيا جي دلين تي حڪمراني آهي اهي قلندر هر دور ۾ زنده رهن ٿا. اڄ پڻ ۽ اڄ کان ڪيتريون صديون پوءِ پڻ انهن جي ذڪر کان زمانو فارغ نہ هوندو.

هندي شاعري ۾ رويداس جي حيثيت اها آهي جيڪا اسان وٽ سنڌي ۾ سچل سرمست جي آهي. سچل سائين پڻ سنڌ جي آفاقي شاعر شاهہ لطيف کان ستت ئي پوءِ واري زماني سان تعلق رکندو هو اهڙي ريت ڀڳت رويداس پڻ نندي کنڊ جي عظيم ڪوي ڀڳت ڪبير جو ئي همعصر هو پر ڀڳت رويداس، ڪبير کان عمر ۾ گهڻو ننڍو هو. ان دور ۾ هندستان تي سڪندر لوڌي جو راڄ هو. لطيف ۽ سچل جيان ڪبير ۽ رويداس پڻ هندي ٻولي جي آسمان تي سج ۽ چنڊ وانگر ڇائنيل آهن. ڪبير جي شاعري گهاٽي ٻڙ جيان آهي تہ رويداس جون ڪويتائون پڻ آسمان کي ڇهندڙ ڪنهن اڏول وڻ وانگر آهن. ڪبير جي شاعري هڪ گهري ساگر سان مشابهت رکي ٿي تہ رويداس جي ڪويتا ان ساگر ۾ لهندڙ هڪ مست درياهہ وانگر آهي. ٻنهي عظيم شاعرن ۾ ڪافي هڪجهڙايون آهن، ٻئي زماني جي ريتن ۽ رسمن کان باغي هئا، ٻئي شاعر پنهنجي دور جي لحاظ کان انتهائي انقلابي انداز سان ڏاڍ کي للڪارڻ جي صدا ڏين ٿا. ڀڳت ڪبير جو تعلق اڇوت ذات "جولاها" سان تعلق هو جنهن جو ڪم ڪپڙو اڻڻ آهي ۽ اها ذات اڄ پڻ انڊيا ۾ اڇوت ذات سمجهي وڃي ٿي جڏهن تہ ڀڳت رويداس جو تعلق وري هڪ ٻي اڇوت ذات "چمار" سان هو ۽ ان ذات وارا مئل جانورن جي کلن مان جتيون ٺاهيندا هئا. ڀڳت رويداس بابت اسان وٽ سنڌي ۾ تمام گهٽ مواد آهي.

ڀڳت رويداس جي شاعري جنهن کي عام زبان ۾ "واڻي" چيو ويندو آهي اها تہ صدين کان وٺي انساني سينن ذريعي هر نئين نسل ۾ منتقل ٿيندي رهي آهي پر ڪتابي شڪل ۾ ان جي پهرين اشاعت 1604ع ۾ گرو ارجن ديو جي سهيڙيل قديم شاعرن جي گٽڪي مان ملي ٿي. نندي کنڊ جي عظيم انقلابي صوفي گرو نانڪ پنهنجي پيروڪارن جي هدايت لاءِ جيڪو روحاني صحيفو "گرو گرنٿ صاحب" مرتب ڪيو هو ان ۾ بابا بلهي شاهہ، فريد سان گڏ ڀڳت ڪبير ۽ ڀڳت رويداس جو ڪلام پڻ شامل آهي.

هتي هڪ ٻي بدقسمتي اها آهي تہ اسان وٽ سماج کي للڪاريندڙ قديم انقلابي ڪردارن کي چاڙهي ٻجهي روحاني حيثيت ڏئي ان جي پيغام کي صرف تبرڪ قرار ڏنو ويو آهي. جڏهن تہ ڪبير ۽ رويداس پنهنجي دور جي لحاظ کان بلڪل باغي ۽ انقلابي شاعر هئا. رويداس جي جنم بابت هڪ مفروضو اڄ پڻ وڏي پئماني تي دهرايو وڃي ٿو تہ هو هڪ روحاني مرشد هو ۽ ان جي انقلابي ڪردار کي لڪائي صرف هٿ نوڪين ڪرامتن ۽ معجزن جي پرچار ڪئي وڃي ٿي. رويداس بابت چيو وڃي ٿو تہ هو هڪ برهمڻ رامانند جو چيلو هو (اها ڳالهہ ڪبير بابت پڻ چئي وڃي ٿي) ۽ سراپ (بد دعا) ملڻ تي هن جو جنم هڪ

"نيچ" چمار گھر ۾ ٿيو. جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ ڀڳت ڪبير ۽ رويداس ڪنهن بہ برهمڻ جا پيروڪار نہ هئا ۽ نہ ئي هو ديوتائن جي پوڄا ۾ يقين رکندا هئا. ڪبير پڻ پنهنجي ڪلام ۾ پاڻ کي صرف هڪ لافاني هستي جو ڀڳت ڄاڻايو آهي ۽ ڪٿي ڪٿي وري پاڻ بابت "بي گرو" ۽ "بي مرشد" جهڙا لفظ بہ چيا آهن. ٻنهي شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ هندو ۽ مسلمان سماجن ۾ رائج تنگ نظري، اوچ نيچ، عدم برداشت ۽ ويڇن واري سوچ تي سخت حملا ڪيا آهن. هي ٻئي عظيم ڪوي مذهب جي قيد و بند کان آزاد هئا جيتوڻيڪ ڪبير جو خاندان نئين مسلمان ٿيل قبيلي مان هو پر ڪبير پاڻ کي هندو ۽ مسلمان جي سرحدن کان آزاد ڪري صرف انسانيت جو پرچارڪ ئي سمجهيو. ڪبير ڪيترن ئي موقعن تي هندن ۽ مسلمانن جي ريتن رسمن تي ڀرپور چٿر ڪندي چيو تہ "ان دونون ني راهہ نہ پائي". رويداس پڻ پاڻ کي ڪنهن ديوتا جو گرو سڏائڻ پسند نہ ڪيو. هڪ ڀيري جڏهن ان کان سوال پڇيو ويو تہ تنهنجو گرو ڪير آهي تہ رويداس وراڻيو تہ "جوتن ناهڻ وارو هي اوزار ئي منهنجو گرو آهي ۽ اهو ئي مون کي هن دنيا مان اڪاري پار ڪندو."

"رويداس هو نچ هاٿ راکو رانبي آر،

سکرت هي ميرا ڌرم هي تاري گا پوپار."

رويداس پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجي ذات جو حوالو پڻ ڏنو آهي.

"جا ڪي ڪٽنب ڪي سپ ڍيڍ ڍور ڍوونت ڦري، اجهہ بنارس ڪي آسپاسا."

رويداس جو ذڪر علائقن ۽ لهجن جي ڪري مختلف نالن سان ملي ٿو، جهڙوڪ رويداس، رئيداس، ريداس، روهي ڏاس، رودر داس ۽ رامداس جي نالن سان رويداس کي ياد ڪيو ويندو آهي.

رويداس ۽ ڀڳت ڪبير جي شاعري ڪتابن جي بدران عوام الناس جي سينن ۾ ئي محفوظ رهندي هڪ کان ٻئي نسل ۾ منتقل ٿيندي وئي. اڄ پڻ اسان وٽ سنڌ ۾ آباد قديم قبيلن ۽ ذاتين جهڙوڪ ڪولهين، ڀيلن، ميگهواڙن، باگڙين، ٻاليشاهن ۽ جوڳين ۾ جڏهن بہ ڪو گذاري ويندو آهي تہ ان جي لاش جي چوڌاري سوڳوار ڪبير ۽ روهي ڏاس جا ڀڄن ڳائيندا آهن ۽ اهو پڻ سازن جي سنگت جهڙوڪ تنبورو، هارمونيم، مٽڪو، ڪاسين، پاون ۽ پکواس تي ڳائيندا آهن. ان وقت سڄي ماحول ۾ هڪ عجيب ڪيفيت پيدا ٿي ويندي آهي ۽ اتي وينل هر ماڻهوايئن ڀائيندو آهي تہ هو ڪبير ۽ روهي ڏاس (رويداس) سان گڏ گيت ڳائي رهيو هجي. اها رسم صرف سنڌ جي قديم جاتين ۽ قبيلن ۾ رائج آهي. ڀڳت ڪبير ۽ رويداس جي ڪلام جا پيروڪار نندي ڪنڌ جي بهار ۽ مگڌ جي پٽ کان وٺي سنڌ جي صحرائن ۽ لاڙ تائين موجود آهن. ايتري ويسع علائقي ۾ ڪبير ۽ رويداس جو ڪلام غريب محنت ڪش طبقن جي رهنمائي ڪندو رهي ٿو. مگر اهتي اهو پڻ مسئلو ٿيو آهي تہ هر علائقي ۾ ان ڪلام جو لهجو مختلف هجي ٿي. ڪبير ۽ رويداس پاڻ بہ ان وقت رائج عوامي ٻولي کي پنهنجي اظهار جو ذريعو ٻڻايو. هندي جي ان لهجي کي دکني هندي چيو ويندو آهي.

رويداس ڀڳت سان منسوب نندي ڪنڌ جي واحد ڀڳت عورت جو ذڪر پڻ ملي ٿو. ميرا ٻائي اها عظيم عورت آهي جنهن راجپوت خاندان جي بادشاهي واري زندگي ڇڏي ڀڳتي جو مارگ ورتو. ميران ٻائي جو ڪلام پڻ ابدي آهي. ميران ٻائي بابت تاريخ ۾ مختلف ۽ متضاد حوالا ملن ٿا. ڪي محقق ان کي راجا ڀوڄراج جي ڪنهن شهزادي جي گهر واري سڏين ٿا جيڪا ان جي جنگ ۾ مارجي وڃڻ کان پوءِ ڀڳتي اختيار ڪري ٿي تہ ڪي وري ان کي راجا اڏيسنگهہ جي گهرواري قرار ڏين ٿا تہ ڪي وري راجا اڏيسنگهہ کي ميران ٻائي جو پٽ تہ

ڪي وري ڏير چون ٿا. بهرحال راجا اڏيسنگهه پڻ ميران ٻائي ۽ ڀڳت رويداس جو وڏو پيروڪار هو ۽ پنهنجي دربار ۾ 1540ع ڌاري رويداس ۽ ڪبير کي مدعو ڪيو هئائين جتي هن انهن ٻنهي ڀڳتن سان گڏجي پنهنجي اميرن ۽ ووزيرن سميت کاڌو پڻ کاڌو پر اتي هڪ دلچسپ صورتحال سامهون پڻ آئي جڏهن برهمڻن، رويداس جي چمار هئڻ جي ڪري ان دعوت ۾ کاڌو کائڻ کي عيب سمجهندي پنهنجي لاءِ ڪچو سينڌو گهرائي الڳ کاڌو تيار ڪيائون. اها رياست چتوڙ گڊ جي چئي وڃي ٿي.

ڀڳت رويداس جي جنم بابت ڪو مستند تاريخي حوالو نٿو ملي پر ڪجهه تاريخي واقعن جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته اهو دور پندرهين صدي جي آخر ۽ سورهين صدي جو اوائلي دور هوندو. اها ڳالهه ڀڳت ڪبير بابت پڻ چئي سگهجي ٿي. ڀڳت رويداس جي زندگي بابت ان جي ڪلام مان ئي ذڪر ملي ٿو. رويداس جي شادي لونا ٻائي نالي هڪ چمار ذات جي عورت سان ننڍي هوندي ئي ٿي ۽ رويداس پنهنجي زندگي ۾ سير ۽ سفر سان گڏ پنهنجي اباڻي ڪرت ڪندو رهيو. پنهنجي زندگي ۾ هن وقت جي حڪمرانن طرفان ملندڙ ڪيترين ئي قيمتي شيون نڪرائي ڇڏيون. ايستائين جو هن جي پيروڪار ميران ٻائي پڻ هڪ ڀيرو هن کي هڪ قيمتي جواهر ڏنو جيڪو هن قبول نه ڪيو پر ميران ٻائي ان جي جهوپڙيءَ ۾ اهو ڇڏي وئي جڏهن ڪافي وقت کان پوءِ هو وري رويداس وٽ آئي ته اهو جواهر هن کي ان ئي هنڌ ساڳئي حالت ۾ مليو. ڀڳت ڪبير وانگر رويداس کي پڻ پنهنجي زندگي ۾ برابري ۽ انساني ڀائيچاري لاءِ آواز اٿارڻ جي ڪري برهمڻ طبقي طرفان ايذاءُ پهچايا ويا.

ڪبير ڀڳت ۽ رويداس جي ڪلام ۾ ڪافي هڪجهڙائي پڻ ملي ٿي. ڪبير هڪ هنڌ چيو هو ته ”مورا رام دسرٿ جايا ناهين“ يعني منهنجو رام دسرٿ جو پٽ ناهي. اهڙي ريت رويداس پڻ پنهنجي هڪ ساکي ۾ چوي ٿو ته ”رويداس همرو رام دسرٿ ڪوست ناهين، رام همرو رم رهيو سب ڪٽنب ماهين.“ ( منهنجو اهو رام ناهي جيڪو دسرٿ جي گهر ڄائو پر منهنجو رام ته پوري سنسار ۾ هر جاءِ تي موجود آهي.)

ڀڳت ڪبير وانگر رويداس جو تعلق پڻ اڇوت ذات سان هئڻ ڪري انهن کي ٻنهي هندن ۽ مسلمانن جي عتاب مان گذرڻو پيو ۽ انهن صوفي ڀڳتن پنهنجي ڪلام ۾ هندن ۽ مسلمانن جي رويي کي پنهنجي ڪلام ۾ ڀرپور تنقيد جو نشانو بڻايو آهي.

رويداس چئي ٿو ته هندو ديهڙن ۾ رام کي ڳولين ٿا ۽ مسلمان وري مسجد ۾ الله کي ڳولين ٿا پر مون کي جيڪو رام رحيم مليو ان جو نه وري  ڪو ديهڙو آهي ۽ نه وري ڪا مسجد.

” ترڪ مسيت ۾ الله ڍونڍيين، ديهڙي ۾ هندو رام گوسائين،

رويداس ڍونڍيا رام رحيم ڪو جه ڪا مسيت ديهڙا ناهين.“

رويداس مذهبي رسمن جهڙوڪ جانورن جي قرباني، ٻلي چاڙهڻ، جٽيو پائڻ، جسم جا وار ڇڏي ڏيڻ، مالها ڦيرڻ، تلڪ لڳائڻ سميت هر قسم جي ڏيکاءُ وارين ريتن کي ناٽڪ يا پاکنڊ چوندو هو.

رويداس مسجد يا مندر ۾ مٿو ٽيڪڻ کان صاف انڪار ڪندي چيو ته آئون صرف ان جي اڳيان مٿو ٽيڪيندس جنهن ۾ مون کي محبت جي ڪا ڪٽي نظر ايندي.

”رويداس نا پوجيه ديهرا اور نا مسيت جائي،

جيهه ما پريم واس آوي تيهه سيس نوائي.“

ذات پات جي نظام ۾ ماڻهن کي الجهيل ڏسي رويداس چئي ٿو تہ اها انسانيت کي تباهہ کندڙ هڪ کڏي رسم آهي.

"جات پات کي پهير مانهين ارجهہ رهي سب لوڪ،

مانکهتا کو کهات هي رويداس جات کا يہ روگ."

ذات پات جي رشتن کي رد ڪندي رويداس انسان جي ڪردار کي اهميت ڏني آهي، رويداس پنهنجي ڪلام ۾ صاف طور چيو آهي تہ انسانيت جي گڻن کان وانجهيل برهمڻن کي پوڄڻ بدران ان "نيچ" ذات سمجهيو ويندڙ چنڊال جي پيرن ۾ پناهہ وٺڻ گهرجي جنهن جو ڪردار عظيم ۽ بي داغ هجي.

"رويداس باهمن مت پوجيہ جي هو گن هين،

پوجن چرن چنڊال کي جو هو گن پروين."

رويداس جي نظر ۾ جنهن دل ۾ انسانيت لاءِ پيار ناهي اها دل ئي "نيچ" آهي. اوچ ۽ نيچ جو ذات سان نہ پر ڪردار سان تعلق آهي.

"ديا ڌرم جا مين ناهين هردي پاپ کو ڪيچ،

رويداس تيهہ جان هي مها پاتڪي نيچ."

رويداس مندر ۽ مسجد سان نہ وري پيار ٿو ڪري ۽ وري ڪيس انهن سان ڪا نفرت يا ڏڪار آهي، رويداس صرف اهو چوڻ چاهي ٿو تہ هن جو محبوب هن کي بنهي جاين تان نہ مليو.

"مسجد سون ڪڇ گهن ناهين، مندر سون ناهين پيار،

دوئي ماهين الله رام نا پايا ڪهي رويداس چمار."

اذان ڏيڻ يا مندرن ۾ مٿو ٽيڪڻ سان ڪڏهن بہ محبوب جو ديدار نٿو ڪري سگهجي جيڪڏهن دل ۾ نفرت ۽ ٻيائي جو زهر موجود هوندو. جڏهن پنهنجو نفس ان کي غلام بنائي ڇڏي ٿو تہ پوءِ رحمان يا رحيم جو نالو وٺڻ سان خدا هرگز خوش نٿو ٿئي.

"ديتا رهي هزار برس ملان چاهي اذان،

رويداس خدا ناهين مل سڪي جو لوءِ مين شيطان."

ڀڳت رويداس پنهنجي ڪلام ۾ جتي هندن ۽ مسلمانن جي اڻنگين ۽ دقيانوسي رسمن، ويڇن ۽ نفرتن کي نندي ٿو تہ اتي اهو انسانيت جو لازوال پيغام پڻ ڏئي ٿو. هو ڪڏهن بہ ڪنهن هندو يا مسلمان کي ان جي ذات يا عقيدي جي بنياد تي تنقيد جو نشانو نٿو بنائي. رويداس پراڻين رسمن ۽ اوچ نيچ جي فرق کي مٽائي صرف انسانيت جي صدا بلند ڪري ٿو. هو هندن ۽ مسلمانن سميت هن دنيا جي هر مخلوق سان برابري ۽ پيار جي ناتي هڪ ٿيڻ جو ڏس ڏئي ٿو. هو هر ڪنهن کي پنهنجو ميت سمجهي ٿو.

"مسلمان سي دوستي، هندئون سي ڪر پريت،

رويداس پوت سب رام کي ، سب هين اپني ميت."

# ناچڻي، ڪاري يا ٻاجهاري ماءُ

24 فيبروري جي سنڌ ايڪسپريس ۾ موئن جي دڙي جي "ناچڻي" بابت هڪ اديب جي انوکي راءِ جو ذڪر پڙهڻ لاءِ مليو. ان اديب صاحب جي خيال موجب مجسمي واري ناچڻي حقيقت ۾ "ڪاري" هئي ۽ ان وقت جي غيرتمندن ان کي ماري پوءِ وري ان جو مجسمو تراشيو ته جيئن ماڻهو ان مان عبرت حاصل ڪري سگهن. سائين ظفر الحق ميمڻ صاحب ان اديب جو نالو ڪونه ڄاڻايو آهي جنهن تحقيق تي ٻڌل اهڙي قيمتي راءِ ڏني. ان راءِ تي ڪنهن به قسم جي حيريت يا تعجب ڪرڻ جي ضرورت ناهي ڇاڪاڻ ته ڪنهن به راءِ کي رد ڪرڻ تحقيق جي اصول جي انحرافي سمجهي وڃي ٿي. جڏهن چيچنيا جي ٻارن جي نظر ۾ هر هوائي جهاز جو ڪم صرف انهن تي بم اڇلائڻ ئي هوندو آهي، فلسطيني ٻارن جي نظر ۾ هر بلڊوزر جو ڪم انهن جا اجها ڊاهڻ ئي هجي ٿو ۽ جوڳين جا ٻار دنيا جي هر ماڻهو مان نفرت ۽ ڌڪار واري سلوڪ جي توقع رکن ٿا. اهڙي ريت اڄ جي اتر سنڌ ۾ جتي اڪثر نياڻين جون زندگيون ڪارپ جي ڪڏي ڪاتي هٿان روز ڪسجي رهيون هجن ته پوءِ اتي جي ڪنهن اديب کي ان ناچڻي سان به اهڙي سلوڪ جو شڪ پيدا ٿيڻ بلڪل فطري آهي.

موئن جي دڙي بابت اسان وٽ ڪجهه اهڙا به رايا ملن ٿا جيڪي بلڪل بي بنياد ۽ فرضي لڳن ٿا. اسان وٽ موئن جي دڙي بابت هڪ اها پختي راءِ جڙيل آهي ته موئن جي دڙي جا ماڻهو "امن پسند" هئا ۽ موئن جي دڙي مان ڪنهن هٿيار ملڻ جي جي ثابتي نٿي ملي. هڪ ٻي راءِ اها آهي ته موئن جي دڙي جا ماڻهو ڪنهن به عقيدي جا پوئلڳ نه هئا. منهنجي خيال ۾ اهي ٻئي رايا صحيح نه آهن.

موئن جو دڙو لڳ ڀڳ پنج هزار سالن کان به قديم آهي. اسان کي ان وقت جي صورتحال جي ڪنهن به ذريعي مان ڪا معلومات نٿي ملي سگهي. ان ڪري اسان کي ان وقت جي تهذيب ۽ زندگي بابت انساني ارتقا جي علم مان ئي مدد حاصل ڪرڻي پئي ٿي. ڇاڪاڻ ته موئن جو دڙو به انساني ارتقا جو هڪ اهم باب آهي.

اسين انسان جي ارتقائي سفر جي روشني ۾ ئي موئن جي دڙي بابت ڪا راءِ جوڙي سگهون ٿا. اسان شين کي الڳ ڪري پوءِ ان بابت ڪا راءِ ناهي ونندا آهيون. اها راءِ صرف هڪ روايت يا ڏند ڪٿا کان وڌيڪ ڪا به اهميت ناهي رکندي. ڇا موئن جي دڙي واري دور جا ماڻهو "امن پسند" هئا ۽ ڇا اهي هٿيار جي استعمال کان اڻواقف هئا ؟ اها جيتوڻيڪ اسان وٽ انتهائي پختي راءِ آهي ۽ اسين وڏي فخر سان ان جو اظهار پڻ ڪندا آهيون پر حقيقت ۾ ايئن ٿي نٿو سگهي. موئن جي دڙي جي تهذيب پڻ انسانن جي اوائلي تهذيب جو حصو هئي. انسان جي ارتقائي تاريخ ٻڌائي ٿي ته انسان هن دنيا ۾ اهو جاندار آهي جنهن پنهنجي بچاءُ لاءِ فطرت سان ويڙهاند ڪئي. دنيا جي ٻي هر مخلوق کي زنده رهڻ لاءِ فطرت جي مدد حاصل هئي پر انسان تي فطرت ان جي پيدا ٿيڻ سان ئي حملا ڪرڻ شروع ڪيا ۽ ان وقت کان وٺي اڄ تائين انسان جي فطرت سان ڪشمڪش جاري آهي. رڇ کي برفاني علائقن ۾ رهڻ لاءِ ان کي قدرتي لباس موروثيت ۾ مليو ۽ نانگ کي گرم ريگستانن ۾

رهڻ لاءِ فطري صلاحيتون مليون پر انسان لاءِ هن دنيا ۾ ڪو بہ فطري سهارو ميسر نہ هو. فطرت ۽ انسان جي ارتقا هڪ وڏو بحث آهي پر هتي ان ڳالهہ جي تمهيد ٻڌڻ جو مطلب اهو آهي تہ انسان فطرت سان جنگ ڪري ئي پنهنجو وجود بچايو آهي ۽ ان جنگ ۾ هٿيار ئي انسان جي وڏي ضرورت ۽ ايجاد هئي. اڄ پڻ اسان ”هٿيارن“ جي ڪري ئي پنهنجي زندگي جو سفر جاري رکندا اچون. جڏهن هٿيار انسان لاءِ لازمي رهيا هجن اتي اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ موئن جي دڙي جا ماڻهو هٿيارن کان اڻواقف هئا. هٿيار ٻن قسمن جا هوندا آهن، هڪ اهي جيڪي انسان کي فطرت جي جبر کان بچائين ۽ ٻيا خونخوار جانورن ۽ اڳتي هلي مختلف دشمن قبيلن سان منهن ڏيڻ لاءِ. هر انساني تهذيب ۽ سماج وٽ انهن ٻنهي قسمن جا هٿيار مليا آهن.

موئن جي دڙي مان ڪو هٿيار نہ ملڻ واري ڳالهہ انتهائي چسي لڳي ٿي، هٿيار انسان جي لاءِ پيداواري اوزار پڻ آهن تہ وري ان جي زندگي ۾ زراعت ۽ ان وقت جي صنعت ۽ تعميرات لاءِ پڻ هٿيار هئڻ لازمي آهي. موئن جو دڙو سمنڊ ۽ درياءَ جي بلڪل ويجهو آباد هو ۽ ان لاءِ اتي جي ماڻهن کي ڪاٺ جي استعمال جو وڏو تجربو رهيو هوندو. ڪاٺ جي استعمال لاءِ هٿيار هئڻ انتهائي لازمي آهي. انهن قديم آثارن مان جنگي هٿيار نہ ملڻ جا بہ ڪافي سبب ٿي سگهن ٿا. موئن جي دڙي جي ماڻهن وٽ لازمي طور جنگي هٿيار رهيا هوندا ڇو تہ ان وقت جي حالتن موجب اتي جي ماڻهن جهنگلي خونخوار جانورن کان پنهنجي بچاءُ لاءِ ضرور هٿيارن جو استعمال ڪيو هوندو ۽ موئن جي دڙي ۾ آباد انسان ارتقا جو منزلون طئي ڪري تهذيب اڏڻ وڃي رهيو هو ۽ اهو بہ انسانن جي فطرت ۾ شامل آهي تہ ان وقت هنن پاڻ کي گڏيل خاندانن يا قبيلن ۾ منظم ڪيو هوندو ۽ مخالف قبيلن کي منهن ڏيڻ ۽ انهن تي حاوي ٿيڻ لاءِ هن هٿيار ضرور استعمال ڪيا هوندا. موئن جي دڙي مان ”جنگي هٿيار“ نہ ملڻ جي وڏن ڪارڻن مان هڪ اهو بہ آهي تہ اسان موئن جي دڙي کي دريافت ناهي ڪيو اها انگريزن جي مهرباني آهي جن اسان جي وڏڙن بابت هڪ اهم ثبوت اسان کي ڳولي ڏنو. انگريزن ويهين صدي جي ٻي ۽ ٽئي ڏهاڪن دوران اها دريافت ڪئي. ان کان اڳ اهو مٽي جو هڪ وڏو دڙو هو ۽ ڪئي اهم آثار ۽ نشانيون اتي جي مقامي ماڻهن هٿان ضرور تباهہ ٿيون هونديون ۽ باقي موسمي حالتن جهڙوڪ ٻوڏن ، برساتن ۽ زلزلن پڻ ڪافي نقصان ڪيو هوندو. رهيل ڪسر ننڍڙڪائي واري سالن جهڙوڪ ”آزادي“ کان پوءِ وارن ڏينهن ۾ پوري ٿي ۽ ڪافي آثار چوري ڪيا ويا ۽ تباهہ ڪيا ويا. لازمي طور انگريزن پڻ انهن قديم ترين نواورداتن تي پڻ وڏي پئماني تي پنهنجا هٿ صاف ڪيا هوندا. ۽ اها پڻ حقيقت آهي تہ موئن جي دڙي جي مڪمل کوٽائي پڻ ناهي ٿي سگهي ان ڪري اهي ئي سبب آهن جيڪي ان وقت جي تهذيب جا اهم ثبوت اسان وٽ ميسر نہ آهن.

ان وقت جا جنگي هٿيار گهڻو ڪري ڌاتن بدران ڪاٺ جا گهڙيل هوندا هئا جهڙوڪ گز ڪمان ۽ ڪاتر (ڪاٺ جي اوائلي تلوار جيڪا اڄ پڻ ننڍي ڪنڌ جا ڪولهي ۽ ٻيا آديواسي قبيلا استعمال ڪن ٿا). هٿيارن کان سواءِ زندگي جي ٻين معاملن ۾ پڻ اوائلي انسانن ڪاٺ جو ڪثرت سان استعمال ڪيو آهي پر اسان کي اهي آثار ملي نٿا سگهن ڇاڪاڻ تہ وقت گذرڻ سان ڪاٺ مان ٺهيل شيون ختم ٿي مٽي جي صورت اختيار ڪري وينديون آهن. هڏن ۽ وارن (پشم يا ڌاس) مان ٺهيل شيون پڻ وقت گذرڻ سان ختم ٿي وڃن ٿيون ۽ اسان کي پنهنجي وڏڙن جي آثارن مان صرف ڌاتن ۽ پٿرن تي چٽيل نقش ئي محفوظ حالت ۾ ملندا آهن.

قديم انسان جي هٿن جا جڏهن اسين نشان ڳوليندا سين تہ اسان کي پٿر ۽ ڌاتن تي نقش انسان ي هٿين جا نشان تہ ملندا آهن پر ڪاٺ جي استعمال ۽ ان وقت جي انسان جي زندگي جون ٻيون نشانيون وقت جي گذرڻ سان ختم ٿيو وڃن ٿيون. ٿي سگهي ٿو تہ موئن جي دڙي جي ماڻهن وٽ ڪاٺ جي ٿرهن، جانورن جي کلن ۽ ڪپڙي تي لکڻ جو بہ رواج رهيو هجي ۽ ان سان گڏوگڏ ٻيا ڪيترائي ئي نشان ڪلراٺي مٽي جي نذر ٿي ويا آهن.

موئن جي دڙي جي تهذيب دنيا جي ٻي ڪنهن بہ تهذيب کان بلڪل ابتڙ نٿي ٿي سگهي. تهذيب اڏيندڙ انسانن جو جنگجو نہ هئڻ ناممڪن آهي. موئن جي دڙي جا ماڻهو جنگجو هئا ان بابت اسان کي قديم روايتن (اسان وٽ نندي ڪنڌ جي قديم تاريخ ميسر نہ آهي) ۾ ڪافي اشارا ۽ ڪڙيون ملن ٿيون. ايڏي وڏي تهذيب کي تعمير ڪرڻ ۽ دشمنن کان بچائڻ انهن جي هٿيار بند جنگجو هئڻ کان سواءِ ممڪن ئي نہ هو. جيڪڏهن ايئن نہ هجي ها تہ ڪڏهن بہ اهڙو شهر آباد ٿي نہ سگهي ها. موئن جو دڙو وارو شهر تمام وڏي عرصي تائين قائم رهيو هو ۽ ان دوران ترقي جون منزلون طئي ڪري عروج حاصل ڪيو هئائين. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ ان وقت دنيا ۾ صرف اهو ئي شهر بلند سماجي سطح تي رسيل هو. ايئن ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ دنيا جي ترقي يافتہ سماج هٿيارن جي واهپي کان اڻڄاڻ هوندو. اهڙي ترقي يافتہ تهذيب جي باري ۾ ”غير هٿياربند“ هئڻ جي راءِ ڏيڻ تمام غلط آهي.

موئن جي دڙي جي تباهي بابت پڻ اسان صرف هٿ ٺوڪين مفروضن تي پاڙيون ٿا. اسان وٽ هڪ مفروضو اهو پڻ آهي تہ انهي دڙي کي آرين تباهہ ڪيو. ڪجهہ وري ان تهذيب جي تباهي جو ڪارڻ ڪنهن قدرتي آفت کي قرار ڏين ٿا. اها هڪ حقيقت آهي تہ هن دنيا ۾ هر شيءَ جي پنهنجي فطري عمر هوندي آهي ۽ اها جنم وٺڻ کان پوءِ مختلف منزلون طي ڪري پنهنجي عروج تي پهچندي آهي ۽ آخرڪار تباهہ يا ختم ٿي ويندي آهي. اهو اصول هر نظام، سماج، عقيدي ۽ قوم تي لاڳو آهي. موئن جي دڙي بابت آرين جي حملي سبب تباهي جو رايو بہ هڪ وزندار رايو آهي. آرين هن نندي ڪنڌ تي حملو ڪيو ۽ ان جو تضاد اڄ تائين پڻ جاري آهي. مگر موئن جي دڙي بابت انهي رايي کي مفروضو ان ڪري چئون ٿا تہ آرين جي ادب ۾ ڪي بہ اهڙا اشارا نٿا ملن جو سنڌو جي ڪناري تي آباد ”ڪارن راڪشن“ جي ڪنهن شهر کي انهن جي ڪنهن سورمي ”فتح“ ڪيو هجي. آريا ٽي هزار سال اڳ نندي ڪنڌ تي حاوي ٿيا. اها ڳالهہ پڻ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ آرين اڄ تائين ڪڏهن بہ مڪمل نندي ڪنڌ تي پنهنجو سڪو ناهي ڄمايو. آرين کي هزارين سالن تائين مزاحمت جو منهن ڏسڻو پيو. جيتوڻيڪ آرين وڏي رتوڇاڻ سان نندي ڪنڌ جي دراوڙ تهذيب ۽ سلطنتن جو خاتمو ڪيو پر اهي مڪمل طور دراوڙ تهذيب کي صفحہ هستي تان ميساري ناهن سگهيا. آرين وڏي فخر سان پنهنجي قديم ويدن ۾ دعوائون ڪيون تہ انهن ”ڪارن وحشي داسن يا راڪشن“ کي هزارن جي تعداد ۾ نيست نابود ڪيو ۽ انهن جون بستيون اجاڙيون. جيڪڏهن موئن جو دڙو ان وقت آرين جي هٿان تباهہ ٿيو هجي ها تہ هو ضرور پنهنجي ڪتابن ۾ ان جو وڏي فخر وچان ذڪر ڪن ها ۽ تباهہ ٿيل شهر تي قبضو ڪري پنهنجي راڄڌاني قرار ڏين ها ۽ اهو هنڌ اڄ هندن جو پوتر آستان هجي ها. موئن جي دڙي بابت يا سنڌو درياءَ جي اپرندي يا الهندي ڪناري تي آباد ڪنهن وڏي شهر جو آريائي ڪتابن ۾ ڪو بہ ذڪر نٿو ملي ان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ موئن جي دڙي جو آرين جي وارد ٿيڻ کان تمام گهڻو اڳ زوال اچي چڪو هو. موئن جي دڙي جي تهذيب مجموعي طور سموري انسان ذات جو ورثو ۽ سرمايو آهي پر ان تهذيب جي اڏيندڙن جو لساني ڳانڍاپو وري بہ دراوڙ نسل جي لوڪن جي حصي ۾ آهي ۽ اهي دراوڙ اڄ پڻ پنهنجو وجود رکن ٿا. ڏکڻ ايشيا ۾ آباد تاملن ۽ يادون کان وٺي

سنڌ جي قديم ڪولهي، ڀيل، ماڇي ۽ بروهي دراوڙ قبيلن جا وڏڙا ئي ان موئن جي دڙي جي تهذيب جا اڏيندڙ آهن.

موهن جي دڙي جي ماڻهن بابت "امن پسند" هئڻ جي راءِ ضرور ڏئي سگهجي ٿي ته اهي پاڻ ۾ امن پسندي ۽ صلح سان رهيا هوندا جيڪو تهذيب جو اهم اصول آهي ۽ ان دور جا کنڊرات پڻ اهڙي شاهدي ڏئي رهيا آهن. اسان اڄ تائين موهن جي دڙي جهڙو ڪو به شهر ناهي ناهيون سگهيا. باقي هٿيار نه هئڻ جي ڪري ڌاريا انهن مٿان حاوي ٿيا، اها بي بنياد راءِ آهي. موئن جي دڙي جي تهذيب جيڪا دراصل دراوڙ سڀيتا آهي اها اڄ پڻ سموري سنڌي ڪنڌ ۾ رائج آهي. ڪو به حملہ آور پنهنجي تهذيب يا ثقافت پاڻ سان گڏ کڻي ناهي ايندو. اسان وٽ اڄ به عرب، ترڪ ۽ ايراني نسل آباد آهن پر اهي پنهنجي ٻولي به وساري چڪا آهن. ڌارين صرف پنهنجي نسل جي سڃاڻپ سان پنهنجي الڳ سڃاڻپ برقرار رکي. موئن جي دڙي سان گڏ ٻيا به همعصر شهر يا رياستون رهيون آهن جيڪي ان کان ڪجهه وقت اڳ يا پوءِ وجود ۾ آيون. بلوچستان (ان وقت جي براهيوستان) ۾ مهر ڳڙهه، راجستان ۾ اراولي، پنجند ۾ موجود هڙاپا سميت سمورو سنڌو ڪنڌ ان وقت تهذيب يافتہ هو. اسان سنڌ کي "هند" يا سنڌي ڪنڌ کان الڳ ڪري هڪ وڏي غلطي ڪري رهيا آهيون. حقيقت ۾ سمورو سنڌو ڪنڌ هڪ ئي تهذيب يا ثقافت رکي ٿو ۽ اهو پڻ ته "سنڌ يا هند" هڪ ئي ملڪ جو نالو آهي. سنڌ باقي سنڌي ڪنڌ کان الڳ نٿي ٿي سگهي.

اهو دور نج دراوڙ سلطنتن جو دور هو ۽ ان کان پوءِ ڌارين جي ڪاهن جو اڻکٽ سلسلو شروع ٿيو جيڪو اڄ تائين جاري آهي.

موئن جي دڙي جي ماڻهن بابت جنگجو هئڻ جي شاهدي آرين جا قديم ويد پڻ ڏين ٿا. آرين جي ويدن ۾ مقامي باشندن جي مزاحمت بابت تمام گهڻو لکيل آهي. اهي "ڪارا راڪش" اصل ۾ دراوڙ ئي آهن جن سان آرين وڏي نفرت جو اظهار ڪيو. دراوڙن جي آخري آزاد رياست موجوده سري لنڪا ۾ موجود "راوڻ" جي بادشاهت هئي جنهن تي آرين جي گماشتي رام قبضو ڪيو. ان وقت آرين کي تمام وڏي مزاحمت جو منهن ڏسڻو پيو ۽ آخرڪار مقامي قبيلن (جن کي آرين باندر سڏيو آهي، اهي باندر يا ٻيا ڪي جانور نہ پر دراوڙ ئي هئا) جي مدد سان دراوڙن جي آخري سلطنت کي پڻ تباهہ ڪيو ويو. دراوڙ ۽ آرين جي درميان جنگ سوين سالن تائين جاري هئي. آرين يڪدم دراوڙن تي فتح حاصل نہ ڪئي هوندي ۽ اها جنگ انتهائي پيچيده هئي. آرين مقامي رياستن جي درميان تضادن جو انتهائي عياري سان فائدو حاصل ڪندي دراوڙن جي بادشاهتن تي حاوي ٿيندا ويا. موئن جي دڙي بابت تحقيق يا ڪا راءِ ڏيڻ کان اڳ ۾ ان تضاد کي به نظر ۾ رکڻ گهرجي. آرين جو دراوڙن سان تضاد هڪ حقيقت آهي ۽ اهو اڄ تائين ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ جاري آهي پر موئن جو دڙو آرين جي حملن کان تمام گهڻو اڳ تباهہ ٿيل ڏسجي ٿو. لڳي ٿو تہ اوائلي دراوڙ سڀيتا جي زوال سان ئي آريا سنڌي ڪنڌ تي حاوي ٿيا هئا.

موئن جي دڙي بابت تحقيق لاءِ اسان وٽ دراوڙ نسل جا قديم ماڻهو بشريات جي ماهرن لاءِ هڪ وڏي لائبريري جي حيثيت رکن ٿا. انهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ روايتن مان اسان کي موئن جي دڙي بابت ڪافي اشارا ملي سگهن ٿا. اهي قديم لوڪ پوري سنڌي ڪنڌ ۾ پکڙيل آهن.

آخر ۾ موئن جي دڙي جي ناچڻي بابت اسان جي اديب صاحب جي نظرئي سان اختلاف رکندي اسين اهو عرض ڪندا سين تہ موئن جي دڙي ۾ واري تهذيب ۾ مدري نظام جو يا

آخري دور هو يا وري پدري نظام جو اوائلي دور هوندو. اهو پڻ هڪ سوال آهي تہ دراوڙ تهذيب ۾ عورت جو ڪردار هميشہ حاوي رهيو آهي. اچ پڻ قديم دراوڙ لوڪن جي مقامي ديوين بابت تحقيق ڪبي تہ اهي آرين جي ابتڙ "ماتا" ڪي مڃين ٿا جيتوڻيڪ آرين وٽ بہ "ديوي پوڄا" رائج آهي پر دراوڙ ديوين جي ڀيٽ ۾ انهن جو ڪردار صرف فرمانبرداري وارو آهي جڏهن تہ دراوڙ ماتائون تمام طاقتور هيون ۽ انهن جو ڪردار سماج تي تمام گهڻو غالب هو. اچ پڻ قديم دراوڙن جا اهي قبيلا جيڪي ماتائن جي پرستش ڪن ٿا انهن جون عورتون اڄ پڻ نڪ ۽ ڪن جا زيور نٿيون پائين. موئن جي دڙي مان پڻ اهڙا زيور مليا آهن جيڪي نڪ ۽ ڪن جي زيورن بدران ڳچي جي هار ۽ ٻين نمونن جا آهن. انهن مان اهو واضع ٿئي ٿو تہ موئن جي دڙي جي عورت ڪي برابري جو درجو حاصل هو ۽ اهو پڻ ٿي سگهي ٿو تہ موئن جي دڙي واري وقت ۾ عورت جي غالب حيثيت رهي هجي.

موئن جي دڙي مان لڌل عورت جو مجسمو ناچڻي جو بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن روحاني پيشوا عورت جو پڻ يا وري اها آرٽ جي تخليق پڻ ٿي سگهي ٿي پر اها عورت ڪاري هرگز نٿي ٿي سگهي.

اسان جي قديم سماج ۾ جيڪي عورت دشمن روايون موجود آهن انهن جا جيڪڏهن پيرا ڪڍبا تہ اهو معلوم ٿيندو تہ اهي روايتون ٻاهرين ماڻهن (جيڪي پاڻ ڪي مهذب سڏائين ٿا) هتي آنديون آهن. ڪارو ڪاري ڪان سواءِ ٻين عورت دشمن روايتن ۾ آريائي "مقدس" رسم اشو ميڌ ياڄنا (جنهن ۾ عورتن جي قرباني ۽ ٻيون غير اخلاقي ادائگيون ڪيون ويندیون هيون)، ستي جي رسم (جنهن ۾ عورت ڪي پنهنجي مڙس جي لاش سان گڏ ساڙيو ويندو هو) ۽ ديوداسي (جنهن ۾ عورت ڪي ديوتائن جي نالي قربان ڪري مندرن ۾ غلام بڻائي ويهاريو ويندو هو) اهي سڀ رسمون آرين ۽ ٻين ٻاهرين حملہ آورن جون آهن. قديم دراوڙ قبيلن وٽ اڄ پڻ عورت جي حيثيت هڪ ٻاجهاري ماءُ جيان آهي ۽ انهن جو ماتائون تمام طاقتور ۽ با اثر هيون. عورت جي اها حيثيت دراصل اسان وٽ قديم مدري نظام جي باقيات آهي جيڪا اسان لاءِ تاريخي طور وڏي فخر جو سبب پڻ آهي.

# تاريخي ڪردار ۽ لوڪ ادب جا درٻاري لاڙا

ادب ۾ درٻاري ۽ بغاوت جا ٻئي لاڙا هر دور ۾ ملن ٿا. حقيقت پسند ادب سماج جي نا انصافين خلاف بغاوت جي صدا ڏئي ٿو. سماج جي تصوير ڪشي ڪرڻ واري ادب تي درٻاري اديبن کي گهڻي چڙ به ايندي آهي ۽ انتهائي تڪليف پڻ ٿيندي آهي. اهي اهڙي قسم جي زندگي سان ڀرپور ادب کي سياسي يا نعريبازي وارو ادب قرار ڏيندا آهن. درٻارين ادب کي مقدس مقام ڏئي ڇڏيو آهي. جتي زندگي جي جهلڪ پيش ڪرڻ هڪ ڪبيرو گناهه سمجهيو وڃي ٿو. اڄوڪي دور ۾ پڻ درٻارون آباد آهن ۽ درٻاري اديب ۽ انهن جو ادب پڻ ته ساڳي وقت ترقي پسند ادب پڻ پنهنجي سفر تي روان دوان آهي. اسان وٽ هن دور ۾ ادب کي ”جدوجهد“ کان الڳ ڪرڻ لاءِ درٻاري اديب اهو عذر ڏيندا آهن ته ادب سياست کان ”متانهون“ آهي. هن وقت به درٻارين لاءِ مراعتون ۽ سندون آهن ته وظيفا پڻ مقرر ڪيل آهن ته اتي ترقي پسند ادب جي پرچار ڪندڙ ”نعري باز اديبن“ لاءِ جيل ۽ عتاب آهن. اها ڪا نئين رسم ناهي. اڄوڪي مضمون جو موضوع قديم لوڪ ادب جي درٻاري لاڙن جي نشاندهي ڪري ڪجھ واقعن جي ڏنڌلي عڪس تان تاريخ جي درٻاري لاڙن جي دز لاهي حقيقي منظر پيش ڪرڻ جي حقير ڪوشش ڪرڻ آهي.

اسان جي قديم تاريخ ۾ پڻ ترقي پسند ادب جا ڪافي نشان ملن ٿا ته بغاوت جا به ڪافي لوڪ داستان رائج آهن. شاهه سائين جون سڀ سورميون عورتون اهن ۽ ان وقت عورت سماج جي رشتن کي للڪارڻ جي سگهه ساري جدوجهد ڪئي ته شاهه سائين ان کي پنهنجي ڪلام ۾ امر ڪري ڇڏيو. اسان وٽ بدنصيبي اها آهي ته لوڪ ادب جي سورمن ۽ سورمين کي پوءِ ايندڙ ”درٻاري سگهڙن“ روحاني ۽ درٻاري رنگ ڏئي پيش ڪيو. مارئي، سسئي، سهڻي، نوري ۽ مورڙو ميربحر اهي ڪردار آهن جن جي باري ۾ اڄ به اسان وٽ معجزاتي ۽ درٻاري لوڪ داستان رائج آهن. مارئي محنت ڪش ماروئڙن جي ٻڻ مان هئي ۽ وقت جي نفس پرست ۽ ظالم حڪمران جي ڏاڍ جي خلاف اٿي ۽ ان جي حڪم کي نه ڇوڻ جي جرئت ڪيائين. اهو هڪ انقلابي قدم هو پر اسان وٽ وري ان بابت ڪافي معجزاتي داستان رائج آهن ڪٿي مارئي کي عمر جي ڀيڻ چيو وڃي ٿو. اها سوچ محنت ڪش طبقي سان نفرت جي عڪاسي ڪري ٿي. ڇا صرف حڪمران طبقي ئي دنيا ۾ داستان رقم ڪيا آهن. هر حڪمران طبقي جو ڪردار به اهو ئي هجي ٿو جيڪو عمر سومري جو هو ۽ محنت ڪش طبقن ئي مارئي جي روايت کي زنده رکيو آهي پر اسان وٽ درٻارين انهي سموري تاريخ کي مسخ ڪيو آهي. سسئي بابت به لڳ ڀڳ ساڳي روايت ورجائي وڃي ٿي. سسئي حقيقت ۾ ڪنياٽي هئي ۽ هڪ ڪٽي جي گهر ۾ پيدا ٿي پر ان ڪردار کي به هن ذات پات جي معاشري ڪٽي سان منسوب ڪرڻ مناسب نه سمجهيو ۽ اها ڳالهه مشهور ڪئي وئي ته سسئي ڪنهن برهمڻ جي ڇوڪريءَ هئي جنهن کي ڄمڻ شرط ان جي مائٽن پينگهي ۾ وجهي درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏيو. ڇا اهو ممڪن آهي ته ان وقت ڪڙڪا ڪندڙ ڪن ۽ مستيءَ سان وهندڙ درياءَ مان ڪنهن ٻانڀڻياڻي جو ڪو معصوم وجود اهڙي واهڙ مان وهي سلامتي سان ڪنهن ڪٽي ذات جي غريب ماڻهو کي هٿ اچي سگهي؟ درٻارين جي نظر ۾ حسن ۽ سيرت صرف حڪمران طبقن جي ملڪيت آهن ۽ اهو ئي سبب آهي ته اهي غريب طبقي جي ڪردارن کي ٿوڙي مروڙي حڪمرانن سان ان جو تعلق ڏيکاريندا آهن. ڪينجهر جي ماڇياڻي نوري به درٻاري سگهڙن جي نظر ۾ ماڳر ذات جي مهاڻي نه پر ڪنهن بادشاهه جي سدا ملوڪ شهزادي هئي جنهن کي صرف مهاڻن پالي تاتي وڏي ڪئي ۽ ڄام تماچي آخرڪار اچي ان کي پنهنجو ڪيو.

سهڻي جنهن پنهنجي ساهڙ سان ملڻ لاءِ دريائن جي دهشت کي للڪاريو ته سماج جي تلوارن کي پڻ منهن ڏنو اهو ڪردار ان وقت جي سماج ڇا اڄ جي سماج ۾ پڻ وڏي باغياڻي جرئت وارو لکيو وڃي ٿو پر ان بابت ته اسان وٽ لوڪ ادب جي درٻارين هڪ ڪل جوڳو مفروضو ٺاهي رکيو آهي ته ساهڙ (ميهار) جو محبت يا پيار سان ڪو به واسطو نه هو ۽ نه ئي سهڻي ڪنهن ساهڙ لاءِ سڪ رکندي هئي پر اهو قصو اصل ۾ "چار درويشن" جو معجزو آهي جن هڪ "اويئر" يعني اڻ ويامل پاڏيءِ جو ڪير ڏهي پيتو ۽ "اتفاق" سان اهو ڪير سهڻي جي ڇڄ لاءِ به موڪليو ويو ۽ سهڻي اهو ڪير پيئندي ئي ساهڙ لاءِ واجهائڻ لڳي ۽ اهڙي ريت اهو عشقيه داستان شروع ٿيو. جيڪڏهن سهڻي جي بدران اهو ڪير ڏم پي وني ها ته ڇا پوءِ ڏم ۽ ميهار جو عشقيه قصو مشهور ٿئي ها؟؟؟ اهي قصا اسان جي قديم تاريخ سان تعلق رکن ٿا جن تي معجزن جا مونجهارا ۽ درٻارين جي هٿ چراند جا تباه ڪن نشان آهن. اهڙن قصن جي اصل حقيقت ۽ رجحانن ۽ ڪردارن بابت حقيقت پسندي جي سوچ اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي.

سنڌ جي هڪ ديو مالائي ڪردار مورڙي بابت پڻ اهي مفروضا ۽ غلط روايتون رائج آهن ته اهو ڪو مهاڻو نه پر ڦلوند نالي ڪنهن بادشاهه جو شهزادو هو جنهن ڪلاچي جي ڪن ۾ ڦاتل پنهنجي رعيت جي مهاڻن کي ڇڏائڻ لاءِ واڳوئن سان وير وڙا.

اسان وٽ لڳ ڀڳ هر لوڪ داستان سان اها ئي ڪار ڪئي وئي آهي. هڪ حقيقت اها به آهي ته اسان وٽ حقيقي تاريخ تي لکڻ لاءِ موجوده رائج هٽ نوڪي تاريخ سان وڙهڻو پئي ٿو. جيستائين حقيقي تاريخ مرتب نٿي ٿئي ان وقت تائين سورمن ۽ غدارن، پنهنجن ۽ پراون بابت ڪا راءِ قائم ڪرڻ مناسب نه آهي.

تاريخ ۾ فرد يا ڪردارڪان وڏيڪ لاڙا ۽ لاڙن ڪان به اڳتي انهن جي پنيان ڪم ڪندڙ محرڪ، سماجي حالتون ۽ جذبا اهم هوندا آهن. ماضي ۾ جيڪو ڪجهه تاريخ سان ٿيو آهي ان جا به ڪجهه سبب آهن. هڪ اهو ته اسان وٽ وقت بوقت ڌارين جي يلغار هلندي آئي آهي، ڌارين جي اسان جي مزاحمتي ڪردارن سان نفرت فطري آهي. ان ڪري اسان وٽ حقيقي ڪردارن کي يا ته مسخ ڪيو وي آهي يا وري غلط انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. اسان وٽ عوام جي تاريخ بلڪل موجود ناهي. ان وقت جي سماج کي پرکڻ لاءِ اسان کي ان دور جي صوفين ۽ ڀڳتن جي ڪلام مان ڪڙيون ڳولهيون پون ٿيون. سڄي دنيا ۾ اهو اصول قائم رهيو آهي ته "فاتح" ئي تاريخ لکندا آهن پر اسان وٽ ٻيو به الميو آهي ته هتي جي هر "فاتح" جو تعلق ڌارين سان رهيو آهي ۽ ڌارين اسان جي تاريخ کي تباه ڪري ڇڏيو آهي. لوڪ ادب جا ڪردار تاريخ جو هڪ باب آهن ۽ ان بابت غلط يا هٽ نوڪيون روايتن تمام گهڻو نقصان ڪيو آهي.

دودي ۽ چنيسر بابت فيصلو ته مورخ ڪندا يا وري ايندڙ وقت تي ڇڏي ڏجي ته ڪير سورمو هو ۽ ڪير غدار پر ان قصي جو هڪ پاسو اهو به آهي ته چنيسر جي ماءُ جو تعلق هڪ غريب محنت ڪش گهراڻي (کي ان کي ڪنيار ذات مان چون ٿا) مان هو ۽ ان وقت جي درٻاري اميرن کي اهو منظور نه هو ته ڪنهن غريب ذات (طبقي) جي ماءُ جو پٽ اسان تي حڪمراني ڪري ۽ ان ڪري انهن دودي کي پنهنجو حڪمران چونڊيو ۽ ان ڳالهه تي جنگ لڳي.

انڊيا جي تاريخ ۾ رام ۽ راوڻ جي ڪشمڪش اڄ پڻ جاري آهي. اسان ڪڏهن به هڪ "قوم" ناهيون رهيا ان ڪري اها قومي ۽ طبقاتي پيچيدگي اسان جي سماج سان گڏ اسان جي ادب، تاريخ ۽ ثقافت کي پڻ تباهه ڪري رهي آهي.

نندي ڪنڌ جي هر ڪردار کي غلط انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. آرين کان پوءِ عرب مورخن پڻ تاريخ کي غلط انداز ۾ پيش ڪيو. ڪبير ۽ رويداس بابت پڻ مفروضا ڦهلايا ويا. ڪبير جو تعلق جيئن ته هڪ اڇوت ذات سان هو پر ان جي شاعراڻي عظمت ۽ انسانيت جي فلسفي کي جڏهن حڪمران طبقا دٻائي نه سگهيا ته پوءِ ان جي جنم بابت غلط ڳالهين کي مشهور ڪيائون ۽ اهو چيائون ته ڪبير دراصل هڪ برهمڻ وڌوا جو ناجائز پٽ هو جنهن کي درياهه ۾ اڇلايو ويو پر "قدرت" جو ڪرشمو اهو ٿيو ته هو هڪ ڪپڙو اڻڻ واري بي اولاد خاندان کي هٿ آيو. (ڇاڪاڻ ته محنت ڪش طبقو ذات ڏٺي نٿو ٿي سگهي). رويداس بابت پڻ اهڙيون ئي فرضي ۽ بي بنياد ڳلهيون ڪيون ويون آهن جيڪي اڄ به اسان جي "محققن" لاءِ مستند حوالي جي حيثيت رکن ٿيون. ماضي جي درٻاري مورخن رويداس بابت چيو ته هو "اڳئين جنم" ۾ هڪ برهمڻ هو ۽ رامانند جو چيلو هو پر هڪ دفعو هن غلطي سان ڪنهن چمار ذات واري هٿان خيرات وٺي ڪاڌي ته هن جي "همه گير ۽ انسان دوست" مرشد رامانند برهمڻ ڪيس بد دعا ڏني ته هو "ٻئي جنم" ۾ "گهٽ ذات چمار" جي ڪنهن گهر ۾ پيدا ٿيندو.

اهي لاڙا اسان جي ماضي جي حقيقي تصوير کي منجهائي ۽ ڏنڌلو ڪري رهيا آهن. اها پڻ حقيقت آهي ته اسان جي اصل تاريخ محنت ڪش ماڻهن جي تاريخ آهي ۽ اسان جي تاريخي ڪردارن، سورمن ۽ مزاحمتي ڪردارن جو تعلق پڻ عوام مان آهي. اتفاق سان اسان جي عوام جي گهڻائي ان نسل سان واسطو رکي ٿي جيڪو هن ڌرتي جو حقيقي ۽ قديم نسل آهي پر ڌارين حملہ آورن کي اها حقيقت ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول ناهي ڇاڪاڻ ته هڪ طرف اهي اصل ڌرتي ڌڻين کي نفرت جي نگاهه سان ڏسندا هئا (آهن) ۽ ٻيو اهم سبب اهو آهي ته حقيقي تاريخ جي مرتب ٿيڻ سان ڌارين جي ڪارن ڪرتوتن تان پردو چاڪ ٿيڻ جو خطرو هو ان ڪري اهي پنهنجي استحصالي ماضي جي ڏوهن تي پردو وجهندي تاريخ کي مسخ ڪرڻ جي شعوري ڪوشش ڪن ٿا. ڪنهن به اهڙي لاڙي جي مخالفت ڪندا آهن جنهن سان ماڻهن ۾ اسان جي قديم تهذيب، تاريخ ۽ تمدن بابت جاڳرتا اجاگر ٿيڻ جا امڪان هجن. ڌارين اسان تي هزارين سالن کان وٺي حڪمراني ڪئي آهي ۽ اسان جي ماڻهن ۾ پڻ ذهني غلامي جو عنصر شامل ٿي چڪو آهي جيڪو هزارين سالن جي استحصال جو لازمي نتيجو پڻ آهي. وڏي عرصي جي غلامي دوران اسان جي روحانيت تي پڻ ڌارين جو قبضو آهي هتي جون قديم روحاني روايتون جيتوڻيڪ اڄ به جاري آهن پر نمايان طور تي اسان وٽ ٻاهرين روحاني نظرين جو غلبو آهي ۽ ان جو نتيجو اسان سڀ ڏسي رهيا آهيون. هتي انقلابي ۽ سماج جو رخ موڙيندڙ لاڙن کي حاوي طبقن ۽ انهن جي درٻاري مورخن پنهنجي پوري توانائي سان مسخ ڪيو آهي. جتي جتي اهم ڪردارن کي دٻائڻ يا لڪائڻ ۾ ناڪام ٿيا آهن ته اتي وري انهن تاريخ سان هٿ چراند ڪري اهڙن ڪردارن کي بلڪل غلط انداز سان پيش ڪيو آهي. گوتم ٻڌ پنهنجي پيغام ۾ جنهن سماجي برائي کي ننديو هو ۽ ان خلاف وڏي ويڙهاند ڪئي پر ان کي وري وشنو جو "اوتار" قرار ڏنو ويو. حقيقت ۾ گوتم ٻڌ جي تعليم ۾ ڪٿي به ڪنهن "مهاتما" يا "مافوق الفطرت" هستي جو ذڪر نٿو ملي. روح يا آتما کان وڌيڪ گوتم ٻڌ جي لاءِ "سچائي جي قوت" ئي وڏي معني رکندي هئي. اهڙي ريت نندي ڪنڌ جي عظيم مزاحمتي ڪردار مهاراجا راوڻ کي ڀهريان دراوڙ نسل جوراڪش چيو ويو پر پوءِ ان کي هڪ "برهمڻ" راجا سڏيو ويو. اهڙي ريت حڪمران طبقن هتي جي تاريخ سان اهو حشر ڪيو ۽ پوءِ ايندڙ مورخن لڪير جا فقير بنجي اها ئي روايت جاري رکي.

هتي تاريخ سان هٿ چراند جي هڪ انوکو حربو به استعمال ڪيو ويو اسان جي تاريخي ڪباڙ خانيءَ ۾ اهڙا نظريا به ڇڏيا ويا آهن جن جو مقصد تاريخ ڪي اونداهين ۾ الجهائڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه ناهي. هتي آرين بابت اهو مفروضو هڪ وڏي تحقيق طور پيش ڪيو ويندو آهي ته آريا اصل نندي ڪنڌ جا باشندا آهن پر ڪنهن دور ۾ اهي وچ ايشيا ڏانهن لڏپلاڻ ڪري ويا هئا ۽ صدين کان پوءِ واپس پنهنجي وطن آيا. اهڙن مفروضن ڪي ثابتي جي ڪا ضرورت ناهي. ٻيو مفروضو اهو به آهي ته آرين ۽ دراوڙن جو تضاد حقيقت ۾ انگريز حڪمرانن جي چال هئي.

نندو ڪنڌ لڳ ڀڳ چار هزار سالن کان وٺي ڌارين جي ڪاهن جو مرڪز رهيو آهي ۽ اڄ تائين اهو سلسلو جاري آهي. ان وڏي عرصي دوران مڪافاتِ عمل جودائرو پڻ گڏوگڏ هلندو رهيو آهي. ڌارين حملہ آورن تي وري ٻين ڌارين حملا ڪيا ۽ اهڙي ريت انهن ”پراڻن استحصالين“ پاڻ ڪي وري ”مظلوم“ ۽ ”ڌرتي جا اصل وارث“ جي صورت ۾ پيش ڪيو. پر ان سڄي صورتحال ۾ ڪٿي به اهڙو موقعو نہ آيو جو اصل باشندن کو سک جو ساهہ کنيو هجي. هن وقت جي حالتن مطابق ماڻهن ۾ شعور اڃي چڪو آهي ۽ دنيا ۾ پڻ عالمگيريت جي نظام سبب جتي استحصالي قوتن ڪي پيداوار جي ذريعن سميت دنيا تي هر شعبي تي حاوي ٿي ته اتي وري نجات جي عالمي نظرين کي پڻ فروغ مليو آهي. دنيا جو ترقي پسند ادب بہ عالمي طور سيني مظلومن جو ادب بڻجي رهيو آهي.

هتي هاڻ ضرورت آهي تہ تحقيق جي سائنسي اصولن کي مد نظر رکي اسان جي قديم تاريخي ڪردارن بابت هڪ ڀيرو ٻيهر ڪليل دل سان نظرثاني ڪجي. اسان جي نندي ڪنڌ جي تاريخ بابت ڪافي تحقيقي مواد لکجي رهيو آهي. انڊيا ۾ اهو ڪم زور ۽ شور سان جاري آهي پر هتي ڪا خاص پيش رفت نہ ٿي سگهي آهي. اسان راجا ڏاهر ۽ محمد بن قاسم جي نڪتي تي اٽڪي بيٺا آهيون پر اسان ان کان اڳ واري دور کي نظر انداز ڪري ڇڏيون ٿا. راجا چچ ۽ ڏاهر ڪيئن حڪمران ٿيا ۽ انهن کان اڳ ڪير حڪمران هئا؟ ان وقت جي سماج جي ڇا صورتحال هئي؟ ٻڌ حڪمرانن جي زوال کان پوءِ برهمڻن عوام سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ اهو ڪهڙو تضاد هو؟ ٻڌن جي جنگ ڪنهن خلاف هئي؟ سنڌ سميت ان وقت ٻڌ ڌرم پوري هندستان تي غالب هو اهو ڪيئن ختم ٿي؟ ڪنهن کي ٻڌ ازم مان خطرا هئا ۽ ٻڌ مت کي وري ڪنهن مان خطرو هو؟ تاريخي تحقيق لاءِ ان تضاد جي ڳوڙهو اڀياس ڪرڻ انتهائي ضروري آهي تڏهن ئي اسان حقيقي تاريخ مرتب ڪري سگهون ٿا. اسان جيڪڏهن پنهنجي ماضي جا پيرا ڪڻندا سين تہ اسان کي ڳوڙهن ۽ خون جي سمنڊ مان گذرڻو پوندو. عثمانيہ يونيورسٽي حيدرآباد دکن جي تاريخ ۽ سماجيات جي شعبي جي سربراهہ پروفيسر ڪانچہ الائيہ جو چوڻ آهي تہ جيستائين اسان کو انصاف پريو سماج نٿا جوڙي سگهون تہ پوءِ حقيقي تاريخ لکڻ مان ڪو بہ فائدو ناهي چاڪاڻ تہ نندي ڪنڌ جي تاريخ انسانن جو هڪ نہ ڪٽندڙ الميو ئي آهي پر وري مسئلو اهو پڻ آهي تہ اسان پنهنجي اصل تاريخ ڄاڻڻ کان سواءِ انصاف ۽ برابري جي ڪا منزل بہ ماڻي نٿا سگهون.

# رهجي ويل منظر

ڏکويل ڏيهه ٿر ۾ هڪ خاموش آهه جهڙي شام لڙي رهي هئي، ڪونيٽن جا پاڇا اوير ڏانهن وڌي رهيا هئا. سڪل وڻن ۾ ڪٿي ڪٿي ٻور ۽ مجر جي خوشبوءِ ايئن لڳي رهي هئي جيئن خاموش قبرستان ۾ گلابن جو واس ايندو آهي. پٽن تي آباد ڪولهين جا ٻار، ٻڍا توڙي عورتون اجا پن ۽ ڪانيون وڪٽي پاند ۾ اٽو لپ ۽ ٻيو سينڌو سامان ڪٽي پنهنجي ڪکائين جهوپڙين ڏانهن به نه وريا هئا. اها ٿر جي اداس بهار جو منظر هو. بدين کان ايندڙ وسيع روڊ مان اوچتو گاڏين جو قافلو الهندي پٽ کان هيٺ لٿو. آجيان لاءِ چوراهي تي اداس ۽ ”جهليل“ ماڻهن جو هڪ ميڙ هو جنهن ۾ اڪثريت سفيد ڪپڙا ۽ هوائي چيپل پاتل انهن ماڻهن جي هئي جن جي چهري تي حيرانگي ۽ پريشاني بکي رهي هئي. سگريٽن جو دونهون هڪ ٻئي جي منهن ۾ هٽندڙ ۽ هڪ ٻئي کي سائين سائين چئي ملندڙ هي ڪهڙي مخلوق هئي؟ سندن ڪلهن تي هڪ پارٽي جا رنگين جهنڊا هئا جيڪي اتي انهن کي ڏنا ويا. اهي درويش جهنڊا ڪلهن تي صليب وانگر ڪٽي هڪ ٻئي کي ڏسي ڪل ۾ ٻڏا پيا هئا. ان ميڙ ۾ ڪجهه نوجوان ”ڪارڪن“ به هئا جيڪي پريشان ماڻهن ۾ جهنڊا ورهائي رهيا هئا ۽ لڳاتار نعرا به هڻي رهيا هئا (بغير اها پرواهه ڪرڻ جي ته نعرن جو جواب نه ملي رهيو آهي). روڊ تي ڪم ڪندڙ مزدورن جي رش جهنڊا ورهائيندڙ ڪارڪنن کي وڪوڙي ويٺِ هئي ۽ جهنڊو ملڻ کان پوءِ اهي وري به روڊ جي پر ۾ پنهنجي نڪاٽي تي ويهي رهيا. رستي تي پنجاهه کن نئين ماڊل جي مهانگين گاڏين جي قطار هئي جيڪي سڄي سنڌ مان هتي ٿر جي مارو ماڻهن جي ڏکن جو درمان ڪرڻ آيا هئا. مٿي مون جيڪي پريشان ۽ حيران ماڻهن جي ڳالهه ڪئي اهي ”پرائمري ماستر“ هئا جن کي حڪم ڪيو ويو ته اهي پنهنجا اسڪول بند ڪري شهر جي هڪ اسڪول ۾ گڏ ٿين ڇاڪاڻ ته وڏي وزير جي آجيان ڪرڻي آهي. اڄ مون طي اخبارون پڙهيون پر ڪٿي به ان منظر جي نشاندهي ناهي ٿي ته ”پرائمري ماسترن“ کي استقبال لاءِ مجبور ڪيو ويو. اسان وٽ تعليم بابت اڄ ڪلهه وڏي واويلا ڪئي وڃي ٿي ۽ تعليم جي تباهي جو ذميوار صرف ”پرائمري ماستر“ کي قرار ڏنو پيو وڃي. ڪا به حڪومت هجي اهي پنهنجي عوامي سگهه ڏيکارڻ لاءِ پرائمري ماسترن کي ئي روڊن تي وٺي ايندا آهن ۽ ڪجهه مجبورين جي ڪري ڪو ”ماستر“ اچي نه سگهندو آهي ته پوءِ ان جي اها جرئت حڪمرانن جي نظر ۾ مخالفت جي ذمري ۾ اچي ٿي پوءِ ان ويچاري ماستر کي بدلي ۽ پگهار بند ڪرڻ سميت ٻين حربن سان هيسايو ويندو آهي. اسين استادن کي پنهنجي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ جو الزام صرف هن حڪومت تي نٿا هڻون پر اڳوڻي ارباب حڪومت ۾ پڻ جڏهن پرويز مشرف لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي ”طاقت“ ۽ ”عوامي مقبوليت“ جومظاهرو ڪيو هو ته ان لاءِ به سڄي سنڌ سميت ٿر جي هزارين استادن کي به لاڙڪاڻي جا وڻ ڏيکاريا ويا. اهڙن موقعنتي عوام جي ناڻي جو بيدردي سان استعمال ڪيو ويندو آهي. هر گاڏي تي تقريبن چاليهه يا پنجاهه هزار خرچ ايندو آهي جيڪو سرڪاري مشينري مان اوڳاڙيو ويندو آهي. تعليم کاتي جي سپروائيزرن لاءِ اهو حڪم هونو آهي ته اهي پنهنجي ماتحت اسڪولن جي سڀني ماسترن جي حاضري کي يقيني بڻائن. جڏهن اها حالت اسان جي سڀني حڪمرانن جي هجي ته پوءِ تعليم لاءِ اها واويلا ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي ڇو نه خاموشي سان پنهنجي تباهي جو دلفريب منظر ڏٺو وڃي. اسان جي تعليم بابت جيڪي ”ساڃهه وند“ آواز اٿاري رهيا آهن انهن جي گهٽائي اين جي اوز ذريعي

تعليم لاءِ فنڊ ونئي پنهنجو پيٽ پرڻ چاهي ٿي. اسان وٽ تعليم جو طبقاتي نظام جاري آهي. هن ملڪ جو ڪاروهنوار هلائڻ لاءِ تہ گرامر ۽ اي ۽ او ليول اسڪول موجود آهن. سرڪاري اسڪولن مان تعليم حاصل ڪندڙ مخلوق تہ حڪمرانن جي زر خريد غلام رعيت آهي جيڪي اڳتي هلي اسان جي حڪمرانن جي نئين نسل لاءِ نعرا هڻندا، جھنڊا لڳائيندا تہ ڪي وري پرائمري ماستر يا ڪلارڪ بڻجي انهن جو استقبال ڪندا.

ڪلهوڪي استقبال ۾ ”عوام“ جو تعداد ٻہ سو جي تعداد کان بہ ڪجھ گهٽ هو ۽ انهن مان ڪل چاليھ يا پنجاھ مقامي يا ٻاهر آيل وزيرن ۽ مشيرن جي قيادت هئي. ڪجھ نوجوان ڪارڪن هئا ۽ ڪجھ وري سرڪار جي انتظامي مشينري جا اهلڪار هئا باقي سڀ پرائمري ماستر هئا جيڪڏهن ڪنهن کي ان ڳالھ کي وڌائي پيش ڪرڻ جو شڪ هجي تہ پوءِ هو چئنلن تي نشر ٿيل وڊيو ڪلپ ڏسي ۽ هتي جي ماسترن جو سڃاڻپ پريڊ ڪرائي تہ ڳالھ سو سيڪڙو صحيح ثابت ٿيندي.

حڪمرانن جي بي حسي ۽ غير ذميواري جو ان کان وڌيڪ ڀيو کهڙو مثال ملندو. هن ميڙ ۾ آيل اعليٰ عملدارن ۽ حڪومتي مشينري جي ڪجھ اهم عنصرن جو ميڙ وري هڪ مقامي معزز ”وٽجاري“ جي چوڌاري متل هو جيڪو راتين جي اونداهي ڪئنواس ۾ رنگ پرڻ جي ”صلاحيت“ رکي ٿو. اسان جي عوام جا هڏ ڏوکي ان وٽجاري جي چوڌاري بيٺل هئا ان وٽجاري سان معني خيز مسڪراهٽن ۽ ٺهڪن ونڊڻ جو دور جاري هو. اهي اسان جا حڪمران آهن جيڪي اسان جي درد ۾ اونڌا ٿيل آهن، ٿر جي غريب ماڻهن کي موٽر ريس ۽ هرڻن ۽ تلورن جي شڪار جي تفريح بہ مهيا ڪندا آهن. هي صرف موجوده حڪمران طبقي جي ڳالھ ناهي اها روايت هر حڪمران ڌر جي آهي. !! اڄوڪي اخبارن ۾ تعليم جي وزير جو هڪ بيان بہ شايع ٿيو آهي جيڪو تعليم جي بدترين صورتحال تي ماتم ڪري رهيو آهي.

ٻي طرف اسان جي تعليم واري وزير جو بيان پڻ اخبارن جي زينت بڻيو آهي جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ اربين روپيين جي بجيٽ ۽ سوا لک استاد هوندي 4 هزار اسڪول ڇو بند آهن؟ مون کي سيئي اسڪول فنڪشنل گهرجن؟ ڇا اسان اهڙن جذبن جو احترام نہ ڪريون؟ يا حڪمرانن جي شاهي خرچن ۽ سندن عملي قدمن کي ڏسون؟

اسان جي خيال ۾ تعليم جي تباهي جا ذميوار اسان جا حڪمران ئي آهن، پرائمري ماستر جي ڇا اوقات ۽ حيثيت آهي جو هو پنهنجي فرض جي ڪوتاهي ڪرڻ جي جرئت ڪري. اسان وٽ هر ادارو تباهي ڏانهن گامزن آهي ۽ تباهي جو سبب هي ”نظام“ آهي. دوستن کي ڀلي ڪٽي اها ڳالھ نظرياتي دائري ۾ ايندڙ پروپيگنڊا لڳي پر حقيقت هي آهي تہ تعليم جو سڌارو هن نظام کان ڇڙهي چڪو آهي باقي حڪمرانن جي جلسن ، استقبالن ۽ حڪمرانن جي عوامي طاقت جي نمائش جو ڪو موقعو هجي تہ پوءِ اهي سوا لک استاد وڏي حيثيت رکن ٿا.

# ڪاهو جي دڙي جو ڪاپڙي

پنهنجي عمر جون 60 بهارون ڏسندڙ ڊگهي قد ۽ ڪمزور جسم وارو فقير اسماعيل سولنگي عرف ادا اسماعيل هن سماج ۾ سچائي ۽ ايمانداري جهڙي ڏوهه جو ارتڪاب ڪرڻ کان پوءِ ان جي پوري سزا پڻ ڀوڳي رهيو آهي. پنهنجي عمر کان ڪئي دفعا وڌيڪ ضعيف لڳندڙ اهو فرشتن جهڙو ڪردار هڪ خفيہ رستم ۽ گمنام سورمو آهي. توڙي هن جي ذاتي زندگي پڻ المناڪ حادثن ۽ سماج جي نا انصافي جي داستانن سان ڀريل آهي پر هن پنهنجي جواني پنهنجي ڏکن کي نظر انداز ڪندي سماج جا سور سهيڙڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي.

اسماعيل سولنگي گرهوڙي ماڇين جي ٻڻ مان آهي ۽ روحاني طور ڪنگري جي پير جو فقير آهي پر پنهنجي ذاتي زندگي ۾ هن هر ڪنهن سان صرف انسانيت جي بنياد تي محبتن جا رشتا رکيا.

غمِ جهان هو، رخ يار هو ڪہ دستِ عدو

سلوڪ جس سي ڪيا، هم ني عاشقانہ ڪيا.

وڏين بيمارين، سماجي مسئلن، غربت ۽ حادثن کي منهن ڏيندڙ "ادا اسماعيل" جي ادبي پورهئي کان سموري سنڌ اجا تائين اڻ واقف آهي. ان عمل جو اسماعيل سولنگي پڻ ذميوار آهي جيڪو سموري زندگي گمنام سپاهي بڻجي سنڌو سپيتا جا ماڻڪ ميڙيندو رهي ٿو. پنهنجي ذاتي زندگي ۾ گمنامي ۽ گوشہ نشيني کي سيني سان لڳائيندڙ اهو فقير منش سوين افسانن، لاتعداد ڊراما سيريلن ۽ اڌ درجن ناولن جو ليکڪ آهي. هن جي سمورين ڪهاڻين جو مرڪز سنڌ ۽ سنڌ جو عام ماڻهو رهيو آهي. اسماعيل سولنگي عام ماڻهو جي زندگي کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ انوکي ڏات سان سمويو آهي. هن پنهنجي لکڻين ۾ ٺيٺ سنڌي لفظ استعمال ڪيا آهن.

اسماعيل سولنگي جو وڏو ڪارنامو ڏاکڻين سنڌ ۾ ٻڌ دور جي آثارن جي نشاندهي ڪرڻ آهي. ڪاهو جي دڙي بابت هن وٽ انيڪ ڪهاڻيون ۽ قصا موجود آهن، ان کان سواءِ اسماعيل سولنگي ناري، لاڙ ۽ ٿر جي لهجن ۾ رائج لفظن ۽ استعارن کي سهيڙي هڪ لغت پڻ تيار ڪئي آهي. هن انهي لغت ۾ هن وقت تائين 84 هزارن کان وڌيڪ لفظ محفوظ ڪيا آهن. اسماعيل صاحب جي چوڻ موجب اهو زخيرو مجموعي لغت جو پنج سيڪڙو کان بہ گهٽ آهي. اسماعيل سولنگي جي اها خواهش آهي تہ جيڪڏهن ڪو سرڪاري يا غير سرڪاري ادارو سنجيدگي سان هن جو ادبي پورهيو شايع ڪرڻ چاهي ٿو تہ هو بغير ڪنهن شرط جي پنهنجي چاليهہ سالن جي تحقيق کي سندن حوالي ڪري ڇڏيندو.

اسماعيل سولنگي سنڌ جي تحقيقي افسانہ نگاري جو بنياد رکندڙ پڻ آهي. هن سسپينس ۽ ڪوجهي ڪردارن تي مشتمل ڪيترائي افسانہ ۽ ڪهاڻيون لکيون آهن. انهي ڪهاڻين جا سمورا ڪردار ۽ پلاٽ سنڌ جي سماج مان اخذ ڪيل آهن. سنڌي ڪهاڻي ۾ پنهنجي نوعيت جو اهو منفرد پهلو آهي. ان کان سواءِ هن ڪاهوڙي ڪردار لاڙ ۽ ٿر جي ٻاڙيءَ ٻاڙيءَ جي تاريخ ۽ ان بابت سورين روايتن ۽ رائج قصن کي پنهنجي ڊائري ۾ قلمبند ڪيو آهي. سندس اها تحقيق پڻ سوين صفحن تي مشتمل آهي. اسماعيل سولنگي سنڌ جي روينيو ريڪارڊ ۾ جاٽايل لاڙ ۽ ناري جي پٽن، پيٽين، ديهن، پڙن ۽ ڳوٺن جا نالا هٿ ڪري ان بابت لوڪ روايتن کي پڻ محفوظ ڪيو آهي. هو پنهنجي ان سموري تحقيق کي "سنڌ جي عام ماڻهو جي تاريخ" سڏي ٿو.

سنڌ جي جيئري جاڳندي انسائيڪلوپيڊيا جهڙي هن ڪردار جو پورهيو منظر تي اچڻ گهرجي ۽ ايئن ٿيڻ سان سنڌ جي قديم سڀيتا جا ناياب پهلو پڻ هميشہ لاءِ ختم ٿيڻ کان بچي ويندا. اسماعيل سولنگي پنهنجي ترتيب ڏنل لغت ۾ سوين اهڙا لفظ پڻ معنائن ۽ مفهوم سميت ڄاڻايا آهن جن استعمال ڪندڙ هاڻ تيزي سان ابدي سفر تي وڃي رهيا آهن. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رائج سنڌي ٻولي جا نج محاورا هاڻ اسان وٽ جديديت جي آڙ ۾ ناياب ٿي رهيا آهن. اسماعيل سولنگي سنڌي جي ساموندي پٽي ۾ آباد مهاڻن ۽ ٻين قبيلن بابت چئي ٿو تہ اهي اڄ تائين اهو لهجو ڳالهائين ٿا جيڪو شاهہ لطيف جي زماني ۾ رائج هو.

غربت ۽ مفلسي جي زندگي گذاريندڙ هن فقير پنهنجو سمورو پورهيو سنڌي ٻولي سان عشق واري ناتي ڪيو. هن جي پورهئي کي منظر عام تي آڻڻ لاءِ سنڌ جي باشعور ۽ ڪاهوڙي فردن يا تنظيمن کي اڳتي اچڻ گهرجي نہ صرف اسماعيل سولنگي پر سنڌ ۾ اهڙا لاتعداد ٻيا بہ ڪردار هوندا جيڪي شاهہ سائين جي بقول ”لڪا پٽن لوڪ ۾“ يعني خاموشي سان هنج پکين وانگر مهراڻ جا اميق ميڙي رهيا آهن. سنڌ جي ادبي اختيارين، بوردن ۽ ٻين ادارن ۾ موجود ادبي نوڪر شاهي کي ان بابت ڪو بہ فڪر نہ آهي. اها حقيقت هڪ الميي کان گهٽ نہ آهي تہ اڄ سنڌ ۾ اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا سميت سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن ۽ اشاعتي مرڪزن جي موجودگي دوران پڻ سنڌ جو اهو ڪاپڙي اندمان جي ٻيٽن ۾ آباد ڪنهن آديواسي قبيلي جي باقي بچيل واحد فرد وانگر لڳي ٿو جنهن جي اکيون پورڻ کان پوءِ ان جي ٻولي ڳالهائڻ وارو هن دنيا ۾ ڪير بہ نہ هوندو آهي.

# لاش

اسان وٽ عام چوڻي آهي تہ ”مرده بدست زنده“ يعني ويچارو مڙدو زنده ماڻهو جي وس هوندو آهي پر اسان وٽ وري اها روايت آهي تہ لاش کي پراسرار ٻڻائي انتهائي پوائتو ۽ طاقتور سمجهيو ويندو آهي. اهڙو طاقتور جنهن کان انسان کي پناهہ وٺڻ ۾ ئي ڀلائي آهي. لاش جي قبر تائين پهچڻ کان پوءِ بہ ان جي دهشت اسان جي دلين ۽ دماغن تي ويٺل هوندي آهي.

اسان وٽ سنڌ جي ڳوٺن ۾ ڪافي اهڙا آستان آهن جيڪي لاشن ۽ مڙدن سان منسوب آهن ان مان هڪ سني ڳالهہ اها ٿي آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ اهي وڻ تہ انساني هٿن کان محفوظ ٿي ويا جن ۾ ڪنهن مڙدي يا لاش جو واس هوندو آهي.

جوڳين کي اسان وٽ هر جاءِ تي ڏڪاريو ويندو آهي پر ان جي نالي سان ڪڏهن ڪنهن قبر يا آستان بابت ڪا روايت ئي مشهور ٿي وئي تہ پوءِ ماڻهو ان جوءِ کان ئي پاسو ڪندا آهن. ٻهراڙين ۾ لاشن جي نالي تي پوپن جي روزي ڪليل آهي هو لاشن جي خواهشن کي پنهنجي مخصوص اصطلاح ۾ ”پتو“ چون ٿا ۽ ابوجهہ ماڻهن کان اهو ”پتو“ اوڳاڙيندا رهندا آهن. لاش کي هر ثقافت ۽ تهذيب توڙي عقيدي ۾ ”انساني باقيات“ جي حيثيت سان ڌرتي ماءُ جي حوالي ڪرڻ بابت ريتون ۽ رسمون جوڙيل آهن. ڪي لاشن کي دفنائيندا آهن تہ ڪي وري انهن کي ساڙي ڇڏيندا آهن. ڪٿي وري سمنڊ ۾ اڇلايو ويندو آهي تہ ڪي وري ڪليل جاين تي ڳجهن جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهن قديم دور ۾ لاشن کي ممين ذريعي محفوظ

ڪيو ويندو هو پر مميون اڪثر ڪري ان وقت جي حڪمرانن جون هونديون هيون. ساڳئي وقت قبرن کي مسمار ڪرڻ ۽ لاشن کي ڪوٺڻ جون روايتون بہ عام آهن.

اڄوڪي ڪالم ۾ اسان زندهہ لاشن بابت ذڪر ڪندا سين. هڪ مغربي مفڪر جو مشهور قول آهي تہ ”ڪيترائي ماڻهو صرف پنجويهہ سالن تائين ئي زندهہ رهندا آهن پر باقي پنجاهہ سال ڪن پنهنجو لاش ڪڍي ڦرندا آهن.“ اسان جي معاشري ۾ تہ لاشن جو سياست، ادب، ثقافت سميت زندگي جي هر شعبي ۾ وڏو ڪردار آهي. اهو طبقو جيڪو اسان تي حڪمراني ڪري ٿو ۽ عوام جو رت ۽ پگهر وهائي ٿو اهو ڪنهن بہ طرح لاش کان گهٽ ناهي، زندگي جي ڪنهن بہ احساس کان خالي صرف حڪمراني ۽ ”منافعي“ جي پويان ڊوڙندڙ انهن ماڻهن لاءِ زندگي صرف سرمائي جي ڊوڙ آهي ۽ انسانيت جي معني ۽ قدر صرف سرمائي ۽ دولت سان منسوب آهي. انهن لاشن جو سڄو وزن ڪمزور عوام جي ڪلهن تي هوندو آهي عوام ۾ ڪنهن همٿ ڪري ان طبقي جي لاءِ جيستائين ڪڏ ڪوٺي ڪين دفنايو ناهي اوستائين اهو لاش عوام جي ڪلهن تي هوندو آهي. وقت گذرڻ سان اهو لاش تمام گهڻو وزن وارو ٿيندو ويندو آهي ۽ ماڻهن جو وري پگهر ۽ رت سڪي ويندو آهي. حڪمران طبقي کان سواءِ اسان وٽ سياسي لاشن جو بہ وڏو ڪردار آهي گهڻا لاش تہ پنهنجي روح جي پرواز ڪرڻ وقت تمام بهتر حالت ۾ هئا پر انهن جي پوئينرن ڪين دفنائڻ جي بدران گهٽين ۾ طواف ڪرايو ۽ اڄ ڪلهہ انهن مان گهڻا لاش بدبوءَ ڪري چڪا آهن پر انهن جا پوئينر ڪين دفنائڻ کان پڙ ڪڍيو بيٺا آهن. سياسي لاشن کان پوءِ هتي آدرشي لاشن جي بہ گهڻي پرمار آهي. زندهہ هئڻ وقت اهي ڪنهن نہ ڪنهن آدرش سان منسلڪ هئا پر ”پرواز“ ڪرڻ کان پوءِ اهي زندهہ لاش زندگي جي هر قدر کان وانجهيل آهن. وقت گذرڻ سان اهڙن لاشن جي چهرن تان مايوسي بہ واسو ڪري ويندي آهي جنهن جو اهي اظهار بہ ڪندا رهندا آهن. اهڙن لاشن جو اڄڪلهہ سرد خانو غير سرڪاري ”پلائي ۽ خير“ جو انجمنون آهن. پر اهي آدرشي لاش جن جي نصيب ۾ اهو سرد خانو ناهي تہ اهي اڄا تائين سماج ۾ بي سهارا پيل آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن کي ڊيڄاريندا پڻ آهن. ڪي لاش رحم جوڳا بہ هوندا آهن خاص ڪري حوا جي ڌيئرن جا بازارن ۾ وڪري لاءِ دستياب اهي لاش جن کي سينگاري ڏينهن ۾ ڪيترا ئي ڀيرا وڪرو ڪيو ويندو آهي ۽ انهن جي خريدار مخلوق انهن لاشن کي بي ڪفن ڪري توهين ڪندي رهندي آهي. انهن زندهہ لاشن جي هر وقت توهين ٿيندي رهندي آهي ۽ اهو عمل اوستائين جاري رهندو آهي جيستائين انهن زندهہ لاشن جي چهرن جي چمڪ غائب نہ ٿي وڃي. اهي لاش زندهہ مڙدن  جي هر قسم کان وڌيڪ عتاب جو شڪار ٿين ٿا.

سڀ کان وڌيڪ احترام ادبي لاشن کي حاصل هوندو آهي. اهڙن لاشن کي هر جڳهہ تي گلن جا هار ۽ مٿن اجرڪون اڇلايون ويندون آهن. جيئن تہ ڪنهن لاش جي موجودگي ۾ گهر ۾ رڌ پچاءُ جو ڪم بند ڪيو ويندو آهي ۽ ان جي دفن ٿيڻ تائين فاقو هوندو آهي اهڙي ريت ادبي لاشن جي مٽي ماءُ حوالي ٿيڻ تائين ان ٻولي ۽ قوم جي ماڻهن لاءِ احترام طور ”شعوري فاقو“ لازمي هجي ٿو. اهي لاش پنهنجي زندگي ۾ ڪڏهن ڪو ادبي ڪارنامو ڪرڻ جي صلي ۾ سڄي عمر احترام ڀرئي لاش جو درجو حاصل ڪري ويٺا هوندا آهن. انهن جا ادبي شاهڪار صرف ڪجهہ مقالن ۽ خطابن تي مشتمل هوندا آهن  پر جن ادبي لاشن اهو ڪارنامو بہ نہ ڪيو اهي وري ”عالمي ادب“ جا پارکو هوندا آهن. اهو تمام آسان نسخو آهي ڪنهن بہ عالمي شاهڪار جو صرف مهاڳ يا بہ اکر رٽي ڇڏٺا آهن جنهن ۾ عالمي ادب بابت تاريخن ۽ تاريخي واقعن سميت سمورو  مختصر احوال هوندو آهي، اهڙن بہ ٿي عالمي نوعيت جا شاهڪار ڪتابن جا مهاڳ  پڙهي سڄي عمر پنهنجو ادبي لاش

سرڪاري ادارن ۽ درٻارن ۾ سجائي رکي سگهجي ٿو. اهي ادبي مڙدا ترقي پسند ادبي لاڙن جا انتهائي مخالف ۽ نقاد هوندا آهن. اهڙا لاش ڏسڻ ۾ حقيقي يا اصل لاشن سان وڏي مشاهبت، مطابقت ۽ مماثلت رکن ٿا پر فرق صرف اهو آهي ته اهڙن لاشن جا تابوت آرامده ڪرسين جهڙا هوندا آهن، هڪ ٻئي دلچسپ ڳالهه اها پڻ آهي ته تابوت مان جيڪڏهن انهن لاشن کي ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي ته پوءِ انهن ۾ زندگي جا آثار نظر اچڻ لڳندا آهن پر اهي لاش هميشه پنهنجن آرامده تابوتن ۾ رهڻ پسند ڪندا آهن. اهڙن لاشن جي وصيت يا خواهش اها ئي هوندي آهي ته ادب کي به لاش وانگر بي جان هئڻ گهرجي.

سماج ۾ زنده لاشن جي وڏي مقدار جي موجودگي دوران ڪڏهن ڪڏهن هر ماڻهو پنهنجي گهايل وجود کي به زنده لاش سمجهڻ جو شڪ ڪندو آهي ۽ زنده لاشن کان خوف ڪائيندي پنهنجو پاڻ کي حرڪت تي مجبور ڪندو رهندو آهي.

# هي ڪهڙو ڊرامو آهي؟

ٿر ۾ اوچتو ڏڪار جو اشو اپڙڻ تي سموري سنڌ سميت پوري ملڪ ۽ بين القوامي فورمن تي پڻ اهو پڙاڏو گونجي رهيو آهي. ان اشو جا ٻيا به ڪيترائي پاسا آهن ۽ دلچسپ ڳالهه اها آهي ته ٿر جا ماڻهو پڻ ان ميڊيائي ڪوريج ۽ ”سول سوسائٽي“ جي امدادي سرگرمين تي حيران ۽ پريشان آهن.

ٿر جي مسڪين ماڻهن سان اڄڪلهه جيڪو مذاق ڪيو پيو وڃي ۽ انهن جي عزت ۽ نفس جو جيڪو تماشو اڏايو پيو وڃي اها حالت لفظن ۾ بيان نٿي ڪري سگهجي. ايئن به ناهي ته ٿر ۾ ڏکوئيندڙ صورتحال نه آهي پر ٿر جي عام ماڻهو سان اسان جڏهن ان جي تجربن جي گهرائي ۾ وڃي ٿر جي صورتحال معلوم ڪئي ته هنن ”پيروئن پڇاٽان“ واري دور کي ڪارو ڏڪار قرار ڏنو آهي. ان جو مطلب اهو آهي ته جيڪڏهن پيرن پڇڻ (مئي ۽ جون) کان پوءِ برساتون نٿيون پون ته پوءِ اهو وقت چوپائي مال لاءِ انتهائي ڏکيو هوندو آهي. ٿر جي زندگي بابت ڪافي حقيقتن کان ماڻهو بلڪل بي خبر آهن جڏهن ٿر بابت اتي جي مقامي ماڻهن کان راءِ ورتي وڃي ته اهي پڻ ميڊيا ۾ دهرايل ڪهاڻي ورجائيندا آهن. ٿر جي ماڻهو بنيادي طور هاري نه آهن پر ”پاڳيا“ يعني مالوند آهن. ٿر ۾ ڏڪار جو پهريون شڪار پڻ چوپايو مال ٿئي ٿو هتي ان ڳالهه کي به ذهين نشين ڪرڻ گهرجي ته ٿر جي چوپائي مال ۾ رڍون ۽ ٻڪريون پوءِ به ٿر جي خشڪ سالي کي منهن ڏيو وڃن ۽ اٺ کي به ڪا خاص تڪليف نه ٿئي پر سڀ کان وڌيڪ ڍڳيون ئي ڏڪار مان متاثر ٿينديون آهن. ٿر جا ماڻهو ڍڳين کي ڏڪار کان بچائڻ لاءِ صدين کان وٺي بئراجي علائقن جو رخ ڪندا آهن. بدين، ميرپورخاص، ناري کان وٺي حيدرآباد جي پسگردائي ۽ نوابشاهه تائين توهان کي ٿر جي

ڏڍين جا ولر نظر ايندا. جيستائين عام ماڻهو جي ڏڪار کان متاثر ٿيڻ جو سوال آهي ته منهنجي راءِ، عام راءِ کان بلڪل مختلف آهي. ٿر ۾ جڏهن آبادي صرف نالي ماتر هئي ان وقت جي ڏڪارن وڏا راڱا ڪيا هئا ماڻهن وٽن جا چوڏا ۽ جنسي گاهه پڻ کاڌو. اڄ ٿر جي ريگستان جي آبادي (امرڪوٽ ۽ ڪپري جي صحرائي علائقي سميت) 20 لکن کان به وڌيڪ آهي پر اهي ماضي واريون حالتون نه آهن. ان جا به ڪافي سبب آهن. ڏڪار اڄ پڻ اچن ٿا ۽ ماضي جي ڏڪارن وانگر لڳاتار ڏڪار به هر ٻئي يا ٽئي سالن کان پوءِ اچن ٿا پر ماضي جا لڱ ڪانداريندڙ واقعا ان ڪري نٿا دهرائجن ته ماضي ۾ ٿر جي ماڻهن جي زندگي جو سمورو دارومدار ٿر تي ئي هو ۽ ٿر کان ٻاهر ٻئراجي علائقن ۾ روزگار جا اهي موقعا نصيب نه هئن پر ٿر ۾ اڄ جي دور ۾ رهندڙ ماڻهن جي زندگي جو دارومدار ٿر تي نه هئڻ جي برابر آهي. صرف انهن ماڻهن جو ٿر تي دارومدار آهي جيڪي مال چارين ٿا ۽ ٻني ٻارو ڪن ٿا. ٿر جا اڪثر ماڻهو ٻئراجي علائقن ۾ زرعي مزدوري کان سواءِ سنڌ جي شهرن ۾ صنعتي مزدور پڻ آهن. اڄ ڪراچي ۾ سڀ کان وڌيڪ سستو پورهيو ٿر جو مزدور ڪري رهيو اهي. ڪجهه ماڻهن جو گذران سرڪاري ملازمتن تي پڻ آهي. ٿر پنهنجي فطري حالتن موجب پاڻ پرو ناهي ٿر ۾ زندگي گذارڻ تمام مشڪل آهي. ڪارونجهر جا اڏول جابلو ٽڪر، مهراڻي جا پٽ، ڪنني جا لوٽيانا قدرتي تلاءَ، رڻ جو ڪڇ ۽ ڪائڙ جا ريگستاني علائقا اڪين کي ٺاري سگهن ٿا پر پيٽ جي ٻک اجهائي نٿا سگهن. ٿر بابت لکڻ لاءِ ته ڪافي مواد آهي جيڪو اڄ ڏينهن تائين نه لکجي سگهيو آهي پر هڪ حقيقت اها پڻ آهي ته ٿر ۾ اڄڪلهه جيڪي ڳوٺ آباد آهن انهن جي تاريخ پڻ هڪ سو سالن کان گهٽ آهي اڳ ۾ جيڪي به ماڻهو ٿر ۾ رهندا هئا اهي لڏپلاڻ ڪري ٻئراجي علائقن ۾ وڃي آباد ٿيا. ٿر ۾ آباد ٿيڻ ۽ لڏپلاڻ ڪرڻ جي روايت اڄوڪي نه پر هڪ هزار سال پراڻي آهي. قصو مختصر اهو ته ٿر جا ماڻهو پنهجي زندگي گهارڻ جو ڍنگ سکي چڪا آهن، ٿر ۾ چوپائي مال مويشي جي بچاءُ لاءِ پڻ ٿر جا مارو ماڻهو اڳواٽ بندوبست ڪندا آهن. ٿر جي ماڻهن لاءِ هينئر جيڪا امدادي ٻوڏ جي توقع ڪئي پئي وڃي ان مان سڀ کان وڌيڪ مستفيد اين جي اوز، سرڪاري ڪامورن ۽ مقامي پٽيل ئي ٿيندا. عام ماڻهو کي ڪو به فائدو نه اڳ ۾ پهتو هو نه ئي وري هاڻ اميد ڪري سگهجي ٿي.

گذريل ڪجهه عرصي کان بدين جي ٻوڏ متاثر ماڻهن سان پڻ اهي مذاق ڪيا ويندا آهن ۽ ٿر جي ماڻهن سان پڻ ڪافي عرصي کان اهي مذاق جاري آهن. ٿر ۽ لاڙ جي ماڻهن جي اها حالت ڏسي فيض احمد فيض جو نظم ذهن تي تري ايندو آهي جنهن ۾ هن عام مظلوم خلق کي ”ڳلين جا رولو ڪتا“ سڏيندي منظر ڪشي ڪئي آهي. اهي واقعي ڳلين جا رولو ڪتا آهن جن کي گداگري جو ذوق بخشيو ويو آهي.غلاظت ۾ گندي نالين ۾ جن جو بسيرو هوندو آهي. اهي هر ڪنهن جون ٺوڪرون ڪائيندا رهندا آهن ۽ فاقن وگهي مرندا رهن ٿا. اهي جيڪڏهن اکيون بدلائن ته پوءِ ماني جو ٽڪر اڇلايو ۽ انهن کي ڪتن وانگر پاڻ ۾ ويڙهايو. پر حڪمرانن کي اها ڳالهه به ذهن نشين رکڻ گهرجي ته اهي مظلوم مخلوق جيڪڏهن اٿي بيني ته پوءِ سرڪشي جي اها تاريخ پڻ رقم ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا جن سان انسان ماضي جو سڀ سرڪشيون وساري ڇڏيندو. اهي جيڪڏهن چاهين ته پوءِ دنيا کي فتح ڪري سگهن ۽ جن آقائن جي اڳيان اهي ماني ڀِڪي لاءِ تماشو بڻجن ٿا انهن جا نه صرف تخت ۽ تاج الٽا ڪري سگهن ٿا پر انهن جون هڏيون پڻ چٻاڙي سگهن ٿا......... پر مسئلو اهو آهي ته انهن ۾ ڪڏهن انهي ذلت جو احساس اڀرندو. اڄ اسان جي اها ئي التجا آهي ته ٿر ۽ لاڙ جي ماڻهن جي ”امداد“ ڪرڻ بدران انهن کي ذلت جو احساس ڏياريو ۽ انهن جي ستل حس کي جاڳايو پوءِ اهي پاڻ ئي پنهنجي دردن جو درمان ڪرڻ ۾ ڪامياب ويندا.

اڄ جهڙي ريت ٿر ۾ امدادي سرگرمين جي آڙ ۾ سرڪس جا تنبو لڳايا پيا وڃن اهو تمام شرمناڪ عمل آهي. چوڪن تي ماڻهن کي پنڻ لاءِ مجبور ڪيو پيو وڃي ٿر جي غريب مارُوئڙن جو مائرون ۽ ڀينرون سڄو ڏينهن "امداد" جي آسري پٽڪي رهيون آهن. هنن عورتن کي چپس ۽ بسڪيٽن جي ٿيلهي خيرات ۾ ڏيڻ جي بدران مارئي جي غيرت جو احساس ڏيارڻ جي ضرورت آهي جنهن سورهيه سورمي وقت جي حڪمران کي انتهائي جرئت سان للڪاريندي ماڙين جي بدران ڪکائين جهوپڙي کي ترجيح ڏني ۽ ريشم ۽ بخمل کي ٺڏي اباڻن جي ليڙون ليڙ لوئي جي لڄ رکي.

انسان جي عزت و نفس به ڪا شي آهي. اسان جا ساڄاهه وند به انهن سرگرمين ۾ شريڪ آهن ۽ اهي ان عمل کي ٿر جي مارُوئڙن جي خدمت جو نالو ڏين ٿا. مٺي جي ڪشمير چوڪ تي اڄ پڻ اهڙا سرڪس جا تنبو لڳل آهن ۽ اتي ايندڙ هر گاڏي روڊ جي ڪناري تي ويهي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن سڏي ڪجهه شين جا پئڪيٽ ورهائي ۽ فوٽو ڪڍي هلي ويندي آهي. ماڻهن جي امداد اهڙي ريت ڪئي پئي وڃي جيئن "سائي سومار" تي ڪنهن "ڪني ماني" لاءِ سڏ ڪيو ويندو آهي. ٿر ۾ ايندڙ ماڻهو صرف مٺي کي ئي پنهنجي سرگرمين جو مرڪز سمجهندا آهن جڏهن ته ٿر 14 هزار چورس ميلن تي ڦهليل وسيع علائقو آهي ۽ ان ۾ ٽي هزار کان به وڌيڪ ڳوٺ ۽ 15 لک آدم رهي ٿو.

ٿر بابت ٻي حقيقت به هتي پيش ڪرڻ چاهيندس ته "وسڪاري" کان پوءِ ٿر يڪدم "ڪشمير" ناهي ٿيندو. ٿر ۾ زراعت به نالي ماتر آهي ۽ سيني ماڻهن جون پنهنجون ٻنيون به ناهن. جن وٽ ٻني ٻاري جو ٽڪر آهي ته انهن کي پڻ تمام گهٽ اپت ٿيندي آهي ٿر ۾ هڪ وڏي نا انصافي اها آهي ته ٿر جي واپار تي هڪ مخصوص واپاري حلقي جو غلبو آهي ۽ ٿر جا مارو ماڻهو جڏهن وسڪاري کان پوءِ ٻج وٺن ٿا ته انهن کي تمام ڳري رقم عيوض اهو ٻج ڏنو ويندو آهي. مثال طور گوار جو مڻ ان وقت ڇهه کان ست هزار روپيا في مڻ هو ۽ هن وقت اهو 1400 کان 1500 روپيا في مڻ خريد ڪيو پيو وڃي. ٿر جا مارو ماڻهو پنهنجي ٻنين تي نور نچوئي، بلائون لتاڙي جيڪو فصل اپائيندا آهن اهي واٽيا ڪانئن پڳڙن مٺ تي خريد ڪندا آهن. ٿر جي ماڻهن لاءِ ته انيڪ مصيبتون آهن پر انهن مان هڪ اها مصيبت پڻ آهي ته اهي بري طرح قرض ۾ وڪوڙيل آهن. چاڇري تعلقي ۾ ماڻهو اڳواٽ ٽيٽي رقم تي قرض کڻن ٿا ۽ واٽين جي وياج کان پوءِ هتي پناڻن به اڇي پير کوڙيا آهن. هڪ محتاط اندازي موجب ٿر جي سرڪاري ملازمن جو 90 سيڪڙو پنهنجا چيڪ گروي رکي مقروض بڻيل آهي (ايڊوانس پگهارن جي مد ۾ ڪنيل قرض ان کان علاوه آهي). هتي 5 کان 15 سيڪڙو تائين قرض تي منافعو (وياج) اوڳاڙيو وڃي ٿو. پناڻ وري ڪنڌ جي ٻورين تي پنهنجي قانون تحت هڪ دفعي ڪنيل قرض کي پنج ڀيرا وصول ڪندا آهن. عام ماڻهو وري مقامي سينين وٽ اڳواٽ قرض جي مد ۾ پيڙهبو رهي ٿو. هڪ اين جي او پڻ قرض جي "سهوليت" تحت مارُوئڙن کي نپوڙي رهي آهي جڏهن ته بئراجي علائقي جي زميندارن جو "جمانداري" ۽ "پيشگي" جي آڙ ۾ سستي پورهئي لاءِ ماڻهن کي مقروض ڪرڻ جي ڪهاڻي الڳ آهي.

ٿر ۾ گذريل 20 سالن کان هڪ ڳيجهو طبقو پيدا ٿي چڪو آهي جيڪو مختلف موقعن تي ٿر جي مارُوئڙن جي مظلوميت کي ڪيش ڪرائي رهيو آهي. اين جي اوز، ساڄهه وندن، سول سوسائٽي، مقامي پٽيلن، سياسي اڳواڻن ۽ ڪامورن تي مشتمل انهي طبقي جي وڏي ڪوشش هوندي آهي ته هو ٿر جي ڏڪار کي غنيمت سمجهي وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪري. اهڙا موقعا ان طبقي لاءِ هڪ جنت جهڙي حيثيت رکن ٿا.

جيڪڏهن ٿر جي پنتي پيل علائقي جي سڌاري لاءِ اسان جا حڪمران واقعي سنجيده آهن ته پوءِ انهن کي ٿر کي هڪ وڏي عرصي تائين ترجيح جي بنياد تي خصوصي علائقو قرار ڏيڻ گهرجي ۽ ان کان پوءِ ٿر ۾ روينيو جي ڍلن جي اوڳاڙي سميت سڀئي سرڪاري محصول معاف ڪيا وڃن ۽ صحت جي مرڪزن کي فعال ڪري ڏورانهين علائقن تائين دوائون ۽ صحت جون ٻيون سهوليتون ميسر ڪيون وڃن. ٿر ۾ عام معمول جي خوراڪ جي شين جهڙوڪ اٽو، ڪاڏي جو تيل، چانور ۽ داليون وغيره اڌ کان به گهٽ رقم تي سرڪاري مرڪزن ذريعي مهيا ڪيون وڃن. انهن جي هر ماڻهو تائين پهچ آسان بنائي وڃي. ٿر جي نوجوانن لاءِ روزگار جا خصوصي اپاءُ ورتا وڃن. شاگردن کي تعليم لاءِ اتساهڻ خاطر هڪ معقول رقم جي اسڪالرشپ يا وظيفو مقرر ڪيو وڃي. استادن جي حاضري کي يقيني بنائي وڃي. رياستي ڪل پرزن يعني سرڪاري ملازمن تي ڪرڙي نظر رکي وڃي ۽ ان سان گڏوگڏ ٿر جي سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ خصوصي طور ريگستاني الائونس جي مد ۾ ٻيڻو اضافو ڪيو وڃي. بيروزگار نوجوانن کي روزگار الائونس ڏنو وڃي.
جيڪڏهن مستقل طور نه ته به 25 يا 33 سالن تائين اها خصوصي گرانٽ ٿر جي زندگي تي بهتر اثر ڇڏيندي پر هن نظام ۽ حڪمران طبقي مان اها اميد رکڻ ٻبرن کان ٻير گهرڻ برابر آهي. موجوده حالت ۾ ٿر جي ماڻهن سان اسان جي حڪمران طبقي طرفان ڪيل مذاق ۽ ڳيجهو ڪلاس جي امدادي سرگرمين جا ناٽڪ ڏسي دل ئي دل ۾ پڇرڻ کان سواءِ ٻيو ڪري به ڇا ٿو سگهجي؟ صرف لطيف جي اها سٽ ئي شل ساڀيان ٿئي ته ”ڏڪاريل ڏيهه مان موذي شال مرن !“

# پروفيسر سيموئيل ٿام ۽ علي بابا

لياري ۾ قتل عام جي متاثر غمزده عورتن جي تصوير سنڌ ايڪسپريس ۾ انتهائي حقيقت تي ٻڌل ڪئپشن سان شايع ٿي جنهن ۾ لکيل هو ته ”شديد غم ۾ ماڻهن کان روئڻ به وسري ويو آهي.“ اها حقيقت آهي ته شديد غم هڪ اهڙي هيجاني ڪيفيت کي جنم ڏيندو آهي جنهن کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪي به لفظ ناهن هوندا . ڪشمير ۾ زلزلي جڏهن هڪ ئي ماءُ کان ان جي سيني جگر جي ٽڪرن ۽ انهن جي اولاد جا لاش ان جي اڳيان سجائي رکيا ۽ هو اهڙي هان ڏاريندڙ منظر کي ڏسڻ لاءِ جيئري بچي ته پوءِ ان جي اکين ۾ هڪ دهشت ۽ ڇپن تي عجيب خاموشي هئي. اها خاموشي اتي بيٺل انسانن جي ڪنن جا پردا ڦاڙي ڇڏيندي هئي ۽ اهي سڪل نيڻ ماڻهن جي اکين کي سيراب ڪرڻ لاءِ ڪافي هئا.

قدرتي آفتن کي ته پوءِ به فطرت جو ڏمر سمجهي قبول ڪري سگهجي ٿو پر هن نظام ۾ حضرت انسان جيڪي قيامتون آڻي رهيو آهي ان کي ڪهڙو نانءُ ڏجي؟

سموري سنڌ ”پرين جو پاڇو“ هڪ رومانوي ۽ شاعراڻو خيال آهي جيڪو صرف هڪ خيال لڳي ٿو پر حقيقت اها آهي ته سموري سنڌ تي ڪنهن پوائتي عفريت جو پاڇو پئجي چڪو آهي. ٿر جي غربت ۽ هيٺائي جي اکين سان تصوير ڏسندي، جتي ٿر واسين جي لاءِ موت شروع کان وٺي گهر ڀاتي بڻجي چڪو آهي ۽ زندگي ڄمندي ئي ان جي بي رحم چنبن جو شڪار ٿي ويندي آهي. جيڪڏهن زندگي موت جي منهن مان به بچي وئي ته پوءِ سورن جو هڪ گهاٽو تيار آهي جنهن ۾ سڄي عمر پيڙهجڻ ۽ هر روز پنهنجي خوابن جو موت ڏسڻ ماڻهو جو مقدر بڻجي وڃي ٿو. بنگال جي ڪتن جي نصيب ۾ پڻ ڪجهه ڏهاڪا اڳ انساني گوشت جو مزو ماڻڻ لکيل هو ان کان اڳ ورهاڱي واري دور ۾ سموري نندي ڪنڌ ۾

انساني لاش مقدس روحاني ۽ "سڀ کان مٿانهين" قومي رشتن جو ڀرم رکندي ڪتن جي ڏاڻن ۾ چباڙيا ويا ۽ اهو سلسلو هزارين سال پراڻو آهي جيڪو ختم ٿيڻ جو نالو ئي نٿو وٺي. پارسين جي ڪراچي واري قبرستان ۾ انهن جي رسم موجب لاشن کي ڳجهن حوالي ڪيو ويندو آهي ۽ اتي ڳجهون پاليل آهن پر انساني گوشت کائڻ سبب اهي انتهائي ڪمزور ۽ بيمار رهن ٿيون پر اسان وٽ سموري سنڌ ۾ جيڪو ڳجهن جو نسل پيدا ٿيو آهي اهو ڪمزور ۽ هيڻن انسانن جا لاش چباڙيندي مچي مواڙ ٿي رهيو آهي. اهي ساجهه وند به آهن ته سول سوسائٽي پڻ جيڪي ماڻهن جا لڙڪ وڪڻڻ جهڙو گرگ ڌنڌو به ڪن ٿا (هاڻ ته اهي جسم به وڪڻن ٿا) ته ڪنهن رولو ڪتي وانگر مئل مورن تي لامارا پڻ ڏين ٿا ۽ بگهڙ وانگر معصوم ٻارڙن جي ٻنين کي کوٽي انهن جا لاش به ..................... حيف آهي اهڙي ساجهه کي ! اها ساجاهه ڪڏهن به سنڌ کي ڀاڻءِ نه پئي. انهي ئي ساجاهه سنڌ کي سور ڏنا آهن.

اسان جيئن ته ڪنهن به حوالي سان ساجاهه وند نه آهيون ان ڪري سنڌ جي سورن تي لکڻ جو پاڻ ۾ ست نٿا سنڀاليون. اڄ دل ڪنهن مزاحيه موضوع تي لکڻ لاءِ اتساهي رهي آهي. مرڪ زندگي جي علامت هوندي آهي. خاص ڪري اها مرڪ جيڪا زخمي وجود جي چهري تي تري اچي. مسڪراهٽن جا به ڪيترائي قسم آهن. ڪي مصنوعي به آهن ته ڪن مسڪراهٽن جي پويان نفرت جو زهر ڀريل هوندو آهي. هر هڪ مسڪراهٽ مسڪان به ناهي هوندي. بهرحال اسان جي سماج ۾ ازل کان وٺي مزاح جو هڪ لاڙو رهيو آهي جنهن جو مکيه ڪردار (يا سورمو ڪٿي چئجي) بلڪل ٻاراڻيون حرڪتون ڪندو آهي ۽ هر وقت ان سان تعديون ٿينديون آهن. انگريزي فلمن ۾ مسٽر بين جو ڪردار هڪ وڏو مثال آهي. حقيقت ۾ اهي ڪردار ولين ناهن نه سورما (هيروز) پڻ ناهن. اسان وٽ ڪافي سالن کان رحمت الله ماجوڻي "آمون انگريز" نالي هڪ ڪردار تي لکي رهيو آهي. اهو ڪردار سنڌ ۾ هر هنڌ وڏي مقدار ۾ موجود آهي. سنڌ جي سورن ۾ ڇا آمون انگريز جو به ڪو ڪردار آهي؟ اهو هڪ اهم سوال آهي پر آمون انگريز جهڙن حقيقي ڪردارن کي ڏسي اڄ اها حقيقت به دل سان مڃڻي پوندي ته اهي ڪردار بهرحال سماج جي انهن ڪردارن کان هزار دفعا بهتر آهن جيڪي سنڌ جي وجود کي ڏينهون ڏينهن ساڙي ڀسم ڪري رهيا آهن. آمون انگريز ته پاڻ کي تڪليف ۽ ڏچن ۾ وجهي سماج جي خدمت ڪندا آهن ۽ پاڻ تان ماڻهو کلائي ٻين ۾ مرڪون ورهائيندا آهن. اهي ڪردار ايترو ته پنهنجي ڪرت ۾ جنبيل رهن ٿا جو انهن تي ڪا تنقيد به ڪو اثر نٿي ڪري. تاريخ شاهد آهي ته جڏهن به آموئن ارڏائي ڪئي ته پوءِ "اسر" واري پکيئڙي وانگر ڪڏهن به هيٺ نه لٿا. اهي ڪنهن به حليم بروهي يا رحمت الله ماجوڻي جي ڪا پرواهه به نٿا ڪن پر انهن سان به پيار ۽ محبتن جا رشتا ڳنڍيو اچن. آمون انگريز جهڙن ڪردارن سان پيار ڪرڻ ۽ انهن تي گهور وڃڻ گهرجي.

جلي جي ٻين کي سهائو ڏين ٿا لکين گهور تن تان پتنگا ٿين ٿا.

پروفيسر سيموئيل ٽام به حقيقي ڪردار آهي. هن جو اصل وطن ته ولايت آهي پر پيدا هتي ٿيڻ پسند ڪيائين. پاڻ شعور سنڀاليندي ئي "شعور" کي ٽي طلاق ڏئي ڇڏيائين. اهڙي ريت پاڻ آگاهي جي عذاب کان به بچي وڃڻ ۾ ڪامياب ويو (زندگي گذارڻ جو هڪ سنهري اصول اهو پڻ آهي). سائين جي زندگي کليل ڪتاب هئڻ ڪري مزاحيه ادب جو وڏو خزانو آهي. پروفيسر صاحب جو هڪ اهم ڪارنامو اهو آهي ته پاڻ سنڌ جي ثقافت ڦهلائڻ لاءِ تمام وڏو ڪردار ڪيو. هي ان دور جي ڳالهه آهي جڏهن ٽوپي ڊرامو به شروع نه ٿيو هو. اڄ ته هر ماڻهو سنڌ جي ثقافت سان پيار ڪري ٿو پر هي انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن سنڌڙي جو ناڻءُ وٺڻ ڪاريهر تي پير پوڻ جي برابر هو. پروفيسر ٽام ان وقت تمام سرگرم رهيو

سرگرم تہ هاڻ بہ آهي پر جواني جي جذبن ۽ جلون جي ڳالهہ ئي ٻي آهي. سائين کي اها مڃتا ناهي ملي جيڪا ڪيس ملڻ گهرجي. رحمت الله ماجوٺي ئي ڪيس دريافت ڪيو.

توهان کي سائين جي اجرڪ واريون ساروڻيون اڄ بہ ياد هونديون. پروفيسر صاحب هڪ ئي اجرڪ سنڌ جي مهان اڳواڻن، اديبن ۽ نامياري شخصيتن کي پارائي هڪ انوکي تاريخ لکي آهي. پاڻ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سفر ڪري سنڌ جي مهان شخصيتن سان گڏ ان ئي اجرڪ سان تصويرون ڪڍائي ڪين امر ڪري ڇڏيو. ان اجرڪ کي ان وقت جي بليڪ اينڊ وهائيٽ تصويرن کان وٺي رنگين فوٽن ۽ هاڻ وري ڊجيٽل تصويرن تائين ڪئميرا جي مختلف دورن پنهنجي اک ۾ قيد ڪيو آهي. پروفيسر صاحب اجرڪ پارائي فوٽو ڪيرائڻ کان پوءِ اها اجرڪ ويڙهي سنڀالي رکندا آهن. انهي اجرڪ ۾ ڪيترن ئي عظيم ماڻهن جو واس آهي ۽ اها اجرڪ ئي سائين جن جو وڏو سرمايو آهي. عام طور تي ماڻهو اها اجرڪ پروفيسر صاحب پاران پارائي پوءِ ساڳي طرح ڪلهن تان لهرائي وڃڻ تان ناراض ناهن ٿيا پر علي بابا اها واحد شخصيت آهي جيڪو پروفيسر صاحب سان الجهي پيو ۽ هڪ مزيدار واقعو ٿيو جيڪو پروفيسر صاحب اڪثر ڪري ڊائلاگ جي انداز ۾ بيان پڻ ڪندو آهي. سوپ آخرڪار پروفيسر جي ٿي ۽ علي بابا کي کليل دل سان پنهنجي غلطي تسليم ڪرڻي پئي.

اهو واقعو ايئن هو جو هڪ ڀيرو ميرپورخاص ۾ علي بابا سان شام ملهائي پئي وئي. پروفيسر صاحب بہ ان پروگرام ۾ ويو ۽ علي بابا کي اجرڪ پارايائين تہ علي بابا ڏاڍو خوش ٿيو ۽ تمام بهترين ۽ خوشگوار موڊ ۾ هڪ تصوير ورتي وئي پر جڏهن پروفيسر صاحب اها ئي اجرڪ سندس ڪلهن تان لاهي ويڙهڻ لڳو تہ پوءِ علي بابا کان بہ رهيو نہ ٿيو ۽ هو مهمان خاص جي پروٽوڪول جي بہ پرواهہ نہ ڪندي اسٽيج کان هيٺ لهي آيو ۽ اجرڪ پروفيسر ٽام کان کسڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ ان جهڙپ دوران جملن جي جيڪا ڏي وٺ ٿي اها اسان هيٺ لکي رهيا آهيون.

علي بابا : اڙي هي ڪهڙي شوبازي ڪئي اٿئي؟

پروفيسر : ڪا بہ شوبازي ناهي ماٺ ڪري اسٽيج تي ويهي رهو.

علي بابا : تون اسان سان مذاق ڪري رهيو آهين.

پروفيسر : ڪو بہ مذاق ناهي. توهان جو مداح آهيان ان ڪري اها تصوير ڪيرائي اٿم.

علي بابا : تو جهڙن ڏيکاءُ پسندن سنڌ کي تباهہ ڪيو آهي.

پروفيسر : (هاڻ ڪجهہ گرم ۽ بي تڪلف ٿيندي) سنڌ کي تو تباهہ ڪيو آهي جو پرايو مال هڙپ ڪرڻ لاءِ ڪاهي پيو اچين.

علي بابا : مون منٿ ڪئي هئي جو مون سان اجرڪ سان فوٽو ڪڍاءِ؟

پرفيسر : مون ڪيترن ئي وڏن ماڻهن سان ان ئي اجرڪ سان فوٽو ڪيرايو آهي پر اهي ناراض ناهن ٿيا. تون واحد ماڻهو آهين جيڪو اها بي واجبي ڪري رهيو آهين.

علي بابا : ماڻهو ٿي ! اجرڪ مون کي واپس ڪر.

پروفيسر : ڪنهن بہ قيمت تي اجرڪ واپس نہ ٿيندي، اها منهنجي پراپرٽي آهي.

علي بابا : پوءِ مون کي ڇو ڏني؟

پروفيسر : صرف فوٽو ڪيرائڻ لاءِ.

علي بابا : ڪهڙو لاچار هو؟

پروفيسر : اها منهنجي مرضي آهي.

علي بابا : وڏو ڪو لوفر آهين.

پروفيسر : نه عزت وارو ماڻهو آهيان.

علي بابا : عجيب ماڻهو آهين.

پروفيسر : نه غريب ماڻهو آهيان.

علي بابا : (اجرڪ اڇلائي پروفيسر جي منهن تي هنئي) هاڻ وڃ

پروفيسر : قطعي نه ويندس، تقرير پڻ ڪندس.

علي بابا : ڪنهن تي ؟

پروفيسر : توهان تي

علي بابا : ناهي ضرورت

پروفيسر : توهان جو مداح آهيان

علي بابا : (پروفيسر کي ڳلي لڳائيندي ) اچو سائين اسٽيج تي ويهو.

پروفيسر صاحب اسٽيج تي وينو ۽ علي بابا جي ادبي زندگي تي هڪ تقرير به ڪري ويو. اهي ڪردار ڪڏهن به مرڻا ناهن جيڪي زندگي جي ڪنهن به موڙ تي ورچي نٿا ويهن ۽ نه ئي وري اهي سنڌ جي سورن کي وڪٽي پنهنجي مفادن لاءِ ڪارو ڪاروبار ڪن ٿا. اهي آمون انگريز ته جيءَ جيارا آهن ۽ زندگي جي علامت پڻ آهن.

# مقامي صحافين جا مسئلا بہ تہ ڏسو !

**ظفر** امام جو 27 مارچ وارو آرٽيڪل پڙهڻ سان اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. جيڪڏهن پاڻ موصوف ڪڏهن "مقامي صحافي" ٿي رهي ها تہ هوند اهڙي ڳالهہ ڪڏهن بہ نہ ڪري ها. هڪ پيري جڏهن ڪنهن چور کي رياست جا اعليٰ اهلڪار سرعام پڪڙي وني وجي رهيا هئا تہ سڪرات ڪان ٿهڪ نڪري ويا ۽ چوڻ لڳو تہ "ڏسو وڏا چور ننڍي چور کي سزا ڏئي رهيا آهن." اسين اتي صحافي برادري جي ڪنهن بہ طبقي کي نشانو بنائڻ جي جرئت نٿا ڪريون پر انساني همدري جي طور "مقامي صحافين" جا ڪجهہ مسئلا ريڪارڊ تي آڻڻ تي چاهيون ٿا تہ جيئن وري ڪو ٻيو ظفر امام جي پيروي ڪندي "ويچارن" جا "ويچارا" نہ ڪدي.

اسان وٽ هڪ "مقامي پريس" جو گروپ هميشہ ڪان وني "ميڊيا" کي "صنعت" قرار ڏيڻ جي ڳالهہ ڪندو رهيو آهي تہ ساڳئي وقت "پريس ليبر" جي حقن جي بہ ڳالهہ ڪئي ويندي آهي. هتي منهنجو مقصد اڳواٽ راءِ قائم ڪري ڪالم جي جاءِ والارڻ بدران ڪجهہ حقيقتن کي سموئي پيش ڪرڻ ۽ "ڏيان طلب" جهڙو مضمون لکڻ آهي.

صحافتي تربيت ۽ تعليم نہ هئڻ جي ڪري ڪجهہ مسئلا منهنجي سمجهہ ۾ نہ اچي سگهيا آهن. اهي آئون پڙهندڙن جي اڳيان رکڻ چاهيان ٿو.

چا "ميڊيا" خيراتي ادارو آهي ۽ انهن جا نمائندا (جن کي مقامي صحافي چيو ويندو آهي ) اهي رضاڪاراڻہ طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏين ٿا؟

چا ميڊيا "صنعت" آهي ۽ "مقامي صحافي"، "جبري پورهيو" ڪري رهيا آهن؟

سياسي پارٽيون بہ پنهنجي ڪجهہ سرگرم ڪارڪنن کي "فل ٽائيمر" يا "ڪل وقتي ڪارڪن" طور مالي سهائتا ڪن ٿيون پر اهي ميڊيا جا رضاڪار مقامي صحافي ئي آهن جيڪي آنڌي مانجهي ڪئميرائون ڪٽي پنهنجو تيل پري "ڪوريج" تي پهچي ويندا آهن. ......... پهر بهي هم سي شڪوه ڪہ يہ چمن همارا هي تمهارا نهين ........... انهي ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو الميو هوندو؟ اخبارن ۽ چئنلن جا مالڪ پڻ پاڻ کي صحافي سڏائين ٿا ۽ انهن جو سياسي پس منظر پڻ هوندو آهي. مقصد تہ هن نظام ۾ اها واحد "صنعت" آهي جنهن جا "صنعت ڪار" بہ صحافي تہ مزدور بہ "صحافي" آهن. ڪنهن اهو بہ سوچيو آهي تہ رياست جي چوٿين ٿنڀ جا بنياد رضاڪاراڻہ آهن.

اها بہ دعا ڪريو تہ سرد جنگ ڪان پوءِ ڪامريڊن ۽ "ترقي پسند" دانشورن جي وڏي انگ صحافت ۾ پناهہ ورتي نہ تہ هوند اڄ ڪهڙي صورتحال هجي ها (صحافت جي نہ پر انهن دانشورن ۽ پراڻن ڪامريڊن جي).
هڪ پڙهندڙ جي حيثيت سان پنهنجي ذاتي راءِ ڏيندي آئون اهو چوڻ ٿو چاهيان تہ "مقامي صحافي" تي ڪو ڏوهہ ڏيڻ جي بدران ڀهريائين ان جا مسئلا ڏسڻ گهرجن. اسان کي ڪڏهن ڪڏهن اخباري ايڊيشنن ۾ "مقامي صحافين" جي مسئلي تي "مالڪن" ۽ انهن جي نمائندن جي صرف اها راءِ ئي پڙهڻ لاءِ ملندي آهي تہ "اسان جي ڪوشش آهي تہ پنهنجي مقامي "نمائندن" کي "ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏنو وڃي." مگر اهو "ڪجهہ نہ ڪجهہ" نہ ڪڏهن مليو آهي ۽ نہ وري "مقامي صحافي" ان "ڪجهہ نہ ڪجهہ" لاءِ انتظار ڪيو آهي اهي هر وقت پنهنجي "فرض" ۾ جنبيل هوندا آهن. ڪجهہ سال اڳ هڪ مرحوم صحافي (مقامي نہ) بدين ۾ پنهنجن نمائندن سان ڳڏجاڻي ڪندي اها هجت بہ ڪيائين تہ "پاڻ بہ ڪائو ۽ اسان ڏانهن بہ حصو موڪليو ۽ اهڙي ريت هڪ "چين" نهيل هجي." آئون بہ ان ڳڏجاڻي ۾ شامل هئس ۽ پنهنجي سينيئر "استاد" جي ڳالهہ کي سمجهڻ ۾ ڪجهہ دشواري پئي سامهون آئي ۽ نيٺ حجاب ٽوڙيندي هڪ ٻي ٽڪو سوال ڦهڪائي ڪڍيم تہ "سائين پلا پگهار گهڻو هوندو هڪ مقامي نمائندي جو". اها ڳالهہ ٻڌندي ئي هن

سمجهيو ته هي شايد گدو بندر کان ڇڏائي هتي پهتو آهي سو هن انهي سوال جو کو جواب ڏيڻ مناسب نه سمجهيو پر هن اهو سوال پنهنجي ذهن ۾ رکيو ۽ آخر ۾ خطاب دوران مرحوم ليڪچر جي انداز ۾ چيو ته هتي ڪنهن دوست "پگهار" جو سوال ڪيو ان لاءِ اسان توهان تي واضع ڪري ڇڏيون ته صحافي اها مخلوق آهي جيڪا ڪنهن به صورت ۾ "پگهاردار" نٿي ٿي سگهي، هي هڪ سماجي پليٽ فارم آهي ۽ توهان کي اسان "تحفظ" فراهم ڪندا سين اهو "تحفظ" ئي توهان جو پگهار آهي. بهرحال مون کي ذاتي طور اهو "تحفظ" پاڻ نه پيو ۽ هڪ معمولي سرڪاري نوڪري تي وڃي لڳس ۽ ڪڏهن ڪڏهن "لکڻ" جي علت هٿان مجبور ٿي توهان لاءِ حاضر هوندو آهيان.

منهنجي ذاتي راءِ موجب "مقامي صحافين" جي اڪثريت يا ته هڪ مخصوص ڪاروباري طبقي سان واسطو رکي ٿي جيڪي پنهنجي ڪاروبار کي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ "صحافت" کي اختيار ڪري ٿي ۽ ايئن ڪرڻ سان ان کي بهرحال اهو تحفظ فراهم ٿي وڃي ٿو جيڪو هن جي ٻي خالص ڪاروباري برادري کي نصيب نٿو هجي ته ٻي طرف بيروزگار نوجواننجي فوج مان ڪي چالاڪ شخص وڏي ڪوشش کان پوءِ سياسي پارٽين ۽ اين جي اوز مان ٿيندي اچي صحافت ۾ ديرو ڄمائيندا آهن جن لاءِ صحافت هڪ اهڙو پليٽ فارم هجي ٿو جنهن سان اهي "مراعت يافته طبقي" کان ڪجهه مراعتون وٺي سگهن ٿا.

جنهن مخلوق لاءِ "مقامي صحافي" جو اصطلاح استعمال نه ڪيو ويندو آهي ان بابت اسان کي ڪا خبر نه آهي ته انهن جي "چين" ڪهڙي ذات جي نهيل آهي ۽ ڪيستائين ڦهليل آهي پر "مقامي صحافين" جي "چين" يا حلقو ڪٽي ڇئجي ادب دوست، ساجهه وندن ۽ سياسي ڪيڊر کان وٺي اين جي اوز تائين ڦهليل آهي.

مقامي ڪرپٽ انتظاميه ئي "ويچارن" جي گذر سفر جو ذريعو هجي ٿي. اين جي اوز جي پراجيڪٽن مان ڪجهه حصو صحافين لاءِ مختص ڪيو ويندو آهي (اهو پڻ مقامي صحافين جي "پريس ڪئپيسٽي" کي نظر ۾ رکندي).

جيئن ته اڳ ۾ عرض ڪيو اٿم ته هن ڪالم جو مقصد ڪا راءِ قائم ڪرڻ بدران ڪجهه حقيقتون اڳيان آڻڻ آهي. منهنجي ذاتي راءِ اها آهي ته "مقامي صحافين" تي ڪجهه لکڻ يا ڳالهائڻ جي بدران "علامه آمون پيينگوي" کان ان جي صحافتي زندگي جو ساروڻيون لکڻ جي گذارش ڪئي وڃي ته بهتر ٿيندو.

جڏهن "وڏا صحافي" شام جو ڪنهن سفارتڪار يا اهم حڪومتي شخصيت جي رهائشگاهه تي "ڊنر" کان اڳ "ولائتي مشروب" جا ڍڪ اوتيندي پنهنجي تحفظ لاءِ ڪو نيڪو يا سٽيي مراعت به وٺي رهيا هوندا ته ڪي وري حڪومتي "ڪاميٽين" ۾ "مبصر" توڙي "حڪومتي نمائندي" جي حيثِت سان مزا ماڻي رهيا هوندا عين ان وقت "مقامي صحافي" پنهنجي ڪلف لڳل قميص پٽ تي ٽنگي "ٺري جي پلاسٽڪ واري ٿيلهي" ۽ اوجهري جي ڊش تي پنهنجي زندگي جو هڪ اهم ڏينهن ڪٽي رهيا هوندا.

يارن کي گذارش آهي ته تنقيد پلي ڪريو پر هتي به طبقاتي نظام آهي.

"ڪو ڪِولي لتاڙي ته پاپي چئون ٿا،
ڪو بستيون اجاڙي ته ڇا چئون؟
تيلو ساڙي ته ناحق سڏيون ٿا،
ڪو ٻيلا ئي ٻاري ته ڇا چئون؟ (بخاري).

# ٿنائي جي پونءَ کي پيلڻ جا سانباها

ٿر جي مرڪزي شهر مٺي ۾ آچر جو ڏينهن عام معمول جي ڏينهن کان هٽي ڪري وڌيڪ مصروف هوندو آهي. ماروئڙن جي پيٽ گذر جو واحد ”ذريعو“ چوپايو مال ان ڏينهن پڙي ۾ وڪامبو آهي. اڄ ڪلهه ته وري ”ٿر ۾ ميڊيائي ڏڪار“ سبب ان ڪان به وڌيڪ ڇهڇٽو لڳل هوندو آهي. اين جي اوز جي ماڻهن جي اچ وڃ، جينز پينٽ پاتل ڪا اين جو جي برگر عورت ڪارڪن پنهنجي ”ٽيبليٽ“ سان ٿر جي بيوسي جا فوٽو ڪڍي رهي هوندي آهي ته وري روزانو ڪنهن نه ڪنهن وزير مشير جا ٿر جي دورا معمول بڻيل آهن. مٿان وري ماڻهن ۾ ”رليف“ لاءِ ڊوڙ ڊڪ ۽ ”ڏهه هزار جي قسط“ لاءِ بئنڪن ۽ اي ٽي ايم تي رش شهر جي عام معمول کي تمام گهڻو بدلائي ڇڏيو آهي.

ڪلهوڪو آچر به اهڙي ريت مصروف گذري رهيو هو ۽ جڏهن بنپهرن جو سج لڙي رهيو هو ته ان وقت اپريل فول جهڙي خبر شهر ۾ ڪنهن مڇريل پاڳل وانگر ڊوڙي رهي هئي ۽ جلد باهه وانگر هر هنڌ پکڙجي وئي. ٿر جتي حالتون عام معمول ۾ پڻ آسان ناهن، ڏکن جو ماروئڙن کي چني جو ڏاج مليل آهي جيڪي هو پوڳي رهيا آهن پر اهي درد ٿوري گهڻي فرق سان سيني جو گڏيل ورثو آهن. ٿر ۾ ڪانءُ جي اک ڪيندڙ تپش هجي يا باهه جهڙو ڪو گرم جهولو اهي سيني ٿرين جو گڏيل سرمايو آهن. پر اها خبر ته ٿر جي ماڻهن کي ويتر ورهائڻ جي هڪ ڪوشش هئي. ٿر جي سماج ۾ اها ڳالهه غير روايتي آهي جتي ٿر ۾ ٿورن گهڻن رنجشن ۽ سطحي تضادن جي باوجود ماڻهن ڪڏهن به مذهب کي پنهنجي ذاتي مفادن جي حاصلات لاءِ استعمال ناهي ڪيو.

ٿر ۾ مسلم ۽ غير مسلم آبادي هڪ جيتري آهي ۽ ٻنهي جي اڪثريت غربت ڪان تمام گهڻو هيٺ زندگي گذاري رهي آهي. ٿر جي ماڻهن هميشه کان وٽي پنهنجي چڱاين ۽ براين کي مذهبي عينڪ سان ناهي ڏٺو. اهي ڪير هئا جن لاڙڪاڻي کان وٺي حيدرآباد ۽ هاڻي ٿر ۾ اچي پنهنجي مخصوص لاڙي کي متعارف ڪرائي رهيا آهن؟ ايئن ڪرڻ سان اهي ڪهڙو پيغام ڏيڻ چاهين ٿا؟

ٿر ۾ ويڙهيجهپ اهو پٽ آهي جتي ٿنائي پيچ پني جو امرڪوٽ تان ٻڪراڙ ڪنوڻ جا سيلها ڏسي موذين کي مرڻ جي بد دعا ڏني هئي. هي اها ئي پيٽي آهي جتان اوپر کان ملير جو پارڪري پڊ آهي جتان گهنگهور گهٽائون جڏهن ٿر جي اجايل ڌرتي کي اونداهي ۾ ٻوڙي ڇڏينديون آهن ته ٿر واسين کي انهي اونداهي ۾ روشني جا اڪيچار ڪرڻا ساپيان ٽيندي نظر ايندا آهن. جيڪي ٿر کي هڪ پيرو بيهر ”گلزار“ بڻائي ڇڏيندا آهن. هي اها ئي ٿر آهي جتي اڄ مخصوص سوچ رکندڙ وحشين پنهجا اوتارا قائم ڪري ڇڏيا آهن جتي ڪنهن وقت ٿنائي جا ٽاڪ هئا. ٿر ته مسافرن جو ديس آهي جتي ڪڇ ۽ پچ توڙي مارواڙ تائين قافلا بغير ڪنهن روڪ ٽوڪ جي پنهنجو سفر جاري رکندا هئا. مدد خان پناڻ ۽ تروٽ جي اگرائين کي پڻ ٿر ڏسي چڪو آهي ته مقامي موذين ۽ بي وس ماروئڙن جي المين جو پڻ اهو ديس ساکي آهي. ڏڪارن جي ڏکين مهلن کي منهن ڏئي پڻ هي علائقو پار پيو آهي پر هي هڪ ٻئي کان پوءِ هتراڌو مصيبتون جيڪي ڏکويل ماڻهن جو مقدر بڻجي رهيون آهن ان مان هي پهريون پيرو گذري رهيو آهي.

اهي پيلا چا ٿا چاهين؟ تباهي، بربادي، وحشت يا اجا بيو ڪجهه؟؟؟ هڪ دوست ته اها ڳالهه چئي ته انهي تباهي کي اسان ڪافي عرصي کان پنهنجي وجود ۾ پالي رکيو آهي ۽ هن

وقت اسان تعجب جو اظهار ڪري رهيا آهين جڏهن اهو ٿوهر جهڙو ڪنڊيدار وڻ سنڌ جي اندر ۾ پنهنجون پاڙون پختيون ڪرڻ ڪان پوءِ خير سان ”فصل“ پڻ ڏئي رهيو آهي.

ٿر جتي ڏڪ ۽ سک جو سنگم ڏينهن ۽ رات جيان آهي، ڏڪار جي ڏهاڙن ۾ ڪنهن کي اهو شڪ به نه پوندو ته ڪنهن وقت هتي پڻ پيچ پني هئي ۽ شام جو پنل واري مٿان جڏهن ٿڌي هير گهلندي آهي ته پوءِ ماڻهن ڪان جنت به وسري ويندي آهي. ٿر ۾ ڏک ۽ سک پنهنجي پنهنجي واري سان ايندا آهن پر هي اڻ مندائتي موت وانگر کهڙيون مصيبتون آهن جيڪي هن ڏڪويل ڏيهه تي زوري مڙهيون وڃن پيون؟

ٿر هاڻ ڪافي بدلجي رهيو آهي ۽ اهي پڻ انومان لڳايا وڃن پيا ته ”ڪوئلي“ جي ڪوٺائي کان پوءِ تقريبن ٽن ڏهاڪن ڪان پوءِ ٿر جو سماجي نقشو بلڪل تبديل هوندو. پر هتي اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڇا اها تبديلي ٿر جي عام ماڻهو لاءِ ڪيتري فائديمند هوندي؟ ٿر جو عام ماڻهو جيتوڻيڪ پنهنجي پيٽ گذر  لاءِ ملتان جي ميدانن ڪان وٺي سموري سنڌ ۾ هر جاءِ تي محنت مزدوري ڪندو آهي پر پنهنجي اباڻن پدن کي ڪڏهن به مستقل طور ڇڏڻ لاءِ هرگز تيار ناهي ٿيندو. ڇا جبري لڏپلاڻ ۽ هاڻ وري نفرت جي اوڙاهه ڪان ٿر کي ڪيئن بچائجي؟

ٿر سميت سموري سنڌ هن وقت جهڙي ريت انسان دشمن ڏرين جي  حوس هٿان پيلجي ۽ لٽجي رهي آهي ان جو انهي ڪان اڳ ڪو مثال نٿو ملي. حصرت انسان اهو پڻ ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته هو به فطرت ڪان وڌيڪ ڏمر ۽ ڏڪار آڻڻ جي ”صلاحيت“ رکي ٿو.

تباهي جو نظارو هن اياڳي پونءَ تي ڇڻي طرح پسي سگهجي ٿو. هي ديس جهڙي ريت اڄ بيوسي جي تصوير پيش ڪري رهيو آهي ان جو پڻ اڳ ڪو مثال موجود ناهي. ڇا سنڌ هن وقت پنهنجي زخمي وجود سان تڙپندي ڪر ڪٽي پنهنجو بقا ڪري سگهندي يا سنڌ پڻ بلهي شاهه، نانڪ، فريد ۽ وارث جي پنجاب وانگر مري ويندي؟

اسان يقين سان چئي سگهون ٿا ته پنجاب جو شاندار صوفياڻو سماج 47ع دوران ئي پنهنجا پساهه پورا ڪري چڪو آهي ۽ اهو وري هاڻ ڪڏهن به پنهنجي اڳوڻو اوج ساري نه سگهندو. سنڌ جي خوشقسمتي اها آهي ته اها ڪيترين ئي ڪارين ضربن جي باوجود پنهنجو پاند بچائي رکيو پئي اچي ۽ هاڻ اهو پاند ڇيهون ڇيهون ٿي رهيو آهي. سنڌ سموري سڏڪو بڻجي وئي آهي. جنونين ۽ فداين جي مڪروهه ڇهرن سنڌ جي سجاڻپ کي تمام گهڻو بگاڙي ڇڏيو آهي. اندروني طور اهو بگاڙ لاڙ جي ان صوفي لال ڪان ٿيو جڏهن سنڌ پنهنجي انجام ڪان بي خبر ٿي انهي چال کي نه صرف سمجهي نه سگهي پر ان پنهنجي پاند ۾ انهي اصيل نانگن کي پناهه پڻ  ڏني جيڪي هاڻ ڦڻ ڪڍي ان کي ڏنگي رهيا آهن.

# مقتل مان گذرندڙ راهون

هتي سنڌ ۾ پڻ عشق ۽ عقل جو جهيڙو هلندڙ آهي، عقل پنهنجي جان بچائڻ جا سمورا گر سمجهي ٿو ۽ هن موسم آهر پنهنجي سفر جاري رکيو آهي مجال جو ڪا رهنڊ لڳي اٿس. ”عقل“، قومي ۽ طبقاتي ريل گاڏي جوٽي هر وقت خالي ۽ بي خطر ٽريڪ تي پنهنجي ”منزل“ جا گاڏا گهيليندو رهي ٿو اهو سفر سنڌ لاءِ ته ڪا سنيهو نٿو آڻي پر ”عقل“ کي به اها خبر ناهي ته سندن منزل ڇا آهي؟ مقصد ڇا آهي؟ ڪيس اها به خبر ناهي ته سندن منزل قومي آهي يا طبقاتي يا هن ”منزل“ ماٺي به ورتي آهي ۽ هاڻ ڪنهن ديواني وانگر اهو چوندي اڳتي وڌي رهيو آهي ته ”ڪاش منزل ڪان به اڳيان ڪو رستو هجي !“ اها ڳالهه ”عقل“ ئي ٻڌائي سگهي ٿو. اهو هر وقت عشق تي ٽوڪون ڪندو آهي، جيڪو بي خوف ٿي نمرودي آتش ۾ ڪڏي چڪو آهي اها پرواهه ڪرڻ ڪان سواءِ ته هو ديس کي لڳل باهه کي پنهنجي رت جي ريج سان مات به ڏيندو يا مورڳو سندس لال لهو ان باهه کي ٻارڻ ڏئي ويتر ڀڙڪائيندو. پر عشق کي پنهنجي منزل جي خبر آهي. توڙي ”مها انقلابي“ هن تي روز چٿرون به ڪن ٿا پر قيس، مجنون ٿي جنون جي دنيا ڏانهن راهي ٿي چڪو آهي، مجني کي ڪير واپس واري؟ اهو به عشق ڪان. عقل ڪل ڌريون ڪيس طعنا ڏئي رهيون آهن ته مجنون ۽ هير جيان هي به ”چريا“ آهن ۽ سسئي وانگر هو پنهون سان هڪ طرفو عشق ڪن ٿا. عقل فرمائي ٿو ته اهي ڪهڙو انقلاب آڻين ٿا؟ انقلاب ته ڪالاباغ جا نيڪا ڪٽڻ سان ئي اچي سگهي ٿو، انقلاب ته ايوانن ۾ پائيٽن، پاٽيجن، پاٽيجين، سوٽ، ماسات ۽ ماروٽن کي وزارتون وٺرائي ڏيڻ سان ئي ساپيان ٿيندو آهي. ”انقلاب“ پٽن ۽ نانين کي سٽيون نوڪريون ڏيارڻ سان ئي ”دستڪ“ ڏيندو آهي. هي چريا آهن جيڪي پاڻ سڙي مري رهيا آهن ۽ باقي ”ماڻهن“ کي مصيبت ۾ وجهي رهيا آهن.

اسان وٽ انقلاب پنساري جي وکر وانگر ڪا ناياب جڙي ٻوٽي آهي جيڪا ”عوام“ جي درد جي دارون بڻجڻ جي اجا تائين ”صلاحيت“ ۽ ”مقدار“ نٿي رکي. مون کي حيريت ان وقت ٿي جڏهن پڙپانگ بڻيل ٽر تي ”انقلابين“ جو قافلو اهو چئي رهيو هو ته ”حالتون“ اجا ”پچي“ راس ناهن ٿيون. حالتون خبر ناهي ڪڏهن پچي راس ٿينديون توڙي عوام جو انگ انگ نمرودي باهه مان سڙي رهيو آهي.

سنڌ جي سيني تي هر جاءِ داغ ئي داغ ڏسي حليم باغي جون اهي سٽون شاعراڻي ڀورن جي بدران مستند ميڊيڪل ليبارٽي جي ڪنهن رپورٽ وانگر لڳن ٿيون جن ۾ چيو ويو آهي ته :

اڙي دل وري تو تي هي داغ داغ،

ڪو اڄڪلهه ٽڪيل آهي مهمان جيئن.

عشق پاڻ تي الزامن جا انبار به برداشت ڪري رهيو آهي ۽ هن جيڪي پنهنجي لباس تي داغ سجايا هئا انهن کي پنهنجي ريٽي رت سان ڌوئي به ڇڏيائين. توڙي جو سندس عشق ۽ منزل آفاقي ڀائيچاري جي ڀهرين وک آهي منزل پوءِ به ماٺي آهي جبر سان پوءِ به جهيڙٿو پوندس پر عشق جي ابتدا به ته مهان آهي. مون کي اها خبر ناهي عشق جي پانڌيئڙن ڪڏهن سوچي سمجهي ”سگ“ ڪيو يا توري تکي پوءِ عشق جو فيصلو ڪندا آهن پر اهي پروانا مچ ۾ ڪڏي چڪا آهن وٽن نه ته ڪا ”غيبي“ واهر آهي نه وري پنهنجن جو ڪو عملي ساٿ، الٽو رقيبن جي گهٽائي آهي ۽ سندن گهر ڀاتي پڻ هن تار ۾ ترڻ لاءِ ڪين ”ڪچا گهڙا“ آڇي

رهيا آهن. پر هي مانجهي روز ڪو نہ ڪو رت جو راڳ ٻڌائي پنهنجا پير منزل ڏانهن پير ڏوکين ٿا. سندن رت هاڻين راهن تي سچ جا گلاب ڦٽي رهيا آهن ۽ اڄ هر ماڻهو کين همدردي جي ناتي سان ڏسي رهيو آهي سواءِ "عقل" جي.

هن ديس کي ڪالهہ بہ آرين ۽ عربن جا گهوڙا پيلي رهيا هئا ۽ اڄ وري "ويگو" ڪار جي ڦيٿن هينان هي ديس لتاڙجي رهيو آهي. ان ڪار جا دروازا واڳون جي وات جيان کلن ٿا ۽ ڳيروئن کي ڳڙڪائن ٿا ۽ ڪجهہ دير کان پوءِ سندن چچريل ۽ چٻاڙيل هڏڙيون اوڳاڇي ڇڏين ٿا پر "اجا تائين حالتون پڇي راس ناهن ٿيون ڪامريڊ".

"عقل" جو اهو رويو ڏسي لڳي ٿو تہ شايد زندگي جي حوصلي جهڙو "انقلاب" جو لفظ بہ مڪروهہ بڻجي نہ وڃي. "انقلاب" تہ تبديلي جي علامت آهي ۽ ان جو ڏس زندانن ۽ عقوبت خانن ۾ ملي ٿو ۽ اڄ ڪير اهي پوڳنائون پوڳي رهيو آهي؟؟؟

اهو بہ ضروري ناهي تہ انقلاب "قومي ۽ طبقاتي" ريل گاڏي ۾ اچي جنهن جي هڪ انجڻ ٻيءَ انجڻ کان متضاد راهہ ۾ جڙيل آهي. مون کي اها خبر ناهي تہ استحصالي قوتن جي پوائنٽن چهرن جا رنگ بدلجن ٿا يا اهي ٺهڪ ڏئي رهيا آهن پر "مها ڏاهن" جا منهن هيڏا ٿي رهيا آهن اهي ميڊيا ۾ اچي مذمتي بيان ڏيڻ جي "مهرباني" تہ ڪن ٿا پر پنهنجي "ذاتي" ۽ "تنظيمي" دائرن ۾ جيڪي "عقل" جا لوازمات وکيرين ٿا اهي ٻڌي روئڻ اچي ٿو تہ کلڻ پڻ.

ڇا "عشق" جي اها حاصلات ناهي تہ اڄ هر عام ماڻهو اها ئي ڳالهہ ڪري ٿو جيڪا "عشق" جا پانڌيئڙا نامهربان موسمن ۾ چوندا رهيا آهن. اها ڳالهہ اسان کي "عقل" جا علمبردار ئي ٻڌائي سگهن ٿا تہ اهڙين سماجي حالتن کان پوءِ سماج جو مستقبل ڇا ٿيندو آهي جڏهن هر عام ماڻهو ان ئي برائي کي نندي ٿو جنهن سان هڪ "محدود" ذر مهاڏو اٽڪائي رکيو آهي.

هاڻ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ پنهنجي ريٽي رت سان ڳڌ ڏڪويل عوام جي اکين جي لڙڪن کي بہ سمويو وڃي جيڪي هن دنيا جي هر باهہ کي مات ڏيڻ جي طاقت رکن ٿا. زخمن کي زبان ٻڌائڻ سان ئي منزلن جا ترانا ڳائي سگهجن ٿا.

"عقل" کي اسان جي اها ناداني تي ٻڌل گذارش آهي تہ جناب عالي ڇا هاڻ پوئتي موٽڻ جي بہ ڪا پهر آهي يا نہ ؟

اڏائي ڏوڙ راهہ جي، جي اڄ هلون تہ هيئن هلون،

اسان جي شهر ڏي ورڻ جي وات ئي ڊهي وڃي. (باغي)

عوام اڄ بک وگهي مري رهيو آهي، نا انصافي ۽ ڪرپٽ حڪمرانن جي تماشن مان ڪو فائدو پلئہ پوڻ بدران ويتر سور سوايا ٿي رهيا آهن تہ ٻئي طرف صدائن تي پڻ پهرا ۽ بندوقون آهن. ڪٿي ساهہ اڏارو ڪٽجي پيو تہ وري ڪٿي گرهہ اڏارو اوتجي پيو. سموري سنڌ سور آهي جا ڪڏهن پرين جو پاڇو سڏبي هئي ان تي هن وقت ڪنهن پوائتي عفريت جو پاڇو پئجي چڪو آهي. هي جيڪي پنهنجي جان ڏئي دلبرين جا ڀرم رکي رهيا آهن ڇا انهن جا ڪوريل ڪنڌ ۽ ڪوئلو بڻيل لاش "علم" بڻجي سگهندا؟ ڇا اهي ٽڏا ٿي ويل جسم سنڌ جي اندر ۾ آزادي جا ڪيئي ڪورا جلائي ويندا؟

ضياع جان کي هم کو بهي هي تشويش ليڪن،

جو راهہ ادهر کو جاتي هي مقتل سي گذر کر جاتي هي. (فيض)